
# SHREE SAI SATCHARITA

(SINDHI)

The Life & Upadesh of Shri Sai Baba





**HEMADPANT**
**(Govind R. Dabholkar – Annasaheb)**
(The Author of the original Sree Sai Satcharita in Marathi)

He, by Baba's grace, had the privilege to compose, in Marathi, Sree Sai Samartha Satcharita, a Gita for Sai devotees

# THE LIFE & UPADESH OF
# SHRI SAIBABA

**Price 50-00**

Copies 2000] [1999

Publisher
**Shri D. M. Sukthankar**
Chairman
For Shri Sai Baba Sansthan
Shirdi.

Printed by : **SAKAL PRINTERS,**
Sakal Bhavan, Plot No. 42-B, Sector No. 11,
CBD Belapur, Navi Mumbai-400 614.
Tel. No. (022) 7574327, 7572961. Fax : (022) 7574280

# آرپڻ پٽر

گهڻي شرڌا - پريم ۽ سڪ سان

هي

## شري سائين ست چرڻ

پار برهم پرماتما سچدانند

## شري سائين بابا

جي چرڻ ڪملن ۾ آرپڻ ڪريان ٿو.

شيوا ۾

**جيڻانند ڀارنداس لعلواڻي**

# * ڀڄن *

سائين بابا وِهه اچي آڪڙين ۾ - توکي ڀسان مان پل پل ۾
اکين ۾ تولڻ سيج وڇايان - پريم جي چادر اُن تي وڇايان
رام نسام گڻ ڳائي سڻايان - ڀنکو هڻان ويهي چوڻن ۾ -
توکي ......

دم دم توکي دل ۾ چاهيان - هردم توکي من ۾ وسايان
تن ڌن شيوا منجهه لڳايان - چت رهي تنهنجي چرڻن ۾ -
توکي ......

هلندي چلندي نام جپيان مان - اُٿندي سمهندي ياد ڪريان مان
سپني ۾ صورت تنهنجي ڀسان مان - درشن ڏج تون اَنت سمي
توکي ......

شال سين ۾ توکي ڀسان مان - سڀ ۾ رام رحيم ڏسان مان
جئن تون هلائين راضي رهان مان - نام جي مستي رهي من -
توکي ......

ٻرو نه ڪوئي نڪي پلو مان - پيار پيريا مٺا ٻول ٻوليان مان
ساڌ سنگت جي شيوا ڪريان مان - الله مالڪ رهي مک ۾ -
توکي ......

# مهاڳ

## (پدم شري پروفيسر رام پرتابراءِ پنجواڻي)

سائين بابا ڪير هو؟ ڪٿان آيو؟ شروع ۾ ڇو اچي قيام ڪيائين. ماءُ پيءُ ڪير هئس، هندو هو يا مسلمان، ڪنهن کي به خبر ڪانهي. سچل سرمست کان پڇائون، "ڪير آهين؟" چيائين "جوئي آهيان سوئي آهيان." پڇائونس "ڪٿان آيو آهين؟" "چوڙ فلڪ مٿن زمين پي آيا، جو عرش ڪرسي وچ مٿن نه سمايا" پڇائونس ڇو آيو آهين چيائين "ايڏو ڏيکي وٽ پيو سي رايا، اسين اپني خواهش آيا هون." چيائونس "ماءُ پيءُ ڪير اٿيئي؟" چيائين "اسان نه ڪهين دي جائي هون، اسان نه ڪهين دي نپائي هون." پڇائونس "پلا نالو ڇا اٿيئي؟" چيائين:

"ڪو خاص چوي، ڪو عام چوي
ڪوئي پختو چوي ڪو خام چوي
ڪوي سچل نام چوي
آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان."

پڇائونس "ڌرم مذهب ڪهڙو اٿيئي؟" چيائين "هندو مومن ناهيان."

اهيءَ سوال ٿيا شرڊيءَ جـــي سائين بابا سان ۽ اهيءَ هن جواب ڏنا.

سائين بابا شرڊيءَ وارو مهاراشٽرا جو مها سنت ٿي گذريو آهــي. گهر گهر ۾ سندس مورتـــي آهي. اوچ ڪوٽيءَ جو فقير ٿي گذريو آهي، صحي معنيٰ ۾ فقير. فقير جا گڻ آهن:

ف:- فاقا ڪشي

ق:- قنع

ي:- ياري خدا

ر:- رحم وارو.

سندس وهنوار هن طرح آهي:

ف:- فعل (ڪرم)

ق:- قول (وچن)

ي:- يقين (نشچو)

ر:- رهت (ورتاءُ).

جيڪو هنن چئن لڇڻن سان سينگاريل آهي سو ئي فقير آهي.

ف: فراغت (اشقرتي)

ق:- قناعت (سنجم)

ي:- يگانگت (سمتا)

ر:- رحمت (ديا).

جنهن هيٺين عادتن سان جيءُ جوڙيو آهي سو
فقير آهي.
ف:- فنا (من مارڻ)
ق:- قيام (استقلال)
ي:- ياس (دنيا کان نا اميدي)
ر:- رياضت (ساڌنا).
جيڪو هيٺين ڳالهين کان پري آهي سو فقير آهي.
ف:- فساد (جهڳڙو)
ق:- قمارا (جوا)
ي:- ياوه گوئي (وپرت وچن)
ر:- ريا بيائي.
جيڪو هنن خيالن کان آجو آهي اهو فقير آهي:
ف:- فصولي (اڻ ٺهڪي هلت)
ق:- قلت (ڪوپڻتا)
ي:- يبوست (خشڪ مجازي)
ر:- رعونت (ايمان).
جو هنن گڻن سان ورتاءُ ڪري ۽ ٻين کي فائدو
ڏي اهو فقير آهي:
ف:- فيض (اُپڪار)
ق:- قياس (ويچار)
ي:- ياوري (سهاينا)
ر:- رسوخ (پريم).

هن اصولن تي هلندڙ انسان ۾ فقير آهي:
ف:- فڪر (ساڌنا)
ق:- قناعت (سنجم)
ي:- ياد (پرارٿنا)
ر:- رضا (پاٺو).

سچي فقير لاءِ سائين ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به ڳالهه ۾ موهه ڪونهي. جيڪي دين ڌرم جا سنڌا ميٽي ڇڏين ٿا ڪي ڪيئن ڪنهن گروهه ۾ گرفتار ڪبو. گرو نانڪ ديو کان پڇيائون: ”هندو يا مسلمان؟“ جواب ڏنائون ”انسان.“ سائين بابا بہ سچو انسان هو. دين ڌرم کان مٿي، پيد ڀاءُ کان پري، بلڪل سچو انسان. ڪن چيو ديوتا آهي، ڪن چيو ڀڳوان آهي، ڪيڏي نہ ڪيرتي آهي سائين بابا جي. آخر تائين خبر پئجي نہ سگهي تہ هندو هو يا مسلمان، الله سان اوريندو هو تہ ويٺل سان بہ ورونهن ڪندو هو، رهندو پراڻيءَ مسجد ۾ هو ۽ ڪرائيندو ڪيرتن يا نام سپتاهہ ۾ هو. عيد وقت هندو لڳندو هو ۽ رام نوميءَ تي مسلمان. زبان تي نالو هوندو هوس ”الله مالڪ“ ۽ ٻوليندو هو ويدن جي واڻي. مون سندس جيون چرتر پڙهيو آهي، جنهن مان مونکي معلومات ٿـي آهي تہ مرد مولله هو، سمپورڻ سنت هو، مالڪ بہ هو، محبوب هو، پيار مان پڪاري وٺي ڳالهيون ڪري، اندر ٺارهي ڇڏي. پنهنجي مستيءَ ۾ اچي

وڃين تہ پيارا بہ پري پيڇي وڃن. انھيءَ ۾ بہ وڏو راز ھو. مان سائين بابا لاءِ ڇا لکان؟ جسٽس ريگي، شري دڪشت، شري دابوڪر، شري ٻُٽي جھڙن ودوانن جيڪي ھن مھا سنت سائين بابا بابت لکيو آھي سو پڙھي مان چئي سگھان ٿو تہ بابا ھن سنسار ۾ ڪلياڻ ڪرڻ آيا ۽ سبق ڏيڻ آيا، تہ اسين سڀ ھڪ آھيون، سنسار ۾ سيلاني بڻجي سير ڪرڻ آيا آھيون. جتي سڀ پنھنجا آھن ڪو بہ پرائو ڪونھي. جنھن پاڻ سڃاتو تنھن سائين کي سڃاتو.

ھن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ انواد مونکي وڻيو. ڌنيواد! ڌنيواد آھي ڀاءُ چيناننـد لعلواڻي کي جنھن سائين بابا لاءِ سڪ ڏيکاري آھي ۽ ھي سندر پستڪ ترجمو ڪري ۽ ڇپائي پاڻ کي ڀاڳوان بڻايو آھي ۽ جس کٽيو آھي.

شرڌيءَ ياترا ڪرڻ لاءِ دل ۾ ابلاڪا آھي. ھڪ ڏينھن ضرور وڃي بابا جي آستان جو درشن ڪري ايندس.

جئہ سائين بابا.

## شڪرگذاري

مون ۾ طاقت نہ آهي جو مان "سائين بابا" جي دیا ۽ رحم جو ورنن ڪري سگهان. سائين بابا مونکي جيڪي ڪرامتون ڏيکاريون آهن، انهن جو ذڪر ڪرڻ منهنجي لاءِ ڏکيو آهي. سائين بابا ٻين سنتن ۽ مهاتمائن وانگر سنڌين ۾ پيارو آهي. ان جي جيوني ڇپائڻ جي من ۾ ابلاشا بہ ان پيدا ڪئي ۽ پنهنجي آشيرواد سان اها من جي مراد بہ ان پوري ڪئي. شرڌيءَ جو ڳوٺ جتي ڪابہ اسٽيشن ڪونهي، اتي رڳو ڪارن، بسين ۽ پنڌ رستي ماڻهو پهچن ٿا، پر توهان سندس آرتيءَ جي وقت ڏسندا تہ ڪيئن نہ پريمي هزارن ۾ اچي شامل ٿا ٿين. سندن مورتيءَ ۾ جيڪو شرڌا ٿو رکي اهو ڪين ان ۾ ڏسڻ ٿو اچي. ڪيس ان ۾ رام بہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ ڪرشن بہ ڏسڻ ۾ ايندو. رڳو پورو وشواس گهرجي.

مان شڪرگذار آهيان ڀاءُ چيتانند لعلواڻيءَ جو جنهن پنهنجو ڪافي قيمتي وقت لڳائي، محنت ڪري هن ڪتاب جو ترجمو ڪري ۽ ڪرائي ۽ ڇپائڻ ۾ پوري پوري مدد ڪئي آهي. سنڌي ساهتيہ ۾ شري چيتانند لعلواڻيءَ کي هرڪو سڃاڻي. هن صاحب ڀارت جيون اخبار، رسالا، ناول ۽ ٻارن جا گهڻيئي ڪتاب ڇپايا آهن ۽ ڇپائي رهيو آهي. تنهن ڪانسواءِ شريمد ڀاڳوت،

شري گرو گرنٿ صاحب (سنڌيءَ ۾)، شري وشڻو پراڻ ۽ ڀيا گرنٿ ڪيڏي سنڌي ساهتيہ کي امر ڪيو آهي. اڃا بہ ڪيس سائين شڪتي بخشي تہ سنڌي ساهتيہ جي شيوا ڪندو رهي.

هن پستڪ ڇپائڻ ۾ مان هيٺين صاحبن جو شڪرگذار آهيان. شري ڪي. سي. پاٺڪ **Shri K. C. Pathak** رسيور شري سائين بابا شرڌيءَ جو، جنهن سنڌيءَ ۾ آڻڻ جي موڪل ڏني.

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جنهن مهرباني ڪري مهاڳ لکي ڏنو.

شيوا ۾

**نندلعل ٽي. ٽلريجا**

# وشواس رکڻ سان ئي بيڙا پار

وشواس هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهنجي رکڻ سان انسان پٿر ۾ به ڀڳوان پاتو آهي. اهڙا گهڻائي مثال اسان کي شاسترن، سنتن ۽ مهاتمائن جي جيون مان ملندا. مونکي ڪيترائي پنهنجا آزمودا مليا آهن ۽ ڪيترن ٻين جي جيون مان پڻ. ڪنهن به سچي دل سان وشواس رکيو آهي ته ان جا بيڙا پار ٿيا آهن.

ملڪ جي ورهاڱي کانپوءِ مهاراشٽرا ۾ اچڻ تي مون ڪيترو ئي سائين بابا جي باري ۾ ٻڌو آهي ۽ سندس مورتيون گهر گهر ۾ ڏٺيون اٿم. ڪيترا شرڌيءَ بابت ڳالهيون ڪندا آهن، پر اهڙو منهنجو سوڀاڳيه ڪونه ٿيو آهي جو شرڌيءَ ۾ وڃي سائين بابا جو درشن ڪري اَچان. پر ٻين جي آزمودي مان سمجهان ٿو ته شرڌيءَ جو سائين بابا پورڻ سنت هئا. ڪجهه وقت ٿيو ته هنديءَ ۾ شري نندلعل تلريجا سائين بابا جو جيون چرتر ڪٺي آيو ۽ چيائين ته "اهو منهنجو خيال آهي ته سنڌيءَ ۾ ڇپايان." ڪتاب مونکي ڏنائين پڙهيم- سائين بابا جي ڪرامتن بابت پڙهيم. مون کي خبر آهي ته شري نندلعل جو وشواس سائين بابا ۾ آهي ۽ اهو سندس مرادون پوريون ڪري رهيو آهي.

سائين بابا جي جيون بابت وڌيڪ نه چئي رڳو ايترو چوندس ته مون ان ۾ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون

ڏنيون جن مان سمجهان ٿو ته هو پورڻ سنت مها آتما هئا. هو نه هندو هئا نه مسلمان. هن جا شش هندو، مسلمان، پارسي ۽ ڪرستان سڀني ذاتين مان آهن. هو سڀني ڌرمن کي هڪ نظر سان ڏسندا هئا ۽ انسان جاتيءَ جي سيوا ۾ ايشور کي پسندا هئا. مونکي اميد آهي ته پاٺڪ پڙهي ان مان فائدو وٺندا.

مان شڪرگذار آهيان شري نندلعل جو. هو لماٽو، سانتيڪو ۽ سائين بابا جو وشواسي پوڄاري آهي. جنهن جي همتائڻ سان ئي هي پستڪ اوهان جي هٿن ۾ اچي سگهيو آهي.

مان شڪرگذار آهيان پوڄنيه دادا جسن جو، جو پنهنجو نالو ظاهر ڪرڻ نٿو چاهي، جنهن جي ساٿ سان هي پستڪ توهان جي هٿن ۾ آهي.

## ٻئي ڇاپي لاءِ ٻه اکر

پريمين جي گهڻي ڇڪ سبب ٻيو ڇاپو پريس ۾ ڏنم. ته پياري ڀاءُ شري ناري ماڪيجاڻي چيو ته شري ساءِ بابا سنستان شرڊيءَ وارا سڀ ڪاپيون ڪٺندا. ان جي لاڳت جيڪا آهي سان ڀريندا. مون خوشيءَ سان قبول ڪيو. مان شري ڪي-ايچ-ڪاڪري ڪورٽ رسيور شري ساءِ بابا سنستان شرڊي ۽ شري ناري ماڪيجاڻي جو شڪرگذار آهيان.

شيوا ۾

**جيئانند ڀاونداس لعلواڻي**

## شري سائين ست چرڻ

# پرستاونا

”اوم“

ست چت آنند روُپايہ، مايا تم وناشني
نرملايہ پرشانتايہ، سائين ناٿايہ تسي نمھ

آديآتمڪ شڪتين جي ڀارت ڀوُميءَ جا، سناتن ڪال کان وٺي، سڀ کان اُتم اُوچ ۽ سريشٽ آدرش پئي رهيا آهن. ان ڪري ئي اسان کي آدياتمڪ ۽ (نئتڪ) نيتي مرياداڻن جي شڪتين سان ڀرپور، هڪ اهڙي سندر گلشن جو نظارو ڏسڻ لاءِ مليٿو، جنهنجي هيڪار ۽ سگهند ملڻ سان، ڀارت جي گذريل زماني جو، ڪجھ پتو پئجي سگهيٿو.

ڀڳوان شري ڪرشن، گيتا ۾ فرمايو آهي تہ:-
”پرتراڻايہ ساڌوُ نام، وناشايہ چ دشڪر تام
ڌرم سنستا پنارٿايہ، سمڀوامي يگي يگي.“

يعني جڏهن جڏهن هن سنسار ۾، پاپ تمام گهڻو وڌي ويندو ۽ ڌرم ۽ ڪرتويہ پالڻ جي رستي ۾، اَنيڪ رنڊڪون ۽ وگهن اچي ڪَڙا ٿين ٿا، تڏهن اَنياءَ ۽ اَتياچار جي (يگہ) زماني کي ختم ڪرڻ لاءِ، وقت بہ وقت، ايشور جي مهان شڪتي، جن جيون جي ڪلياڻ

لاءِ ڌرم کي ناس ڪري، سَت مارگ ڏيکارڻ لاءِ، منش روُپ ۾ ظاهر ٿيندي.

انهيءَ آڌياتمڪ پرمپرا ڪي، سمي سمي تي، گوُرنانڪ، مها پرڀو، شري رام ڪرشن پرمهنس، تلسيداس، سورداس، گورو نانڪ، گوروُ گووند سنگهه، شري گيانيشوَر، رامداس، ايڪنات، نامديوَ، تڪارام جهڙيون اَنيڪ اَوُچ ويڪتيون ۽ آتمائون، قائم رکنديون آيون آهن. اڄ به ڀارت جي گهر گهر ۾ مٿين مهاپرشن جون تصويرون، شردا ڀريم ۽ آدر سان پوڄيون ڏسڻ ۾ اينديون.

اهڙي مها شڪتيءَ وارو "شري سائين بابا" پڻ، شرڌيءَ" ۾ ٿي گذريو آهي، جنهنجي چرنن ۾ ويهي شيوا ڪرڻ جو سڀاڳيه مونکي، ١٩١٠ کان ١٩١٨ تائين، پراپت ٿيو. شري سائين بابا جي روپ ۾ ڀڳوان جي سڪيا ظاهر ٿي، جنهن جو سڌن جيون ۽ حياتيءَ جي مثالن ڏٺاران، سڌس ڪٿن جي معرفت، اسان رواجي منشن کي، پرڪيه درشن مليو.

ڀارت جي سنائن ستيه جي کوج ۽ پريم ڪانسواءِ، شري سائين بابا، ڪنهن به خاص ڌرم جو نڪي پرچار ڪيو ۽ نڪي ڪنهن ڌرمَ جو کنڊن ڪيو. هن سڀني ڌرمن جي پوئلڳن کي، ڀاڻ کي اَلڳ اَلڳ سمجهڻ بدران، هڪ ئي سان رلي ملي هلڻ جي سڌانتن تي ئي زور ڏنو ۽ چيو ته هي سارو سنسار. "ڪ ستُوَ ڪٽمبڪم" يعني هڪ ئي وڏو ڪٽمب آهي.

ڪڏهن ڪڏهن مؤج ۾ اچي، هو ٻاڻ کي ”ٻر ٻرهم“ پڻ ڪوٺيندو هو ۽ رواجي طرح هــو چوندو هو تــہ ”الله مالڪ آهي. اوهين نمرتا ۽ روڪ سيني سان پريم ڪريو، چو تــہ آسين سڀ، هن سوڙ شڪتيوان جــي سنتان آهيون.“ هن لاءِ ”رام ۽ رحيم“ ٻئي هڪ هئا. هن جي روزاني جيون ۽ رهڻيءَ مان، اسان کي اهڙي گوروءَ جو درشن مليو، جو ”ڪتر سدانت وادي“ نــہ هوندي پڻ، ايشور جي کوج ڪندڙ ساڌڪن لاءِ هڪ لائيٽ هائوس يا روشن منار ثابت ٿيو.

شري سائين بابا جي آکهه ۽ ٻسال اوستا جو پورو پڪو پتو ڪونہ پئجي سگهيو آهي. ڪي چون ٿا تــہ مسلمان آکهه جو هو، جو گنڊريل صديءَ جي آخر ۾ شرڊيءَ ۾ اوچتو اچي پرگهٽ ٿيو، جتي سندس درشن اول اول، شــري ايچ - ايس - ديکشت، شري رگهنات راو داڀولڪر، شري گوپال راو ٻوٽي جهڙن، ڪن ٻين ڀوسڌ ۽ اُنيوي پرشن کــي پراپت ٿيو، جن ١٩٠٩ کان ١٩١٠ تائين، کيس پرسڌ ڪيو. شري داڀولڪر نـــي، پهرين پهرين، مهاراشٽري ڀاشا ۾ ”شري سائين چرتر“ گرنـــٿ ظاهر ڪيو، جنهن تي شري سائين بابا راضي ٿي، کيس ”هيماڊپنت“ ڪري سڏ يندو هو. اُن گرنٿ ۾ هـــن کان جيتري قدر ٿي سگهيو آهي، اوتري قـدر شري سائين بابا جي چرترن جو سچو ۽ اکين ڏٺو احوال ڏنو آهي.

سنتن ۽ مهاپرشن جو بيان، ويد ٻه ”نيتي نيتي“ ڪري بيان ڪن، تا ڇو ته سنت پرماتما جو روُپ آهن. انهن جي باري ۾ جيڪي ٻڌڻ ۾ اچيٿو، سوئي لکيو ويندو آهي. ”سنت ڪي مهما ويد نه جاڻهه - جيتا سنهه ايتا وکيانهه -“ شري سائين بابا چرتر جي رچنا پڻ، شري سائين بابا جي پرڀوتا ۽ شڪتي ملڻ سان ئي سڦل ٿي سگهي آهي.

شري سائين بابا، ١٥ آڪٽوبر ١٩١٨ ۾ مها سماڌيءَ ۾ لين ٿي ويا. تيسين سندن آدرشن ۽ مهما جو پتو، صرف مهاراشٽر جي لوڪن تائين، محدوُد هو، جو پوءِ سائين بابا جي پرڀوتا سان ٿي وري پوجيه شري نرسنگهه سوامي، ڀارت جي ٻين ڀاڱن ۾ پئي ڦهلايو آهي، جنهن ڪري، اڄ ڪلهه، ”شرڊي“ هڪ پوتر آستان بڻجي پيو آهي ۽ ڪتان ڪتان جا ياتري، هرروز اُن جو درشن ڪرڻ اچن ٿا.

سائين بابا جا جيون چرتر ۽ اُپديش مرهٽي، انگريزي ۽ ڏکڻ هندستاني ڀاشائن ۾ پڻ لکيا ويا آهن. هنديءَ ۾ جيون چرترن جن جي ”پرستاونا“ لکڻ جو سڀاڳيه مون داس کي پراپت ٿيو آهي.

اِندور مڌيه ڀارت | سنت چرنن جي خاڪ
بسنت پنچمي | ايم - بي - ريگي
١٩٥٤-٨-٢ | (جسٽس)

# ڀومڪا

## (شري سائين بابا جي پرسنتا سان)

اَڪثر ائين ڏٺو ويو آهي تہ ڀارت جي ڀوڳ ڀوميءَ تي، جڏهن خود غرضي، ڀرشٽاچار ۽ نانا پرڪارن جا اَڌوڳ، ڌرم جا ڪمزور ويندا آيا آهن، تڏهن ايشور جي اِڇا اَنوسار، ڪي سنت پرگهٽ ٿيندا آهن جي جڳت جي اَڌرمين کي ڌارمڪ رستي تي هلائي ۽ مانوتا جو سبق پڙهائي، وري هليا ويندا آهن.

شري سائين بابا پڻ اهڙي ئي موقعي تي، شرڊي ۾ پرگهٽ ٿيا ۽ پنهنجي اَمرت روُپ اُپديشن معرفت جڳت جو ڪلياڻ ڪيائون. اڄ سندن سکيائن مان، اسان کي سنت مارگ تي هلڻ جي پريرڻا ملي ٿي.

”شري سائين ستچرتر“ جي موهڻي ۽ انگريزي پستڪن کي هن وقت، ڌرمي گرنٿن جي قطار ۾ رکيو وڃي ٿو. هلندڙ زماني جي پرچلت هندي ڀاشا ۾ سائين بابا جا جيون تہ هجن، سا وڏي عجب جهڙي ڳالهہ پئي لڳي.

حقيقت ۾ مان، شري سائين بابا جي جيون چرتر کان بلڪل غير واقف هوس پر نصيبن سان، منهنجو

اهڙي سَت پُرش سان ميلاپ ٿيو، جنهنجو سائين بابا سان سنبنڌ، شايد جنم جنمانترن کان هلندو پئي آيو. جيتوڻيڪ اهو سَت پُرش هن وقت استوُل شرير ۾ ناهي، ته به سنڌس سماڌيءَ تي وڃڻ سان، هن جو روپ، اکين اڳيان اچيو بيهي. اهو آهي منهنجو پُوڄيه گرديو، جو گرهست آشرم ۾ رهندي ۽ سنسار ۾ ڪنول گل وانگيان نرليپ ٿي رهندو آيو آهي. شردا ۽ ڀڪتيءَ سان ڀرپور، سنڌس منن اُپديشن، منهنجي من ۾ اُتساه پيدا ڪيو، جنهن جي آڌار تي، مان هي هندي ترجمو ڪري سگهيو آهيان.

شري سائين بابا هڪ اوتاري مها پُرش هئا، جن سڀني ڌرمن جي سمانتا، پنهنجي رهڻيءَ سان ظاهر ڪري ڏيکاري. اِهوئي سبب آهي جو سائين بابا جي سماڌيءَ جو سڀني ڌرمن جا ماڻهو درشن ڪرڻ ايندا آهن. پنهنجي جيون ڪال ۾، هو ڪڏهن به الڳ الڳ سمپردائن جي نڪته چيني يا واد وواد ۾ اصل ڪين پيا ۽ نه پنهنجن ششن کي اُن واد وواد ۾ پوڻ ڏنائون. جن به ڀڳت جنن جي، شري سائين بابا ۾ شردا ۽ اَننيه ڀڪتي آهي، اُنهن کي ٿي سائين بابا جي املهه خزاني جي پراپتي ٿيندي رهي آهي.

اَلبت ۾، پاٺڪن کي منهنجي پرارٿنا آهي ته هن پستڪ ۾ گهٽتائين ڏانهن ڪرپا ڪري ڌيان نه ڏين. مون

کي آشا آهي ته ڀانءِ ڪڻي، شري سائين بابا دئاران ڏنل هدايتن ۽ سکيائن جي خوب پرچار ڪرڻ جي شڀ آشيرواد مونکي ڪندا رهندا.

اندور جي نياءِ ڏيش جسٽس ايم - بي - ريگي، هي پستڪ پنهنجي اظر مان ڪڍي، پنهنجي صاف دلي ۽ اُدارتا جو ثبوت، پنهنجي پرستاوَنا ۾ ڏنو آهي، جنهن لاءِ مان سندس هارڊڪ شڪرگذاري ميان ٿو. مان پنهنجي مترن، خاص ڪري شري پريم تارابچ جو ڌنيوادي آهيان، جنهن مونکي پوُرڻ سهيوگ ڏيئي مونکي همٿايو آهي.

مهتو - مڌيه ڀارت - مانگهه پوُرڻما ١٧-٢-١٩٥٤]

شري سائين بابا جي چرنن جو داس
شورام ٺاڪر

# شري سائين بابا ڪبر هئا؟ ڏي رايا

هڪڙن جو رايو آهي تہ شري سائين بابا هڪ پاڳل فقير هئا، جن ڪيترا سال هڪ جهونَي ڀِراڻي مسجد ۾ ڪيترا سال نواس ڪيو. سڀ ڏينهن الائي ڇا جو ڇا پيو چوندو هو؛ جيڪي سندس درشن ڪرڻ ويندا هئا، انهن کان دڪشڻا جي روپ ۾، روپيا وٺندو هو. اِهو رايو غلط اِن ڪري آهي، جو اُنت سمي وقت، جڏهن شري اَ - اي - ترکبڪر جو هڪ دوست، کائڻ روٽي موڪليو تہ باباجن کين چيو تہ ”تون، پاڳلن جيان هلت ڇو ڪري رهيو آهين؟ مان بمبئي ۾ توسان انگ سنگ نہ آهيان ڇا؟

جواب - موکي انجو اَنيڻ اچا ڪونہ ٿيو آهي.

بابا - جيڪي سمجهن ٿا تہ مان صرف شرڊيءَ ۾ ئي رهان ٿو، اهي منهنجي سچي روپ کان بلڪل غير واقف آهن.

(٢) ٻين جو رايو آهي تہ سائين بابا، هڪ سنت پرش هئا. سائين بابا جي وارثڪ اُتسوَن ۾، جوان طبقي وارا ڀربند ڪي، سائين بابا کي سنت چوڙا مٽي ڪري ظاهر ڪندا آهن.

(٣) جيڪي پريمي ڀڳت، سائين بابا وٽ گهڻو

تڏو ايندا ويندا هئا، سي ڪيئن ايشور اوتار ڪري مڃن ٿا ۽ هينئيون ثابتيون ڏيندا آهن.

(١) جسٽس ايم - بي - ريگي صاف لکيو آهي ته سائين بابا، هڪ پر چمتڪار شڪتيءَ جا مالڪ هئا، جنهن جي وسيلي، ساڌڪن کي ڇڪي، سنئين رستي تي آڻيندا هئا. جيتوڻيڪ هن وقت ستول سريرَ ۾ موجود ناهن ته به سندن سماڌيءَ تي جيڪي اچن ٿا، تن کي گپت نموني سهائتا ڪندا رهيا آهن.

(٢) دکن رياست جي هڪ مکيه جج، ”يگتون کي آنيو“ ڪتاب ۾ خود لکيو آهي ته سائين بابا ۾ جيڪو وشواس مونکي ١٩١٥ کان اڳي هو، اهو هن وقت به قائم آهي. مان هنکي اڄ به زنده سمجهان ٿو. هنجي آتما جي مٿان، اڳي ساڪار ديهه جو چولو پيل هو. ليڪن هن وقت سندس آتما، نراڪار ست چت آنند جي گپت روپ ۾، اسان کي پريرڻا ڏيئي ۽ هلائي رهي آهي، جا محسوس ڪندو رهيو آهيان.

پروفيسر جي - جي - نارڪي پڻ ”يگتون کي آنيو“ پستڪ ۾ لکيو آهي ته:-

مون سائين بابا جي مورتي، پنهنجي گهر ۾ رکي آهي، جنهن جي مان هر هر روز پوڄا ڪندو آهيان. منهنجي نظر ۾ سائين بابا، هڪ رواجي انسان نه، پر ساڪيات پر برهم جو روپ هو. منهنجو سهڙو، منهنجي

اِستري، منهنجي ماتا، سائين بابا جا پرم ڀڳت هئا ۽ ڪيس ايشور روپ سمجهي سندس پوڄا ڪندا هئا.

منهنجي ٻهرين ٻالڪا جي وقت، آرتي ڪرڻ مهل، سائين بابا، ٻنا ڪنهن ظاهري ڪارڻ جي، اچي ڪاوڙيا ۽ واسطه مان گاريون وغيره ڪڍندا رهيا ۽ مون سمجهيو ته شايد ڪو پاڳل اِنسان آهي. پر آرتي سماپت ٿيڻ بعد، شام جو جڏهن مان سندس چرنن کي دٻائڻ ويس ته منهنجي مٿي لــي هٿ ڦيري، هلڪي ٺاڪي هڻي چيائون ته "ٻڌين ٿو؟ مان ڪو پاڳل ڪين آهيان."

مونکي انهن لفظن مان يڪدم پتو پيو ته "انترٻامي آهي، جو منهنجي دل وارا اَڪسر مونکي چئي ٻڌايا اٿس." اهڙيءَ طرح مون ڪيترا ڀيرا پرکيائون وٺي ڏٺو، ته هو سيني جي اَندر کي پڙهي سگهندو هو ۽ پنهنجي اِڇا موجب، اسان جي دلين ۾ خيال پيدا ڪرڻ جي طاقت منجهس مؤجود هئي.

(۴) امراوتي جي مشهور وِدوان ائڊووڪيٽ دادا صاحب کاپرڊي ۽ ايم - بي - ريڳڻ "ڀڳتون ڪي اَنڀو" ڪتاب جي ڀومڪا ۾ صفحه ٣ ۾ لکيو آهي:-

اسان جي دلين ۾ آيل، سوڪيئي خيالن جي ٻڌائڻ تي، ۽ ضروري آشائن پوري ڪرڻ تي، اسين سمجهون ٿا ته سائين بابا، هن ڌرتيءَ تي، ايشور جو هڪ ساڪار اوتار آهي.

(٥) شري داس گڻو مهراج، سائين بابا کـــي ”شڌ چٽتيم، ديانتدان ۽ وشوَ جي اُتپتي ڪندڙ ڪري ورڻن ڪيو آهي.“

(٦) شري نرسنگهه سوامي (هيمادپنت) پهرئين اَڌياءَ ۾ لکيو آهي ته ”سائين بابا، هڪ عجيب سنت هو، جو ڪٿڪ پيئهند و هو. پر سند س و ڌيڪ صحبت ڪرڻ ڪانپوءِ معلوم ڪيم ته ”پر برهم سروپ“ آهــي. سائين بابا جـي بلڪل نزديڪ شيوڪ شري ماڌوراو ديشپانڊي (شاما)، کين ”ديو تا“ڪري ڪوئيند و هو.

* * * * *

اُپنشدن جي رچنا ڪندڙ پراچين رشين، صاف لکيو آهي ته ”هيءَ سڄي سرشٽي، جنهن ۾ وڻ، ٽڻ، جبل، پکي، پسوُن، انسان ۽ بيا ساهوارا پراڻي اسين ڏسون ٿا، سا سڀ رچنا ايشور جي آهي ۽ ايشور هرهڪ پراڻي ماتر ۾ تاڃي پيٽي سمان سمايل آهي ۽ ايشوري طاقت سان ئي، سارو سنسار پيو هلي. سائين بابا ۾ پڻ اها ايشوري شڪتي مؤجود هئي.

# پرستاونا

## لکيل اکر وڏيڪ وشواس جوڳا ٿيندا آهن

شري سائين بابا جي مها سماڌيءَ جي وقت کان وٺي، احمدنگر ضلع جي نياڻه آليه معرفت ٿـي، سڄو ڪاروبار سنڀاليو ويندو آهـي، جنهنجو احوال ماهوار پٽو ”سائين ليلا“ ۾ ڏنو ويندو آهي. جڏهن شري سائين بابا اسان جي وچ ۾ براجمان هئا، تڏهن پنهنجي مکارونڊ جي وچن سان ۽ پنهنجن ليلائن معرفت اَسان کي وقت به وقت، آڌيابمڪ پاٺ پاڙهيندا هئا. اُهي سڀ اُپديش وغيره ڪٺا ڪـرڻ لاءِ شري داڀولڪر (هيمادپنت) کي پريرڻا ٿي، جي ۱۹۲۳ کان ۱۹۳۹ تائين ”سائين ليلا“ پتريڪا ۾ پرڪاشت ڪيا ويندا هئا پـر اُهي سڀ مرهٽي ڀاشا ۾ ئي هئا.

مها سماڌي وٺڻ کان ڪي سال اڳ ئي، سائين بابا ائين بـه چيو هو تـه ”مان سماڌي وٺڻ کان پوءِ بـه، اُپديش اَمرت ڏيندو رهندس.“ سندس اِها اَڳڪٿي، هينئر سچي ثابت لڳي آهـي. گذريل (۳۷) سالن کان وٺي، سائين بابا جي ڪيرتي، دوُر دوُر ديشن تـائين ڦهلجي ويئي آهي ۽ سندس اَمر اُپديش، هزارن ماڻهن لئي اثر وجهي، ست مارگ ڏانهن ڇڪي رهيا آهن.

۱۹۴۴ ۾ شري سي- وي- گهاجي، انگريزيءَ ۾ جيون چرتر ترجمو ڪري پڌارا ڪيا، جن جي عام ماڻهن چڱي سواگت ڪئي. هندي ڀاشا ۾ ترجمي ڪرڻ بابت ٻڌ ڪافي پڇا ٿي رهي هئي، جنهن جي شري شورام ٺاڪور جي پوُرائي ڪئي. شري ٺاڪور جي، جيڪا محنت ان باري ۾ ڪئي آهي، تنهن لاءِ ڪاميٽي سندس تهدل شڪرگذار آهي. ڪاميٽي جسٽس ريگي.ءِ شري چڪروتي گوپال جي مهاراج جي ڀڳ ٿورائتي آهي، جن هندي ڪتاب جي شايع ٿيڻ ۾ ڪافي دلچسپي ورتي آهي.

سائين بابا جــي چرنن ۾ پرنام

شرڌي- ۱۹ اپريل ۱۹۵۶ — شل سيني ڪي شانتي پراپت ٿئي

رام نومي — ناگيش ساونت- مئنيجنگ ٽرسٽي

# * پيتا *

هي گوردیوا!

١- نهين چاهتا كوئي آكر
ميـــوا آدر مـــان كري
نهين چاهتا جگت ۾ كوئي
ميري يش كا گان كري

٢- نهين چاهيئي جگت كا ڌن
اؤر نہ هي سنمان مجهي
نهين چاهيئي كيرتي پتاكا
اؤر نهي اپورگ مجهي

٣- مئين تو كيول يهي چاهتا
مجهكو ائسا آشيرواد ملي
سپندت وائي ني ۾ گونجي
جگت كا كلياڻ كري

٤- پيمت سمرپت كرني كو
لي آج اسي مئين آيا هون
سويكار كروگرديو اسي بس
ائسي ايلاشا لي آيا هون.

انواد - شورام ٺاكور



شري هري سائين پرسن

# شري سائين ست چرتر

( گـل ڦهڙيون )

## ڪٿڪ پيئهڻ وارو عجيب سنت

ڀارت جي پراڻي ريت موجب، وندنا ڏيئاران شروع ڪيو وڃي ٿو.

(۱) اول مان شري گڻيش کي ساشٽانگ نمسڪار ڪريانٿو، جو هر ڪاريہ کي نروگهن سماپت ڪرڻ ۾ مدد ڪري، جس جو ڀاڳي ڪندو آهي. شري سائين بابا ئي، اُن لاءِ گڻپتي گڻيش سمان آهي.

(۲) پوءِ مان سرسوتي ڀڳوتيءَ کي نمسڪار ڪريان ٿو، جنهن جي پريرڻا سان، ڪوتا ڪرڻ جو اُمنگ آيم. شري سائين ۽ سرسوتيءَ ۾ ڪوبہ ڀيد ناهي. ٻئي هڪ رُوپ آهن ۽ پنهنجوئي بيان ورنن ڪري رهيا آهن.

(۳) تنهن کانپوءِ نمسڪار برهما، وشڻُو ۽ مهيش کي آهي، جي جينوٽيڪ اُتپتي، پالنا ۽ سنگهار ڪرڻ وارا ديوتائون آهن تہ بہ شري سائين کان الڳ ۽ جدا

ڪاهن. نيٺي ارخود گوروُ ٻڌجي، هن ڀؤساگر ڪسان پار
ڪري وارا آهن.

(۴) پوءِ مان پنهنجي ڪل ديوتا شري نارائڻ
آديناٿ کي واندنا ڪريانٿو، جو ڀارت جي ”ڪوڪن
ڀوُميءَ“ تي پڌاريو، جنهن ڀومي کي شري پرشوُرام
اوتار، سمنڊ مان ڪڍي ستاپت ڪيو. اُن کانپوءِ،
مان پنهنجي ڪلا کي قائم ڪري وارن آد پرشن کي
نمسڪار ٿو ڪريان.

(۵) اُن بعد، منهنجو پرڻام آهي شري پاردواج کي،
جنهنجي گوتر ۾ هن جو جنم ٿيو. پوءِ ڀاڳيوُلڪيه،
ڀرگوُ، پراشر، نارد، ويد وياس، سنڪ، سنندن، سنتڪمار،
شڪ، شؤنڪ، وشوامتر، وسشٺ، والميڪ، وامديو،
جيمني، وئشمپايـن، نوَيوگيندر آدڪ رشين ۽ هلندڙ
زماني جي نورتيءِ، گيان ديو، سوپــان، مڪتاباڻي،
جناردن، ايڪناٿ، نامديوَ، تڪارام، ڪانا ۽ نرهر آدي
سنتن اڳيان پنهنجو سر جهڪايان ٿو.

(٦) پوءِ پنهنجي پتامهه سداشو، پتا رگهناٿ ۽ ماتا
کي نمسڪار ٿو ڪريان جي منهنجي ٻالپڻ ۾ ئي،
سورڳواس ٿي ويا. جنهن چاچيءَ منهنجو پالڻ پوشڻ
ڪيو ۽ وڏي ڀاءُ کي پڻ نمسڪار ٿو ڪريان.

(٦) پوءِ منهنجو نمسڪار آهي پاٺڪن کي، جن کي
منهنجي پرارٿنا آهي، تہ هن اُمرت ڪٿا جو ايڪاگر

چت سان ئي ٻاٽ ڪن.

(٨) انت ۾ ست چت آنند ستگورو سائين ناٿ مهاراج کي منهنجو نمسڪار آهي، جو شري دتاتريہ جو اوتار آهي ۽ جنهن ”برهم ستيہ، جگت مٿيا“ جو گيان، اسان کي سمجهايو تہ سيني ڀراٽين ۾ اُهو هڪ ئي پر برهم وياپڪ آهي ۽ اُن جو اَنڀؤ ڀڻ ڪرايو.

## ڪٽڪ پيئهڻ جي ڪٿا

سن ١٩١٠ ۾، هڪ ڏينهن صبوح جو، مان شري سائين بابا جي درشن ڪرڻ لاءِ مسجد ۾ ويس تہ ڏٺم تہ هٿ منهن ڌوئڻ بعد، سائين بابا، چڪي پيسڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. فرش تي هڪ ٽاٽ جو ٽڪر وڇائي، اُن تي هٿ جي پيسڻ واري چڪي رکيائون. پوءِ ڇڄ ۾ ڪجھ ڪٽڪ ڪڻي آيا ۽ پيل ڪفنيءَ جون ٻانهون مٿي کڻجي، پرپل مٺ ڪٽڪ جي وجهي، چڪي پيسڻ شروع ڪيائون! اِهو ڏسي مان دنگ رهجي ويس.

سوچڻ لڳس تہ هن چڪي پيسڻ مان بابا کي ڪهڙو لاڀ ٿيندو! پاڻ اَڪيلو سر آهي ۽ سندس گذران، بکيا دتاران ئي ٿيندو آهي. پيا پرهي بہ جيڪي اُتي حاضر هئا، تن جي من ۾ پاڻ ساڳيو خيال.

اُتين تيو، پر بابا کان انهيءَ سوال پڇڻ جي، ڪنهن
۾ پاڻ ۾ همت نه ساري. جلد ئي بابا جي چڪي پيسڻ
جو احوال، شرڊيءَ ۾ ڦهلجي ويو ۽ سڄي شهر جا نر
ناريون ڊوڙي اچي، بابا جو اِهو ڪؤتڪ ڏسڻ لڳا.

اُنهيءَ ميڙ ۾ چار نڊر زالون، رستو چيري اندر
آيون ۽ بابا جي هٿ مان چڪي پيسڻ جو ڏنڊو ڪسي،
تنهن اُتان زوريءَ اُٿاري، پاڻ جنڊ پيهڻ شروع
ڪيائون ۽ بابا جي جيون ڪوتا جو راڳ ڳائينديون
رهيون! بابا اول ته مٿن ڪاوڙيو پر پوءِ سندن ڀڳتي
ڀاءُ ڏسي، راضي ٿي مشڪڻ لڳو، جنڊ هلائيندي،
اِنهن اِسترين جي من ۾ پڻ ويچار پيدا ٿيو ته ”بابا کي
ته آهي گهر ۽ نه ٻار ٻچا ۽ نه ڪو سندس ديکريک
ڪرڻ وارو ئي آهي، پوءِ ڪڻڪ کي پيهڻ جو ضرور
ئي ڪهڙو اٿس؟ سندن ٻرواهه ڀکيا مان ئي ٿيندو
آهي. ٿي سگهيٿو ته اسان کي ئي اٽو وراهي ڏيڻ جي
ليلا ڪري رهيو آهي.“ اِنهن خيالن ڪندي ۽ ڪوتائن
ڳائيندي، سڀ ڪڻڪ پيسجي ويئي.

پوءِ اُنهن اِسترين پيئل اَٽي کي چئن حصن ۾ وراهيو
۽ سڀ پنهنجو پنهنجو حصو ڪڻي هلڻ لاءِ تيار ٿيون
ته بابا جي وات مان ڪاوڙ وچان ڳتا لفظ نڪتا ۽
چيائون ته ”رنڊون، اوهين چريون ٿي پيئون آهيو ڇا،
جو ٻئيءَ جي ملڪيت سمجهي، اَٽي لٽڻ تي سنبريون



آهيو! مون کي قرض لهڻو ڇا، جو ٻنا موکل جي، بابي جو مال سمجهي، کڻي هليون آهيو گهر! چڱو پلل هاڻي اِهو آئُو، هن ڳوٺ جي حد تي وڃي پکيڙي اَچو.“

اِهي لفظ ٻڌي، مون شرڊيءَ واسين کان پڇيو تہ ”بابا جن جي هن ليلا جو راز ڪهڙو آهي؟“هنن مون کي جواب ۾ ٻڌايو تہ شرڊيءَ ڳوٺ ۾ 'هيضي) ڪالرا جي بيماري تمام گهڻي ڦهلجي ويئي آهي، اُنهي کي روڪڻ ۽ نوارڻ لاءِ ئي، باباجن هيءُ علاج شروع ڪيو آهي. باباجن ڪڻڪ کي نہ، پر ڪالرا کي پيهين، ناس ڪرڻ ٿا چاهين.“ اِنهي گهٽنا کانپوءِ جلد ئي ڪالرا جي بيماري پوري ٿيڻ لڳي آهي ۽ ڳوٺ واسي، سک جو ساھ پٽڻ لڳا آهن.

مان عجيب ۾ پئجي دل ۾ سوچڻ لڳس تہ ڪڻڪ ۽ ڪالرا جو پاڻ ۾ سنبنڌ ڪهڙو؟ منهنجو دماغ ۽ دل ٻئي جواب ڏيئي بيٺا. پر ساڳئي وقت منهنجي من ۾ اِهو خيال اُٿيو تہ باباجن جهڙي اَديت شخص جي ليلائن جو سنگرھ ڪري ڪتاب جي صوُرت ۾ آڻڻ گهرجي. مطلب تہ اِها پريرڻا پڻ سائين بابا جي هٿي ۽ سندس ئي آشيرواد ۽ ڪرپا سان ”سائين ست چرتر“ جو ڪاريہ سڦل ٿيو.

باباجن شرڊيءَ ۾ اٽڪل (٦٠) سٺ سال رهيا ۽ اَٽي پيهڻ جو ڪم هر روز ڪندا هئا. منهنجي سمجھ

موجب، بابا جن نہ فقط ڪالوا کي پينهي پُورو ڪيو پر پنهنجن پريمي ڀڳتن جي پاڻن ۽ من ۽ سرير جي پيڙائن کي پڻ هر روز پيهي، ناس ڪندا رهيا. ڇڪيءَ جو هيٺيون پڙ آهي اسان جا ڪرم ۽ مٿيون پڙ آهي ڀڳتي. جنهن ڏنڊيءَ جي سهاري جنڊ هلندو آهي، سو آهي گيان. بابا جو دردي وشواس هو تہ جيسين انسان جي دل مان سنساري پرورتيءَ جا خيال، مايا جي ڇڪ، نفرت ۽ اهنڪار صفا ناس نہ ٿيا آهن (جو آهي برابر ڏکيو)، تيسين آتم انيوُتي ۽ تتو گيان پراپت ڪرڻ بلڪل ڪٺن آهي.

ڪبيرداس بہ هڪ استريءَ کي اناج پيهندو ڏسي روئي ڏنو ۽ پنهنجي گورو نپت نرنجن کي اچي چيو تہ ”مون کي روئڻ انڪري ٿو اچي، مان سمجهڻ لڳو آهيان تہ جيئن اناج، ڇڪيءَ ۾ پيسجي رهيو آهي، تئن مان بہ ڀؤساگر جي ڇڪيءَ ۾ پيسجي وڃڻ جو دک انڀؤ ڪري رهيو آهيان.“ سندس گوروءَ اتر ڏنو تہ ”بيٽا، گهبرائجي نہ وڃ. ڇڪيءَ جي وچ جيڪو گيان روُپي ”ڪلو“ آهي ان کي ڀڪيءَ طرح پڪڙيندا ين تہ پيسجڻ جي ڀؤ ڀولي کان ڇٽي پوندا ين. مان بہ ائين ڪندو رهيو آهيان، تنهن ڪري تون بہ جي وچين ڪلي کي ڇهنڌي پوندين تہ ڀؤساگر جي جنڊ ۾ پيسجڻ کان ضرور ڇٽي ويندين.“

## (ڳـــل - ٢)



اوتارن جي مهما ورنن ڪرڻ ۾ ويد ۽ اَسمرت ڀَريا آهن. ڪنهن ۽ مهاپرش يا سنت جا چرتر، صرف سنت ئي لکي سگهن ٿا، جا لياقت مون ۾ ناهي، ان ڪري ايشور کي پرارٿنا ڪيم ته جڏهن شري سائين بابا جي ڪرپا مون تي ٿيندي، تڏهن ئي لکي سگهندس. مهاراشٽر جي سنت گيانيشوَر جو چوڻ آهي ته سنتن جي چرترن لکڻ وارن تي پرماتما تمام پرسن ٿيندو آهي. تلسيداس پڻ چيو آهي ته:-

"ساڌوُ چرتر شڀ سرسڪ پاسو-

نرس وشد گڻميہ ڦل جاسوُ

جو سهي دکہ پر ڇدر دراوا-

وندنييہ جو ھہ جڳ يش پاوا."

چرتر لکندڙ ۽ سنتن جي پريرڻا سان ئي، اِهو ڪم ڪري سگهن ٿا. لکائيندڙ سنت ئي آهن ۽ لکندڙ صرف آهن هڪ مشين وانگر، جا لکندي ئي رهي. مثال (١) سنبت ١٧٠٠ ۾ ڪوي مهيپت کي چرتر لکڻ جي پريرڻا ٿي، جنهن (١) ڀڳتي وجيہ (٢) سنت وجيہ (٣)

پگت ليلا اَمرت ۽ (٤) ست ليلا اَمرت نالي چار پستڪ تيار ڪيا.

مثال (٢) سنبت ١٨٠٠ ۾ داس گڻوُ پڻ شري سائين بابا جي باري ۾ مڌر ڪوتائون رچيون ۽ هلندڙ زماني جي پين سنتن جا چرتر لکيا.

سنتن جي جيون چرترن پڙهڻ سان، دکي دلين کي شانتي ۽ سک پراپت ٿين ٿا ۽ سندن اُپديش موجب هلت هلڻ سان، انسان، پرماتما جي پراپتي ۽ رڌيون سڌيون وغيره هٿ ڪري سگهي ٿو. انهيءَ اُتساهه ۽ اُمنگ ۾ پرجي، مون، سائين بابا جي چرتن تي متو ٽيڪي لکڻ شروع ڪيو ته منهنجو هٿ ازخود هلڻ لڳو ۽ اندر مان سائين بابا جي پريرڻا سان، لهرن جي صورت ۾، خيال ٻاهر نڪرڻ لڳا. شري ماڌوراءِ پڻ، شري سائين بابا کي، پرارٿنا ڪئي ته ”جي مٿي تي هٿ رکي آشيرواد ڪريو ته داس اوهان جا جيون چرتر لکڻ جو آرنڀ ڪري ته باباجن پڻ خوش ٿي، منهنجي مٿي تي هٿ رکي چيو ته ”مان هنڪي جيون چرتر، اُپديش درشتانتن سميت ڪني ڪرڻ ۽ لکڻ ۾ مدد ڪري، سندس اِڇا پوري ڪندس، بشرطيڪ هي پنهنجي اندر مان اَهم ڀاو صفا دوُر ڪري، کنهن به ٻئي مت جو کنڊن نه ڪندو ۽ اجائي وادوواد ۾ نه پوندو.

## داڀولڪر تي باباجن جي دیا

شري ڪاڪا صاحب ديڪشت ۽ نانا صاحب چاندورڪر، ٻئي منهنجن تمام گهرن مترن مان هئا، جن ئي مون تي شري سائين بابا جي درشن ڪرڻ لاء زور رکيو. مون ڪين شرڊيءَ جي ياترا ڪرڻ جو وچن ته ڏنو پر رلڊڪن پوري ڪري، ياترا مهمل ٿيندي ويئي. منهنجي هڪ گهاٽي دوست جو پٽ، لوناوالا ۾ بيمار ٿي پيو، جنهن جا علاج ته گهڻيئي ڪيا ويا پر سڀ نشقل ٿيا هن جو تپ ٽٽيئي نه. آنت ۾ هنن پنهنجي گوردیو کي آڻي، ڇوڪري جي مٿان ڪان وهاريو. ته به حالت ڪين سڌري.

اهو ڏسي مونکي دل ۾ ويچار آيو ته "جڏهن گورو، هڪ بالڪ جي پراڻن جي رکشا نٿو ڪري سگهي، تڏهن گوروءَ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ ۽ شرڊيءَ ۾ وڃي، انهيءَ گورؤ جي درشن ڪرڻ مان لاڀ ئي ڪهڙو؟ انهي ويچار بعد، مون شرڊيءَ جي ياترا ڪرڻ جو خيال صفا لاهي ڇڏيو.

پر ...... جا ڳالهه ٿيڻي آهي، سا اوس ٿيندي.

١٩١٠ع ۾ نانا صاحب چاندورڪر، گشت تي نڪتو هو ۽ "بسئي" ڏانهن وڃي رهيو هو. هو ٺاڻي مان ٿي دادر آيو ۽ بسئي ڏانهن ويندڙ گاڏيءَ لاء ترسيو

يينو هو. جلد ئي باندرا لوڪل گاڏي آئي، جنهن ۾ چڙهي هو باندرا پهتو ۽ مونکي چينيڻ لڳو ته ”تو شرڊيءَ جي ياترا جو خيال ڇو مهمل ڪيو آهي؟ انجام ڏي ته اڄ ئي ويندين.“ مون انجام موجب شرڊي وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ بسترو وغيره ڪٽي، شرڊيءَ روانو ٿيڻ لاءِ، اول دادر وڃي، اتان منماد جي گاڏي پڪڙڻ جو پروگرام ٺاهيم ۽ دادر ڏانهن وڃڻ واريءَ گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺس.

گاڏي چڙهڻ تي هئي ته هڪ جوان مون واري دٻي ۾ چڙهيو منهنجو سامان ڏسي پڇڻ لڳو ته ”ڪيڏانهن وڃڻو اٿو؟“ ٻڌائڻ تي يڪدم چيائين ته ”دادر اسٽيشن تي منماد واري گاڏي ڪين بيهندي. وي-ٽي اسٽيشن تان وڃي گاڏي پڪڙيو.“ جي مٿيون واقعو نه ٿئي ها ته مان ٻئي ڏينهن شرڊيءَ ۾ پهچان ئي ڪين ها ۽ منهنجي اندر ۾ اَلائجي ڪهڙا اُلٽا سلٽا اُنوُمان جهڳڙو مچائين ها.

اُن وقت ياترين جي رهڻ لاءِ، شرڊيءَ ۾ صرف ”سانيواڙا“ جو هڪ ئي مڪان هو. ٽانگي تان لهڻ بعد، مونکي سائين بابا جي درشن ڪرڻ جي بلڪل گهڻي اُڪير هئي، پر باباجن جي مکيه ڀڳت تاتيا صاحب نوُلڪر، جو مسجد مان موٽيو پئي، تنهن چيو ته ”باباجن هن وقت مسجد جي موڙ وٽ آهن.

تون هيئنءُ پريان ئي سندن درشن ڪري پوءِ سنان وغيره ڪرڻ کان پوءِ چڱيءَ طرح ٻيڻ سان درشن ڪري سگهندا آهن.“ ائين چئي، مون يڪدم دوڙ پائي باباجن جي چرن وندنا ڪئي. سندن چرنن ڇهڻ سان منهنجي سرير ۾ هڪ عجيب آنند ۽ خوشيءَ جي لهر چالو ٿي ويئي. ٻڪ اُڄ صفا غائب ٿي ويم ۽ سرير جي خبر ئي ڪانه پيم ته آهي يا ناهي! جن دوستن مون کي باباجن جي درشن ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪيو هو، تن جو اُندر ئي اُندر ۾ ڌنيواد ڪرڻ لڳس، جو ته هنن جي بدولت ئي، هڪ نئين زندگيءَ جو، پاڻ ۾ احساس ڪيم. من ئي من ۾، مون کين بار بار نمسڪار ڪيو ۽ احسان ڪندو رهندو آهيان. مان پاڻ کي سندن قرضدار سمجهندو آهيان، جو ته سندن ئي پريرڻا سان مونکي باباجن جو درشن پراپت ٿيو ۽ نئين زندگي گهارڻ جو، شڀ اَوسر مليو.

باباجن جي درشن ڪرڻ کانپوءِ مون محسوس ڪيو ته منهنجن ويچارن ۾ ڦيرو اچي ويو. اڳين ڪرمن جو اثر ڍلو ٿيڻ لڳو ۽ ڌيري ڌيري سنساري پدارٿن ۽ ڀوڳن ڀوڳڻ کان دل ۾ ڪتائي ۽ وئراڳ اچڻ لڳو. مطلب ته سچي سنت جي هڪ دفعي درشن ڪرڻ سان ئي، گذريل جنمن جا ٻج ڪرم ۽ شڀ سنسڪار، يڪدم ڪٽا ٿي، گذريل پاپ ڪرمن ۽ اَشڀ سنسڪارن کي

ڏيئي ڇڏين ٿا. هي پاڻ گڏو ماڻ قسم کڻي اوهان کي ٻڌايان ٿو ته جي باباڄن اوهان تي ٻه، هڪ دفعو نظر پوي نهاريندا ته اوهان کي ساري دنيا سائين ميہ ڏسڻ ۾ ايندي.

## گرما گرم بحث

شرڏيءَ ڀڄڻ جي پهرئين ڏينهن ئي، بالا صاحب ۽ منهنجي وچ ۾، گورو ڪرڻ جي ضرورت تي اچي بحث ڇڙيو منهنجي راءِ هئي ته اسان کي پنهنجي سوتنترتا تياڳي، گوروءَ جي آڌينتا ۽ محتاجي ڇو ڪرڻ گهرجي؟ ڪم اسان شش کي ئي ڪرڻا پون ٿا، پوءِ گوروءَ جي گهرج ئي ڪهڙي آهي؟ هر هڪ انسان کي پنهنجو پورو يتن ڪري، پاڻ سنڀالڻ ۽ بچائڻ گهرجي. گورو ته صرف نالي ماتر آهي، جو پنهنجي موج ۾ تو رهي. مطلب ته مون "سوتنترتا" تي زوردار رايو ڏنو.

بالا صاحب موٽ ۾ چيو ته "سڀ مدار آهي، شش ۽ انسان جي پراربڌ ۽ ڀاڳ تي." جيڪي ڀاڳ ۾ هوندو سو ضرور ٿيندو ۽ اُن کي ڪو به ٽاري ڪين سگهندو. چوڻي آهي ته "ميري من ڪڇ اور هيءَ، وڌاتا ڪي ڪڇ اور." وڏا وڏا اوچ ڪوٽيءَ وارا مها پرش پڻ،

پاڻ تي ياڙڻ ڪري، اَسقُل ٿيا آهن. تنهنجو سو تنترتا جو اَهنڪار، توکي مدد ڪرڻ بدران، پرالبڌ جي اڳيان، ڪابہ ست ڪين جهلي سگهندو.

اِنهيءَ گرما گرم بحث ۾ هڪ ٻئي جو کنڊن منڊن ڪندي، پريو هڪ ڪلاڪ نبري ويو پر ڪنهن بہ فيصلي تي ڪين پهتاسين ۽ بحث ٻئي ڏينهن تي ملهل ڪري اُٿياسين.

بحث جو نتيجو اِهو نڪتو، جو منهنجي مَن جي شانتيءَ ۾ ڀنگ پئجي ويو ۽ مون اُنڀؤ ڪيو تہ جيسين اسان کي پنهنجي بڌيءَ جو اَهنڪار دُور نہ ٿيندو، تيسين وادوواد سمپؤناهي يعني اَهنڪارئي واد وواد جي جڙ ۽ پاڙ آهي. پوءِ بين ماڻهن سان گڏ، جڏهن مان مسجد ۾ ويس، تڏهن باباجن ڪاڪا صاحب کي چيو تہ ”سانيواڙ ۾، ڪهڙي وشيہ تي وواد هلي رهيو هو؟“ پوءِ مون ڏانهن نهاري کيس چيائون تہ ”هن هيماڊپنت ڇا چيو؟ اِهي لفظ بڌي مان واڙو ٿـي ويس. مسجد ۽ سانيوارا جي وچ ۾ ڪافي مفاصلو هو، پوءِ باباجن کي، ڪٿان پتو پئجي سگهيو تہ اسان جو پاڻ ۾ بحث هليو! مان اِنهيءَ فيصلي تي پهتس تہ باباجن پُورن اَنترياميءَ ۾ سرڪ گيہ آهن.

پوءِ مان سوچڻ لڳس تہ مون لاءِ هيماڊپنت لفظ ڇو ڪتب آندائون؟ ياد آيم تہ يادوَ وَنش جي مهاراجا

مهاديو ۽ رامديو جو، هيمادرپنت مشهور منتري ٿي گذريو آهي، جو اوُچ ڪوٽيءَ جو ودوان هو، اُتم پرڪرتيءَ ۽ "چترورگ چنتامڻي" يعني آڌياتمڪ وشين ۾ هوشيار هو ۽ راڄنيتڪ ڪاروبار هلائڻ ۽ اُتم ڪوتا رچڻ ۾ پربيڻ هو. هن ئي حساب ڪتاب رکڻ جي نئين پرڻالي چالو ڪئي هئي ۽ آمدني خرچ جا ڪاتا رکڻ شروع ڪيا هئا.

پر مون اگيانيءَ، مؤرک ۽ مندمت واري شخص لاءِ، باباجن هيمادپنت لفظ ڇو ڪتب آندو؟ مون ۾ ته هيمادر پنت منتريءَ جي عقل جي هڪ پائي به ڪانه آهي، پوءِ مونکي اِهو لقب ڪئن ڏنائون! مان سمجهي ڪين سگهيس ته اِنهي لقب (اُپاڌي) ڏيڻ جو آخر مطلب ڇا آهي! گهڻي سوچ ويچار بعد، اِنهيءَ نتيجي تي پهتس ته "منهنجي اُهنڪار دور ڪرڻ لاءِ ئي، شري سائين بابا مون کي لقب ڏيڻ جي ليلا رچي آهي، جئن آئينده لاءِ سبق سکان ۽ هميشه لاءِ اُهنڪار تياڳي نِرابمان ۽ نماڻو ٿي رهان ۽ ڳالهائڻ ٻوڙي لکڻ ۾ پڻ اهڙائي لفظ ڪتب آڻيان.

باباجن، هيمادپنت لقب جي ورکا ڪرڻ ڪري، اسانجو آئينده هميشه لاءِ سداري ڇڏيو، يعني ڪين اينده زماني ۾ تيڻ وارين ڳالهين جي اڳيئي پروڙ هئي ته ڪهڙي رمز سان سندن شش جو پوشيده سڌرندو.

## گروءَ جي ضرورت

هن باري ۾ باباجن جو ڪوبہ ليک لکيل ناهي، تڪي سندس اُپديش اِن باري ۾ ڪنهنکي ياد آهي- پر ڪاڪا صاحب د يکشت ڪي ليک ظاهر ڪيا آهن. باباجن جي درشن ڪرڻ جي بئي ڏينهن، ڪاڪا صاحب ۽ هيماڊ پنت مسجد ۾ ويـــــي، گهر موٽي وڃڻ جي موڪل باباجن کـــان ورتي ۽ هنن کين وڃڻ جــي آگيا ڏني.

سوال - باباجي، ڪيڏانهن وڃون؟

جواب - مٿي وڃو.

سوال - رستو ڪهڙو آهي؟

جواب - اَنيڪ رستا آهن - هتان بہ هڪ رستو آهي پر آهي ڏکيو، ڇو تہ واٽ تي شينهن ۽ بگهڙ پڻ آهن.

ڪاڪا صاحب - جيڪڏهن رستي جو واقفڪار ساڻ هجي تہ پوءِ ڏکيو آهي؟

بابا - واقفڪار ساٿي هجڻ ڪري، ڪوبہ ڪشت ڪونہ ٿيندو، ڇو تہ واقفڪار رهبر، شينهن وغيره کان بچائي، سلامت پهچائي سگهندو. رهبر جي نہ هجڻ ڪري، جهنگ ۾ رستو ڀلجي وڃڻ يا وڏن کڏن ۾ ڪري پوڻ جو خطرو آهي.

دابولڪر پڻ مٿين سوال جواب وقت اُتي حاضر

هو. هن سوچيو ته باباجن جيڪي چون ٿا، سو سڀ "گورو جي ضرورت ڇو؟" جي باري ۾ آهي. هن پوءِ من ۾ ڳڻيو بڌي ڇڏي ته وادوواد ڪرڻ مان - يا - سوتنترتا ۽ ادويتا جي باري ۾ بحث ڪرڻ مان ڪجهه به ورتو ناهي. فقط گورو جي اُپديش جي پالنا ڪرڻ يعني اُن موجب هلت ڪرڻ مان ئي، لاڀ ٿي سگهندو. جيئن ته رام ۽ ڪرشڻ جهڙن اوتاري پرشن کي پڻ، آتم اَنڀوتي حاصل ڪرڻ لاءِ، گورو وسشٽ ۽ سنديپني گورو وٽ وڃڻو پيو. هن مارگ ۾ واڌاري ڪرڻ لاءِ صرف شردا ۽ ڌيرج جا ٻه گڻ سهائتا ڪندا رهندا.





(گـــل ـ ٣)

## باباجن جي سويڪرتي ۽ انجام

باباجن جي ليلائن لکڻ لاءِ هيماڊپنت جي دل ۾ خوشي ۽ اُمنگ سان گڏوگڏ همت پڻ آئي تہ هن کي پڪ ٿي تہ جيون چرتر لکڻ جو ڪاريہ، باباجن جي ديا سان ضرور سڦل ٿيندو.

شاما ڏي نهاري باباجن فرمايو:- ”جيڪو شش، منهنجو نالو پريم پورو ڪ جپيندو، مان ان جون سڀ اِڇائون پورن ڪندس ۽ هنجي ڀڳتيءَ ۾ ڏينهون پوءِ واڌارو ٿيندو رهندو. جيڪو منهنجا جيون چرتر ۽ ليلائون، شردا ۽ پريم سان ڳائيندو، مان ان جي هر پرڪار سهائتا ڪندو رهندس. منهنجو جيڪو بہ ڀڳت، سچيءَ دل ۽ پراڻن سان مونکي چاهيندو، ان کي منهنجون ڪٿائون ٻڌي، دل ۾ پرسنتا ۽ خوشي پيدا ٿيندي. جيڪو منهنجن ليلائن جو ورڻن ڪندو، وشواس رکو تہ اُن کي پرم آنند ۽ سنتوش جي پراپتي ٿيندي. جيڪو بہ اُنيہ ڀاوَ ۽ پريما ڀڳتيءَ سان منهنجي شرڻ اچي ويندو ۽ منهنجي پوڄا، ڌيان سمرن وغيره

لڳاتار ڪندو رهندو، اُن کي مان مڪتي دان ڏيندس.
جيڪي پريمي منهنجون ڪٿائون ۽ ليلائون ٻڌي انهن تي عمل ڪرڻ ۽ من ۾ ڌارڻ جي ڪوشش ڪندا، ته مان انهن جون سنساري واشنائون ختم ڪري ڇڏيندس. اُنهن جي اندر ۾ اڳيان روپي پرورتيوُن ۽ خيال، ٽڪاءُ ڪري ڪين سگهندا ۽ اُنت ۾ مان اُنهن ڀڳتن کي، ڪال جي چنبي مان بچائي وٺندس. منهنجن ڪٿائن ٻڌڻ سان مڪتي ملندي آ. تنهن ڪري اُهي شرڌا سان ٻڌي اُنهن تي هلڻ شروع ڪيو. سک ۽ سنتوش پراپت ڪرڻ جو، سولي ۾ سولو طريقو اهو اٿوَ. ڪٿائن ٻڌڻ سان چت کي شانتي ايندي آ. پوءِ جڏهن اوهانجو ڌيان ڳوڙهو ٿيڻ لڳندو ۽ مون ۾ وشواس وڌندو ويندو، تڏهن اَکنڊ چيتنيه ڌن جي پراپتي محسوس ڪندا. خاطري ڪريو ته فقط منهنجي ”سائين، سائين“ نام اُچارڻ سان ئي اوهان جا سڀ پاپ نشٽ ٿي ويندا.

## باباجن جون پن پن آڳياءون

ڀڳوان سائين بابا، ڪن ڀڳتن کي مندر ۽ مٺن ۾ وڃڻ، ڪن کي نديءَ جي ڪناري تي گهاٽ ٺهرائڻ، ڪن کي تيرٿن جي درشن ڪرڻ، ڪن کي ڀڳوان ڪيرتن ڪرڻ جي آڳيا ڏيندو هو پر مونکي سائين ست چرتر لکڻ جي آڳيا ملي. مان حقيقت ۾ انهي ڪاريه جو

لائق اَصل ڪين هوس پر باباجن جي ڪرپا سان ٿي
ڪم ۾ هٿ ڳنڍيم. منهنجو اهنڪار صفا ناس ڪري
ڇڏيائون ۽ اندران ٿي اندران پورو ٽا ڪري، مون کان
پنهنجا چرتر لکائيندا ويا. جيتوڻيڪ منهنجو جنم براهمڻ
ڪل ۾ ٿيو هو پر مونکي نہ گيان جا نيتر هئا ۽ نہ
دويہ بدي هئي، تہ بہ سائين بابا جي ڪرپا سان مون لاءِ
سڀ سولائي ٿي پيئي. سنتن جي ديا سان، گونگا بہ
ڳالهائي سگهن ٿا ۽ پنگلا بہ جبل تي چڙهي سگهن ٿا.
بي جان هارمونيم باجي يا بنسريءَ کي ڪهڙي خبر
تہ مون مان ڪهڙا مٺا ۽ سنا آواز، آلپ ۽ سر نڪري
رهيا آهن! چندرڪانت مڻي ۽ جوار ڀاٽي مڻيءَ کي
سندن پيداش وغيره جي خبر ڪانهي ليڪن چندرما
جي ڪلائن وڌڻ ۽ گهٽجڻ تي، انهي مڻين مڻين جو
مدار رهي ٿو.

## روشن منار يا لائيٽ هائوس

سمنڊ جي وچ ۾، فانوس گهر يا روشن منار، اڻ
ڪري کڙا ڪيا ويندا آهن جنن سمنڊ ۾ هلندڙ ٻيڙين
۽ جهازن کي، ڪا هاڃي يا نقصان نہ پهچي. ساڳيءَ
طرح هن سنسار ساگر ۾، سائين بابا جا جيون چرتر،
نيڪ روشن منارن وانگيان ڪماٿتا آهن ۽ سنسار ۾
حياتي سولي ۽ سکي گذارڻ لاءِ، امرت ڪان بہ وڌيڪ

ميناج ڏيڻ وارا درشٽانت آهن. جڏهن اهي چرتر، پريمين جي دلين ۾ گهري گهر ڪري وهن ٿا، تڏهن سڀڻ جي موٽي بدي ناس ٿيندي وڃي ٿي ۽ ان جي جاءِ، تيج ۽ پرڪاش واري بدي اچي پري ٿي. اهنڪار صفا ميٽجي ٿو وڃي ۽ گيان پرگهٽ ٿئي ٿو.

مطلب ته باباجن جي ڪيرتيءَ جو ورنن ڪرڻ يا نشاپوروڪ ٻڌڻ سان، ڀڳتن جا پاپ ناس ٿيندا ۽ موڪش جي پراپتيءَ جو اهو سولي ۾ سولو ساڌن اٿو. ستجگ ۾ شم ۽ دم، تريتا ۽ تياڳ، دواپر ۾ پوڄا جا ساڌن هئا. پر ڪلجگ ۾ ڀڳوت ڪيرتن جو ئي سولو ساڌن آهي، جو چئني ورڻن جي ماڻهن لاءِ ساڳيو سمانتا وارو ساڌن آهي.

يوڳ، تياڳ، ڌيان، ڌارڻا آدڪ ساڌن پالڻ ڪٺن آهن پر جيون چرتر ڳائڻ ۽ هري ڪيرتن ڪرڻ يا ٻڌڻ، تمام سولو اُپاءُ آهي، جنهن ۾ صرف ساوڌانيءَ ۽ خبرداري رکڻ جي ضرورت آهي. ڪٿائن ٻڌڻ ۽ ڪيرتن ڪرڻ مهل، اِندرين جو وشين واشنائن ڏانهن ڊوڙڻ بند ٿي وڃي ٿو، ڪام ڪروڌ وغيره جا خيال ڌڪجي وڃن ٿا ۽ آتم ساکياتڪار ڪرڻ ۾ روڪ وڌي ٿي. جيڪي به ڀڳت، باباجن جي منوهر سروپ جو ڌيان ڌاري، سندن ليلائون سرلتا ۽ شرڌا سان ٻڌندا رهندا، سي ڀڳوت ڀڳتيءَ جا اَڌڪاري ٿيندا ۽ آخر ۾ آتم

ساکياتڪار جي پراپتي ٿيندي آهي. اهڙن ست چرترن جي رچنا ۽ سمپورڻ ڪرڻ جي مهما، خود باباجن ٿي ڄاڻن، مان ته فقط سندن هٿيو آهيان.

## ماتر پريم

ڳانءِ جو پنهنجي وڇڙي لاءِ پريم پرسڌ آهي. هوءِ پنهنجي وڇڙي لاءِ، پنهنجن ٿڻن ۾ کير سانڍي رکي ٿي. جنهن وقت بکايل وڇڙو، سندس ٿڻن ڏانهن ڊوڙندو ايندو آهي، تنهن وقت کير جي ڌارا، ٿڻن مان ازخود وهڻ شروع ڪندي آهي. ساڳيءَ طرح ماتا کي پڻ، پنهنجي ٻالڪ جو خيال هر وقت رهندو آهي ۽ ٺيڪ سمي تي، هن کي کير ڌارائيندي آهي. ۽ هنکي سٺيءَ طرح سينگاريندي آهي. ليڪن ٻالڪ کي ان پيار جو احساس ڪين ٿيندو آهي، جيتوڻيڪ ماءُ هن کي ڏسي خوشيءَ ۾ گد گد پيئي ٿيندي آهي. ماتا جو پريم وچتر، نهسوارٿ ۽ اساڌارڻ ٿيندو آهي، جنهنجي اپما ڇوڻ کان ٻاهر آهي. ٺيڪ ان طرح، ستگوروءَ جو پيار، شش لاءِ ٿيندو آهي. باباجن جو پريم مون تي پڻ اهڙو ئي هو، جو هيٺئين مثال مان ثابت ٿيندو.

۱۹۱٦ ۾ مون کي نوڪريءَ تان پينشن ته ملي پر آها گهر جي پورائي ڪسان گهڻو گهٽ هئي. ان سال

گوروءَ پورنما جي ڏينهن تي، مان پين پڪتن سميت
شرڊيءَ ويس. اُتي اَڪاچنچيڪر اَزخود منهنجي لاءِ
باباجن کي پرارٿنا ڪئي تہ ”هن تي ڪرپا ڪريو.
پينشن مان هن جو نرواهہ ٿيڻ وارو ناهي ۽ ڪٽمب بہ
وڌندڙ اٿس. ڪرپا ڪري کيس ٻي ڪا مشغولي ڏياريو،
جنهن ڪري هن جي چنتا دور ٿئي ۽ سکيو وقت
گذاري سگهي.“ باباجن يڪدم اُتر ڏنو تہ ”هن کي
نوڪري ملي ويندي پر منهنجي شيوا ۾ ئي هن کي
آنند وٺڻ گهرجي. هنجون اڇائون پاڻيهي پوريون
ٿينديون پر هن کي اَڌرمي ۽ دشٽ ماڻهن جي سنگت
ڇڏي، پنهنجو ڌيان مون ۾ ئي لڳائڻ گهرجي. سڀني
جيون تي ديا ڪرڻ ۽ سڀني سان نمرتا سان ورتاءُ
ڪري، پنهنجي انتهڪرڻ ۾ منهنجي ئي اُپاسنا ڪرڻ
کپي، جيڪڏهن هي اُن موجب هلت ڪندو تہ نتيہ آنند
جو اڌڪاري ٿي ويندو.“

## روهلا جي ڪٿا

هڪ دفعي روهلا جات جو هڪ منش، شرڊيءَ ۾
آيو، جو بدن جو لنبو، ٿلهو ۽ ڳنيلو هو ۽ باباجن جي
پريم ۾ مست ٿي، شرڊيءَ ۾ ئي رهڻ لڳو. هو اُتي ئي
پهر اوچي ۽ بلند آواز سان، قران شريف جو ڪلمو پيو
پڙهندو هو ۽ اَلله اَڪبر جو نعرو پيو هڻندو هو.

شرڌيءَ جا گهڻا رهواسي، سڀ ڏينهن پنهنجن ڌنڌن ۾ ڪم ڪري، رات جو جڏهن ٿڪجي گهر موٽندا هئا ته روهلا جي بلند نعرن سان سندن آجيان ٿيندي هئي پر رات جو سندن ننڊ ۾ ڦٽي پوندي هئي، جنهنڪري هنن تڪليف محسوس ڪئي. ڪيترا ڏينهن ته شانت ۾ اها تڪليف سهندا رهيا. پر جڏهن تڪليف سهڻ کان ٻاهر ٿين، تڏهن هنن باباجن وٽ اچي پرارٿنا ڪئي ته "ڪرپا ڪري روهلا کي نعرن هڻڻ کان منع ڪريو."

باباجن سندن پرارٿنا ڏي ڪو به ڌيان ڪين ڏنو ۽ چيو ته "اوهين پنهنجي ڪم ۾ ئي ڌيان لڳايو ۽ روهلا ڏي ڌيان ئي نه ڏيو. روهلا جي استري اهڙي دشت سياه جي آهي، جو روهلا ۽ مون کي پڻ گهڻو ڪشٽ پهچائي رهي آهي. ويچارو روهلو، پنهنجي عورت جي سامهون پوڻ جي ڀاڻ ۾ سمرٿي ته ساري، الله اڪبر جي نعري جي اوٽ وٺي، شانتي ۽ سک جي حياتي گذاري رهيو آهي."

حقيقت ۾ روهلا کي ڪا به زال ڪانه هئي ۽ باباجن جو اهو اشارو صرف خراب خيالن ڏانهن هو. باباجن، ڀين ڳالهين تي زور نه ڏيندا، صرف پرارٿنا ۽ ايشور آراڌنا تي ئي زور ڏيندا هئا. ان ڪري ئي روهلا جو طرف وٺي، شرڌي واسين کي ڪجهه وقت ڪشٽ سهڻ جو اُپديش ڏنائون.

## باباجن جو مڌر امرت اُپديش

هڪ ڏينهن منجهند جي آرتيءَ کانپوءِ ڀڳت جن پنهنجن گهرن ۾ موٽي رهيا هئا ته باباجن هينئيون سندر اُپديش کين ڏنو:-

اوهين چاهي ڪٿي به رهو ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب جيڪو به ڪم ڪريو، پر هروقت ياد رکو ته جيڪي توهين ڪريو ٿا، تنهنجي مون کي خبر پوي ٿي. مان ئي سڀني پراڻين جي گهٽ گهٽ ۾ وياپڪ آهيان ۽ منهنجي ئي پيٽ ۾، سڀئي جڙ ۽ چيتن پراڻي سمايل آهن. مان ئي ساري برهمانڊ جو ناهيندڙ ۽ هلائيندڙ آهيان ۽ اُتپتي، سنڀال ۽ لئه ڪرڻ وارو آهيان. منهنجي ڀڳتي ڪرڻ وارن کي، ڪو به هاڃي نه پهچائي سگهي، پر مونکان منهن موڙڻ وارا، مايا جي جار ۾ وڃي ڦاسن ٿا. ڪنهن کان ونءِ هاڻيءَ ڏائين، سارو سنسار، منهنجو ئي سروپ آهي."

اِهو سندر اُپديس ٻڌي، مون مَن ۾ پڪو نشچيه ڪيو ته "اڄ کانپوءِ گورو بابي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به اِنسان جي شيوا ڪين ڪندس." باباجن جا "توکي نوڪري ملي ويندي" وارا وچن، منهنجي مغز ۾ خوب چڪر هڻڻ لڳا ۽ ساڳئي وقت اَندر ۾ اِهو سوال پڻ اُٿندو رهيو ته توکي سچ پچ نوڪري ملندي يا نه؟

پنهنجين احوالن مان اوهان کي پتو پوندو ته باباجن جو وچن ست نڪتو ۽ موکي ڪچي نوڪري ملي ويئي. اُن ڪانپور مان سو تنتو تيس ۽ ايڪاگر چت ٿي، حياتيءَ پر باباجن جي شيوا ڪندو رهيس.

آخر ۾ پاڻ کي منهنجي نماڻي وينتي آهي ته، آلس، ننڊ، من جي چنچلتا ۽ اِندرين جي چڪتاڻ جي رنڊڪن ۽ وگهن جي ڪا به پرواهه نه ڪري، پنهنجو ڌيان باباجن جي ڪٿائن ۽ ليلائن ۾ پريم جو سياءُ پاڻ ۾ وجهندا ۽ ٻين ساڌنائن کي ڇڏي، فقط باباجن جي چرترن پڙهڻ جو سولو اُپاءُ ڪتب آڻيندا ته اوهان جو آگيان ناس ٿي ويندو ۽ موڪش جو دروازو اوهان لاءِ کلي پوندو. جهڙيءَ طرح لوڀي، ٻين هنڌن جا چڪر هڻي، وري موٽي پنهنجي ڪني ڪيل ڌن واري جاءِ جي چنتا ۾ رهندو آهي، تهڙيءَ طرح اوهين پڻ باباجن جي چنتا، پنهنجي هردي ۾ ڌارڻ ڪندا رهو.



(ڳـــل - ۲)

## باباجن جو شرڏيءَ ۾ آگمن

ڀڳوت گيتا جي چوٿين اڌياءَ
۾ ڀڳوان شري ڪرشن فرمايو آهي
تہ "جڏهن جڏهن ڌرم جي هاڃي
۽ اڌرم جو واڌارو ٿئي ٿو، تڏهن
مان اوتار ڌارڻ ڪندو آهيان ۽ ڌرم ڪــي وري قائم
ڪرڻ، دشٽن کي ناس ڪرڻ ۽ ساڌن جي رکيا جي
لاءِ، يگ يگ ۾ جنم وٺندو آهيان." ساڌو ۽ سنت،
ڀڳوان جا دنيا ۾ هلندڙ چلندڙ عيوضــي آهن، جــي
نيڪ سمي تي ظاهر ٿي پنهنجو ڪاريہ ڪندا آهن.
يا - جڏهن (۱) براهمڻ، ڪتري ۽ ويشن پنهنجن فرض
پورن ڪرڻ کان بيمک ٿي، اڌرم جــي واٽ وٺندا
آهن. (۲) شوڊر وري اوچ ذاتين جا حق کسيندا آهن.
(۳) ڌرم جي آچارين جـو اناد ر ٿيندو آهي ۽ سند ن
نندا ڪرڻ لڳندا آهن. (۴) ڌرم جي اپديشن ۽ سکيائن
جي برخلاف ماڻهو هلت هلندا آهـــن. (۵) هرهڪ
سمجهندو آهي تہ مون جهڙو ودوان ٻيو آهي ئي ڪين.
(٦) ماڻهو شاسترن ۾ منع ڪيل کاڌا کـائڻ ۽ شـراب
وغيره پيئڻ لڳندا آهن. (۷) هڪ ڌرم وارا ٻئي ڌرم

وارن سان وڙهڻ شروع ڪندا آهن. (٨) براهمڻ سنڌيا ونـــدن وغيره ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن. (٩) رواجي ماڻهو ائين سمجهڻ ۽ چوڻ لڳندا آهن تہ ڌن، سنتان ۽ اِستريءَ جـي سنڀال ۽ رکيا ڪرڻ تـي ڌرم آهـي (١٠) ماڻهو سچ تي هلڻ جو رستو ڇڏي، اَڌرم، ڄُوٺ ۽ پاپ ڪرڻ ڏي گهڻو لاڙو رکندا آهن، تڏهن سنت لاثيت هائوس وانـگر ظاهر ٿي، اسان کي نيڪ مارگ ڏيکاري، سچي رستي تي هلائي، پوءِ هليا ويندا آهن.

اِنهيءَ ڌرم جـي اَستاپنا ڪرڻ لاءِ، نـور تي، گيان ديو، مڪتابائي، نامديو، گوڙائي، ايڪنات، تڪارام، نرهري، نرسي ڀائي، سجن (سدن) ڪاسائي، سانوتامالي، رامداس ۽ ٻيا اَنيڪ سنت، ڀن ڀن وقتن تـي پرگهٽ ٿي ويا آهن، ليڪن اُنهن کانپوءِ شرڌي ۾ سائين بابا پرگهٽ ٿيو.

## شرڊيءَ جو پورڙر ڪيرت

احمدنگر ضلع ۾ گوداوري نديءَ جي ڪناري تي، ڪيترن ئي سنتن جنم ورتـو، اُتي جي رهواسين کـي ڌرم جو آسرو ڏنو، جن ۾ شري گيانيشور مهراج، مکيہ ٿي گذريو آهي. شرڊي، احمدنگر ضلع جي ”ڪوپر گانو“ تعلقي ۾ آهي ۽ گوداوري ندي پار ڪرڻ کانپوءِ (٨) ميلن جـــي مفاصلي تي، نيم گانـو ۾ پهچبو تہ اُتان

شردي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ڪرشنا نديءَ جي ڪناري تي پڻ گاڻگاپور، نرسنهه واڙي ۽ اؤدمبر تيرٿن وانگر، شردي به مشهور آستان آهي. جهڙيءَ طرح پنڍرپور جي ويجهو راماجيءَ منگل ويڙها ڪيا، سمرٿ گورو رامداس سجڻ ڳڙهه ڪيا، شري نرسنهه سرسوتيءَ نرسنهه بابا جي واڙيءَ کي پوتر ڪيو. تئن شري سائين بابا پڻ، شرديءَ ۾ پرگهٽ ٿي، اُن کي پوتر بڻايو ۽ اُن جو مهتو وڌايو.

شري سائين بابا، هن دنيا جي ڪنن ۽ ڏکئي ڀؤساگر پار ڪرڻ ۾ فتحيابي حاصل ڪري چڪا هئا. سندن سينگار هو شانتي ۽ گيان جي ساکيات مؤرتي هئا. وشنو ڀڳتن کي هروقت وٽائن سهارو ملندو هو. باباجن "ڪرڻ" جهڙا داني پڻ هئا. سنسار جي ۽ ديهه جي سک جي پدارٿن ۾ سندن اصل چاهنا ڪانه هئي، چوته هو هروقت آتم چنتن ۽ آتم آنند ۾ مست رهندا هئا. سندن هردي، آرسيءَ سمان صاف ۽ اؤجل هو ۽ سندن وچن مان اَمرت جي ورکا وسندي هئي، هو مان ۽ اَپمان کان مٿي هئا ۽ ترپه ۽ بيپرواهه نموني ۾ پاسا ڪندا هئا ۽ جدا جدا خيالن جي ماڻهن سان رلندا ملندا هئا.

نرتڪين جا ناچ، گائڻا، غزل ۽ قواليون پڻ ٻڌندا هئا ته به سندن سماڌيءَ ۾ ترجيترو به ڀنگ ڪين



شري سائين بابا دوارڪا مائيءَ (مسجد) جي
ديوار تي ٽيڪ ڏيئي بيٺو آهي.

ڀوندو هو. سندن چپن تي الله جو نالو هردم هوندو هو. جڏهن دنيا سمهندي هئي ته باباجن جاڳندا هئا. سندن انتهڪرڻ، مهاساگر وانگي هروقت شانت ۾ رهندو هو. نه ڪنهن کي خبر هئي ته باباجن، پنهنجو آشرم يا مڪان، ڪهڙيءَ طرح ڪٿي ڪندا ۽ نه ڪنهن کي پتو هو ته سندن ڪاريه ڀرڻالي ڪهڙو روپ وٺندي. ٻاهران برابر شرڏيءَ ۾ رهندا ڏسڻ ۾ ايندا هئا پر سڄي دنيا جي واپار ۽ وهنوار جي کين چڱيءَ ڄاڻ هئي.

سندن دربار نرالي ڍنگ جي هئي. هر روز 'ڪيرتيون' ٿيندو هو پر سندس اڪنڊ شانتيءَ ۾ ڪو به فرق ڪين ڀوندو هو. هميشه مسجد جي پٺ کي ٽيڪ ڏيئي ويهندو هو ۽ صبح، منجهند ۽ شام جو "ليندي ۽ چاوڙي" ڏانهن پنڌ ڪرڻ ۽ هوا خوري ڪرڻ لاءِ ويندو هو ته به سدائين "آتم اِستتيءَ" ۾ رهندو هو. جيئنو ٽيڪ پاڻ "پورو سڌ" هو ته به ساڌڪن جهڙي هلت ڪندو هو ۽ نماڻو، ديالو ۽ نرايمان ٿي سڀني کي سک پهچائيندو هو.

ائين شري سائين بابا جي پوتر چرنن پوڻ سان، شرڏيءَ جو گرام پوتر ٿي پيو ۽ گڏوگڏ ائين مشهور ٿيندو ويو، جئن شري گيانيشور جي پڌارجڻ ڪري "آلندي" جو شهر ۽ ايڪنات جي واسي ڪرڻ ڪري، پٺڻ شهر

جو ناچار وڌيو. شرڊيءَ جي گلن ڦلن، پڻن، پٿرن ۽ مٽيءَ جو مان ٻـ، باباجن جي چرن سپرش ڪرڻ ۽ چمڻ سان وڌيو. يڳتن لاءِ شرڊيءَ بدلجي، پنڌرپور، جگنناٿ، دوارڪا، بنارس، مها ڪاليشور، مهابليشور ۽ گوڪرڻ وانگيان ٻيو نئون تيرٿ ٿي پيو. باباجن جو درشن ڪرڻ، ياترين لاءِ گويا ويد منتر ٿي پيو جنهن جي وسيلي ياترين جي من مان مايا جا خيال دوُر ٿي ويندا هئا ۽ سندن لاڙو آتم درشن ڏانهن سولائيءَ سان ٿيندو هو. هو باباجن جو درشن، يوگ سادن سمجهي ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ باباجن سان وارتالاپ ڪرڻ ۽ ٻڌڻ سان، سندن پاپ نشٽ ٿي ويندا هئا.

باباجن جي چرنن جي شيوا هو پرياڳ ۽ تربيڻيءَ جي سنان سمجهندا هئا ۽ چرنن جي اَمرت پان ڪرڻ سان، هنن جي اڇائن جي ترپتي ٿي ويندي هئي. باباجن جي آگيا، هو ويد سمان ڪري سمجهندا هئا ۽ پرساد وغيره ملڻ ڪري، هنن کي چت جي شڌي پراپت ٿيندي هئي. يڳت ۽ ياتري چوندا هئا تہ باباجن، اسان لاءِ نہ فقط رام ۽ ڪرشن جا روُپ ۽ مڪتي ڏيڻ وارا آهن پر ساکيات پار برهم جو روُپ آهن.

شرڊيءَ ۾ ڪٺي سندن سنوُل شرير جو واسو هو پر سندن ڪاريہ ڪيتر پنجاب، ڪلڪتا، اُتر يارت، گجرات، ڍاڪا ۽ ڪوڪن تائين ڦهليل هئا. باباجن جي ناموس

ڏينهن بہ ڏينهن ايتري قدر وڌندي ويئي، جو سنڌ مان درشن لاءِ دور دور ديش جا ماڻهو ايندا هئا ۽ چت جي شانتي حاصل ڪري ويندا هئا. **گڏولي ٻُڍا** نالي (٩٥) ورهين جو هڪ پيرسن هو، جو (٥) مهنا پنڌرپور ۾ ۽ آکاڙ کان ڪتي مهني تائين چار مهنا گنگا جي ڪناري تي سال بہ سال ڪاٽيندو هو. پنهنجي لٽون ۽ تي سامان وغيره کڻي ۽ هڪ نوڪر پاڻ سان وٺي نڪرندو هو. پنڌرپور ۾ اچڻ ۽ وڃڻ وقت، شرڊيءَ ۾ پڻ درشن ڪرڻ لاءِ ايندو هو. باباجن سان سندس گهاٽو پريم هو ۽ درشن ڪرڻ مهل، باباجن جي منهن ۾ ٽڪ ٽڪ نهاريندو رهندو هو ۽ چوندو هو تہ باباجن، شري پنڌري ناٿ ۽ شري وٺل جا اوتار آهن ۽ اُنهن وانگر اُناٿ ناٿ، دين ديال ۽ ديناناٿ آهن. جيتوڻيڪ ”گڏولي ٻُڍا“ جو اِشٽ ديو وٺوبا هو تہ بہ چوندو هو تہ باباجن، پنڌري ناٿ جا ساکيات روپ آهن.

## وٺل ڀڳوان جو درشن

باباجن جي اِيشور چنتن ۽ ڀڄن ۾ گهڻي رچي هوندي هئي. زبان مان هميشه ”الله مالڪ“ پيا چوندا هئا ۽ ڀڳتن کان ”ڪيرتن سپتاه“ ڪرائيندا هئا، جنهن کي ڪي ”نام سپتاه“ پڻ چوندا آهن. هڪ دفعي ”داس گڻ“ نالي ڀڳت کي، ڪيرتن سپتاه ڪرڻ

جي آگيا ڏنائون. هن عرض ڪيو ته ”اوهان جي آگيا مونکي اکين تي آهي، ليڪن مونکي وشواس ڏياريو ته ڪيرتن سپتاهه جي انت ۾، ڀڳوان وٺل ضرور پرگهٽ ٿي درشن ڏيندو.“ باباجن سندس ڇاتيءَ تي هٿ رکي چيو ته ”وٺل ڀڳوان اوس درشن ڏيندو پر ساٿ ساٿ ڀڳتن ۾ پڻ شرڌا ۽ درشن ڪرڻ جي تمام گهڻي اِڇا ۽ اِنتظاريءَ جي ضرورت آهي. ٺاڪرناٿ جي ڊنڪاپري، وٺل ڀڳوان جي پنڍرپور، رڻڇوڙ مهراج جي دوارڪا، هتي ئي آهي. هو سڀ هتي ئي براجمان آهن. باهران ڪٿان ڪونه ايندا. پر جن ڀڳتن جي دلين ۾ پريم ۽ ڀڳتيءَ جو پرواهه چالو ٿيندو، تن وٽ ئي وٺل ڀڳوان پاڻهي اچي پرگهٽ ٿيندو. اِها ڪا وڏي ڳالهه ناهي.“

ڪيرتن سپتاهه سماپت ڪري، جڏهن ڪاڪا صاحب ديکشت هميشهه وانگر، سنان ڪرڻ بعد ڌيان ڪرڻ ويٺو، تڏهن کيس وٺل ڀڳوان جو درشن مليو. منجهند جو جڏهن ڪاڪا صاحب، باباجن جي درشن ڪرڻ لاءِ، مسجد ۾ ويو تڏهن باباجن چيس ته ”وٺل آيو يا نه؟ توکي سندس درشن ٿيو يا نه؟ وٺل ڏاڍو چنچل آهي. کيس دريڍتا سان پڪڙيو. جي ٿوري ڍلائي ڪندا ته هُو ڪسڪي ڀڄي ويندو.“ منجهند جو پڻ ڌيان ۾ وهڻ بعد، ڪاڪا صاحب کي وٺل جو درشن پراپت ٿيو، اُنهيءَ ئي ڏينهن هڪ تصويرن وارو، ٢٥-٣٠ تصويرون

ڪٽي اُتـــي وڪڻڻ آيو ۽ ڪاڪا صاحب کي جيڪو درشن مليو هو اُها تصوير هن خريد ڪري، پت تي ٽنگي ڇڏي.

”ٺاڪي“ جي رٽائرڊ ماملتدار شري بي. وي. ديو، سائين ليلا پتريڪا ۾ ليک لکيو ته مان پنهنجي آزمودي مان چوان ٿو ته ”پنڍرپور ۽ شرڊيءَ ۾ ڪوبه تفاوت ڪونهي. ساڳي طرح دوارڪا ۽ شرڊي بہ هڪ آهن.“

دوارڪا جي ناراڻ آير پنهنجي وياکياڻ ۾ چيو ته ”سڪند پراڻ“ جي ياڳي ڇهين جي ٩٠ صفحي تـــي جيڪو آستان، چئني ورڻن جي ماڻهن لاءِ ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪش لاءِ سٺو لڳي، اهوئي اُنهن لاءِ ”دوارڪا پوري“ سمان آهي.

شرڊيءَ جي مسجد، باباجن جي درشن لاءِ دلت ۽ اَڇوت جاتين جي ڪوڙهين لاءِ هروقت کليل رهندي هئي، تنهن ڪري شرڊيءَ کي دوارڪا ڪري ڪوٺڻ، بيشڪ اُچت ۽ نيڪ آهي.

## پڳونت راءِ کير ساگر جي ڪٿا

پڳونت راءِ جو پتا، شري ونـــل جو پڪو ۽ پـرم ڀڳت هو ۽ هر سال پنڍرپور ويندو هو. وٽس شري وٺوبا جي مورتي هوندي هئي، جنهنجي هـو هرروز پوڄا ڪندو هو. پتا جي مرڻ بعد، پڳونت راءِ پـوڄا

شراڌ وغيره ڪرڻ ڇڏي ڏنا. ڀڳونت راءِ جڏهن شرڌيءَ ۾ آيو تڏهن باباجن کيس ڏسي يڪدم چيو ته ”هن جو پتا، منهنجو پرم متر هو، اِن ڪري مون ئي ڀڳونت راءِ کي پرارٿنا ڪري هتي آندو آهي. هن مونکي کيرٽي وغيره جو پرساد نه ڪارائي، مونکي بکه پئي ماريو آهي هاڻي مان هن کي پوڄا ۾ لڳائي، اڳيون پويون حساب وٺندس.“

گنگا ۽ جمنا جي سنگم وٽ، پرياڳ جو تيرٿ مشهور آهي، ۽ هندن ۾ وشواس آهي ته اُن ۾ سنان ڪرڻ سان پاپ ناس ٿي ويندا آهن. هڪ دفعي ”داس گڻو“ پڻ اُتي وڃي سنان ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ باباجن وٽ اُتي وڃڻ لاءِ آگيا وٺڻ ۽ موڪلائڻ آيو. باباجن چيس ته ”ايترو پري وڃي پنڌ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ پنهنجو پرياگ ته هتي ئي آهي. مون تي اعتبار ڪر.“ داس گڻو جڏهن ئي باباجن جي چرڻن تي متو رکيو ته سندن چرڻن مان گنگا جمنا جي ڌارا وهڻ لڳي ۽ داس گڻوءَ کي خاطري ٿي ته باباجن برابر آهن. اُن ڪانپوءِ داس گڻوءَ جي شرڌا ۽ پريم، باباجن ۾ اڳي کان بيٺو ٽيڻو وڌيو ۽ باباجن جي شيوا ۽ پوڄا ڪندي، سندس اکين مان گنگا جمنا جي ڌارا پڻ وهندي هئي.

—

## باباجن جو شرڊيءَ ۾ آگمن

شري سائين بابا جي ماتا پتا ۽ جنم آستان جي خبر ڪنهن کي به ناهي. گهڻي ڇيا ڳاڇا بعد به پتو پئجي ڪين سگهيو آهي. نامديو ۽ ڪبيرداس جي جنم جو پڻ ماڻهن کي پتو ڪونهي. نامديو ڀيمر تي نديءَ جي ڪناري تي، ”گونا بائيءَ“ لڌو ۽ ڪبير وري ڀاڳيرٿي نديءَ جي ڪناري کي ”تمال“ ڪوريءَ کي مليو. سائين باباجن جي باري ۾ پڻ ائين ئي چيو وڃي ٿو. باباجن سورهن (١٦) ورهين جي ڄمار ۾، شرڊيءَ ۾ اچي پرگهٽ ٿيا ۽ پورن برهم گياني پئي لڳا. ڪاڏي پيتي ڏانهن ڪو به لاڙو ڪونه هون ۽ مايا کي هٿ به ڪين لائيندا هئا.

شرڊيءَ جي هڪ ٻڍي استري، نانا چوبدار جي ماءُ جو ورنن آهي ته ”مون هڪ ١٦ ورهين جي بدن واري قدرت ۽ مضبوط جوان کي ڀهرين تم جي وڻ هيٺان سماڌيءَ ۾ ويٺل ڏٺو. ڪيس گرمي يا سرديءَ جي ذري به چنتا ڪانه هئي. ڏينهن جو هو ڪنهن سان به ڪين ڳالهائيندو هو ۽ رات جو بي ڊپو ٿي اڪيلو ئي اڪيلو پيو گهمندو ڦرندو هو. ماڻهو عجب ۾ پئجي پيا پڇندا هئا ته هي جوان ڪٿان آيو آهي، جو سيني کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو آهي! نه ڪنهن وٽ ٻڪيا

ونڻ وچي تو ۽ لڳي ۽ هڪ تپسوي ۽ تياڳي مهاتما تو. پاڻ ٽولي ناهي، باباڄن جي باري ۾ شنڪا مٽائڻ لاءِ، ”يڳوان ڪندوبا“ وٽ ويا ۽ پرارٿنا ڪئي ته ”ڪرپا ڪري ٻڌايو ته هي جوان، ڪهڙي ڀاڳيه شالي پتا جو پٽ آهي ۽ ڪهڙي گرام مان هتي آيو آهي.“

يڳوان ڪندوبا هڪ ڪوڏر گهرائي چيو ته فلاڻي هنڌ هلي کوٽائي ڪريو. اُتي هڪ پٿر هيٺ هنن کي سرون پيل ڏسڻ ۾ آيون. اُنهن کي هٽائڻ ڪانپوءِ هنن کي هڪ دروازو ڏسڻ ۾ آيو، جو هڪ غفا ۾ اندر وڃڻ جو رستو هو. غفا ۾ ”گومکي“ شڪل جي ڪاٺ جي تختن جي جاءِ ڏسڻ ۾ آئي جا ڏسي يڳوان ڪندوبا چيو ته ”هن بالڪ هتي ٻارهن (١٢) سال تپسيا ڪئي آهي.“

ماڻهن مٿيون اچي بالڪ (باباڄن) کان سوال پڇيا پر ٻالڪ کي ٽاري ڇڏڻ لاءِ هن جواب ڏنو ته ”اِها غفا واري جاءِ، منهنجي گورو ديو جي پوتر ڀومي آهي. اِهو آستان منهنجي پوڄا ڪرڻ لائق آهي ۽ اوهانکي منهنجو عرض آهي ته انهيءَ آستان جي، ڀليءَ پرڪار سنڀال ڪندا رهجو.“ اِهو ٻڌي، ماڻهن اڳي وانگر وري دروازو بند ڪري ڇڏيو. جهڙيءَ طرح اَشوَت ۽ اوڊمبر وڻن کي پوتر ڪري سڀيو پوڄيو ويندو آهي، ساڳيءَ طرح باباڄن واري ”نم جي وڻ“ کي پڻ پوڄڻ



لڳا. مهالساپتي ۽ شرڌيءَ جا ٻيا ڀڳت پڻ، گوروءَ جي سماڌيءَ سمان سمجهي، اُن اڳيان سر نوائي ۽ پرڪرما ڏيئي هلئا ويندا آهن.

## ٽي واڙا

باباجن واري نم جي وڻ جي آس پاس واري زمين، شري هري ونايڪ ساٺي خريد ڪري اُن تي هڪ وڏو مڪان ٺهرايو ۽ اُن تي ناٺو رکيو ”ساٺي واڙا.“ باهران ايندڙ ياترين لاءِ اُهوئي هڪ مڪان هو، جنهن ڪري اُتي ماڻهن جي ڀيڙ گهڻي هوندي هئي. نم جي وڻ هيٺان چؤطرف، وڏو چبوترو ڪڙو ڪيو ويو.

ڏکڻ طرف وري هڪ ننڍو مندر هو، جنهن جي چبوتري تي ڀڳت لوڪ هرڪنهن وسپت ۽ جمع جي شام جو اچي، اگربتيون جلائي ۽ واس ڌوپ ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته جيڪي ائين ڪندا، سي هميشه سکي رهندا.

اُتي جو ٺهيل واڙو بلڪل جهونو ۽ پراڻو ٿي ويو هو ۽ نون ٺهين جي ضرورت هئي، جا شرڌيءَ سنستا دواران، پوري ڪئي ويئي. ڪجهه وقت بعد ٻيو واڙو پڻ ٺهرايو ويو، جنهن کي ”ڌ يکشت واڙا“ ڪري ڪوٺيو ويو.

ڪڪا صاحب ڌ يکشت، قانوني صلاح وٺڻ لاءِ

جڏهن انگلنڊ ويو تہ اتي ڪنهن حادثي ۾ سندس پير کي چوٽ رسي، ۽ گهڻن اُپاون ڪرڻ بعد بہ منڊڪاڻ نہ لٿي. اِن تي نانا صاحب چاندورڪر، ڪاڪا صاحب کي چيو تہ شري سائين بابا کان هلي آسيس وٺو. اِنهيءَ صلاح تي هو ١٩٠٩ ۾ باباجن جي درشن تي آيو ۽ عرض ڪيائين تہ ”منهنجي پير جي منڊڪاڻ دور ڪرڻ بدران، منهنجي من جي منڊڪاڻ لاهيو.“ باباجن جو درشن ڪرڻ سان هن کي اهڙو تہ آنند آيو، جو هو هميشه لاءِ شرڊيءَ ۾ رهي پيو ۽ پنهنجي ۽ ياترين جي رهڻ لاءِ وڏي مڪان ٺهرائڻ جو فيصلو ڪيائين. اُن جو بنيادي پٿر ١٠-١٢-١٩١٠ تي رکيو ويو ۽ ١٩١١ جي رام نؤمي جي شب ڏينهن تي ٺهي راس ٿيو.

ٽيون واڙو پڻ، ناگپور جي پرشد شريمنت بوُٽي چگو ڌن خرچ ڪري ٺهرايو، جنهن تي نالو رکيو ويو ”راجسڪ يون.“ ان زمين تي اول وڏو باغ هو، جنهن ۾ باباجن خود وڃي بوُٽا لڳائيندا هئا ۽ پاڻي ڏيندا هئا. اتي هن وقت باباجن جي سوپنيڪ سماڌي آهي. جتي ڪنهن وقت صرف هڪ ننڍي ڪٽيا هئي، اُتي ايشور جي ليلا سان، وڏا ٽي واڙا ٺهي ويا، جن ۾ ساني واڙا شروعات کان ئي وڏيڪ ڪمائتو ثابت ٿيو.

## (گـــل ــ ٥)



# چاند پاٽل جي ڄڃ

حيدرآباد دکن جي اؤرنگ آباد ضلع جــي ڌوپ گــرام ۾، هڪ شاهوڪار مسلمان چاند پاٽــل نالي رهندو هو. هڪ دفعي جڏهن هو اؤرنگ آباد وڃي رهيو هو ته واٽ تي سندس گهوڙي گم ٿي ويئي. پريا ٻـ مهنا هن گهوڙي ڳولهي لهڻ لاءِ پاڻ خؤب پتوڙيو پـر اَصل پتو ڪونـه پيس. آخر ۾ نــراس ٿي، گهوڙيءَ جي زين پٺيءَ تـي لٽڪائي پيرين پيادو موٽي رهيو هو ته (١٤) چوڏهن ميل پنڌ ڪرڻ کانپوءِ، هن ڏٺو ته اَنـب جي هڪ وڻ هيٺان، هڪ فقير پنهنجي چلم تيار ڪـري رهيو آهـي. فقير جي سر تي ٽوپي، بدن تي ڪفني پيل هئي ۽ پاسي ۾ هڪ ڇيچرو هو. فقير جي سڏ ڪرڻ تي چاند پاٽل وٽيس ويو ته فقير چيس ته "هيءَ زين ڇـا لاءِ کنئين اٿيئي؟" جواب ڏنائين ته "گهوڙي گم ٿي ويئي اٿم، تنهنجي خالي زين کنيو پيو کيس ڳوليان."

فقير چيس ته "هتي پرسان جيڪو نالو آهي، اُن طرف وڃي ڳولهه. چانــد نالي طرف ويو تــه پنهنجي

ڳهوڙي اُتي چرندي ڏٺائين. تعجب ۾ پئجي، دل ۾ چوڻ لڳو تہ ”هي فقير ڪو وڏي منزل وارو ٿو ڏسجي.“ پوءِ گهوڙي ساڻ ڪري، جڏهن فقير وٽ پهتو تہ فقير چلم تيار ڪري چڪو هو. باقي ڪيس چلم کي دکائڻ لاءِ ٽانڊوءِ چلم چڪڻ واري ڪپڙي (صافي) کي آلي ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جي گهرج هئي.

چاند جي ڏسندي فقير جئن زمين ۾ چمٽو زور سان دٻائي ٻاهر ڪڍيو تہ ٻريل ٽانڊو نڪري آيو، جو هن چلم جي مٿان رکيو! وري ٻيهر جڏهن چمٽي کي زمين ۾ زور سان کپائي ڪڍيائين تہ پاڻي نڪرڻ لڳو، جنهن مان صافيءَ جو ڪپڙو پچائي آلو ڪري، چلم کي هيٺان ويڙهيائين! پوءِ چلم مان خوب سوٽا ڪڍڻ ڪانپوءِ، چاند کي اها چلم پيئڻ لاءِ ڏنائين.

چاند ٻئي چمتڪار ڏسي وائڙو ٿي ويو ۽ هٿ جوڙي، فقير کي چيائين تہ ”مون سان گڏجي منهنجي گهر هلو.“ فقير جي ها ڪرڻ تي، ٻئي ڏينهن فقير ساڻس گڏجي سندس گهر ويو جتي ڪجهہ وقت رهيو پيو هو. چاند ٻاٽل ڏوُپ گوام جو (اَڏڪاري) عملدار هو. سندس پٽ جي شادي ٿيڻ واري هئي ۽ جڃ شربيءَ ۾ گهوٽ سان گڏ وڃڻي هئي. چاند اُن لاءِ خوب تياري ۽ بندوبست ڪري، جڃ سان گڏ، فقير کي ٻڻ وٺي ويو. شادي ختم ٿيڻ بعد جڃ موٽي آئي،

پر فقير اُتي شرڊيءَ ۾ اُسي رهجي پيو، جتي حياتيءَ
پير رهيو.

جڏهن ڇنڇ شرڊيءَ ۾ پهتي، تڏهن کنڊوبا مندر جي
ويجهو، مهالساپتيءَ جي ٻنيءَ ۾ هڪ وڻ جي
هيٺان دابو ڪيو ويو ۽ مندر جي سامهون، سيني
بيل گاڏين کي بيهاري، هڪ هڪ تي ڇنڇ جا ماڻهو
لهڻ لڳا. جڏهن فقير لٿو تڏهن مهالساپتيءَ ”آئيڻي
سائين“ چئي، سندس آدرستڪار ڪيو، جو ٻڌي
ڇنڇ جي سيني ماڻهن فقير کي ”سائين“ چوڻ شروع
ڪيو ۽ جوان فقير، سائين جي نالي سان مشهور
ٿي ويو.

شرڊيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ، سائين بابا مسجد ۾ نواس
ڪرڻ لڳو. ان کان اڳي هڪ بابا، ديوداس پڻ ڪيترن
سالن کان اُتي رهندا هئا، جنهن سان باباجن جو پريم
ٻجهي ويو ۽ هن سان ڪڏهن هنومان مندر ڏانهن،
ڪڏهن چاوڙيءَ ۾ گڏجي رهندا هئا. ڪجهه وقت
پوءِ، جانڪيداس نالي هڪ سنت پڻ شرڊيءَ ۾ آيو،
جنهن وٽ، وارتالپ ڪرڻ لاءِ گهڻو وقت وڃي گذاريندا
هئا. جانڪيداس به ڪڏهن ڪڏهن باباجن وٽ ايندو
ويندو هو. هو جڏهن باباجن کي پهريون ڀيرو، باغ
کي پاڻي ڏيندي ڏٺو تڏهن چوڻ لڳو ته ”شرڊيءَ جا
ڪي ڀاڳ جاڳيا آهن، جو بابا جهڙي محنتي اُملهه

هيري اچي واسو ڪيو آهي." اَڪل ڪوٽڪو مهراج جو هڪ پرسڌ سنت آنند ناٿ پڻ، شرڊيءَ ۾ جڏهن اچي پڌاريو، تڏهن بابا کي ڏسي چيائين ته "جيتوڻيڪ هي فقير، ٻاهران ڏسڻ ۾ رواجي ماڻهو ٿو اچي پر اندر ۾ اوچي منزل تي پهتل آهي. اوهان کي پوشيه ۾ پاڻيهي پتو پوندو ته ڪيتري قدر پهتل شخص آهي."

جوانيءَ ۾ باباجن پنهنجا وار ڪين ڪترائيندا هئا ۽ پهلوانن جيان هلندا هئا. شرڊيءَ کان ۳ ميل پري، "رهاتا" گرام ۾ وڃي، اُتان گيندي، جاءِ ۽ ٻين گلن جا ٻوٽا خريد ڪري، اُنهن کي صفا ڪري بارا ٺاهي اُنهن ۾ اچي لڳائيندا هئا. وامن تاتيا نالي هڪ ڀڳت، هر روز مٽيءَ جا ٻه ڪچا دلا ڏيئي ويندو هو پر جڏهن شام جو اُهي ڪچا دلا، وڻ جي هيٺان باباجن رکندا هئا ته اُهي ڦاٽي پيچي پوندا هئا ۽ تاتيا وري ٻه ٻيا ڪچا دلا هر روز کڻي ايندو هو. پريا ٽي سال، سائين بابا، باغ جي قلواري جي سنڀال اهڙي ڪئي، جو باغ پريان ئي پيو ٻهڪندو هو. اڄ ڪالهه انهي باغ ۾ ئي، باباجن جي سندر ۽ شوڀنيڪ سماڌي سوڀيا ڏيئي رهي آهي، جنهن کي هزارين ياتري ۽ ڀڳت اچي مٿو ٽيڪيندا آهن.

## اڪل ڪوٽ مهراج جي چاکڙين جي استاپنا

شولاپور جي اَڪل ڪوٽ مهراج جو ٻيو ڀڳت پائي

ڪرشڻ جي علي باگڪر نالي هو، جو مهراج جي مورتي جي پوڄا ڪندو هو. هڪ دفعي هو مهراج جي چاکڙين جي درشن ڪرڻ لاءِ شولاپور وڃڻ لاءِ سنبريو ته سپني ۾ اَکل ڪوٽ مهراج کيس درشن ڏيئي فرمايو ته ”اڄ ڪلهه منهنجو روُپ شرڊيءَ ۾ ئي رهندو آهي. تون هن جي پوڄا ڪندو ڪر.“ اُن بعد ڀائي ڪرشن شرڊيءَ ۾ اچي سائين بابا جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ڇهه مهنا ساندهه رهي، يادگيريءَ طور، ١٩١٢ ۾ نم جي وڻ هيٺان، مهراج جون چاکڙيون ٺهرائي استاپن ڪري ويو. هڪ براهمڻ کي پڻ پگهار تي مقرر ڪيو ويو ۽ پوڄا جي سامگري وغيره جو سڄو پربنڌ، ڀڳي ڀڳت سگڻ ميروُ نائڪ جي حوالي ڪيو ويو.

١٩١٢ ۾ ڊاڪٽر رامراو ڪوٺاري، باباجن جي درشن لاءِ شرڊيءَ ۾ آيو ۽ هن سان گڏ سندس ڪمپائونڊر ۽ اُن جو دوست ڀائي ڪرشڻ علي باگڪر پڻ آيا. شري ديکشت، ڪمپائونڊر ۽ پربنڌڪ سگڻ ميروُ ڀاڻ ۾ گهرا دوست ٿي ويا. ڀاڻ ۾ بحث ڪندي ٿنهي کي ويچار آيو ته شري سائين بابا جي شرڊيءَ ۾ اِتهاسڪ آگمن جي پوتر يادگيريءَ ۾، باباجن جون چاکڙيون ڇو نه، قائم ڪيون وڃن؟ ڪمپائونڊر راءِ ڏني ته جي اها ڳالهه ڊاڪٽر ڪوٺاريءَ سان ظاهر ڪجي ته هو وڏيءَ خوشيءَ سان انهيءَ سندر ڪاريه ۾ دل وجان سان مدد

ڪندو- بنهي گڏجي اِهو نهراو جڏهن ڊاڪٽر اڳيان رکيو تڏهن ڊاڪٽر ٻيهر اچي، چاکڙين جي ماپ ۽ روُپ ريکا ورتي، سندر چاکڙين جا ٻه جوڙا بمبئي مان ٺهرائي، هڪ کنڊوبا جي مندر ۾ پڻ ڀيٽا طور موڪليو. اُپاسنا ڪنڌڙ مهراج ورتي اُنکي سڌارڻ ۽ وڌيڪ درست ڪرڻ لاءِ صلاح ڏني ۽ ان موجب چاکڙين تي ڪنول گل وغيره اُکرايا ويا ۽ چاکڙين هيٺان، نم جي وڻ جي مهاتم جي باري سنسڪرت ۾ شلوڪ پڻ اُکرايو ويو، جنهن جو اَرٿ آهي ته:- ”مان ڀڳوان سائين ناٿ اڳيان مٿڪ نوايان ٿو، جنهن جي ڪرپا سان، نم جو ڪوڙو وڻ به اَمرت جهڙو ٿي پيو آهي ۽ اَنيڪ بيمارين جي چٽائڻ ڪري، ڪلپ ٻرڇ کان به گوءِ ڪٽي ويو آهي.“ سانوڻ مهني جي پورڻما تي، چاکڙين جي استاپنا ۱۱ ٻجي ڪئي وئي. شري ديکشت اُهي مٿي تي رکي، سرگس ناهي، وڏي ڌام ڌوم سان، کنڊوبا جي مندر مان دوارڪا مائي مسجد ۾ کڻي آيو. سائين بابا، اُنهن چاکڙين کي ڇهي چيو ته ”هي ڀڳوان جا پوتر چرن آهن. هنن جي نم جي وڻ هيٺان استاپنا ڪريو.“ استاپنا کان هڪ ڏينهن اڳي پستا سيٺ نالي پارسي ڀڳت، (۲۵) روپيا باباجن کي مني آرڊر ڪري موڪليا هئا، جي باباجن، چاکڙين جي اڳيان ڀيٽا طور ڪري رکيا. استاپنا ڪرڻ تي ڪل خرچ (۱۰۰) رپيا

آيو، جنهن مان (٧٥) پنجهتر روپيا گيت دواران
کنا ٿيا.

ڊاڪٽر ڪوٺاري ديپڪ جي نمت، پهريان پنج
سال ٢-٢ روپيا در مهني ايندا هئا ۽ چاڪڙين جي چٽني
پاسي لوهه جي شيخن لڳائڻ لاءِ لوهه جون شيخون پڻ
آيون جنجي اِستيشن کان وٺ تائين آڻڻ جي مزوري
سايا سمت روپيا، سگڻ ميرؤ نايڪ ڏني. اڄ ڪلهه سگڻ
پوڄ وغيره لڳائڻ ۽ شام جي ديپڪ جلائڻ جو ڪم
ڪندو آهي ۽ ٻئي ڪم واسطي بيو نندو پوڄاري رکيو
ويو آهي.

ياڻي ڪرشڻ جي اول ته اَڪلڪوٽ مهراج جو شش
هو ۽ ١٩١٢ ۾ چاڪڙين استاپن ڪوڻ جي شي موقعي
تي شرڊيءَ ۾ آيو هو. درشن ڪوڻ بعد، جڏهن باباجن
کان موڪلائڻ آيو ته باباجن چين ته "اڙي، اَڪلڪوٽ
۾ ڇا رکيو آهي؟ اتي اجايو تو وڃين. اُتي جو مهراج
به ته مان ئي آهيان نه!" اِهو ٻڌي ياڻي ڪرشڻ، وڃڻ
جو خيال لاهي ڇڏيو."

## باباجن ۾ ڪشتي لڙڻ ڪانپوءِ ڦيرو

شرڊيءَ ۾ موهدين تمبولي نالي هڪ پهلوان هو،
جنهن سان، باباجن جو ڪنهن ڳالهه تا متيبد ٿي پيو،
۽ ڪشتي لڙيا جنهن ۾ باباجن هارايو. اُن هار کان

پوءِ، باباجن پنهنجي پوشاڪ ۽ رهڻ سهڻ ۾ بدلي آندي يعني بدن تي ڪفني لنگوٽ ۽ مٿي تي ڪپڙي ٽڪر ٻڌڻ لڳا ۽ وهڻ ۽ سهڻ لاءِ ٽاٽ جو هڪ ٽڪرو ڪتب آڻڻ لڳا ۽ پراڻن ڦاٽل ڪپڙن پائڻ ۾ وڏيڪ راضي ٿيندا هئا. هميشه چوندا هئا ”غريبي اول بادشاهي، اميري سي لاک سوائي - غريبون ڪا الله پائي.“

هڪ گنگاگر کي پڻ ڪشتي لڙڻ جو چاهه ۽ شوق هوندو هو. هڪ ڀيري ڪشتي لڙندي هن ۾ ٻه تيباڳ پاونا اچي پرگهٽ ٿي ۽ مٿين ڪشتيءَ جي لڙائيءَ بعد آڪاش واڻي ٻڌائين ته ”توکي پنهنجو سرير، يگوان سان راند ڪرڻ ۽ کيلڻ ۾ ئي لڳائڻ گهرجي.“ انهي آڪاش واڻي جو مٿس اهڙو ته اثر ٿيو، جو سڀ سنساري شوق ڇڏي، آتم انيؤ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. ”پنتامبي“ گرام جي ويجهو، هڪ مٺ قائم ڪري، اُتي پنهنجن ششن سميت رهڻ لڳو.

شري سائين بابا وري ٻولڻ ۽ وارتالاپ ڪري ڇڏي ڏنو. ڪي ٻه ڀريمي سوال پڇندا هئس ته جواب هڪ يا ٻن لفظن ۾ ڏيندو هو. ڏينهن جو نم جي وڻ جي ڇايا ۾، شام جو مرضيءَ موجب ڪنهن پاسي هوا خوري ڪرڻ لاءِ چڪر هڻڻ ويندو هو. جڏهن ”نيم گانو“ ۾ ويندو هو ته گهڻو ڪري ”ترمبڪ ڊ ينگلي“ جي

گهر ويندو هو.

شري بالا صاحب کي گهڻو پيار ڪندو هو. هنجي ننڍي ڀاءُ نانا صاحب کي ٻي شادي ڪرڻ بعد ٻه سنتان ڪانه ٿي، تڏهن بالا صاحب، ڀاءُ نانا صاحب کي شري سائين بابا جي درشن ڪرڻ لاءِ شرڊيءَ موڪليو ۽ سائين بابا جي ڪرپا سان، هن کي هڪ پٽ ڄمڻا ٿيو.

سائين بابا وٽ هاڻي درشن ڪندڙن جي ڀيڙ وڌڻ لڳي ۽ سنڌن نالو دور دور شهرن تائين ڦهلجي ويو. احمدنگر ۾ باباجن جي ساراهه ٻڌي، نانا صاحب چندورڪر، ڪيشو چدمبر ۽ ٻيا ڪيترا ٻرهمڻ، شرڊيءَ ۾ اچڻ لڳا ۽ سڀ ڏينهن باباجن جي چوڌاري چڪر ناهي، گويا کين گهيرو ڪري ويٺا رهندا هئا. رات جي وقت باباجن، پراڻي ٽٽل مسجد ۾ وڃي آرام ڪندا هئا. ڀاڳوٽ صرف هڪ چلم، تماڪ، پاڻيءَ لاءِ ٽمبلر يا جڳ، هڪ ڪفني، هڪ ڪپڙو بدن کي ويڙهڻ لاءِ، هڪ سٽڪا يعني سوٽي يا لٺ ۽ هڪ لنگوٽي رکندا هئا.

مٿي تي اڇو ٽڪر اهڙي طرح ٻڌندا هئا، جو اُن جو هڪ ڇيڙو ڏائي ڪن مٿان، وارن جي چوٽي وانگيان ٻريان معلوم ٿيندو هو ۽ اُهو هفتي هفتي صفا ڪندا هئا. پيرن ۾ جتي يا چمپل اصل ڪين پائيندا هئا. ڏينهن جو "ٽاٽ" جي ٽڪري کي آسڻ ڪري ڪتب

آئيندا هئا. سياري جي تڌ کان بچاو لاءِ ڏکڻ ڏانهن منهن ڪري ڌوڻي دکائيندا هئا، جنهن ۾ لڪڙين جا ننڍا ننڍا ٽڪر وجهندا رهندا هئا، گويا پرندڙ باهه ۾ پنهنجي اهنڪار ۽ سيني اشيپ ڪامنائن ۽ خراب واشنائن کي آهوتي ڪري وجهندا رهندا هئا. زبان سان ”الله مالڪ“ هردم پيا اُچاريندا هئا.

جنهن مسجد ۾ رهندا هئا، اُن جي ٻن ڪمرن جيتري ڊيگهه هوندي هئي. جنهن ۾ سڀ ڀڳت اچي درشن ڪندا هئا. ١٩١٢ کان پوءِ، پراڻي ۽ ٽٽل ڀڳل مسجد جو اڌار ٿيو ۽ مسجد کي فرش پڻ هڻايو ويو. مسجد ۾ اچي رهڻ کان اڳي چون ٿا ته ”تڪيا“ گام ۾ ڪجهه وقت رهيا هئا، جتي پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي، پريم ۾ اچي، نچندا ۽ ڳائيندا هئا.

## ڏيئي کي تيل بڻائڻ

باباجن شام جو دڪاندارن کان ٽمبلر ۾ تيل جي ڀڪشا وٺي، ڏيئن جي قطار ڏياريءَ وانگي ٻاري، سڄي رات مسجد کي روشن ڪندا هئا. دوڪاندارن پنهنجو تيل مفت ۾ جلندو ڏسي، پاڻ ۾ صلاح ٻيهاري، ته مسجد ۾ هرروز ڏياري ڪرڻ لاءِ، اسان کي تيل ڏيڻ بند ڪرڻ کپي ۽ باباجن کي سڀان کان وٺي، تيل جي ڀڪشا نه ڏجي. نيم انوسار جڏهن باباجن، وٽن

ٽمبلو ۾ تيل جي بکشيا وٺڻ ويا ته سيٺي تيل ڏيڻ
کان اِنڪار ڪيو ۽ گهٽ وڌ لفظ ڳالهائي باباجن جو
نوادر ڪيائون.

باباجن شانت سان موتي مسجد ۾ آيا ۽ سڪل
وَٽيون ڏيئن ۾ وجهي، هميشه وانگر ڏيئا ٻاري رکيا
۽ ٽمبلو جي ٿري ۾ جيڪو ٿورو تيل رهيل هو، تنهن
۾ پاڻي وجهي ان کي چڱيءَ طرح هلائي، ٽين جي
پات ۾ اُهو وجهي ڏيئن ۾ وجهندا ويا. سڀ دڪاندار
جاچي رهيا هئا ته باباجن ڏيئا ڪئن ٿا ٻارين. جڏهن
پاڻيءَ سان جليل تيل وارا ڏيئا اَڳي وانگيان، سڄي
رات ٻرندا رهيا تڏهن شرمندا ٿيا ۽ باباجن کان اچي
معافي ورتائون. باباجن کين معافي بخشي چيو ته—
”آئينده ساوڌان ٿي سيٺي سان سچو وهنوار ڪندا
ڪريو.“

## ڪُوڙو ڪُورو ۽ سچو شش

باباجن جي ڪشتي لڙڻ جي واقعي (ڏسو صفح
٦٣) کان پنج (٥) سال پوء، جوهر علي نالي هڪ فقير
پنهنجن شيشن سميت ”رهاتا“ ڳام ۾ آيو ۽ ”ويريدر
مندر“ جي ويجهو، هڪ مڪان ۾ رهڻ لڳو. هن کي
سڄو قران برزبان ياد هئو ۽ آواز به مڌر هوس. ڳوٺ جا
ڪيترا ڌرمي شرڌالوُ ماڻهو هن وٽ اچڻ لڳا ۽ سندس

آد رستڪار ڪرڻ لڳا. شرڌالو ماڻهن کان مالي مدد ملڻ تي، هن ”وڏو پدر مندر“ جي پوسان هڪ عيد گاهہ ٺهرائڻ جو ارادو ظاهر ڪيو تہ ڪن ماڻهن جو اِن ڳالهہ تان ساڻس جهڳڙو ٿي پيو، جنهن ڪري جؤهرعلي، رهاتا ڳام ڇڏي، شرڊيءَ ۾ آيو ۽ باباجن سان گڏ، مسجد ۾ اچي رهڻ لڳو.

سندس مٺي آواز تي موهجي، ماڻهو سندس عزت وغيرهہ ڪرڻ لڳا تہ جؤهرعليءَ جو مغز ايترو وڌي ويو، جو باباجن کي پنهنجو شش ڪري ڇوڻ لڳو. باباجن بہ ان تي اعتراض ڪين ورتو ۽ مانت ۾ رهيا. ڪجهہ وقت کان پوءِ باباجن ۽ جؤهرعلي ٻئي گڏجي، اچي رهاتا ڳام ۾ رهڻ لڳا. مزو اِهو هو، جو ٻاڻ کي گورو ڇوائيندڙ جؤهرعلي کي پتو ئي ڪونہ پيو تہ سندس شش ”باباجن“ ڪهڙي اوُچي منزل تي پهتل آهن، ليڪن شش (باباجن) کي بخوبي خبر هئي تہ ٻاڻ کي گورو سڏائيندڙ (جؤهرعليءَ) ۾ ڪيتري لياقت ۽ لائق آهي. اِن هوندي بہ باباجن، سندس نراد ر ڪين ڪندا هئا ۽ پورن شش بڻجي، گوروءَ جي پورڻ طرح سان شيوا وغيره ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ٻئي گڏجي شرڊيءَ ۾ پڻ ايندا هئا.

پر شرڊيءَ ۾ رهندڙ ڀڳتن کي، باباجن جو رهاتا ۾ پري رهڻ پسند نہ آيو ۽ گڏجي باباجن کي واپس وٺڻ

ويا. عيدگاهہ جي ويجهوئي، سندن باباجن سان ملاقات ٿي ۽ هن پنهنجي اچڻ جي مراد ظاهر ڪئي. باباجن کين چيو تہ ”فقير جؤهرعلي سياءَ جو بلڪل ڪوڙي ۽ دشت آهي، تنهن ڪري مون کي اصل کين ڇڏيندو. بهتر آهي تہ اوهين فقير سائين جي اچڻ کان اڳي ئي، هتان ڪڪ پن ٿي وڃو.“ ايتري ۾ فقير بہ اچي اُتي پهتو.

جڏهن سمجهيائين تہ شرڊيءَ وارا، سندس شش (باباجن) کي ونڻ آيا آهن، تڏهن آڳ ٻبولا ٿي ويو ۽ بڪواد ڪرڻ لڳو. پر اوچتو سندس من ۾ اهڙو ڦيرو اچي ويو جو اَنت ۾ گورو شش ٻئي اچي شرڊيءَ ۾ رهيا! ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ سنت ديوداس (جو ١٠-١١ ورهين جي اوستا ۾، شرڊيءَ ۾ آيو هو ۽ هنوُمان جي مندر ۾ رهندو هو ۽ تيزفهم، پورن تياڳي ۽ اوُنهو گياني هو، جنهن ڪري تاتيا ڪوتي، ڪاشيناٿ ۽ ٻيا کيس گوروءَ وانگي مڃيندا هئا) وٽ، فقير جؤهرعلي کي ڪي شخص هن سان گيان چرچا ڪرڻ لاءِ وٺي آيا، جنهن ۾ (گورو) جؤهرعلي هارايو ۽ لڄ لڪائڻ لاءِ شرڊيءَ مان ڀڄي وڃي بيجاپور ۾ لڪو. پوءِ ڪيترن سالن کان پوءِ وري شرڊيءَ ۾ آيو، ۽ سائين بابا کي پاڻيهي اچي پيرين پيو ۽ جيڪو غرور ۽ ڀرم هوس تہ ”مان گورو آهيان ۽ سائين بابا منهنجو شش آهي،“ اُهو

دور تي ويو هوس. تنهن هوندي بہ باباڄن کيس گوروءَ وانگيان آدر ۽ عزت ڏيندا هئا، ڇو تہ سهي ڪياٿون تہ هن ٻوائو ٻچتايو آهي ۽ هاڻي پوري ڏاڪي تي آيو آهي.

مطلب تہ سائين بابا پنهنجي هلت سان ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اَهنڪار اِنسان کي ڪٿان تو ڪيرائي ۽ وري کيس ڇونڪارو ڪٿان تو ملي. پنهنجن پريمي ششن ۽ ڀڳتن اڳيان آدرش رکڻ لاءِ اول پاڻ پيروي ڪري ڏيکاريائون تہ آتم اُنيو جي رستي ۾ اِنسان ڪٿان واڌارو ڪري سگهندو. مٿين ڪٿا، مهالساپتيءَ جي لکيل ڪتاب مان ڏني ويئي آهي.





## (گـــل - ٦)

## رام نوميءَ جو اُتسوُ

ستگورو ئــي هن سنسار ساگر مان پــار ڪرائڻ وارو ڪامل ملاح آهي، جو سولائيءَ سان جيو رُوپي ٻيڙيءَ کي، اُنڪل سان لهرن کان بچائي هلائي سگهي ٿــو. جن جو ستگوروءَ ۾ ويساهه آهي، سي پنهنجي گوروءَ کــي هروقت اکين سامهون ۽ انگ سنگ سمجهندا آهن، جنهن ڪري سندن هرديه، هروقت آنند سان پوپــل رهندو آهي. جنهن وقت شرڌالوُ ڀڳتن جي مٿي تي، ستگورو پنهنجو پوتر هٿ رکندو آهي، تنهن وقت شش جا پاپ ڀسم ٿي ويندا آهن ۽ شش جي ڀٽڪندڙ مـــن کي، شانتي اچي ويندي آهي.

شري سائين بابا ۾ اِهائي شڪتي هئي. جنهن مهل مان ڌرمــي پستڪ ويهي پڙهندو آهيان، تنــهن مهل پنهنجي شري رام ۽ ڪرشڻ جي رُوپ ۾ کين پسندو آهيان ۽ مان ائين ئي محسوس ڪندو آهيان تــه هو منهنجي ڪلياڻ واسطي، شري ڀاڳوت يا شري رامايڻ يا شري گيتا، مونکي سمجهائي رهيا آهن.

ڪٿا يا وارتالاپ ڪرڻ مهل، سندن ڏيکڻ سان ڪرڻ سان، منهنجي اندر ۾ ويهي، مون کان وات مان ٻولائيندا رهندا آهن ۽ جي ڪابه رچنا يا ڪوتا لکڻ وهندو آهيان ته اُنيءَ ڪندو آهيان تہ هو خود اچي مونکي هٿ سان لکائڻ شروع ڪندا آهن. مون مُورک ۾ ڪابہ سمرٿي لکڻ جي ڪانہ هُئي، پر سندن ٿي پريرڻا ۽ ڪرپا سان، سندن پوتر چرتر لکي سگهيو آهيان.

## سائين بابا جي آشيرواد

رام نوميءَ جي اُتسوَ سماپت ٿيڻ بعد، شري سائين بابا آشيرواد ڏيندي چيو تہ ”منهنجن ڀڳتن جي گهر ۾ اَن ۽ ڪپڙي جي ڪڏهن بہ ڪمي ڪانہ رهندي. جيڪي منهنجي شرڻ ۾ اچي، سچي هردي سان منهنجا اُپاسڪ بڻجن ٿا اُنهن جي ڪلياڻ جي چنتا، مونکي سديو رهي ٿي. اِن ڪري پوڄن ۽ وسترن جي چنتا تياڳ ڪري، ايشور جو نام ئي بکشيا ۾ گهرندا ڪريو. سنساري ڪُوڙو مان ۽ لقب ڇڏي ايشور ڪرپا ۽ آپہ دان پراپت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو تہ اوهانکي سچو سنمان، ايشور جي درگاهہ ملندو.

پنهنجي اِشٽ ديو ۾ ايمان رکي، سڀني اِندرين ۽ من کي، ايشور چنتن ۾ مشغول رکو، جئن سنساري پدارٿن ڏانهن اوهان جو من ڊوڙون نہ پائي. چت

جي شانتي پراپت ڪرڻ کان پوءِ، اوهين نوييه پد کي حاصل ڪندا. من جو هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪائڻ، ست سنگ جو اثر جي نشاني آهي. جيسين چت جي چنچلتا ختم نه ٿي آهي، تيسين من ايڪاگر ڪين ٿي سگهبو. مٿين آشيرواد، پوءِ ١٩٢٥ واري سائين ليلا پتريڪا ظاهر ڪئي وئي.

## رام نومي ۽ عرس جي گڏيل ميلي جو آرنڀ

ڪوپر گانو ۾ شري گوپالراءِ نالي هڪ اِنسپيڪٽر هو، جو باباجن جو پرم ڀڳت هو. هن کي ٽي اِستريون هيون پر ڪنهن کي به ٻار ڪونه ڄائو. شري سائين بابا جي شرن وٺڻ کان پوءِ هن کي پٽ ڄمڻ ٿيو، جنهن جي خوشيءَ ۾، ١٨٩٧ ۾ هن کي ويچار آيو ته شرڊيءَ ۾ ”عرس“ جو ميلو لڳائجي. جڏهن تاتيا پاٽل، دادا ڪوتي پاٽل ۽ ماڌوراو ساڻ اِها ڳالهه اچي چوربائين، تڏهن هنن کي اِها ڳالهه ڏاڍي پسند پيئي ۽ باباجن کان پڻ ڪيس منظوري وٺي ڏنائون.

باباجن جي آگيا موجب، عرس ۽ رام نومي‌ءَ جو ساڳئي ڏينهن ميلي ملهائڻ ۾، هندو مسلم ايڪتا قائم ڪرڻ جوئي اُصول عمل ۾ آندو ويو. شرڊيءَ ۾ پاڻيءَ جي تنگي اڳيئي هئي. کوهه ڪل ٻه هئا، جن مان هڪ جو پاڻي کارو هوندو هو ۽ ٻيو وري جلد سُڪي،

ويندو هو. باباجن ڪاري ڪوهہ ۾ پهنجي مبارڪ هٿن سان گل وجهي، اُن کي منو بڻايو ۽ ميلي ۾ اچڻ واري خلق لاءِ هڪ ڪوهہ جو پاڻي ڪافي ڪين هو، تنهن ڪري تاتيا پاٽل، پاڻي باهران گهرائڻ جو پربند ڪيو. بانس جي لڪڙين جا ڪچا دڪان ٺهرايا ويا ۽ ڪشتي مُلهہ وغيره ڪرائڻ جو بہ بندوبست ڪيو ويو.

## چندن ليپ ۽ راس ڌُوپ سرگس

گوپالراو گنبہ جو هڪ دوست داموُ اَڻا ڪانسار، احمدنگر ۾ رهندو هو. تنهن کي پاڻ سائين بابا جي ديا سان پٽ پيدا ٿيو تہ هن ميلي لاءِ وڏو شاهي جهندو ٺهرائي ڏنو. ٻيو وڏو جهندو نانا صاحب جاگيردار پڻ ڏنو. ٻئي جهندا اڳيان ڪڍي سرگس ڪڍيائون ۽ سڄي ڳام کي چڪر هڻي، اچي مسجد ۾ پورو ڪيائون، (جنهن کي باباجن، ”دوارڪا مائي“ ڪري ڪوٺيندا هئا.) جلوس سان آندل هندن جا بہ جهندا، پوءِ مسجد تي مٿان جهولايا ويا ۽ مسلمان وري چندن گهڻي ٿالهيون پري، واس ڌُوپ ۽ لوبان خوب جلائي، سرگس ۾ سڳند ڦهلائيندا هليا. جڏهين ”دوارڪا مائي مسجد“ وٽ پهتا، تڏهن آندل چندن سان، مسجد جي ڀتين تي ليپو ڏيڻ لڳا! اِهو خيال هڪ مسلم ڀڳت جي مغز مان نڪتو، جنهن رام نومي - عرس جي گڏيل ميلي کي

عمل ۾ آندو ۽ جو اَجا تائين هليو اچي. مسلمان ڀڳت جي مؤت بعد، سندس اِستري چندن جي ليپ جو رواج چالو رکندي آئي. مطلب تہ هندن طرفان رام نؤمي جو سرگس ۽ مسلمانن طرفان چندن ليپ ۽ لوبان واس ڏؤپ سميت، عرس جي جلوس جو هڪ عجيب سنگم يا ميلاپ جو نظارو هو.

## مسجد ۾ رام نومي ميلو ملهائڻ

باباجن جا ڀڳت، سوير شيوڪ تي بندوبست ڪرڻ کي لڳي ويا - ٻاهريون ڪم تاتيا پاٽل پاڻ تي کنيو ۽ اندريون رڌڻ پچائڻ ۽ پرساد وغيره جو ڪم، راڌا ڪرشنا مائيءَ ڀڳتڻ پاڻ تي هموار ڪيو. اُن سان گڏوگڏ، هوءَ مسجد جي صفائي ٻهاريءَ جو ڪم پڻ ڪندي هئي. مسجد ۾ ”ڌوُڻي“ ڏينهن رات ٻرڻ سبب، دوُنهين جي ڪاراڻ ڀتين ۽ ڇت تي لڳندي رهندي هئي پر جڏهن باباجن وڃي ”چاوڙيءَ“ ۾ سمهندا هئا تڏهن هيءَ سياڻي ڀڳتڻ ڀيل سامان ٻاهر ڪڍي، ڇت کي ڇنڊي، پوءِ پوچي لڳائي ڇڏيندي هئي، جا رات جو سڪي ويندي هئي ۽ صبح جو ”دوارڪا مائي“ بلڪل صاف ڏسڻ ۾ ايندي هئي.

باباجن کي، غريبن کي ڀوڄن ڪرائڻ تمام پريہ لڳندو هو، اُنهن لاءِ ڪاڌو ۽ مٺايون پڻ، ڀڳتڻ راڌا

ڪرشنا تيار ڪندي هئي، جو سندس گهر ۾ ئي تيار ڪيو ويندو هو. انهيءَ ڪارڻ ۾ ڪيترا ڏنوان ڀڳت، پنهنجي جي مدد ڪندا هئا. ١٩١٣ ۾ ڀڳت پيشم (شري سائين سگڻ آپاسنا جو ليکڪ)، اَمراوتيءَ جي دادا صاحب ڪاپرڊي سان گڏجي، ميلي ڪان هڪ ڏينهن اڳي شرڊيءَ ۾ اچي، ”ديکشت واڙي“ ۾ ٽڪيو. جنهن دالان ۾ پنڌ ڪري رهيو هو تہ لڪشمن راءِ (ڪاڪا مهاجني)، پوڄا جي سامگري کڻي، مسجد ڏانهن وڃي رهيو هو. بنهي پاڻ ۾ ويچار ڪيو تہ عرس جو ميلو، رام نؤميءَ جي ڏينهن تي، ڀاتوين سان بلڪل پورال تو لڳي ۽ خوب تو مچي، تنهن ڪري شري رام جي شبي جنم ڏن تي، پوسڌ ڀڳت هريداس کي چيو تہ گهرايو وڃي، جو اُن ڏينهن اچي ڪيرتن ۽ ڪٿا ڪري. ڀڳت پيشم اهو ٻڌي چيو تہ مون ”رام جنم ساکيءَ جا ڀڄن ناهيا آهن، جي مان خود ڳائيندس. اوهين هارمونيم وڄائجو، ۽ راڌا ڪرشنا پڻ، جي اسان سان گڏجي ڳائيندي تہ واهہ جي مؤج مچي ويندي. پر اَول اُن جي منظوري، باباجن کان وٺڻ لاءِ هلو تہ مسجد ۾ هلون.“

جڏهن باباجن وٽ آياسون تہ اَنترِيامي باباجن يڪدم پڇيو تہ ”ديکشت واڙي ۾ ڪهڙيون صلاحون ڪري رهيا هئا؟“ اهو سوال ٻڌي ويچارو مهاجني تہ

گهٻرائجي ويو ۽ باباجن جو مطلب نہ سمجهي، ٻڇي چپ چاپ ويهي رهيو. مٿان وري باباجن ڀيشمر کي چيو تہ ”کيا بات هئي؟“ ڀيشمر يڪدم رام نوميءَ اُتسوَ ملهائڻ جو نئون ويچار باباجن اڳيان پيش ڪري چيو تہ”ڪرپا ڪري پنهنجي آگيا ڏيو تہ ائين ملهايو وڃي.“ باباجن مشڪي وراڻيو ”نيڪ آهي ڀلي ائين ڪريو.“ اهو ٻڌي سڀيئي خوش ٿيا ۽ رام جنم اُتسو (رام نومي) ملهائڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا.

ٻئي ڏينهن مسجد ”دوارڪا مائي“، کي جهنڊين سان خوب سينگاريو ويو. ڀڳتڻ راڌا ڪرشنا، هڪ پينگهو آڻي، باباجن جي آسڻ جي سامهون رکيو. ڀيشمر رام جنم ساکي ڪيرتن ڪرڻ لاءِ ڪڙو ٿي بيٺو ۽ مهاجنيءَ هارمونيم وڄائڻ شروع ڪيو تہ باباجن، مهاجنيءَ کي سڏائي چيو تہ ”اڙي، هي وري ڪهڙو ڪتراڳ ڪيو اٿو؟ هي پينگهو ڇو رکيو ويو آهي؟“ مهاجنيءَ هٿ ٻڌي جواب ڏنو تہ ”سوامي جي، رام نوميءَ اُتسوَ ملهائڻ جي پرارمڀ ڪرڻ لاءِ ئي، هي پينگهو هتي رکيو ويو آهي.“ اهو ٻڌي، باباجن اُتي رکيل گلن جي هارن مان ٻہ هار کڻي هڪ پنهنجي گلي ۾ پاتو ۽ ٻيو ڀيشمر کي پائڻ لاءِ مهاجنيءَ کي ڏنو، جو پائي، ڀيشمر پنهنجي مڌر ۽ بلند آواز سان ڪيرتن چالو رکيو. پڇن سماپت ڪرڻ بعد، سڀني آيل سنگت کان ”راجا

رام چندر ڀڳوان ڪي جئ“ جا نعرا هڻايا ويا. سڀ اُن مستيءَ ۾ تاڙيون وڄائي جهولڻ لڳا ۽ خوشيءَ ۾ ڀرجي آيل سنگت جي متان گلال وغيره ڇنڪارڻ ۽ ناچ ڪرڻ لڳا ته....

اوچتوئي اوچتو باباڄن جي گرجنا جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ”اي پاڳلو، هي روُنشو ۽ ملاڪڙو لڳائي ۽ گلال جو ڌوُڙيو ڇو مچائي رهيا آهيو؟ اوهانجو گلال، منهنجن اکين ۾ اچي پيو آهي!“ ساري سنگت هيسجي ويئي تاڙين ۽ ڇنڪارن بدران سناٽـو ڇانئجي ويو. پر جيڪي باباڄن جا بلڪل ويجها ڀڳت هئا ۽ باباڄن جي سياءُ مان چڱيءَ طرح واقف هئا، تن سنگت کي چيو ته ”گهبرايو نه. باباڄن جي اها ڪاوڙ، گويا اسان سڀني لاءِ هڪ آشيرواد آهي. اوهين ڪو به خيال نـه ڪريو. اڄ راوڻ جـي اهنڪار ۽ دشمت ٻڌي ڪـي ناس ڪرڻ وارو رام پيدا ٿيو هو، ۽ باباڄن پڻ اسان جي اهنڪار ۽ دشمت ٻڌي نـاس ڪرڻ لاءِ، ڪروڌ ۾ ڀرجي اسان تـي آشيرواد ڪري رهيا آهن. اوهين پنهنجي موُج ۾ مست رهو.

هيڏانهن ويچاري راڌا ڪرشنا بائي، جا پڻ ڪيرتن ۾ شامل هئي، تنهن کي اچي ڏپ ورايو ته باباڄن متان ڪروڌ ۾ اچي، پينگهي کي نه اچي پين. ان ڪـري اِشارو ڪيائين تـه پينگهي کي بـاهر ڪڍو. ماڻهن

پيڻگهي کي کنيو ته باباڄن چيو ته ”پيڻگهو ٻاهر نه ڪڍو ۽ پنهنجو ڪارج ڪرم چالو رکو.“ اها آگيا پائي، سڀ مؤج ۾ اچي ويا ۽ ڪيرتن، مها پوڄا ۽ آرتي سماپت ڪري، همٿ ٻڌي عرض ڪيائون ته ”هاڻي ڪرپا ڪري پيڻگهي ٻاهر ڪڍڻ جي آگيا ڏيو.“ باباڄن چيو ته اڃا اُتسؤ پورو ڪونه ٿيو آهي. سڀاڻي ”گوپال ڪالا اُتسؤ“ ملهائڻ ڪانپوءِ ئي پيڻگهو ٻاهر ڪڍيو ويندو.“ سڀيئي اُن تي راجا رامچندر ڀڳوان کي جئي ۽ سائين بابا کي جئه جا نعرا هڻي، ٻاهر نڪتا. ٻئي ڏينهن جڏهن باباڄن جي چوڻ موجب، گوپال ڪالا اُتسؤ ملهايو ويو تڏهن باباڄن پيڻگهي ٻاهر ڪڍڻ جي آگيا ڏني.

رام نؤمي اُتسو ۾، منيءَ جي ٻوتن ۾ ڏڏ ۽ ”پوُٿا“ پينهوُن ملائي رکڻ جو رواج هوندو هو، جو ڪيرتن سماپت ٿيڻ بعد، ٻوتن کي ڀڃي، پرساد طور سنگت ۾ ورهايو ويو. پوءِ ٻه وڏا جهنڊا اڳيان ڪري سرگس ڪڍيو ويو ۽ رات جو چندن ۽ واس ڌوُپ جو جلوس ڪڍيو. رام نوميءَ جي ڏينهن واري جلسي، رات جو قوري ”عرس“ جي ميلي جو روپ ورتو. ١٩١٣ کانپوءِ هر سال ساڳئي ڏينهن، رام نومي ۽ عرس جا ميلا گڏ لڳندا آيا.

اُن بعد ڀڳتڻ راڌا ڪرشڻا مائيءَ وري ”نام سپتاهه“

يعني ڀڳوان جي نالي جي اکنڊ ڌني، ست ڏينهن ۽ ست راتيون لڳاتار چالـو ڪرائي، جنهن ۾ الڳ الڳ ٽوليون، هڪ ٻئي پنيان پنهنجي ڌني هڻائڻ جو وارو وٺنديون هيون ۽ صبح جو سڀ ٽوليون ڀاڱ ۾ ملي، پرڀات ڦيري ڪنديون هيون. ايندڙ سال يعني ١٩١۴ جي ميلي ۾ وري جڏهن ڀڳت هريداس نه اچي سگهيو، تڏهن مهاجنيءَ وري، هلندڙ زماني جي تڪارام ٻـوُئا صاحب کي وٺي آيو. اُن ڪانپوءِ وري ستارا ضلع جو پوسٽ ستار تي ڳائيندڙ، شري هريداس ٻرهد ستڪوٽي، پنهنجي ڳاڙو مان پليگـ پوڻ سبب ڀڄي، شـوڊيءَ ۾ اچي نڪتو. باباجن کان موڪل وٺي، اُن کان ڪيرتن ڪرايو ويو ۽ کيس ڇنا يوڳ پينا پڻ ڏني ويئي. پوءِ باباجن. ڪيرتن وغيره جو سڄو ڪم داس گڻوُ مهراج کي هميشه لاءِ سؤنپي ڇڏيـو، جو اج تـائين هلندو اچي. چيٽ مهني جي ”سهائي پکش“ ۾، اُنيءَ تـٿ کان ٻارهين تٿ تائين، ميلي ۾ اينترا گهڻا ماڻهو ايندا هئا، جڻ ماکيءَ تي مکيون اچي مڙيون آهن. وڌيـل خلق سارؤ دڪان به وڌندا ويا ۽ پهلوانن جون ڪشتيون ۽ ملهون به خوب هلنديون هيون. غريبن کـي پوڄن پڻ ڪارايو ويندو هو.

مطلب ته ڪرشڻا مائي ڀڳتڻ جـي سخت پريشرم ۽ جفاڪشيءَ ڪري، دوارڪا مائي جي مسجد کي هڪ

سنستا جو روپ ملي ويو ۽ پئسا ۽ جام اچڻ لڳا، جن مان هڪ سندر گهوڙو، پالڪي، رٿ، چانديءَ جا ٻرتن وغيره ورتا ويا. عام لنگر لاءِ پڻ ڏن جي ورکا پيئي ٿيندي هئي. آتسوَ جي موقعن تي، هڪ هاٿي پڻ سرگس ۾ کنيو ويندو هو، ليکن باباجن انهن ڳالهين ۾ ڪا به دلچسپي ڪين وٺندا هئا ۽ هروقت پنهنجي تياڳ ۽ اداس ورتيءَ ۾ رهندا هئا.

متين ميلن جي سرگسن ۽ جلوسن ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي شامل ٿيندا هئا، جن ۾ (۵) هزارن کان (۷) هزارن تائين ماڻهو شامل هوندا هئا، تنهن هوندي به، ڪڏهن متبيد ڪونه پيدا ٿيو. خلق وڌندي وڌندي وڃي (۷۵) هزارن تي پهتي ته به باباجن جي مهر سان، اتي نه ڪڏهن ڪا بيماري ڦهلي ۽ نه ڪڏهن ڪو دنگو فساد ٿيو.

## دوارڪا مائيءَ کي نئون روُپ

جهڙيءَ طرح رام نومي ۽ عرس ملهائڻ جو خيال اول گوپال کند کي آيو، ساڳي طرح جهوني دوارڪا مائي مسجد کي نئين روپ ڏيڻ جو خيال پڻ کيس ئي آيو ۽ هن پٿر لهرائڻ شروع ڪيا. نانا صاحب چندورڪر کي پتين وغيره تهرائڻ جو شرف پراپت ٿيو ۽ مسجد جي فرش جي شيوا ڪاڪا صاحب ڏيکشت ڪئي.

شروعات ۾ ته باباجن مسجد ڊاهڻ جي آگيا نه ڏني پر پوءِ مهلاساپتي ۽ ڀڳت جي بار بار عرض ڪرڻ تي، باباجن ها ڪئي ته هڪ رات اندر جهوني مسجد ڊهي، نئين دوارڪا مائي تي پيئي!

اڳي باباجن، هڪ ٽاٽ جي ٽڪر تي آسڻ لڳائي ويهندا هئا، هيئنر اُن ٽڪر بدران نئين گدي وڇائي ويئي. مٿيون ڪاريه ١٩١١ ۾ ڪيو ويو. اڳي مسجد جو آڳڻ ننڍو هوندو هو، هيئنر اُن کي وڌائي، اُنکي ڇپر سان ڍڪڻ جي رٿ رٿي ويئي ۽ سنگت جي چاڙهيل پيئا ۽ ٻين شرڌالن جي ڏنل مايا مان، لوهه جا ٿنڀا، ڪاٺ جون بليون ۽ ڪنڊيون وغيره خريد ڪري، ڏينهن رات مزور ۽ ڪاريگر وهاري، لوهه جا ٿنڀا زمين ۾ کوڙيا ويا.

## ڪروڌ ۽ پيار جي ليلا

ليڪن! ...... ٻئي ڏينهن جڏهن باباجن چاوڙيءَ مان موٽيا ته کوڙيل ٿنڀا ڏٺائون، زمين تي ڪيرائڻ شروع ڪيائون!! هڪ هٿ سان ٿنڀي کي ڌوڏڻ لڳا ته ٻئي هٿ سان تاتيا جو ٻوچڻ لاهي، اُن کي باهه ڏيئي، ڪيرايل ٿنڀي جي کڏ ۾ کڻي ڦٽو ڪيائون!! سندن لعل اکين مان اهڙا ڪروڌ جا اُلا نڪرڻ لڳا، جو ڪنهن کي به سندن مُنهن ۾ نهارڻ جي همت

ڪانئه تي ۽ اُڪيون هيٺ ڪري ڏب وچان ڇوڻ لڳا ته باباجن جي ڪروڌ کي ڪير شانت ڪرائيندو. رنگ ۾ (زبود ست) ڀنگ پئجي ويو.

۽ آخر؟ ... باباجن جو هڪ ڪوڙهيو ڀڳت، همت جهلي سڌو ئي اڳيان وڌيو تہ باباجن ڪيس ڏک هٽي اهڙو تہ ڌڪو ڏنو جو هو ٿاٻڙجندو ويو. ماڌوراءِ ڀڳت سان پڻ ساڳي ڪار ٿي ۽ باباجن مٿن سروٽ اُڇلڻ لڳا!! جن بہ ڀڳتن سڌو ئي چرڻ پڪڙڻ ۽ کين شانت ڪرائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، تن سڀني کي سروٽا لڳا!

ڪجهه وقت گذرڻ بعد، باباجن جو ڪروڌ گهٽ ٿيو ۽ هڪ دڪاندار کي سڏائي چيائون تہ "هڪ زريدار ڌپٽو کڻي آءُ." سڀ حيران ٿي باباجن جي هي ليلا لاءِ انتظار ڪرڻ لڳا.

دڪاندار جڏهن زريدار ڌپٽو کڻي آيو تڏهن باباجن اُهو وٺي اُتيا ۽ تاتيا جي مٿي تي ٻڌڻ لڳا يعني هنجي عزت ڪرڻ لڳا!! هيءَ وچتر ليلا ڏسي، سڀ ڀڳت دنگ رهجي ويا ۽ سمجهي نہ سگهيا تہ آخر باباجن جي ڪاوڙ ڪرڻ جو سبب ئي ڪهڙو هو، جو اول تاتيا کي ڏک ڏجو هٽي ڌڪو ڏنائون ۽ هينئر پنهنجن مبارڪ هٿن سان کيس پڳ پيا ٻڌن!!

رواجي طرح باباجن بلڪل شانت ۾ رهندا هئا ۽ ڀڳتن سان کلي وارتالاپ ڪندا هئا، پر ڪنهن وقت

اوچتو ئي اوچتو سندن سياءَ ۾ جوش ۽ ڪاوڙ پيڙ ڪا ڏيئي نڪرندي هئي، جهڙي مٿين ليلا مان ظاهر ٿئي ٿي. بين وقتن تي پڻ، سندن ڪاوڙجي ليلا جو ورڻن، دوارڪا مائي مسجد ۾ ٿيندڙ اُنسوَن يا ڪارروائين جي سنبنڌ ۾ ڏنو ويندو."

پرڀوءَ جي عجيب سائين لوڪن جي ليلا پڻ عجب ۾ وجهندڙ ٿيندي آهي." رنگ هسهِ، رنگ روڪ هِ، چپ پي ڪر جاهہ - پرواهہ ناهي ڪسي ڪيري، باجهہ سڄي ناهہ." يعني مؤلائي سان پيار ڪندڙ لوڪ ٻـــ مؤلائي ٿيندا آهن ۽ ڪنهن وقـت ٽهڪ ڏيئي کلندا، ڪنهن وقت روئندا، ڪنهن وقت بلڪل چـپ ۾ ۽ ڪنهن وقت جوش ۾ ايندا ڏسبا آهن. هو ماڻهن جي خوش رکڻ جي ڪا ٻه پرواهہ نہ ڪري، پنهنجي مؤلائي ليلا ۾ مست رهندا آهن. جي پڳمت سڀ پڇي وڃن تہ ڇا، جي ڇوڙن کي چنبڙي پون تہ ڇا. مطلب تہ پرماتما جا پيارا لاهوُتي ۽ لاپرواهہ ٿيندا آهن.



## آدِ پيءُ اوتار ۽ وِچِتر وِيڪتي

شري سائين بابا کي يوگ ڪريائُون ڪرڻ ايندِيون هيون، جن مان مکيہ (١) ”ڌوتي ڪريا“ يعني ٣ اِنچ وِيڪرو ۽ ساڍا ٢٢ اِنچ لنبو ڪپڙو آلو ڪري، واتَ مان لنگھائي، پيٽ کي صاف ڪرڻ، (٢) ”کنڊ يوگ ڪريا“ يعني پنهنجي سريرَ جي جدا جدا ڀاڱن کي ڌار ڪري، وري گڏيڻ ۽ (٣) سماڌي لڳائڻ هيوُن. انهن يوگ ڪريائن ڪري، هو هندو پئي لڳو پر سندس شڪل ٻيهڪ وغيره ڪري هو مسلمان پئي لڳو. رام نؤمي اُتسو ۾ ڀاڱي وٺڻ مهل ڪو هندو ۽ عرس جي چندن اُتسوَ ۾ ڀاڱہ وٺڻ مهل ڪو مسلمان پيو لڳندو هو. اُتسوَن جي ملاکڙن ۾ ٻهري وٺندڙن کي پنهنجي همٿ سان انعام ٻڻ ڏيندو هو.

گوڪل اشٽميءَ تي گوپال ڪلا اُتسو ۾ ڌوم ڌام سان ڀاڱہ وٺندو هو تہ عيد جي ڏينهن، مسلمانن جي ڪوٺ تي نماز ۾ وڃي شامل ٿيندو هو! هڪ دفعي ”محرم“ جي موقعي تي، مسلمانن ڪي ڏينهن مسجد

۾ اچي تابوُت وغيره ناهي رکيا ۽ مسجد مان ئي جلوس ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو. پر باباجن کين فقط چار ڏينهن مسجد ۾ رهڻ ڏنو ۽ پنجين ڏينهن کين رواني ڪري ڇڏيو. سندن ڪن، هندن وانگر تو پيل هئا، ليڪن مسلمان جي "سنت" ڪرائڻ جي رواج ۾ ساڻن شامل راءِ هو، جيتوڻيڪ سندن "سنت" ڪانه ٿيل هئي.

هندو ٿي ڪري، سڄو ڏينهن مسجد ۾ رهڻ بس عجيب پئي لڳو پر ساڳئي وقت مسجد ۾ ڏينهن رات ڌوڻي دکائي وهڻ به گهڻن کي منجهائيندڙ هو. اُن سان گڏوگڏ، مسجد ۾ چڪي پيسڻ، سنک، ناد ۽ گهڙيال گهنڊ وڄائي بگهيه هوَن ڪرڻ ۽ ٻيا هندو پوڄا جا ڪم ڪرڻ، نهايت حيرانيءَ ۾ وجهندڙ ڪم هئا.

اها ڳالهه به سمجهه ۾ نٿي اچي ته باباجن کي، ڪلين ۽ اَگني هوتر ڪل جا براهمڻ پنهنجا نيم ٽوڙي، هڪ مسلمان اڳيان ساشٽانگ ڏنڊوت ڪيئن ٿي اچي ڪيو؟ باباجن جي جنم ڀوُمي ۽ ڪل جي پڪي لڳائڻ لاءِ گهڻن ئي يتن ڪيا پر سڀ وئرٿ ويا ته باباجن جنم ڪان هندو آهن يا مسلمان.

جيڪي اِندرين ۽ سنساري سکن جو تياڳ ڪري، ايشور جي شرڻ وٺن ٿا ۽ ايشور سان ملي هڪ ٿي وڃن ٿا، اُهي سنساري جات پات جي ڀيد کان مٿي چڙهي



وچن تـــا. شري سائين بابا، ايشوري منزل تي پهتل شخص هو ۽ پيد ياڙ کان مٿي هو. مسلمان فقيرن سان گڏ هوندو تـ ساڻن گڏجي کائيندو هو. ڪڏهن ڪتا به اچي سندس ٿالهيءَ ۾ منهن وجهندا هئا ته هو انهن کي کائڻ ڏيندو هو!

مـــون لاءِ شري سائين بابا، اکنڊ ست چت آنند جي ساکيات مورتي هو. سندس چرن ڪملن جي اوٽ وٺڻ کانپوءِ ئي، ڪيترن پريمين کي ايشور جو ساکياتڪار ٿيو. باباجن وٽ انيڪ سنياسي، ساڌڪ ۽ ممکشو ايندا هئا ۽ باباجن انهن سان گهمڻ گهتڻ، اٿڻ وهڻ ۽ وارتالاپ ۾ شامل ٿي، سندن شڪائون دور ڪندا هئا، جيتوڻيڪ سندن زبان، هروقت ”الله مالڪ“ جو جاپ پيئي ڪندي هئي. واد وواد يا اجائي بحث ۾ اصل ڪين وهندا هئا.

سکيا پـــڻ هميشهه ويدانت جي ڏيندا هئا. امير توڙي غريب سان هڪجهڙو ورتاءُ ڪندا هئا. جڏهن انترياميتاجي شڪتيءَ سان، ڪن جي دلين جا گجهه ظاهر ڪندا هئا ته اهي وسا ٿي ويندا هئا. خود پورن گيانـــي هوندي به، باهران اگيانيءَ جو ڏيـــکاءُ ڪندا هئا. آدر نرادر، مان اپمان کان مٿي هئا. سندن منهن مان ايشوري جوت، پيئي بکندي هئي، تنهن ڪري

شــرڌيءَ جا سب نساريون، ڪيس پر برهــم ۽ ايشور ڪري مڃيندا هئا.

## بابا جي باري ۾ ٻه ڪيون ثابتيون

مهلاسا پتي، سائين جن جو اول نمبر ڀڳت هو ۽ باباجن سان راسـ ڏينهن گڏ گذاريندو هو. اُن کي باباجن هڪ دفعي چيو ته ”منهنجو جنم، ”پناري گرام“ جي براهمڻ پرِوار ۾ ٿيو هـو ۽ منهنجي ماتا پتا، مون کـي بالڪ اوستا ۾ ئــي، هڪ فقير کي سونپي ڇڏيو.“ پناري گرام جـا ياتري جڏهن باباجن جي درشن تـي آيا، تڏهن باباجن اُنهن کان اُتي جي ڪن رهواسين بابت حال احوال پڇيو، تنهن مـان وڌيڪ ثابتي ملي ته باباجن برابر پناري ڳوٺ ۾ ڄاوا هئا.

(۲) شريمتي ڪاشي بائي ڪانيتڪر، پـوني جي مشهور اِستري، سائين ليلا پتريڪا جـي سال ۱۹۳۴ ڀاڱي ۲ ۾ ليک لکيو هو ته ”اسان جڏهن شري سائين بابا جـي چمتڪارن جو ٻڌو، تڏهن پـاڻ ۾ ويچارڻ ويناسين ته سائين بابا برهم وادي آهي يا وام مارگي؟ ڪجهه وقت کان پوءِ مان ان باري شرڌيءَ ۾ ويـس. جنهن تي مون مسجد جي ڏاڪڻ تي پير رکيو ته باباجن منهنجي سامهون اچي بيٺا ۽ پنهنجي دل ڏانهن اشارو ڪري مون ڏانهن گهُور ڪري ڪاوڙ ۾ چيو ته ”هيءَ

د ل (يعني مان) فقط براهمڻ نہ، پر شڏ براهمڻ آهي. وام مارگ ڏانهن منهنجي د ل جو ڪوبہ پريوجن ناهي. هيءَ براهمڻ (مان) لکن منش کي پوريءَ راهہ تي هلائي سگهي ٿو ۽ کين نہ ٻراپت ٿيڻ واريون شيون پڻ پراپت ڪرائي سگهي ٿو. هيءَ مسجد هن؟ براهمڻ جي آهي. مان هن مسجد ۾، ڪنهن بہ وام مارگيءَ کي پير پائڻ کين ڏ يندس.”

## پاروتي، چنچر ديوتا، شو شنڪر، گڻپتي ۽ هنومان مندرن جي مرامت

شري سائين بابا، شرڏيءَ جي سيني جهونن مندرن جي مرامت، تاتيا پاٽل جي معرفت ڪرائي، اُنهن کي نيڪ ڪرايو. باباجن وٽ جيڪو ڌن دکشڻا ۽ ڀيتا جي روُپ ۾ ڪٺو ٿيندو هو، اُن مان هرروز ڪنهن کي ١٥، ٢٠، ڪنهن کي ٢٥، ڪنهن کي (٥٠) بہ پنهنجي مرُج موجب دان ڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ چڱي ڪاريہ لاءِ دان ڪرڻ ضرور گهرجي. جن کي دان ملندو هو، سي چوندا هئا تہ ”اسان کي باباجن جي پوتر هٿن مان شڏ دان مليو آهي.“

باباجن جي فقط درشن ڪرڻ سان، ڪيترن جي من مان، مليتا ۽ ڪپٽ دور ٿي ويا، دشٽ آتمائون بدلجي پڇ آتمائون ٿي پيا، ڪوڙهہ آدڪ روڳہ دوُر

تي ويا، ٻنا دوا وٺڻ جي ڪن اَنڌن جا نيٽر وري نيڪ ٿي ويا ۽ ڪن پنگلن جي پنگلاڻ لهي ويئي، جنهن ڪري باباجن جي ناموس چوڌاري ڦهلجي ويئي ۽ ياترين جون ٽوليون پنيان ٽوليون اچڻ لڳيون.

باباجن گهڻو ڪري دکايل ڏوڻيءَ پرسان ئي آسڻ لڳائي ويٺا رهندا هئا. سنان ٻـ جڏهن وڻندو هون تڏهن ڪندا هئا نہ تہ اڪنڊ سماڌيءَ ۾ لين رهندا هئا. مٿي تي ٻڌل رومال، چيلهہ تي ڌوتي ۽ بدن کي ڍڪڻ لاءِ انگرکو رکندا هئا. حياتيءَ جي پڇاڙين اَڌ ۾، ڳوٺن جي بيمارن کي دوائون پڻ ڏيندا هئا. سندن هٿ ۾ جس اهڙو هوندو هو، جو سيني کي سندن ڏنل دوائن مان فائدو پيو ۽ سفا حاصل ٿي.

اکين جي بيمارين لاءِ، "پلاوا" ٻوٽيءَ کي پيهي، اُن مان گوريون ناهيندا هئا. خراب اکين مٿان گوري رکي، مٿان پٽي ٻڌي ڇڏيندا هئا. ٻئي ڏينهن پٽي ڇوڙي، اک مٿان ڇنڊا هڻندا هئا تہ اکين جي سوڄ غائب ٿي ويندي هئي ۽ اکيون گهڻو ڪري نيڪ ٿي پونديون هيون. انهيءَ علاج مان ڪيترن کي فائدو رسيو.

## ڪٽڻ يوگہ جو درشيہ

هڪ دفعي باباجن، پنهنجي سرير جي انگن کي اَلگہ ڪري، مسجد جي ڌار ڌار ڀاڱن ۾ پکيڙي ڇڏيا.

آن ڏينهن اوچتو هڪ مهاشيه جنن مسجد ۾ آيو ته سربو جا انگ، پڪڙيل ڏسي دهلجي ويو. پهرين خيال آيس ته وڃي پوليس ۾ رپورٽ ڪريان ته باباجن کي ڪو خون ڪري ويو آهي. پر پوءِ خيال آيس ته رپورٽ ڪرڻ واري کي پوليس اول پڪڙيندي آهي، ان ڪري ماٺ ميٺ ۾ هليو ويو ته متان اڙجي وڃان ۽ سڄو ڏينهن پنهنجي جاءِ ۾ لڪي ويهي رهيو. رات جو جڏهن ٻاهر نڪتو تڏهن ڪنهنجي واتان به باباجن جي خون وغيره جي ڳالهه ڪانه ٻڌائين. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن وري مسجد ۾ ويو ته باباجن، هميشه وانگيان ڏٺا مٺا، نيڪ ٺاڪ ۽ سڀئي لڳين ويٺا آهن!! دل ۾ چوڻ لڳو ته ڳالهه جيڪي ڏٺو هوم، سو شايد سپني ۾ ڏٺو هوم.

## مسجد ۾ ويٺي، ٻاهرين جي سهائتا ڪرڻ

باباجن پنهنجو جيون، ديِن دکين جي سهائتا ڪرڻ ۽ سندن دک دور ڪرڻ ۾ وتيت ڪيو. پاڻ تي ڪشت سهي به، ٻين جي سهائتا وڃي ڪندا هئا. دوائون مفت ۾ ڏيندا هئا ۽ ڪن کي ته دوائن سان گڏوگڏ، پئسي جي پڻ مدد ڪندا هئا. سندن جيون ٻين جي ڪلياڻ ۽ پراپڪار لاءِ ئي هو.

١٩١٠ ۾ ڏياريءَ جي شڀ موقعي تي، ڏونڻيءَ جي

ڀرسان ويٺا هئا ۽ اُن ۾ ٽنڊيون ڪاٺيون پئي وڌائون. اوچتو ڪاٺي وجهڻ بدران، پنهنجو هٿ ڪٺي ڌُوڻيءَ ۾ وڌائون! ته هٿ کي بلڪل بريءَ طرح لهس آئي. نوڪر ماڌو ۽ ماڌوراءِ ديشپانڊي، يڪدم ڊوڙي آيا ۽ باباجن جو هٿ ڌُوڻيءَ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيائون. ماڌوراءِ چيو ته ”ڀڳوان، اوهان ائين ڇو ڪيو؟“ باباجن جواب ڏنو ته ”هتان ٿوري مفاصلي تي، هڪ لوهارڻ پنهنجي بٺيءَ کي ڦُوڪي رهي هئي ته سندس پتيءَ کيس سڏ ڪيو ۽ هوءَ ٻاهر ڊوڙي وئي. اُنهيءَ ڪمري ۾ سندس ننڍو ٻار پڻ سمهيو پيو هو، جو ڪسڪي وڃي بٺيءَ ۾ ڪريو. مون پنهنجو هٿ باهه ۾ وجهي، ٻار جا پراڻ بچائي ورتا. مون کي پنهنجي هٿ جلڻ جو ڪوبه ڏک ناهي. پڻ خوشي اٿم جو هڪ معصوم ٻار جا پراڻ بچي ويا.“

## ڀاڳيه شالي ڪوڙهيو ڀڳت ڀاڳوجي سنڌيا

باباجن جي هٿ سڙڻ جو احوال جڏهن نانا صاحب چاندورڪر کي مليو، تڏهن بمبئي جي مشهور ڊاڪٽر پرمانند کي پاڻ سان وٺي دوائن سميت يڪدم آيو ۽ جڏهن باباجن کان دوا لڳائڻ لاءِ آگيا گهريائين، ته باباجن صفا انڪار ڪيو!

هٿ سڙڻ بعد، هڪ ڪوڙهيو ڀڳت ڀاڳوجي سنڌيا

هرروز اچي باباجن جي هٿ تي گيهه لڳائي، اُن مٿان هڪ پتو رکي، پٽي ٻڌي ويندو هو. ڏاڍا صاحب چاندورڪر جي مرضي هئي تہ سڙيل هٿ جلد ڇٽي ۽ ڇمڙي جلدي ڀرجي وڃي، اُن لاءِ باباجن کان بار بار آگيا پٽي گهريائون. خود ڊاڪٽر پرمانند بہ عرض ڪيو تہ "موڪل ڏيو تہ پٽي ڇوڙي ڏسان." پر باباجن نتو اڪر واري ويٺا ڇي "فقط الله تي منهنجو ڊاڪٽر آهي." ڊاڪٽر پرمانند کي صرف درشن ڪرڻ جو لاڀ مليو ۽ هوڏانهن ڪوڙهئي ڀڳت ڀاڳوجي سندڻا ڪي، دوا لڳائڻ ۽ پٽي ٻڌڻ جي شيوا نصيب ٿي. جلد ئي باباجن جو گهاءُ ڀرجڻ لڳو ۽ سڀ پريمي خوش ٿيا! ليڪن باباجن جي واتان، گهاوَ جي سوُر وغيره جي، هڪ ڀيرو بہ ڏانهن ڪانہ نڪتي، يعني تہ پوُرن "ستپرش" هئا.

جيتوڻيڪ ڪيس دوا وغيره ڪرائڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانہ هئي تہ بہ ڪوڙهئي ڀڳت ڀاڳوجي جي پريم وس ٿي، هن جي شيوا ڪرڻ قبول ڪيائون، جا باباجن جي سماڌيءَ ۾ لين ٿيڻ تائين هلندي رهي. باباجن جڏهن "ليڊي" ۾ ويندا هئا تہ ڀڳت ڀاڳوجي اُس ۾ سائن ٽوپ ڇٽي ڪٽي ويندو هو. هرروز صبوح جو سويل جڏهن ڏوُڻيءَ جي ڀرسان آسڻ تي اچي ويهندا هئا تہ ڀڳت ڀاڳوجي اتي اڳيئي حاضر رهندو

هو. گذريل جنم ۾ ڪيل پاپ ڪرمن ڪري، ڀاڳوجي
کي ڪوڙهه جي بيماري ٿي پيئي هئي. سندس آڱريون
ڪوڙهه جي ڪري ڳري ويئون هيون ۽ اُنهن مان
دوڳنڌ ايندي هئي، ليڪن باباجن جو اول نمبر شيوڪ
هو ۽ ڪوڙهه جي بيماري ڀوڳيندي به، ڀاڳيه شالي
ڀڳت ڀاڳوجي آندر ۾ ڏاڍو سکي هو ۽ باباجن وري
اُنهي ڀڳت ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي شيوا ۽ ٽهل قبول
ڪين ڪندا هئا.

”پريم پرتيت موهه ڪو پياري،
ڪريا پريم ڪي نياري ڪار.
پريم سؤدا تي پريتم ترپتي،
اگر سواد سي، ليت نوار.“

## پليگ جي بيماري پاڻ ٿي ڪٽڻ

اَمراوتيءَ جي شري دادا صاحب ڪاپرڊيءَ جي
ڌرم پتني، پنهنجي ننڍي پٽ سميت، شرڊيءَ ۾
ڪيترا ڏينهن رهي، ته سندس پٽ کي تکو بخار اچي
ٿيو ۽ تنهن سان گڏ وري ڪيس پليگ جي ڳوڙهي
اچي نڪتي. ويچاري ماءُ اچي گهٻرائي ۽ اَمراوتيءَ
۾ موٽي وڃڻ جو خيال ڪري رهي هئي.
سنڌيا جي وقت، جڏهن باباجن هوا خوري ڪرڻ
لاءِ، واڙي جي پرسان لنگهي رهيا هئا تڏهن شريمتي

ڪاپڙيءَ، باباجن کان موٽي وڃڻ جي آگيا ورتي، ڏکندڙ آواز ۾ چيو ته ”باباجي، منهنجي پياري پٽ کي پليگ ٿي پيئي آهي، تنهنڪري مان موٽي پنهنجي گهر وڃڻ ٿي چاهيان.“ باباجن چيو ته ”آسمان ۾ گهڻا بادل ڇانيل آهن پر بادلن جي هٽي وڃڻ بعد، آسمان وري اڳي جيان صاف ڏسڻ ۾ ايندو.“

ائين چئي، پنهنجي ڌوتي مٿي کياٽون ته سيني کي وڏن بيدن جيڏيون چار ڳوڙهيون ڏسڻ ۾ آيون! باجن فرمايو ته ”ڏسو، پنهنجن ڀڳتن لاءِ، مون کي به ڪيترو نه ڪشٽ ڪٽڻو ٿو پوي. اُنهن جي ڪشٽ، گويا مون جي ڪشٽ آهن.“ اِهي ليلا ڏسي، سيني ۾ وشواس پيدا ٿيو ته سنت، پنهنجن ڀڳتن جا ڪشٽ پاڻ تي پاڻيهي کڻن ٿا. سنتن جو هردو، موم کان به نرم ۽ مکڻ وانگر بلڪل ڪومل ٿيندو آهي. هو پنهنجن ڀڳتن کي پاڻ جهڙو سمجهي، پاڻ جهڙو ئي پيار ساڻن ڪن ٿا.

## سائين بابا پنڍرپور ۾ نواس

نانا صاحب چندورڪر، خانديش ضلع ۾ نندر بار جو ماملتدار هو ۽ بدلي تي پنڍرپور تي ويو ته خيال آيس ته شرڊيءَ مان باباجن جو درشن ڪندو وڃان. سو ٻئا چاڪر ڏيڻ جي شرڊيءَ ڏانهن پنڌ پيو. جڏهن

نير گانءُ پهتو تڏهن هيڏانهن باباجن مسجد ۾ وينل مهالسا پتي، اپاشنبڌي ۽ ڪاشيرام ڪي اوچتو چيو ته ”اچو ته گڏجي پنج ڳايون پنڍرپور مون کي رهڻو آهي ڇو ته اهو منهنجو گهر آهي.“ اول پاڙ شروع ڪيائون ۽ پنيان ساري آيل سنگت چوايو ۽ ونايو. ڪجهه وقت بعد، نانا صاحب پنهنجي ٻارن سميت اچي پهتو ته سيئي واتان ”پنڍرپور ۾ مون کي رهڻو آهي“ وارو پنج پڙهائين. جڏهن باباجن کان پنڍرپور وڃڻ جي آگيا وٺي لڪتو تڏهن سيئي ست سنگين چيس ته ”انتريامي باباجن، تنهنجي اچڻ کان اڳي توکي آگيا ڏيڻي چڏي هئي ۽ ان ڪري ئي اسان سيئي کي مٿيون شبد چوارايائون.

نانا صاحب جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۽ پوءِ باباجن جي چرڻن تي مٿو ٽيڪي ۽ سندن آشيرواد ۽ مٿي تي ٽاپي وٺي پوءِ پنڍرپور روانو ٿي ويو.

## (گل - ٨)



هن وچتر سنسار ۾ ايشور، هندو شاسترن موجب (٨٤) چوراسي لک جُونيون پيدا ڪيون آهن، جن ۾ ديوتائون، دئيت، گندرو، منش ۽ پسوُن پکي ۽ جيوَ جنت اچي وڃن ٿا، جي سورڳ، نرڪ، پرٿوي، سمنڊ ۽ آڪاس ۾ رهن ٿا. جن جا پنيه ڪرم زور آهن، سي سورڳ ۾ نواس ڪري، اُنجو ڦل ڀوڳين ٿا، مگر پنيه ڪرمن ختم ٿيڻ تي، اُهي سورڳ مان نڪري، هيٺ هن سنسار ۾ اچن ٿا. جنجا پاپ ڪرم پربل آهن، اُهن کي نرڪ ۾ پاپن جو ڦل ڀوڳڻو پوي ٿو ۽ پاپن ختم ٿيڻ بعد، هن سنسار ۾ منش جنم وٺي پرماتما کي پراپت ڪرڻ جو وجهه مليتو. پنيه ڪرم ۽ پاپ ڪرمن جي صفا ختم ٿيڻ تي ئي، جيوُ مڪتيءَ کي پراپت ٿئي ٿو. مطلب ته پنهنجن ڪيل ڪرمن يا پرالبڌ، ڀاڳيه، نصيب سارُ، جيو آتمائون هن سنسار ۾ جنم وٺن ٿيون.

سيني پراڻين ۾، آهار، ننڊ، ڀئُ ۽ ڀوڳ جون چار ڳالهيون مؤجود آهن پر منش کي سمجهه ۽ ٻڌيءَ جي وڏيڪ ڏات مليل آهي، جنهن جي مدد سان منش، ايشور



شري سائين بابا جو بکشيا وڻڻ جي روپ ۾.

آهي ۽ اُني پهچي، ڪم لاهي وري پهنجي گهر موٽي ايندو آهي، تهڙي طرح هن سرير روُپي گهوڙي جـــي سنڀال ڪرڻ کپي.

هن منش سرير جو مکيه اُديش ۽ مقصد آهي، ايشور ساکياتڪار ڪرڻ. ڀاڳوت جي (٢) اَڌياءِ ۾ ائين لکيل آهي ته ”ايشور کي ٻين پراڻين پيدا ڪرڻ بعد به سنتوش ڪين آيو، ڇو ته انهيءَ ۾ سندس آلوڪڪ رچنا سمجهڻ جي طاقت ڪانه هئي، تنهنڪري ني ايشور مانوَ جاتي يا منش جوُني پيدا ڪئي، جنهن کي هن سندس رچنا سمجهڻ جي بُڌي ۽ شڪتي ڏني. اِنڪري مانش جنم پراپت ڪرڻ، پرم سؤڀاڳيه جي نشاني آهي، جا شري سائين بابا جهڙن سنتن ۽ ست پرشن جي شرڻ وٺڻ ۽ اُنهن جي پربما ڀڳتي ڪرڻ سان ٿي، هيءَ مانش ديهي سڦل ڪري سگهجي ٿـــي ۽ ايشور ساکياتڪار پراپت ڪري سگهجي ٿو.

هن ديهه جو موت ته ضرور ٿيڻو آهي، تنهنڪري اسان کي پنهنجي مقصد يعني ايشور ساکياتڪار ڪرڻ لاءِ، هر وقت سجاڳ رهڻ کپي. جهڙي طرح هڪ ودوا ٽيل اِستري، اُئين پتيءَ جـي ڪرڻ لاءِ اندر ۾ چاهنا رکندي آهي. يا جيئن ڪو راجا، پنهنجي گم ٿي ويل پت جي ڳولا لاءِ، هر ممڪن اُپاءَ ڪتب آڻيندو آهي، تئين اسان اِنسانن کي، پنهنجي آدرش (آتم درشن) حاصل ڪرڻ

لهه، خبرداري ۽ جلدائي ڪرڻ جڳائي ۽ آلس ننڊ وغيره جو تياڳ ڪري، ايشور چنتن ۾ هر وقت رهڻ ڪپي. جي اسان اِئين نه ڪيو ته اسين پنهنجي ڪري ليکيا ويندا سين، ڇو ته اسان ايشور کان مليل ڏيءِ ۽ سمجهه کان ڪم ڪين ورتو.

ايشور ساکياتڪار ڪرڻ جو سولي ۾ سولو هڪ ئي اُپاءُ آهي ته جنهن سچي سنت سچي درويش يا سچي ستگوروءَ، ايشور جو ساکياتڪار درشن ڪيو هجي، اُنجي چرنن جو سهارو وٺڻ. فقط ڌرمي وياکيان ٻڌڻ، ڌرمي گرنٿن پڙهڻ ۽ اُپياس ڪرڻ سان ايشور ساکياتڪار درشن ڪرڻ جو لاڀ ڪين ملندو پر ڪنهن پورڻ گياني ۽ پوُرن پرش جي سنگت ڪرڻ سان سولائي سان ساکياتڪار ٿي سگهندو، ڇو ته جيڪو پرڪاش اسانکي سورج مان ملي ٿو، سو پرڪاش، آسمان جي سڀني تارن جي گڏيل روشنيءَ مان اصل ڪين ملندو.

ساڳيءَ طرح جيڪو اُڌياتمڪ گيان، ستگوروءَ جي ڪرپا سان حاصل ٿيندو، سو ڌرمي پستڪن پڙهڻ ۽ ڪٿائن وغيره ٻڌڻ مان ڪين ملندو. ستگوروءَ جي رهڻي، منو ٻولڻ، اشارن سان ڳجهه سمجهائڻ، ڪميا ۽ سهنشيلتا، ونراڳي ورتي، دان ۽ پرُاپڪار جي هلت چلت، روبرو ڏسي، اُن موجب رهت رهڻ ۽ هلت هلڻ سان، ۽ ڪُڌو ڪُڌ اُهنڪار تياڳڻ سان، پڳمي لوڪن جو اُڌار ٿي

سگهي ٿو ۽ کين ايشور درشن پراپت ٿي سگهيتو، جنهن ڪانپوء سندن مغز جا پڙدا کلن ٿا ۽ هو آتمڪ راهه ۾ اڳتي ۽ واڌارو ڪندا رهن ٿا.

## بکيا لاءِ ڦيري ڪندڙ پاڳل فقير

شري سائين بابا، ايشور ساکيالڪار ڪرائڻ وارو ٿي سگهيو هو. جيتوڻيڪ ٻاهران هڪ رواجي فقير جي حالت هلندو هو پر اندروني هو هڪ مهاپرش هو ۽ سدائين آتم لين اوستا ۾ رهندو هو. هو سڀني پراڻين سان پريم ڪندو هو ۽ سڀني ۾ پرماتما پسندو هو. نڪي سک کيس ڪا ذاتهن چڪي ڪين سگهندا هئا، نڪي دک ئي کيس منجهائي بي آرام بڻائي سگهندا هئا. سندس لاء امير ۽ فقير ٻئي هڪ سمان هئا. جنهن سنت جي ڪرپا ۽ آشيرواد حاصل ڪرڻ لاء، ديوتا پريان پريان کهي ايندا هئا، اهو ديا جو ڀنڊار شري سائين بابا، شرڏيءَ جي در در تي بکيا پنڻ ويندو هو!

شرڏي واسين جا ٻه ڪي وڏا ڀاڳ هئا، جو اهڙو مهاپرش، سندن در تي بيهي چوندو هو: ”او مائي، هڪ روٽيءَ جو ٽڪر ملي، ۽ اُن وٺڻ لاء هٿ ٻگهيريندو هو. هڪ هٿ ۾ کڻندو هو ”ٽمريل“ يعني ٽمبلو يا ڪپڙو ۽ ٻئي هٿ ۾ هوندي هيس جهولي.“ ڪن گهرن

۾ هر روز ويندو هو ۽ ڪن تي فقط ڦيريءَ جو آواز ڪندو ويندو هو. ڄانور ڏوٺي وغيره جهڙيون سڀ شيون وٺي جهوليءَ ۾ وجهندو هو ۽ سبزي ڏٿ، ڇاڄ جهڙيون پٽڙيون شيون هڪ ڪٽوري ۾ گڏ وٺندو هو. هن کي ذائقي سواد وٺڻ جو ڪوبه خيال ڪين هوندو هو، ڇو ته سندس سڀ اندريون پوريءَ طرح ساڌيل هيون. ڪڏهن ڪلاڪ يا ڪڏهن ٻه ڪلاڪ ڦيري ڪري ٻارهين بجي اندر وري موٽي ايندو هو.

پوءِ سڀ مليل ڀوڄن هڪ ڪونڊيءَ ۾ وجهندو هو، جنهن مان ڪتا، ٻليون، ڪانءَ وغيره پيا کائي موج ڪندا هئا پر سائين بابا، ڪنهن کي به ڀڄائي يا هڪل ڏئي ڪين ڪيندو هو. هڪ استري، جا هر روز مسجد کي ٻهارو لڳائيندي هئي، اها ڪونڊيءَ مان هر روز ١٠-١٢ ٽڪر کڻي ويندي هئي ۽ بابا هن کي ڪڏهن ڪين روڪيندو هو. شرڊي واسي اول اول ته باباجن کي هڪ پاڳل ڪري سمجهندا هئا ۽ مشهور به انهي ڳالهه سان ٿي ويو. اهڙي اُدار دل، تياڳي ڌرماتما پرش جو اول ته آدر به ڪين ٿيندو هو، ڇاڪاڻ ته هو گذران ڀڪيا جي ٽڪرن تي ڪندو هو. ظاهري طور هيڏانهن هوڏانهن چڪر هڻندڙ چنچل ۽ پاڳل فقير ڏسڻ ۾ ايندو هو، ليڪن اندر ۾ بلڪل گنڀير ۽ پورن مهاپرش هو. شرڊيءَ ۾ ڪي ٿورا ڀاڳيه شالي ۽ شرڌاوان شخص

هئا، جن باباجن کي نيڪ سهي ڪيو ۽ کيس سنت ڪري مڃڻ لڳا.

## بايجا بائيءَ جي باباجن ۾ شردا

شروعات ۾ تاتيا ڪوتي جي ماءُ بايجا بائي، هر روز منجهند جو، ٽوڪريءَ ۾ روٽي ۽ سبزي وجهي، جهنگل ۾ ڪوهه به پنڌ ڪري به باباجن کي ڳولي سندن چرن وٽ ڇهندي هئي. باباجن ته پنهنجي ڌيان ۾ مگن ويٺا رهندا هئا ته بايجا بائي، پاتل وڇائي، اُن تي روٽي سبزي وجهي، باباجن کي هٿ ٻڌي چوندي هئي ته ڪرپا ڪري ڀوجن ڪريو. اهڙي شردا واري شيوا، باباجن سوڪار ڪري ڀوڳ لڳائيندا هئا ۽ اَنت تائين اُنهي، مائيءَ جو ذڪر سنگت کي ڪري ٻڌائيندا هئا. اُن مائيءَ ۽ سندس پٽ تاتيا ڪوتي جي باباجن ۾ پڪي نشٺا هئي ۽ کين ايشور ڪري پوڄيندا هئا. باباجن ٻي سندن شيوا تي راضي ٿي، کين چوندا هئا ته ”فقيري ئي سچي اَميري آهي. سنسار جي اَميري ٿورن ڏينهن جو چٽڪو آهي، جو ڪنهن وقت غائب ٿي ويندو.“

ڪن سالن کان پوءِ باباجن، جهنگل ۾ چڪر هڻڻ ڇڏي، شرڊيءَ جي مسجد ۾ اچي رهيا، جنهن ڪري مٿين بايجا بائيءَ کي، باباجن کي ڳولي لهڻ کان ڇوٽڪارو ملي ويو.

## رات جي سمهڻ جو پروگرام

مٿيئين تاتيا ڪوتي واڻگر، مهالساپتي پڻ اول نمبر ڀڳتن مان هو ۽ ٻنهي کي باباجن سان گڏ رهڻ جو لاڀ مليو. باباجن ٻنهي سان ايترو ته پريم ڪندا هئا، جو رات جو ٽيئي ڄڻا سمهي پنهنجا مٿا اتر، اوڀر ۽ اولهه ڏانهن ڪندا هئا، پر ٽنهي جا پير هڪ هنڌ پاڻ ۾ لڳل رهندا هئا. آڌي رات تائين ته پاڻ ۾ وار تالاپ ڪندا رهندا هئا. جي هڪ کي ننڊ ايندي هئي ته ٻيو کيس جاڳائيندو هو. تاتيا جڏهن کونگهڙا هڻڻ لڳندو هو ته باباجن کيس ڏونڊاري يا مٿي کي زور سان دٻائي سجاڳ ڪندا هئا. جي مهالساپتيءَ کي جهوٽو اچي ويندو هو ته سندس پيرن کي پنهنجن پيرن سان ٺوڪرون هڻي يا سندس پٺيءَ تي، زور سان ٿاپيون هڻي کيس جاڳائيندا هئا. سچا سارا (١۴) چوڏهان سال، تاتيا پنهنجي پيءُ ماءُ کي ڇڏي، رات جو باباجن سان ئـــي مسجد ۾ رات گذاريندو رهيو. پوءِ جڏهن سندس پتا گذاري ويو ۽ گهر جي جوابداري مٿس اچي پيئي، تڏهن مجبور ٿي، رات جو گهر وڃي سمهندو هو.

## رهاتا نواسي خوشحال چند

شرڊيءَ جي ڪٺپيءَ تاتيا ڪوتي کي پڻ باباجن گهڻو چاهيندا هئا ۽ ”رهاتا“ جي مارواڙي سيٺ چندريان

کي بہ پيار ڪندا هئا. چندرپان جي مرتيوءَ بعد سندس پائٽي خوشحال چند جي ڪلياڻ لاءِ باباجن کي ايترو فڪر رهندو هو، جو ڪڏهن بيل گاڏيءَ ۾، ڪڏهن ٽانگي ۾ ۽ ڪڏهن پيدل به سان گڏجي رهاٽا ويندا هئا. رهاٽا جا رهواسي باباجن کي، ڳوٺ جي ڦاٽڪ وٽان ڌامڌوم سان ڳوٺ ۾ وٺي ايندا هئا. متيون پائٽيو خوشحال چند، باباجن کي پنهنجي گهر وٺي ويندو هو ۽ ڪومل آسڻ تي وهاري کين سوادي ڀوڄن ڪرائيندو هو ۽ وارتالاپ پڻ ڪندو هو. آخر ۾ سيني کي آشيرواد ڏيئي، باباجن موٽي ايندا هئا.

شرڊيءَ جي ڏکڻ طرف رهاٽا جو ڳوٺ ۽ اتر طرف نيمرگام هو. شرڊيءَ انهي جي وچ ۾ آهي، تہ باباجن رهاٽا ۽ نيمرگام جي حد کان ٻاهر ڪڏهن ڪين ويا. باباجن ڪڏهن ريل گاڏي بہ ڪانہ ڏٺي ۽ نکي اُن ۾ ڪڏهن مسافري ڪيائون، تڏهن بہ ريل گاڏين جي اچڻ وڃڻ جا ٽائيم، کين بلڪل چڱيءَ طرح ياد هئا، جنهنڪري ياترين کي، ريلوي اِسٽيشن تي پهچڻ ۾ ڏاڍي سولائي ٿيندي هئي. پر جيڪي ياتري باباجن جو چيو نہ مڃي، پنهنجي هلندا هئا، تن کي گهڻو ڪري تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوندو هو.



(ڳالهه - ٩)

## آڳيا جي اُوڳيا جو ڦل

شرڊيءَ جي ياترا جو خاص مهاتم اِهو هوندو هو، جو باباجن جي موڪل کان سواءِ ڪنهن بہ ياتريءَ کي، شرڊيءَ کان ٻاهر وڃڻ ڪين ملندو هو. ساڳي طرح باباجن جي موڪل ملڻ کانپوءِ ڪو بہ ياتري وڌيڪ رهي ڪين سگهندو هو. باباجن؛ سڀني ياترين کي پهاڙيءَ ۾ موڪلائڻ مهل ڪونہ ڪو آديش ڏيندا هئا، جنهن جي نہ پالڻ ڪري، ياترين سان ڪا نہ ڪا حادثو ٿيندو هو يا ڪين ڪشٽ سهڻو پوندو هو.

هڪ ڀيري تاتيا ڪوتي پاٽل، ٽانگي ۾ چڙهي، ڪوپر ڳانو جي بازار ڏي وڃي رهيو هو ۽ مسجد ۾ تڪڙو تڪڙو اچي باباجن کي چيائين تہ ”مان ڪوپرڳانو جي بازار ۾ وڃي رهيو آهيان.“ باباجن چيس تہ ”تورو وقت ترس، تڪڙ نہ ڪر. بازار ۾ وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏ ۽ پنهنجي ڳانو کان ٻاهر نہ وڃ.“ مگر تاتيا اُن تي ڪجهہ اِنتظاري ۽ مونجهہ ڏيکاري تہ باباجن چيس تہ ”ڇڳو ڀلا، پاڻ سان شاما کي گڏ ضرور وٺي وڃ.“

تاتيا کي اِها صلاح بہ ڪين آئڙي ۽ آگيا جو اُلنگھن ڪري ٽانگي ۾ چڙھي هليو ويو.

ٽانگو ٻن گھوڙن وارو هو، جنھن مان هڪ گھوڙي جي قيمت اَٽڪل ٽي سؤ (٣٠٠) روپيا هئي ۽ بلڪل چنچل ۽ هوڏي هو. رستي ۾ ”سائل ڪؤٽا“ پار ڪرڻ کان پوءِ اُهو گھوڙو جوش ۾ اچي تکو ڊوڙڻ لڳو تہ سندس چيلھ ۾ ٽانگي جي ”موچ“ لڳي ۽ اُتي ئي ڪري پيو. تاتيا کي بہ چوٽ آئي ۽ سائين بابا جي آگيا ياد ڪري پڇتائڻ لڳو. ٻي ڀيري ٻڻ باباجن جي آگيا جي اُلنگھن ڪرڻ ڪري، ساڳئي نموني جي درگھٽنا سندس پيش آئي.

## يؤروپين مھاشيہ جي آڪڙ جو نتيجو

هڪ دفعي، هڪ يوروپين مھاشيہ، نانا صاحب چندورڪر جي چٺي کڻي، شرڊيءَ ۾ ڪنھن خاص ڪم لاءِ آيو ۽ کيس هڪ عاليشان تنبوءَ ۾ ٺھرايو ويو. هن جي اِڇا ٿي تہ ”مان باباجن جا ڪر ڪمل (هٿ) چمان. ٽي ڀيرا مسجد جي ڏاڪڻ چڙھي مٿي آيو ۽ باباجن جي درشن ڪرڻ وغيره لاءِ، اندر چوائي موڪليائين ليڪن باباجن کيس اندر اچڻ جي موڪل ئي ڪانہ ڏني. کيس چيو ويو تہ ٻاهر اَڱڻ ۾ درشن ڪجو. هن کي اِها ڳالھ دل سان ڪين لڳي ۽ هن

پنهنجي بي عزتي سمجهي، شرڏيءَ مان موٽي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ليڪن شرڏيءَ مان ٻاهر نڪرڻ جي آگيا وٺڻ لاءِ وري آيو. باباجن چوائي موڪليس ته ”اڄ نه پر سڀاڻي وڃ، تڪڙ ڪري نه وڃ.“ هين ست سنگين ٻه ڇڏيس ته باباجن جي آگيا موجب، اڄ ئي وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏ مگر هو اُن صلاح جي پرواهه نه ڪري، ٽانگي ۾ چڙهي روانو ٿي ويو.

ڪجهه وقت ته ٽانگي جا گهوڙا نيڪ پئي هليا پر ”سائل ڪوٺا“ پار ڪرڻ بعد، هڪ سائيڪل وارو سامهون ايندو ڏسي، گهوڙا اچي ڊڄا ۽ ٽانگي سميت وٺي ڀڳا. نتيجو اهو ٿيو جو ٽانگو اونڌو ٿي پيو ۽ يوروپين مهاشيه ٽانگي سان گڏ ڪجهه مفاصلي تائين گهلبو ويو، جنهن ڪري چڱي چوٽ آيس. رستي تي ايندڙ ويندڙ ماڻهن، گهوڙن کي جڏهن قابو ڪري بيهاريو، تڏهن يوروپين مهاشيه کي اُٿاريائون ۽ چوٽ لڳڻ سبب کيس ڪوپرگانو جي اسپتال ۾ شرڻ وٺڻي پيس. مٿين ڳالهه جو ٽاپرو آهي ته باباجن جي آگيا جي اوگيا ڪرڻ وارن کي، ڪنهن نه ڪنهن حادثي جو شڪار ٿيڻو پوندو هو.

## ٻڪيا وٺڻ جا آڏڪاري ڪير آهن

باباجن، سرپشته ۽ اُتر پوش ٿي ٻس، ٻڪيا وٺڻ جو

طريقو ڇو اختيار ڪيو؟ اِن لاءِ بہ رايا آهن. پهريون تہ بکيا ورتي اختيار ڪرڻ جا اَڌڪاري ڪير آهن؟ شاسترن موجب، جن شخص ڪنچن (مايا)، ڪامني (اِستري) ۽ ڪيرتي (ناموس) جو تياڳ ڪيو آهي، اُهي ئي بکيا ورتي اختيار ڪرڻ جا اڌڪاري ٿي سگهن ٿا، ڇو تہ هو گهر وغيره جو بندوبست ڪو نہ ڪندا آهن، تنهن ڪري، هو دنيا کي پنهنجو گهر سمجهي، بکيا ورتي اختيار ڪندا آهن ۽ باباجن بہ ٻال برهمچاري هئا. ٻيو ويچار شاسترن موجب آهي تہ گرهستيءَ کي (١) ڪنڊڻي = پيسڻ (٢) پوشڻي = ڏڙڻ (٣) اُد ڪمڀي=ٻاسڻ صاف رکڻ (۴) مارجني= ٻوهارڻ ۽ ڌوئڻ (۵) چلهي=چلهہ دکائڻ ۽ ٻارڻ جون پنج ڪريائون ڪرڻيون پون ٿيون جنهن ڪري ڪيترا تمام ننڍا جيوڙا ۽ ڪيتان مري ٿا وڃن، جن جو پاپ، گرهستيءَ کي لڳي ٿو.

اِنهن پاپن کي لاهڻ لاءِ ڇهہ پرائشچت يگيہ بہ گرهستين کي ڪرڻ کپن. (١) برهم يگيہ ڪرڻ=پرماتما جو نام سمرڻ (٢) ويد اَڌيين = ويد پاٺي جو پاٺ ڪرڻ (٣) ديو يگيہ = ديوتائن کي بلي يا قرباني اَرپڻ ڪرڻ (۴) پِتر يگيہ = ماڻهن کي دان ڏيڻ (۵) اَتِٿي يگيہ = يعني اوچتي آيل مہمانن کي دان ڪرڻ (٦) پترييگيہ = پنهنجن پترن يعني مري ويل اَبن ڏاڏن

لاءِ دان ڪرڻ. شاسترن ۾ لکيل وڌيءَ (ريت) موجب، جي متيان پرائشچت ڪيا ويندا ته چت شڌ ٿيندو، گيان ۽ آتم اُنيوُتي پراپت ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي. باباجن گهر گهر جي دروازي تي وڃي، سندن ڪرتويه پالڻ ڪرڻ جي يادگيري ڏياريندا هئا ۽ جيڪي ياڳ شالي گرهستي هوندا هئا، سي گهر ۾ باباجن کي آدر سان وهاري ڪارائيندا هئا ۽ سندن سکيا پڻ گرهڻ ڪري، اُن پوتر موقعي جو خوب فائدو وٺندا هئا.

## باباجن جي هڪ عجيب ليلا جو بيان

ڀڳوان ڪرشڻ گيتا ۾ چيو آهي ته ”جڏهن ڪو به ڀڳت مون کي فقط هڪ ٻن، ڦل، گل يا پاڻي، شرڌا سان ارپڻ ڪندو آهي ته مان اُن شڌ دل واري ارپڻ ڪندڙ جسون مٿيون شيون، خوشيءَ سان سويڪار ڪندو آهيان. ساڳي طرح ڪو به پريمي، ڀڳت باباجن کي ڪجهه ڀيٽا ڏيڻ چاهيندو هو پر پوءِ ڪيس ڏيڻ وسري ويندي هئي ته باباجن هن کي روبرو يا سندس متر معرفت يادگيري ڏياريندا هئا ۽ ڀيٽا ملڻ تي، هن تي آشيرواد پڻ ڪندا هئا.

باندرا ۾ رهندڙ رامچند آتمارام (بابا صاحب ترکڊ) جيتوڻيڪ پرارٿنا سماجي مت جو پوئلڳ هو، ته به باباجن ۾ شرڌا هئي، پر سندس پٽ ۽ پتني ٻئي پوُرا ڀڳت هئا. هڪ ڀيري ماءُ نشچيه ڪيو ته پٽ ۽ نيهن

سميت، شرڌيءَ ۾ اونهاري جي وئڪيشن هلي ڪاٽيندا سون. ۽ سندن پٽ ماڻ سان شاملواءِ تہ تيو چي ”اسانجي پرپٽ پتاجي، شري سائين باباجي، پوري طرح پوڄا ڪري پرساد وغيرهہ جو ڀوڳ لڳائيندا يا نہ (ڇو تہ هو پرارٿنا سماجي آهي) تنهن ڪري مان ڪين هلندس.“ ۽ سندس پتا ڪيس خاطري ڏني تہ مان وڏيءَ پوروڪ يعني شاستر مريادا نيمن موجب، باباجن جي مورتي اڳيان پوڄا ڪندو رهندس. اوهين نشچنت ٿي وڃو. اُن موجب ٻئي ماءُ پٽ، شڪروار جي رات جو، شرڌيءَ روانا ٿي ويا.

ٻئي ڏينهن (ڇنڇر) تي سويل صبح جو پتا رامچند اُٿيو ۽ سنان وغيرهہ ڪري، پوڄا ڪرڻ کان اڳ، باباجن جي مورتيءَ اڳيان ساشٽانگ ڏنڊوت ڪري چيو تہ ”هي بابا، مان ڪوشش ڪري پنهنجي پٽ وانگيان نيڪ طرح اوهانجي پوڄا ڪندو رهندس پر ڪرپا ڪري اِها منهنجي پوڄا صرف منهنجي شرير تائين محدود نہ سمجهو يعني مان دل وجان سان ڪندو رهندس.“ اِها پرارٿنا ڪري هن پوڄا آرتيءَ ڪئي ۽ پرساد طور مورتيءَ اڳيان مصري وغيرهہ اَرپڻ ڪيا، جو پرساد منجهند جو ڀوجن مهل هميشهہ وانگر ورهايو ويو.

ڇنڇر جي سنڌيا ۽ آرتوار جي صبح جي پوڄا پڻ

لروگهن سماپت ٿي. سومر ڏينهن پتا کي آفيس وڃڻو هو ۽ سائين بابا جي پوڄا ڪرڻ پلجي، آفيس ۾ هليو ويو، ۽ سمجهائين تہ پوڄا ڪري پوءِ نڪتو آهيان. منگل صبح جي پوڄا وغيره ڪري، آفيس ۾ ويو. جڏهن منجهند جو يوڄن ڪرڻ گهر آيو تہ ٿالهيءَ ۾ پرساد نہ ڏسي، رسوئيءَ کان پڇيائين تہ ”پرساد ڪٿي آهي؟“ هن جواب ڏنو تہ ”اَڄ پرساد رکڻ مون کان وسري ويو.“

اِهو ٻڌي پتا هڪدم اُٿيو ۽ بابا جي مورتيءَ اڳيان ڏنڊوت ڪري هٿ جوڙي ڏوراپو ڏنائين تہ مون پهرئين ڏينهن ئي اوهان کي پرارٿنا ڪئي هئي تہ ”منهنجي پوڄا هن شهر تائين محدود نہ سمجهجو يعني شهر کان ڪا پل چُوڪ ٿي وڃي تہ ڪرپا ڪري بخشيندا رهجو. اَڄ جيڪا پرساد رکڻ جي چُوڪ ٿي وئي آهي سا ڪميا ڪجو.“

منگل شام جو ئي، پُوڄا ۾ گهٽتائي پوڻ جو احوال پت کي خط ۾ لکي موڪليائين ۽ آخر ۾ لکيائين تہ هي خط باباجن جي چرن ۾ رکي پڇج تہ ”پتا هن غلطيءَ لاءِ معافي گهري آهي.“

هوڏانهن شرڊيءَ ۾ منجهند جي آرتي شروع ٿيڻ واري هئي تہ باباجن شريمتي رامچند (ترکڊ) کي چيو تہ ”مان يوڄن ڪرڻ جي اِرادي سان، تنهنجي ٻاندرا

واري گهر ۾ ويس تہ دروازي تي تالو لڳل هو. پر مان تہ بہ اندر هليو ويس ۽ ڏٺم تہ ٻائوُ (شري ترکڊ) منهنجي کاڻڻ لاءِ ڪجهہ بہ رکي ڪين ويو آهي! اَڄ مان اُتان بکيو موٽي آيو آهيان."

اِهي لفظ ٻڌي سڀ منجهي پيا پر شري ترکڊ جو پٽ، جو اُتي ويٺو هو، سو يڪدم سمجهي ويو تہ "منهنجي پتا کان، پوڄا ڪرڻ ۾ ڪا غلطي ٿي ويئي آهي." سو يڪدم باباجن کان، گهر (باندرا) موٽي وڃڻ جو عرض ڪيائين. باباجن سندس عرض نہ قبوليو ڇو "تون هتي ئي پوڄا وغيرهہ ڪندو رهہ."

پٽ وري ... واري ڳالهہ منگل شام جو خط ۾ لکي موڪلي ۽ وڌيڪ لکيو تہ ڪرپا ڪري آئيندهہ ساوڌانيءَ سان ڪندا رهندا." ٻئي ڏينهن پٽ کي پيءُ جو ۽ پيءُ کي پٽ جو موڪليل خط پهتو ۽ ٻئي ڄڻا بلڪل خوش ٿيا، باباجن جي چرنن تي متو ٽيڪيو ۽ آسيس ورتي. باباجن جي هيءَ ليلا حيرت ۽ عجب ۾ وجهندڙ ناهي؟

## شريمتي ترکڊ

هڪ دفعي شريمتي ترکڊ، باباجن لاءِ (١) واڱڻن جو ڀريل مصالحدار ڀرٿو، (٢) واڱڻ جا گول ترڪيل ٽڪرا ۽ (٣) مائي جا پيڙا، باندرا جي شري رگهوبير ڀاسڪر

پرندري هٿان موڪليا (ٻئي هٿ لکيل آهي ته شريمتي ترڪٻ، شريمتي پرندري کي ٻه واڱڻ ڏنا ۽ چيو ته هڪ مان ٻرفو ٿاهي ۽ ٻئي مان گول ٽڪر تري ٻاباجن کي ڏج). شرڊيءَ ۾ پهچڻ شرط، شريمتي پرندري واڱڻ جو ٻرفو، واڱڻ جا تريل گول ٽڪر ٿاهي مسجد ڏانهن ويئي. اُن وقت باباجن ڀوڄن ڪرڻ لاءِ وينا هئا. ٻرفي چکڻ تي کين اهڙو سوادي لڳو، جو سيني کي ٿورو ٿورو ڪري ورهائي ڏنائون.

اُن کانپوءِ باباجن واڱڻ جي تريل ڪچرين آڻڻ لاءِ چيو. نياپي پهچائيندڙ ٻگتڻ راڌا ڪرشنا مائيءَ کي وڃي چيو ته باباجن واڱڻ جون ڪچريون گهري رهيا آهن. هوءَ وائڙي ٿي ويئي ته ڪچريون ڪٿان پيدا ڪريان، ڇو ته اُها واڱڻن جي مند ئي ڪانه هئي. سوال اُٿيو ته واڱڻ ڪٿان پيدا ٿين؟ جڏهن کيس پتو پيو ته واڱڻ جو ٻرفو شريمتي پرندري ڪٺي آئي آهي، تڏهن کيس گهرائي. مٿس واڱڻ جي ڪچرين ٺاهڻ جو ڪم پڻ رکيو ويو. مطلب ته انترٻامي باباجن جي سرڪ گيتا، سيني کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو.

## ڀڳتڻ جي پريم جو موڪليل پيرو گهري ورتڻ

ڊسمبر ١٩١٥ ۾، شري گوبند بالارام مانڪر کي، شرڊيءَ ۾ وڃي پنهنجي پتا جي آنتم ڪريا ڪرڻ

جي چاهنا ٿي، ۽ روانو ٿيڻ کان اڳي، شريمتي ڪرٻي سان گڏجڻ آيو. هن باباجن کي ٽول موڪلڻ لاءِ سڄو گهر ڏيونديو پر فقط هڪ پيڙو لڌس، جو به پرساد مان بچيل هو. سندس پٽ گوبند روئي ڏنو ته "باباجن کي موڪلڻ لاءِ گهر ۾ ڪجهه به ناهي!" لاچار ٿي، اُهو پرساد وارو پيڙو، گوبند بالارام هٿان موڪليائون ته "باباجن، اسان جو هي پيڙو ضرور سويڪار ڪندا."

شرڊيءَ ۾ پهچڻ بعد، گوبند بالارام، باباجن جي درشن ڪرڻ لاءِ ويو پر پيڙو کڻي وڃڻ ڀلجي ويو. جڏهن اتي پهتو ته باباجن چيس ته "منهنجي لاءِ ڇا کڻي آيو آهين؟" هن جواب ڏنو ته "ڪجهه به نه." بابا جي ٻيهر سوال ڪرڻ تي پاڻ ساڳيو ئي جواب ڏنائين. تنهن تي باباجن، صرف اکرن ۾ چيس ته "توکي اَمان (شريمتي ڪرٻي) هيڏانهن اچڻ وقت مٺائي ڪانه ڏني هئي؟" اِهي اکر ٻڌي هن کي پيڙي جي ياد گيري پيئي ۽ لڄي ٿي هٿ جوڙي معافي وَرتي، يڪدم ڊوڙندو ويو ۽ پيڙو آڻي، باباجن جي اڳيان رکيائين، جو باباجن يڪدم وات ۾ وجهي ڇيو ته "جن ڀڳتن ۾ وشواس آهي، اُنهن جي موڪليل شيءِ مان سويڪار ڪندو آهيان." اهڙيءَ طرح باباجن گيتا جي چوٿين اڌياءَ جو (١١) يارهون شلوڪ شڌ ڪيو.

## آستاور جنگم ڪيٽ پتنگم، سڀ گهٽ رام سمانا

ٻي ڀيري شريمتي ترڪڊ شرڊيءَ ۾ آئي هئي. منجهند جو ڀوڄن تيار هو ۽ ٿالهيون پروسجي رهيون هيون ته هڪ بکايل ڪتو اندر اچي ڀؤنڪڻ لڳو. شريمتي ترڪڊ يڪدم اٿي. ڪتي کي ٽڪر ڏنو، جو ڪتو ٽڪو ٽي ٽگو کائي ويو. شام جو جڏهن شريمتي ترڪڊ مسجد ۾ وئي ويٺي ته باباجن چيس ته ”اَمان، اَڄ تو ڏاڍي پريم سان مون کي کارايو ۽ منهنجي پراڻن کي سهارو ڏنو. هميشه ائين ڪندي رهندينءَ ته ڪڏهن نه ڪڏهن توکي اُن جو ڦل ضرور ملندو. هن مسجد ۾ ويهي مان ڪوڙ ڪڏهن ڪين ڳالهائيندس. مون تي هميشه اِج وانگيان پيار جي مهرباني ڪندي رهج. اول ته بکين جيون کي کارائي، پوءِ کائيندي رهج اِها ڳالهه چڱيءَ طرح ڌيان ۾ رکج.“

شريمتي کي اِها ڳالهه سمجهه ۾ ڪين آئي ۽ پڇيائين ته ”باباجي، مان پاڻ ٻين تي آڌر تي رکان، پوءِ اوهان جي چوڻ موجب ٻين کي ڪيئن کارائي سگهنديس؟“


باباجن فرمايو ته ”تو واري اچڪي روٽي کائي، منهنجو هردو ايترو ته ترپت ٿي ويو آهي جو اڃا تائين اوڳرايون پيئون اَچنم. ڀوڄن ڪرڻ کان اڳي تو

جيڪو ڪتو ڏنو ۽ جنهنکي تو روٽيءَ ٽڪر آڻي ڏنو، اهو ڪتو منهنجو ئي روپ هو. ساڳيءَ طرح ٻلين، سوئرن، گائين وغيره جهڙا ٻيا پراڻي پڻ منهنجو روپ آهن. جيڪو اُنهن ۾ منهنجو درشن ڪندو، اهي مون کي تمام پيارا آهن. انڪري، پاڻ مان دُئيت ڀاءُ دور ڪري، سڀني کي هڪجهڙو سمجهي، منهنجي شيوا ڪندا ڪريو."

اِهو اُپديش ٻڌي، شريمتيءَ جي دل ڀرجي آئي. سندس اکين مان پريم جا لڙڪ وهڻ لڳا، سندس گلو روڪجي ويو ۽ اندر ۾ خوشيءَ جون لهرون اٿڻ ڪرڻ لڳي.

سکيا:- سڀني پراڻين ۾ ايشور درشن ڪيو. اُپنشدن، ڀاڳوت ۽ گيتا جي پڻ اِهوئي اُپديش آهي ته ايشور جو واسو سڀني پراڻين ۾ آهي. ڪوشش ڪري ان جو اَنڀؤ ڪريو.

"گوبند هيءُ سڀ گوبند هيءُ، گوبند نهي ڪوئي."



تختي جي چئن ڪنڊن تي رات جو چار ڏيئا ٻاري، جنهن وقت وهندو هو، تنهن وقت جو درشن، ڪن وڏڀاڳين کي مليو. سيئي ستسنگي عجب ڪائڻ لڳا ته باباجن تختي تي ڪئن ٿا چڙهن ۽ لهن، اهو ڪڙڪ به ڏسڻ گهرجي. ان ڪري رات جو پيڙ وڌڻ لڳي ته ڏسون ته بابا ڪئن ٿو تختي واري پينگهي ۾ لڏي ۽ سمهي. باباجن، سڀني اندر جو انتظار پروڙي، هڪ ڏينهن تختو ٽوڙي ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪيو ۽ تختي واري پينگهي تي ويهي للڻ وغيره جو کيل ختم ٿي ويو. انهي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته باباجن رڌين سڌين جا مالڪ هئا ۽ ڪجهه به ڪري سگهيا ٿي ۽ موج ۾ اچي، هن ليلا جو درشن، پنهنجي سنگت کي ڪرايائون.

## آڪار ۽ ورڻ

باباجن جي بدن جو آڪار رواجي ماڻهن جيان سايا ٽي (٣½) هٿ لنبو هوندو هو، ليڪن هرهڪ پريميءَ جي هردي ۾ سڀني واسو هو. ٻاهران سيني سان پيار وغيره ڪندا هئا، ليڪن اندران بلڪل تياڳي هئا ۽ بنا سوارٿ جي، سيني جو ڪلياڻ ڪرڻ چاهيندا هئا. ٻاهران ڪڏهن ڪڏهن غصي ۾ اشانت به معلوم ٿيندا هئا ۽ سنسار جي ڳالهين ۾ ڦاٿل ڏسڻ ۾ ايندا هئا مگر اندروني هروقت پرماتما ۾ لين هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪن کي پتر

۽ هڻندا هئا ۽ زبان مان گاريون ب ڪڍندا هئا. پر ڪڏهن ساڳين ئي برهمڻن کي ڇاتيءَ سان لڳائي پاڪر پائيندا هئا! هر وقت ڀڀوت آسڻ تي اڏول ويٺا رهندا هئا ۽ ٽيوڻن وغيره تي پاتوا ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ب ڪين نڪتا.

هڪ ننڍو ڏنڊو پاڻ سان هميشه رکندا هئا ۽ زبان تي هر وقت "الله مالڪ" هوندو هون. سورهن (١٦) ورهين جي عمر ۾ شرڊيءَ ۾ آيا ۽ ٽن سالن رهڻ بعد اوچتو انترڌيان (غائب) ٿي ويا. ڪجهه وقت بعد نظام رياست جي اورنگ آباد جي ويجهو وڃي پرگهٽ ٿيا ۽ چاند پٽيل جي ڄڃ سان گڏجي وري جڏهن شرڊيءَ ۾ پڌاريا تڏهن سندن آيُو ويهن (٢٠) ورهين جي هئي. پوءِ لڳاتار (٦٠) سٺ سال شرڊيءَ ۾ نواس ڪري، ١٩١٩ع ۾ برهم لين ٿيا، جنهن وقت سندن عمر لڳ ڀڳ (٨١) ورهين جي هئي. اِن مان اندازو لڳائي سگهجيٿو ته سندن جنم ١٨٣٨ع ۾ ٿيو هوندو.

## آدرش ۽ سکيا

سترهين صديءَ (١٦٠٨ع - ١٦٨١ع) ۾ سنت رامداس پرگهٽ ٿيا ۽ هندن ڳئُو ۽ براهمڻ جي رکيا لاءِ ڪجهه حد تائين، سڦلتا پوروڪ ڪم ڪيو. سائين باباجن، ٻن سوَن ورهين ڪانپوءِ پرگهٽ ٿيا. تنهن وچ ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ويڇو ورود وڌي ويو ۽ باباجن اُن ويڇو

ورود جي لاهڻ لاءِ پرگهٽ ٿي، پنهنجي جيون ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو ته هندن جو رام ۽ مسلمانن جو رحيم ٻئي هڪ آهن، يعني هندو ۽ مسلمان ٻئي ڀاڻ ۾ ڀائر آهن ۽ ٻنهي کي ڀاڻ ۾ ڀائرن جيان دلي ملي رهڻ گهرجي ۽ راشٽري ايڪتا قائم ڪرڻ گهرجي. مسجد ۾ ٽوڻي دڪائي رهڻ، رامنومي ۽ عرس وغيره جا ميلا ملهائڻ جي پٺيان اِهائي ڀاوَنا هئي ته ”مجهه ۾ رام، تجهه ۾ رام، سڀ ۾ رام سمايا- سڀ سي ڪرلي پيار جڳت ۾، ڪوئي نه اَپنا پرايا.“

باباجن جي جيونيءَ مان اِهو ثابت ٿو ٿئي ته يوڳ، ويراڳ، تپ، گيان وغيره جي رستي تي هلندڙن کي، سڀني پراڻين ۾ ايشور پسڻ جو اَڀياس ڪرڻ گهرجي. شُڀ ڪم ڪرڻ جي اِڇا وارن کي، اَول ٻين جي ڀلي ۽ ڀلائيءَ ۾، عملي جيوَن وتيت ڪرڻ سان ئي، ايشور پراپتي ٿي سگهندي. نه ته ڪيل سڀ جپ تپ، نشڦل ٿيندا.

سنسار ۾ بيکي گورو جام آهن. ڪي هڪ هٿ ۾ يڪتارو يا ويڻا ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪرتال کڻي، در در تي پنهنجو نماءُ ڪندا آهن. اهڙا گوروُ، شش جي ڪنن ۾ منتر ڦوُڪي، سندن مال کسي تڪيندا رهندا آهن ۽ ڌرم جو فقط ٻاهران ڍونگ رکندا آهن. اهڙا بيکي ۽ ڍونگي گوروُ، حقيقت ۾ اندر جا اَپوتر ۽ اَڌرمي هوندا آهن. اهڙن اَپوتر گورن جي درشن ڪرڻ سان، من ۾ ڪاپ

شانتي يا ٺڌاڻ پيدا ڪين ٿيندي آهي. هيڏانهن شري سائين بابا، ڌرم جو ڪو به ڏيکاءُ ڪين ڪندا هئا. سندن درشن ڪرڻ سان، من ۾ ٺنڍاڻ ۽ شانتي يڪدم پيدا ٿيندي هئي!

شاسترن ۾ گورو ٻن قسمن جا چيل آهن (١) نيت گورو، جن جي سنگت ڪرڻ سان، شش تي سنن گڻن جي واڌاري ٿيڻ بدران، خراب گڻ ڌيري ڌيري اچي واسو ڪندا آهن. (٢) اَنيت گورو، جن جي اُپديش سان اُتم گڻن جو وڪاس ٿيندو آهي، چت شڌ ٿيندو آهي، وويڪ جو واڌارو ٿيندو آهي ۽ ڀڳتي مارگ ڏي لاڙو ٿيندو آهي. اهڙا ئي سچا ستگورو، شش کي ڀوساگر کان پار ڪري سگهندا ۽ شري سائين بابا اِنهيءَ اُوچ ڪوٽيءَ وارو ستگورو هو.

جيڪي به ڀڳت وٽن ايندا هئا، تن کي سندن پڇڻ کان اڳيئي، سندن من جو حال يا ڪن گهٽنائن مان لنگهڻ جو احوال ٻاڌيهي ٻڌائي، هنن جي من ۾ وشواس پيدا ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته مان اوهان جي اَندر وينل ايشور جو درشن پيو ڪريان. اوهين ۽ مان ٻئي هڪ روپ آهيون. اوهين به جي اهڙو اَڀياس ڪندا ته اوهين به سڀني ۾ ايشور پسي سگهندا، جنهن ڪانپوءِ توهان کي دوست يا دشمن ڏسڻ ۾ ڪين ايندا ۽ جيون مڪت پد تي پهچي، پرماتما ۾ لين ٿي ويندا.

باباڄن ياڻ بہ جيون مڪت هئا. جيڪي ڀڳت کين ايشور روُپ سمجهي اچي شيوا ڪندا هئا، تن کي باباڄن چوندا هئا تہ سمهندي جاڳندي، کائيندي پيئندي، واڙي يا کيت جي سنڀال ڪندي، هلندي چلندي ۽ ٻي ڪهڙي بہ ڪم ڪندي، الله مالڪ کي ياد ڪريو. ليڪن ڀڳت، سندس ئي ڳالهہ جي، اُٿندي ويهندي، سمرڻي سوڙيندا رهندا هئا.

شرڌي واسين جا بہ ڪي ڀاڳ اچي جاڳيا، جو سائين بابا جهڙي سچي ستگورو، سندن ڳوٺ ۾ اچي واسو ڪيو، جنهن ڪري کين هر روز سندن درشن ڪرڻ جو لاڀ مليو، سندن سکيائن سڻڻ جو وجهہ مليو ۽ سندن پوتر رهڻيءَ جو بہ پورو پاءُ مٿن پيو.

شاسترن ۾ ورنن ڪيل آهي تہ ڀڳوان ۾ (١) ڪيرتي (٢) شري (٣) وئراڳ (٤) گيان (٥) اَئشوريہ ۽ (٦)ونيہ شيلتا ڇا ڇهہ مکيہ گڻ آهن. ڀڳوان، شرڌيءَ جي ڀڳتن جي اڇائن پوُرن ڪرڻ لاءِ، سائين بابا جو ساڪار روُپ ڌاري اچي پڌاريو. سڀني ڀڳتن کي هنن ڇهن ڳڻن ڏانهن ڇڪي ورتو، جن کي پوُرو پتو پئجي سگهيو تہ سائين بابا برابر ايشور روُپ آهن تنهن هوندي بہ منجهن نمرتا ايتري هوندي هئي، جو پرارٿنا مهل چوندا هئا تہ ”هي پتا، مان اوهانجي داسن جو داس، اوهان جو (رڻي) قرضدار آهيان. اوهانجي درشن ڪرڻ سان، منهنجي من کي

شانتي ملي آهي. اوهان جي پرأپڪار ڪري ئي، مون کي اوهان جي چرڻن جي شيوا پراپت ٿي آهي. جڏهن ڪري مان پاڻکي ڌنيہ ٿو سمجهان.“ ڪيڏي نہ نمرتا، هن پرارٿنا ۾ سمايل آهي!

ظاهري طور باباجن سنساري پدارٿن جو اُپيوگ ڪندا هئا پر اندر ۾ اُنهن پدارٿن لاءِ، ڪابہ اِڇا ڪانہ هوندي هين. ٻاهران ٻريمين سان کلندا ڳالهائيندا ۽ کائيندا پيئندا بہ هئا ليڪن اندر ۾ الله مالڪ جــو جاپ پيو هلندو هون- يعني تہ هوُ شڌ چيتن سوَروُپ هئا، جنهن ۾ سڀ اِڇائوُن ۽ چيشٽائون، آرام ۽ شانتيءَ ۾ هيون.

ٽاٽا وَلي ٽالي هڪ اُنوکو ۽ وچتر ويڪتي، باباجن جي سيني ڪارين جي ديکہ ڀال ڪندو هو. هڪ دفعي بابا، آسن تــي براجمان هئا تہ ٽاٽا وليءَ اچي چيو تہ ”اُٿو تہ مان گديءَ تي وهان.“ باباجن يڪدم اُٿي کڙا ٿيا ۽ ٽاٽا ولي آسڻ تي ويهي رهيو! ٿوري دير ڪانپوءِ باباجن کي چيائين تہ ”هاڻي وري اچي آسڻ تي وهو ۽ باباجن سندس چوڻ مڃي يڪدم ائين ڪيو!! مطلب تہ باباجن، هرکہ سوگ، مان اُپمان کان مٿي هئا. ٽاٽا ولي، باباجن جيَ اهڙي نمرتا ڏسي، سندن چرنن تي ڪري پيو ۽ ٻوڙ پائي ٻاهر هليو ويو.

## شري سائين بابا جي وڏي ۾ وڏي خوُبي

باباجن جي وڏي ۾ وڏي خوُبي اِها هئي، جو ڪڏهن

۽ ڪنهن کي سڌ ڪري يا ڪونه، آسڻ يا پراڻايام ڪرڻ جي آگيا ڪين ڏنائون. نڪي ڪنهن کي خاص اُپاسنا ڪرڻ لاءِ چيائون ۽ نڪي ڪنهن کي ڪن ۾ ڪو منتر ڦوڪيائون. سڀني کي چوندا هئا ته ”چترائي ۽ سياڻپ ڇڏي، هر وقت سائينءَ جو سمرڻ ڪندا رهو.“ سڀني پراڻين کي پاڻ جهڙو سمجهي، اُنهن سان پاڻ جهڙو ورتاءُ ڪرڻ سان، اوهان جا بندن آهستي آهستي ٽٽندا ويندا ۽ اوهين مڪتيءَ کي پراپت ڪندا. تپ، تياڳ، اشٽانگ يوگ وغيره جون ساڌنائون، صرف براهمڻن لاءِ ئي سميؤ ۽ ضروري آهن، ڪتري، وئشين، شودرن لاءِ ضروري ناهن.

من جو سڀاءُ آهي خيال ٻوڙائڻ، جنهن ڪانسواءِ من هڪ ڪن به رهي ڪين سگهندو. جيڪڏهن اوهين ڪيس ڪنهن ڳالهه ۾ لڳائيندا ته هو انهيءَ ڳالهه جو ئي چنتن ڪندو رهندو. پر جي اوهين پنهنجو من، پنهنجي گوروءَ کي ارپڻ ڪندا ته اوهان جو من، گوروءَ جو ئي چنتن ڪرڻ لڳندو. اوهين پاڻ پڙهي، سائين جن جي وڏائي، مهانتا ۽ سريشٽتا پڙهي چڪا آهيو. اهو خيال ۽ ڌيان سان پڙهڻ يا ٻڌڻ ئي، سائينءَ جو ڪيرتن آهي.

سنتن جون ڪٿائون ٻڌڻ يا پڙهڻ ايترو ڪٺن ڪم ناهي، جيترو ٻين ساڌنائن جي ساڌنا ڪرڻ. پرماتما ۽ سنتن جون ڪٿائون ٻڌڻ ۽ پڙهڻ، آهي سنسار جا خيالي

ٻڌي ڏور ڪري، آڌياتمڪ رستي جي چاڙهي چڙهڻ. ڪٿائون ٻڌيون، انهن موجب هلڻ ۽ رهڻي رهڻ سان، سڀني جاتين جا انسان، شڌ ۽ پوتر ٿي سگهندا. جي اوهين سنساري ڪم ڪندي به، پنهنجو من ۽ چت ايشور ۽ الله مالڪ جي ڪٿائن ۾ لڳل رکندا ته اوهان تي ڪڏهن نه ڪڏهن وقت پريو پنهنجي ڪرپا ڪندو.

سوال ٿو اٿي ته، اهڙي سولي اپاءَ ۽ ساڌن جو سهارو ماڻهو ڇو نه ٿا وٺن؟ جواب آهي ته پرماتما ۽ سنتن جي ڪرپا کان سواءِ، پرماتما جي ڪٿائن ٻڌڻ جو موقعو ڪين ملندو. ست سنگ ۾ اچڻ بعد ئي، ڪٿائن ٻڌڻ ۾ رچي پيا شوق پيدا ٿيندو. ست سنگ ۾ رچي وڃڻ، سا آهي پرماتما جي ڪرپا جي پڪي نشاني.

ست سماگم يا سنتن جي سنگ ڏانهن جنهن لاڙو وڌندو تنهن سنتن جي واڪين، اپديشن، سکيائن ۽ ڪٿائن ٻڌڻ ڪري، چت وڌيڪ ۽ شڌ ٿيندو ويندو، من جي مليڻتا دور ٿيندي ويندي ۽ هرديه جون ڳنڍيون کلي پون ٿيون. تنهن کانپوءِ اهنڪار ۽ جنم مرڻ جي چڪر کان مڪتي ملندي ۽ ايشور سان ميلاپ ٿيندو، جو ست چت آنند ۽ چيتن سروپ آهي.

”ست سنگ انتر پرڀ ڏينا،
تام پريو ڪا لاڳا مينا.“

متين منزل تي پهچڻ بعد، سنساري وشين مان مزو يا سواد نٿو اچي، دک ۽ سک ۾ انسان کي هڪجهڙي رهڻ جي شڪتي پراپت ٿئي ٿي ۽ هميشه آتم آنند ۾ استٿت رهي ٿو. هي سڀ لاڀ، سنتن جي سنگ ڪرڻ، ڪٿائن ٻڌڻ ۽ اُنهن تي عمل ڪرڻ وارن کي ئي پراپت ٿيندو.

پيارا پاٺڪو! گنگا، جمنا، گوداوري، ڪرشنا ۽ ڪاويري آدي پوتر نديون، سنسار جي ماڻهن جا پاپ ڌوئڻ ٿيون، پر اهي پوتر نديون پڻ چاهينديون آهن ته "جڏهن اسان ۾ سچا سنت اچي پنهنجا چرن ڌوئيندا، تڏهن اسان ۾ سنساري جيون جي ڪني ٿيل پاپن جي ميل ڌوپي صفا ٿيندي. سنتن جي سنگ جو وڏو مهاتم آهي. گذريل جنمن جي پڇ ڪرمن ڪري، سنتن جو سنگ ملي ٿو، جن جي سنگ ۾ ايشور جي ڪٿائن ۽ ڪيرتن ٻڌڻ جو وجهه ملي ٿو. ڪلجگ جي زماني ۾، لڳاتار نام سمرڻ ۽ ست سنگ ڪرڻ سان، جيو مڪتي پائي، ايشور سان لين ٿي سگهي ٿو. شري سائين بابا، اهڙو ئي پريوڻ سان ملائڻ وارو سچو سنت هو، جن جي چرن شرڻ وٺڻ سان، ڪيترن پريمين ۽ ست سنگين جو اُڌار ٿي ويو.

"مها آنند پئي سک پائيا، سنتن ڪي پرسادي
ڪهه نانڪ هر سڻ من مانيا، رنگ رتي وسمادي."

پرماتما يا برهم جا ٻه سروُپ آهن (١) نرگڻ نرآڪار (٢) سگڻ ساڪار. ڪن ماڻهن جي نرگڻ نرآڪار ۾ ۽ ڪن جي سگڻ ساڪار جي اُپاسنا ۾ دل لڳندي آهي. سگڻ اُپاسنا سولي آهي ڇو ته منش خود سرير ۽ اِندرين جو آڪار آهي ۽ سگڻ اُپاسنا کيس سڀاويڪ سولي معلوم ٿئي ٿي. سگڻ اُپاسنا ڪرڻ ڪانپوءِ پريم ۽ ڀڳتيءَ ۾ واڌارو ٿئي ٿو، جو پوءِ نرگڻ اُپاسنا ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. مورتون، ويد، اگني، پرڪاش، سوُرج، جل ۽ براهمڻ آدڪ سڀ اُپاسنائون شاسترن ۾ چيل آهن پر انهن سڀني کان سٺي سگڻ اُپاسنا آهي ستگورو اُپاسنا، ڇو ته هو ايشور جو ديهه ڌاري هلندڙ چلندڙ سگڻ ساڪار روُپ آهي.

شري سائين بابا جا ڀڳت، کيس ايشور اوتار ڪري مڃيندا هئا، ڇو ته هو ڪمياشيل، شانت روُپ، سرل سياءَ وارا ۽ سنتشٽ ست پرش هئا. جهڙي طرح گنگا ندي، سمنڊ ڏانهن ويندي وات تي، گرميءَ جي ستايل جيون کي ٿڌاڻ پهچائي آنندت ڪري ٿي، وڻن ٽڻن کي نئين حياتي ڏئي ٿي، انهن ۾ نوان ڦل پيدا ڪري ٿي، اُڃايل جيون جي اُڃ کي ترپت ڪري ٿي، ساڳيءَ طرح سائين بابا جهڙا سنت ۽ مهاپرش، پنهنجي جيون ڪاٽيندي، ٻين جيون کي سک ۽ شانتي پهچائيندا

آهن. ڀڳوان شري ڪرشڻ صاف چيو آهي تہ ”ست منهنجي آتما آهن ۽ منهنجي زندہ پرتيما ۽ روُپ آهن ۽ مان خود اُهو آهيان.“ اُن موجب ست چت آنند روُپ پار برهم پرماتما، سائين بابا جي روُپ ۾ شرڏيءَ ۾ اَوتار وٺي آيو. ”گرو پرميشور ايڪو ڄاڻ.“

تَتِريہ اُپنشد ۾ برهم کي ”آنند“ ڪوٺيو ويو آهي ۽ اِنهي آنند جو پرتکيہ اَنڀوُ، شرڏيءَ ۾ سائين بابا جي ڀڳتن کي مليو. ڪن کي چَئوَر جهولائڻ، ڪن کي سوپاري پان وغيرہ ڏيڻ، ڪن کي عطر ۽ چندن لڳائڻ، ڪن کي نئيويديہ يعني پرساد وغيرہ کارائڻ، ڪن کي چرڻ ڌوئڻ، ڪن کي آسڻ ۽ وهاڻي اَرپڻ ڪرڻ جي اُپاسنا مان اُهو آنند پراپت ٿيو ۽ سائين بابا ماٺ ميٺ ۾، سڀني ڀڳتن جي اُپاسنا سويڪار ڪندا رهندا هئا.

## ڊاڪٽر پنڊت جي چندن تلڪ اُپاسنا

هڪ ڀيري ڊاڪٽر تاتيا نُولڪر جو مِتر ڊاڪٽر پنڊت، باباجن جي درشن ڪرڻ لاءِ شرڏيءَ آيو ۽ باباجن کي پرڻام ڪري، ڪجهہ وقت ويٺو تہ باباجن کيس دادا ڀٽ ڪيلڪر وٽ وڃي رهڻ لاءِ موڪليو. ٻئي ڄڻا ٻئي ڄڻا گڏجي، مسجد ۾ آيا. ڊاڪٽر پنڊت، پوڄا جي ٿالهيءَ مان چندن کڻي، باباجن جي

مستڪ يعني نرڙ تي لڳايو. هن کان اڳي ڪنهن ٻ ڀڳت، پاڻ ٻ بابا کي مٿي تي چندن لڳائڻ جي همت ڪانه ساڙي هئي، تنهن ڪري سڀيئي عجب ۾ پئجي چوڻ لڳا ته "هيءَ اُپاسنا آهي يا گستاخي؟" پر باباجن شانت چت وينا رهيا ۽ هڪ اکر ٻ ڪين ٻوليائون. (فقط ڀرم ڀڳت مهالسا پتي، باباجن کي ڳلي تي چندن لڳائيندو هو.)

سنڌيا جي وقت دادا ڀٽ باباجن کي چيو ته "ڀڳوان، اوهين ٻين کي مٿي تي چندن لڳائڻ ئي ڪين ڏيندا آهيو پوءِ اڄ ڊاڪٽر پنڊت کي ڪيئن لڳائڻ ڏنوَ؟" باباجن جواب ڏنو ته "ڊاڪٽر پنڊت، مونکي پنهنجي گورو رگهناٿ مهاراج (ڪاڪا پراڻڪ) سمان سمجهي، اُن گورو پاونا سان چندن جو تلڪ لڳايو، پوءِ مان هنکي ڪيئن روڪيان؟ اوهين ڀلي ڊاڪٽر پنڊت کان ان باري ۾ پڇو. دادا ڀٽ جي پڇڻ تي ڊاڪٽر پنڊت ٻڌايو ته مان برابر پنهنجي گورو ڪاڪا پراڻڪ کي هميشه نرڙ تي "ترپنڊاڪار" نموني ۾ چندن لڳائيندو آهيان."

پر باباجن ڪڏهن ته شو مهراج جو رڌر اَوتار ڌارڻ ڪري، پوڄا جي ٿالهي، ڀڳتن جي هٿ مان ڦري ڪٽي پري ڦينڪيندا هئا! اُن وقت ڪنهن ٻ ڀڳت کي همت ڪانه ٿيندي هئي، جو سندن

ويجهو وڃي. (جهڙيءَ طرح نرسنگهه ڀڳوان اوتار جي ويجهو وڃڻ جي، شري نارائڻ جي لڇمي يا ڪنهن ٻه ديوتا پاڻ ۾ همت نه ساري) . رواجي طور ته باباجن بلڪل موم دل هئا ۽ سيني ڀڳتن کي ماءُ جهڙو پيار ڏيندا هئا ۽ ڀڳتن جي پيار ڪرڻ مان ئي کين مزو ۽ آنند ايندو هو.

## حاجي صديق فالڪي

ساڳئي وقت اِئين حساب لڳائڻ ٻه ڏکيو هو ته سائين بابا پنهنجي ڀڳت کي ڪرپا پاتر ڪڏهن سمجهندا. ڪلياڻ نواسي صديق فالڪي، حج ڪرڻ کان پوءِ شرڊيءَ ۾ آيو ۽ چاوڙيءَ جي اُتر طرف اچي رهيو. باباجن هنکي (٩) نوَن مهنن تائين مسجد ۾ اندر اچڻ يا مسجد جي ڏاڪڻ چڙهڻ جي نه فقط آگيا نه ڏني پر منع ڪري ڇڏي! هو بار بار مسجد ۾ آيو پر نراس ٿي هليو ويندو هو. ويچارو منجهي پيو ته مون کان ڪهڙي خطا ٿي آهي، جو اَندر اچڻ جي آگيا ٻه نٿي ملي. پر ڪن ڀڳتن چيس ته "دل نه لاهه. باباجن جي خاص ويجهي ڀڳت شاما جي معرفت ڪوشش ڪندو رهه. حاجي صديق، شاما کي عرض ڪيو ۽ هن کيس دلداري ڏني ته "الله مالڪ ڀلي ڪندو."

وجهه ملڻ تي هڪ دفعي شاما، باباجن کي چيو ته

”سائين بابا، ٻڌي حاجي صديق کي اوهين کهڙي سبب ڪري، مسجد ۾ اچڻ نٿا ڏيو. ٻيا ڀڳت پنهنجي موضيءَ موجب ڀيا اچن وڃن. ڪرپا ڪري هڪ ڀيرو ته هن تي آسيس ڪريو.“ باباجن جواب ڏنو ته ”شاما، تون اڃا نادان آهين. جڏهن الله نٿو کيس اچڻ ڏئي ته مان ڇا ڪريان؟ الله جي ڪرپا بنا، مان به مسجد جي ڏاکڻ تي نٿو چڙهي سگهان. تون هن کان پڇي اچ ته ”ٻاروي کوٺين“ جي هيٺين ڀڳڊنڊي (ڪچي پل يا پيچري) تي اچڻ لاءِ تيار آهي؟“ حاجي صديق جي ها ڪرڻ تي، باباجن وري شاما کي چيو ته وڃي پڇينس ته ”چاليهه هزار روپيا چئن قسطن ۾ ڏيڻ لاءِ تيار آهين؟ حاجي جواب موڪليو ته مان چاليهه هزار ته ڇا پر چاليهه لک روپيا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“

باباجن وري چواڻي موڪليس ته ”مان مسجد ۾ هڪ ٻڪرو حلال ڪرڻ وارو آهيان. توکي گوشت کپي يا ناڏ (مغز) يا آنڊڪوش (ران اوجهري)؟“ حاجيءَ جواب شاما معرفت موڪليو ته ”جيڪڏهن مون کي باباجن جي ٿالهيءَ مان هڪ گرهه به ملندو ته مان پاڻ کي وڏو ڀاڳوارو سمجهندس.“ اهو جواب ٻڌي باباجن جوش ۾ اچي، مٽيءَ جو برتن ۽ پاڻيءَ جي گهاگهر کڻي ڦٽا ڪيا ۽ پنهنجي ڪفني کڻي سڌو حاجيءَ جي گهر ويا ۽ چوڻ لڳس ته ”تون اجايون نمازون پڙهي،

پنهنجو ڏيکاءُ چو پيو ڪرين؟ قرآن شريف جو پڙهڻ، انهي طرح ٿيندو آهي؟ توکي اندر ۾ هٺ آهي ته مان مڪي جو حج ڪري آيو آهيان ۾ تون مون کان (اَڻپڙهيل) جدا نه آهين!!

حاجي اِهي لفظ ٻڌي گهٻرائجي ويو ۽ چپ رهيو. باباجن موٽي مسجد ۾ هليا آيا ۽ اُنبن جون ڪي نوڪريون خريد ڪري، حاجيءَ کي ڏياري موڪليائون! پوءِ وري باباجن پاڻ ٻه هنجي گهر ويا ۽ (٥٥) روپيا ڪيڏي کيس ڏنائون! اُن بعد ٿي باباجن، حاجي صديق سان پريم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پاڻ سان گڏ وهاري کائڻ لاءِ پڻ کيس چوندا هئا ۽ حاجي به پنهنجي مرضيءَ مطابق مسجد ۾ پيو ايندو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن باباجن کيس ڪي روپيا پڻ پيئا ڏيندا هئا. اهڙي طرح حاجي صديق، باباجن جو ڪرپا پاتر بڻجي دربار ۾ شامل ٿي ويو.

## ڀيانڪر طوفان ۽ باهه کي شانت ڪرائڻ

هڪ ڀيري سنڌيا جي وقت، شرڊيءَ ۾ هڪ ڀيانڪ جهنجها واٽ (طوفان سان برسات) ڪري، آسمان ڪارن بادلن سان ڇانئجي ويو، هوا بلڪل تيز هلي رهي هئي، آسمان ۾ وڄ ۽ گجگوڙ جا واڄا وڄي رهيا هئا ۽ جيڏانهن نهار اوڏانهن جل مئي (ٻوڏ) پئي ڏسڻ ۾ آئي. شرڊيءَ جا ماڻهو پسون پکي ڊپ وچان اَچي

مسجد ۾ ڪنا ٿيا ۽ سڀني شري سائين بابا کي اچي عرض ڪيو ته "ڪرپا ڪري هي سنڪٽ دور ڪريو."
بابا کي ديا آئي ۽ ٻاهر نڪري، مسجد جي ويجهو بيهي، ٻادلن ڏانهن منهن ڪري چيو "بس هاڻي شانتي ڪريو."
ڪجهه سمي ڪانپوءِ جڏهن طوفان ۽ وڪا جو زور گهٽيو ۽ آسمان ۾ چنڊ ڏسڻ ۾ آيو، تڏهن سڀ خوش ٿي گهر موٽي ويا ۽ باباجن جي واهه واهه ڪندا ويا.

ٻئي دفعي وري، منجهند جو ڏوڻيءَ جي اڳني جيون ڪيڏندي، ڇت تائين وڃي پهتي. باباجن سان سڌو ڳالهائڻ جي ڪنهن به همت نه ساري، فقط پاڻ ۾ سس پس ڪندا رهيا ته اڳنيءَ تي پاڻي وجهي وسايون يا ڪو ٻيو اپاءُ ڪريون. باباجن سنگت جو اندر پروڙي، پنهنجو (ستڪو) ڏنڊو کڻي، ٿنيءَ تي زور سان ڌڪ هڻي چيو ته، "هيٺ لهي اچ ۽ شانت ٿي وڃ."

اُن ڪانپوءِ باباجن جي لٺ جي هر هڪ ٺوڪر سان اڳني شانت ٿيندي ويئي ۽ آخر هميشه جيان ٻرڻ لڳي. مطلب ته اوتاري پرش سائين بابا جي شرڻ وٺڻ سان سڀني ڀڳتن جو ڇوٽڪارو ٿيو.

تنهڪري جيڪو سائين بابا ۾ وشواس رکندو، تنهن کي ايشور پراپتي جلدئي نصيب ٿيندي ۽ جيڪو سندن شرڻ ۾ اچي نشڪام سيوا ڪندو، تنهنجون سڀ اڇائون پوريون ٿينديون رهنديون ۽ نشڪامنا واري پد کي پائيندو.

## (گل - ١١)



ساڌن جي بچاءَ ڪرڻ لاءِ ۽ دشٽن کي ناس ڪرڻ لاءِ ئي، ايشور اوتار ڌاري ايندو آهي پر سنتن کي تہ ساڌو ۽ دشٽ ٻئي هڪ جهڙا ۽ سمان ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پوءِ دشٽن کي مارڻ جو مطلب ڇا آهي؟ مطلب اِهو آهي تہ خراب ڪم ڪندڙ ۽ آڌرمي دشٽن کي سنتين دڳہ تي لائڻ لاءِ ئي، ايشور ايندو آهي. سنتن جي هرديہ ۾ ڀڳوان هوندو وسي ٿو ۽ ڪائنن جدا ٿاهي، تنهن ڪري هو هميشه نشڪام ۽ نتيہ مڪت هوندا آهن. شري سائين بابا اِنهيءَ پدويءَ جو اَوتار هو. هن وٽ شترو، متر، راجا ۽ فقير سڀ هڪ سمان هئا، ڀڳتن جي سنهائتا لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا تہ ٻہ سندن آگيا کان سواءِ، ڪوبہ ڀڳت وٽن پهچي ڪين سگهندو هو. اهڙا ڪيترا شخص هئا، جن کي ڀڳوان سائين بابا جو درشن نصيب نہ ٿيو ڇو تہ منجهن سائين بابا ۾ پُورن وشواس ۽ شرڌا ڪين هئا ۽ پريوءَ جي ڪٿائن ۽ ڪيرتن ۾ هنن جي دلچسپي ڪانہ هئي. جيسين سڀ سنگي ڀڳتن ۾، اِها رچي پڌا نہ ٿيندي هئي،

تيسين انترياميِ سائين بابا، انهن کي درشن ڏي ڪين ڏيندا هئا. پر جي اهڙن اوشواسي شخص کي درشن ملي ويندو هو ته شرڊيءَ ۾ وڌيڪ رهي ڪين سگهندا هئا. مطلب ته جن کي باباجن لائق سمجهندا هئا، انهن کي ئي پاڻ وٽ اچڻ ڏيندا هئا. ته به ڪين باباجن جي آگيا يڪدم پالڻي پوندي هئي. هو پنهنجي مرضيءَ موجب رهي ڪين سگهندا هئا.

هڪ دفعي يڪنت ڪاڪا مهاجني، بمبئي مان ڪهي شرڊيءَ ۾ آيو ۽ خيال ڪري آيو ته هڪ هفتو رهي، گوڪل اشٽميءَ جو ميلو ڏسي پوءِ ويندس. باباجن جي پهرئين درشن ڪرڻ تي، باباجن پڇيس ته "تون واپس ڪڏهن ويندين؟" هو واپس وڃڻ جو سوال پڏي واڻرو ٿي ويو پر پاڻ سنڀالي جواب ڏنائين ته "جڏهن باباجن آگيا ڏيندا تڏهن واپس ويندس." باباجن نهه پهه چيس تـــ "توکي سڀاڻي واپس وڃڻو پوندو." بابا جي آگيا جي النگهن ڪرڻ جي ڪنهن کي به همت ڪانه ٿيندي هئي ۽ ڪاڪا مهاجني ٻئي ڏينهن ئي سوئي موٽي هليو ويو. جڏهن بمبئيءَ ۾ پنهنجي آفيس ۾ پهتو تـــ ڏنائين ته "سندس سيٺ ڏاڍي انتظار ۾ ويٺو هو ته مهاجني ڪڏهن موٽي ايندو، ڇو ته سيٺ جو "منيم" يعني مکيه ڪاڳري اوچتو بيمار ٿي پيو هو، جنهن ڪري مهاجنيءَ جو

آفيس ۾ هئڻ بلڪل ضروري هو. هن مهاجنيءَ ڪسي موٽي اچڻ جو خط لکيو هو، جو شرڌيءَ مان واپس موڪليو ويو. انترياميِ باباجن، سچي استٿيءَ حالت پروڙي، مهاجنيءَ کي يڪدم واپس موڪليو.

هاڻي مٿين وارتا جي بعد اُبتڙ، وڪيل پاٺو صاحب ڌمال جي ڪٿا ٻڌو. هو هڪ مقدمي جي باري ۾، نغاڙ شهر جي ڪورٽ ڏانهن وڃي رهيو هو ته وات تي ترسي، اچي باباجن جو درشن ڪيائين ۽ باباجن کان نغاڙ واپس وڃڻ جي آگيا گهريائين. باباجن چيس ته ”موڪل نه ملندي. هڪ هفتو رهي پوءِ وڃڻو پوندءِ.“ ۽ هي سڀ وچن چئي رهي پيو. هو ڏانهن نغاڙ جي ڪورٽ جو جج بيمار ٿي پيو، جنهن ڪري پاٺو صاحب ڌمال جي مقدمي جي شنوائي ٻي تاريخ تي مهمل ڪئي ويئي. هفتي پوري ٿيڻ بعد، هن کي وڃڻ جي آگيا ملي. پاٺو صاحب وڪيل جو اهو مقدمو ڪيترن مهينن تائين، ڪن ججن وٽ هلندو رهيو، جو آخر وڪيل ڪٽيو ۽ سندس اصيل صفا ڇٽي ويو. سڪيا:- سڀ پنهنجن ڀڳتن جو ڀلو چاهيندا آهن ۽ سندن فائدي لاءِ ٿي ڪين آگيا ڏيندا رهندا آهن.

”اپني جن ڪا ڀڙدا ڀاڪيءَ، اپني شيوڪ ڪي سو ڀراکيءَ
اپني داس ڪئه ديئه وڏ تائي، اپني شيوڪ ڪئه نام جپائي- اپني شيوڪ ڪي آپ پت راکيءَ، تاکي گت مت ڪوءِ نه لاکيءَ.“

## جج جي فيصلي کي رد ڪرڻ

نانا صاحب نموڪر رٽائرڊ جج، شرڊيءَ ۾ پنهنجي استريءَ سميت رهيل هو ۽ ٻئي ڄڻا، باباجن جي شيوا ۽ سنگت ۾ وقت ڪندا هئا سندن هٿ بيلاپور ۾ بيمار ٿي پيو. خبر ملڻ تي ماءُ ڪجهه ڏينهن پٽ وٽ وڃي رهڻ جو فيصلو ڪيو پر نانا صاحب ڪيس چيو ته "پٽ جو منهن ڏسي، ٻئي ڏينهن موٽي اچون." ٻئي باباجن کي چرن وندنا ڪري سندن آڳيا وٺڻ آيا ته بابا چيو "جلدي وڃو گهٻرايو نه. ٻه چار ڏينهن شانتي چت سان اُتي رهي، مٿن مائٽن کي ملي پوءِ شرڊيءَ اچجو." يعني جج نموڪر جو فيصلو، باباجن جي آڳيا سان رد ٿي ويو!

## جوتشي براهمڻ جو باباجن ۾ پنهنجي گُروءَ جو درشن ڪرڻ

ملي شاستري نالي، ناسڪ جي هڪ پڪو ڪرم ڪانڊي ۽ اَگني هوتري براهمڻ، ڇهن ئي شاستترن جو اڀياس ڪيو هو ۽ جوتش ودِيا ۾ پڙ هو. هڪ دفعي هو ناگپور جي پرسڌ ڪروڙپتي بابا صاحب بوٽي سان ملاقات ڪري، پوءِ سچڻ سان گڏجي، شرڊيءَ ۾ باباجن

جي درشن لاءِ مسجد ۾ آيو. باباجن به اُن ڏينهن مؤج ۾ اچي، ميوي واري کان ڪ ميوا ٻيون شيون وٺي، مسجد ۾ آيل سنگت ۾ ورهائي ڏنا.

باباجن کي اهڙي رمز ياد هئي، جو اُنب کي چوڌاري زور ڏيئي، وات ۾ وجهي چُوسڻ بعد، باقي رهيل ڪل ۽ ڪور ڪڏهن ڪڏهن ڦٽي ڪندا هئا. پر هن ڀيري ڪيلي جو ڇڄ ڪڏهن سنگت ۾ ورهايائون ۽ ڪلون رکيائون پنهنجي لاءِ! مٿئين آيل جوتشيءَ اِهو ڏسي، باباجن کي عرض ڪيو ته "مون کي پنهنجو هٿ ڏيکاريو." بابا اِهي لفظ ٻڌا اَڻ ٻڌا ڪري ڇڏيا ۽ موٽ ۾ ڪيس چار ڪيلا پرساد طور ڏنا ۽ سڀ آيل موٽيا، واڙي جي مهمان سراءِ ۾ هليا ويا. اُتي پهچي، ملي شاستري جوتشي سنان ڪري ۽ پوتر وستر پهري، اُگهي هو تہ هوَن ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

هيڏانهن باباجن به نيم موجب ليڊبڊي طرف ڪن سان گڏجي پنڌ ڪرڻ ويا. وات تي فرمايائون ته "اَج گيروُ رنگ پاڻ سان ڪٺي هلو، اُن سان ڪ ستون کي رنگي، ڀڳوُن ڪنداسين." ڪن به اُن جو مطلب ڪين سمجهو. ڪجهه وقت بعد باباجن موٽي آيا ته منجهند جي آرتيءَ جي تياري شروع ٿي ويئي هئي. مهمان سراءِ ۾ وري، بابوُ صاحب جوڳي، جوتشيءَ کي چيو ته "منجهند جي آرتيءَ ۾ هلي شامل ٿيندا؟" هن چيو ته هينئر نه.

شام جو باباجن جو درشن ڪرڻ ويندس. تنهن ڪري جوڳي صاحب اڪيلو هليو ويو.

باباجن جڏهن مسجد ۾ اچي آسڻ تي براجمان ٿيا ته ڀڳت لوڪن سندن پوڄا ڪئي ۽ آرتي به شروع ٿي. باباجن اوچتو چيو ته "نئين آيل براهمڻ کان دڪشڻا وٺي اچو." ان تي سيٺ بوٽي پاڻ اوڏانهن ويو ۽ باباجن جو سنديش براهمڻ شاستري کي ٻڌايائين، جو ٻڌي هو منجهي پيو - دل ۾ چيائين ته "مان اگني هوتري براهمڻ آهيان مون لاءِ ٻين ڪنهن کي دڪشڻا ڏيڻ واجب آهي ڇا؟ مان مڃان ٿو ته باباجن برابر سنت پرش آهن پر مان ته سندس شش آهيان ئي ڪين." وري خيال آيس ته جڏهن باباجن پاڻ دڪشڻا گهري رهيا آهن ۽ سيٺ بوٽي ۽ جهڙو ڪروڙپتي، دڪشڻا وٺڻ آيو آهي، اُن کي خالي موٽائڻ واجب ناهي. پوءِ هوَن پوڄا جي اَڌ مان اُٿي، يڪدم سيٺ بوٽي سان گڏجي مسجد ۾ ويو. پر پاڻ کي شدّ ۽ پوتر سمجهي ۽ مسجد کي اَپوتر سمجهي، پريان بيهي باباجن کي هٿ جوڙي، مٿانئن گل ڦٽا ڪيائين. پر جڏهن باباجن جي روپ ۾ پنهنجو گورو ڪئلاش واسي گهولپ سوامي ڏٺائين، تڏهن اچرج ۾ پئجي ويو ته "منهنجو گورو هتي ڪٿان اچي پيدا ٿيو؟ مان سپنو ته ڪونه ٿو ڏسان!" عجب ۾ واٽ ئي ڦاٽي ويس ۽ وات مان اکر ئي نه پيو اُڪليس. نيٺ شڪ

دور ڪرڻ لاءِ اڳيان وڌيو ۽ گوروءَ جي چرنن تي ڪري هٿ جوڙي اُستتي ڪرڻ لڳو. ٻيا ڀڳت ته آرتي ڪرڻ ۾ مشغول هئا پر هي جوتشي براهمڻ، پنهنجي گورو مهما ڏانهن آچارڻ ۾ مگن رهيو. آخر جڏهن دل مان پنهنجي اُتم جات جو ۽ پنهنجي شڌتا ۽ پوترتا جو اهنڪار دُور ٿيس تڏهن اکيون پُوري، گوروءَ جي چرنن تي مستڪ نوايائين. وري جڏهن اکيون کولي مٿو مٿي کنيائين ته ڏٺائين ته باباجن ڪانئس دکشڻا گهري رهيا آهن!

هيئنئر سندس هوش ٺڪاڻي آيو ۽ باباجن جي شڪتي محسُوس ڪري باباجن کي نمسڪار ڪري دکشڻا ڏيئي چيائين ته ”هيئنئر منهنجا سڀ سنسا دُور ٿي ويا آهن ۽ مونکي پنهنجي گوروءَ جو درشن مليو. ڌن شري سائين بابا.“ باباجن جي اِها ليلا ڏسي سيني ڀڳتن جي اکين مان پريم ۽ خوشيءَ جا آنسُون وهڻ لڳا ته باباجن آگيا ڪئي ته ”گيرُو رنگ ڪٺي اچو - اڄ وستون ڪسي (ڀڳتين) گيرؤ رنگ ۾ رنگيندا سين.“ سيٺي جي واتان شري سائين بابا جي چمتڪارن سان، مسجد گُونجي اُٿي.

## باباجن ۾ شري رامچندر جو درشن

هڪ ماملتدار (مختيارڪار) پنهنجي ڊاڪٽر دوست سان گڏجي شرڊيءَ ۾ آيو، ”جنهن چيو ته ”منهنجو اِشٽ ديو سري رامچند آهي، تنهنڪري مان هن مسلمان

فقير اڳيان مٿو ڪين نمائيندس." ماملتدار چيس تہ "تون مٿي نوائڻ وغيره لاءِ بدل ڪونہ آهين ۽ نڪي توکي ڪو بہ ائين ڪرڻ لاءِ زور رکندو." جڏهن درشن ڪرڻ آيا تڏهن سيني ڪان اڳي ڊاڪٽر کي مٿو ٽيڪيندو ڏسي، سڀ عجب کائڻ لڳا ۽ ڊاڪٽر کي چيائون تہ "تو باباجن جي اڳيان ڏنڊوت پرڻام ڇو ڪيو؟" ڊاڪٽر موٽ ۾ چيو تہ "مونکي باباجن جي آسڻ تي، منهنجو اشت شري رام وٺل ڏسڻ ۾ آيو." ايتري ۾ وري باباجن کي آسڻ تي وٺل ڏٺائين! آسچرج ۾ پئجي چوڻ لڳو تہ "باباجن بيشڪ هڪ پورن اوتاري شخص آهن!"

ٻئي ڏينهن هن اُپواس رکڻ شروع ڪيو ۽ پرتگيا ڪئي تہ "جيسين مونکي باباجن ازخود سڏائي، آشيرواد نہ ڏيندا، تيسين مان مسجد ۾ پير بہ ڪين پائيندس." ۽ سانده ٽي ڏينهن مسجد ۾ ڪين آيو. چوٿين ڏينهن سندس هڪ گهاٽو دوست خانديش مان آيو، جنهن کي پاڻ سان وٺي، مسجد ۾ باباجن جو درشن ڪرائڻ آيو. نمسڪار وغيره ڪرڻ کانپوءِ باباجن کيس چيو تہ "اوهان کي سڏائڻ جي تڪليف ڪنهن ڪئي؟ اوهين هتي ڪئن پڌاريا آهيو؟" اِهي سوال ٻڌي، ڊاڪٽر جو اندر پگهرجي ويو ۽ اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيس. اُنهيءَ رات جوئي سائين بابا مٿس اهڙي ڪرپا ڪئي، جو ڊاڪٽر کي

پوم آنند جو اَنيؤ پراپت ٿيو. شرڌيءَ مان موٽي وچڻ بعد پڻ، ڪيس (١٥) پندرهن ڏينهن هرروز رات جو اِهو اَنيؤ ٿيندو رهيو ۽ هو هميشه لاءِ پڪو سائين ڀڳت بڻجي پيو.

”هم سنتن ڪي ريڻ پياري، هم سنتن ڪي شرڻا
سنت هماري اوٽ ستاڻي، سنت همارا گهڻا،
همري سنتن سه بڻ آئي، پوُرب لکيا پائي،
اِهي من تيرا پائي.“



# (ڳالهه - ١٣)



باباجن جي وچن ۾ ڳوڙهو گيان ڀريل هوندو هو. ڳالهائيندا ٿورو هئا، پر اُنهن مختصر اکرن ۾ اُونهي ودّيا سمايل هوندي هئي. پاڻ سدا نشچنت ۽ نرڀيه رهندا هئا ته به چوندا هئا ته جيئن ٽيڪ مان فقير آهيان ۽ گهر بار ۽ اِستريءَ جي جنجال ۽ جهنجهٽ کان ڇٽل آهيان ۽ دنيوي چنتائن کان مڪت ٿي، پنهنجي سريو کي بي ڀلائي ڇڪو آهيان ته به مايا مونکي ڪشٽ پهچائيندي رهي آهي، جو ته هوءَ مونکي پنهنجي چڪر ۽ قيد ۾ ڦاسائي ڇڏيندي آهي. ڀڳوان جي هيءَ مايا اهڙي پربل آهي، جو برهما آدڪ ديوتائن کي به موهي ڦاسايو وجهي. پوءِ مون جهڙو هڪ دربل فقير، مايا اڳيان ڪهڙو ٽڪ جهلي سگهندو! پر جيڪو به هري پرماتما جي شرڻ وٺي ٿو، اُهو هن مايا جي جار کان بچي مڪت ٿي ويندو.”

شري ڪرشڻ ڀڳوان جو چوڻ آهي ته ”سنت منهنجا زنده روُپ آهن.“ اِهي وڏا ڀاڳيه شالي آهن، جن جا سڀ پاپ ناس ٿي ويا آهن. باباجن پاڻ چوندا هئا ته

”جيڪڏهن اوهين فقط ”سائين، سائين“ لفظ جو سمرڻ
ڪندا رهندا ته مان اوهان کي هن ڀوساگر کان پار ڪندس.
اوهين مون تي وشواس رکو، توهان کي لاڀ ضرور
ملندو. منهنجي پوڄا ڪرڻ لاءِ، پوڄا جي سامگري
ڪٺي ڪرڻ يا اشٽانگ يوگ ڪرڻ جي آوشيڪتا ناهي.
مان ته صرف ڀڳتيءَ ۾ ئي راضي رهان ٿو.

”ڀڳتي هر ڪا پيار هيءَ.“

پوني جي نارايڻ گانو جي ڀيماجي پاٽيل کي ١٩٠٩ع ۾
هڪ خوفناڪ بيماري ٿي، جا آخر سلهه جي روپ ۾
ظاهر ٿي. هن گهڻيئي علاج ڪيا پر ڪوبه فائدو ڪونه
ٿيس. آنت ۾ دل شڪستو ٿي هن ڀڳوان کي پرارٿنا
ڪئي ته ”هي هري نارايڻ، مون اناٿ جي ڪجهه
سهايتا ڪريو.“ مشهور چوڻي آهي ته ”دک ۾ سمرڻ
سڀ ڪريءَ، سک ۾ ڪريءَ نه ڪوءِ.“ پرارٿنا بعد ويچار
آيس ته سائين بابا جي پرم ڀڳت نانا صاحب چندورڪر
کان اِن باري ۾ صلاح وٺڻ گهرجي ۽ اُن موجب هن
پنهنجو سڄو احوال خط ۾ لکي هن کي موڪليو. جواب
آيس ته ”هينئر ته فقط سائين بابا جي شرڻ وٺڻ جو
ئي علاج اچي رهيو اٿوَ.“

ڀيماجي پاٽيل اُن ڏس تي وشواس رکيو ته ”آهين
مهربان سائين مليو ڏس آهي، تنهنجي توري رحمت وڏو
وَس آهي.“ ۽ اُن موجب شرڊيءَ ۾ پاڻ ڪڍائي آيو ۽

مسجد ۾ آڻي، کيس ليٽايو ويو. باباجن يڪدم نانا صاحب ۽ شاما ڀڳتن کي چيو ته ”هن جي بيماري گذريل جنم جي پاپ ڪرمن جو ڦل آهي، تنهن ڪري مان هن جهنجهٽ ۾ پوڻ نٿو چاهيان.“ ڀيماجي اهي لفظ ٻڌي ڊڄي ويو ۽ روئڻ هارڪي آواز ۾ چيائين ته ”مونکي سهائتا ڪرڻ وارو ٻيو ڪوبه ڪونهي. اوهان جي آسري تي ئي ته هتي ڀاڄ ڪٽائي آيو آهيان. ڪرپا ڪري مدد ڪريو.“

باباجن کي هن جي روئڻ تي قياس اچي ويو ۽ چيائون ته ”چڱو، فڪر نه ڪر. تنهنجو ڏک جلد لهي ويندو. هن مسجد ۾ پير پائڻ وارن جا ڏک برابر دور ٿيا آهن. مسجد جو فقير برابر ديالو آهي، اهو تنهنجو ڏک پڻ دور ڪندو. هو سڀني لوڪن تي ديا ڪندو آهي.“ روڳي ڀيماجي کي ٥-٥ منٽن، رت جون الٽيون اينديون هيون، سي باباجن جي روبرو بند ٿي ويئون! وري جو باباجن چيو ”تنهنجا ڏک دور ڪندو“، ته ڀيماجي پاڻ کي بهتر سمجهڻ لڳو. باباجن حڪم ڪيو ته ”روڳيءَ کي ڀيما بائيءَ جي گهر ۾ وڃي رهايو.“

ڀيما بائيءَ جو گهر، نه اهڙو هوادار هو ۽ نه اُن ۾ ڪو اهڙو سهنج هو. ليڪن باباجن جو حڪم ڪير موٽائي! مگر ڀيماجيءَ جو روڳ، باباجن اُتي ٻن سپنن جي معرفت دور ڪيو. هڪ سپني ۾ ڏٺائين ته ”مون کي

ماستر چيو ته هي بيت ۽ ڪوتا ياد ڪري ٻڌاءِ. جا مان ٻڌائي ڪين سگهيو آهيان ۽ ماستر ڪاوڙجي مونکي بيد جي لڪڻ سان اهڙي سخت مار ڏني آهي، جو مان سور وچان چلائي رهيو آهيان."

ٻئي سپني ۾ ڏٺائين ته "منهنجي دل تي، هيٺ کان مٿي، مٿي کان هيٺ، ڪو ماڻهو پٿر گهمائي اهڙي سخت پيڙا ڏيئي رهيو آهي جا منهنجي سهڻ کان ٻاهر آهي." انهن ٻن سپنن ڏسڻ بعد، جڏهن صبح جو اُٿيو ته ٻاڪي اهڙو نيڪ سمجهيائين، جو ٻئي ڏينهن پنهنجي گهر موٽي ويو! "اُن ڪانپوءِ جڏهن شردي‌ءَ ايندو هو، تڏهن باباجن جي ديا ياد ڪري، سندن اڳيان ساشٽانگ ڏنڊوت ڪندو هو. مهاراشٽر جا ماڻهو، گهڻو ڪري هر مهني ستيه نارائڻ جو ورت رکندا آهن. پر نيڪ تي وڃڻ ڪانپوءِ، پيماجي هر مهني سائين بابا جي نام سمرڻ جو ورت رکڻ شروع ڪيو."

"دک ڀنجن تيرا نام — آتم پهر آراڌ ٿئي،
پُورن ستگور گيان."

## ڪاري کنگهه جي روُپ ۾ آسيس ڪرڻ :

ٻئي هڪ ٻالاڳڻپت درزيءَ کي پڻ "جهوُني تپ يعني سلهه جي بيماري اچي ٿي ۽ دوائون ۽ ڪاڙها پي پي تنگ ٿي پيو پر فائدو اصل ڪين ٿيو. تپ پينو ئي

رهيو. بيو چاڙهو نہ ڏسي باباجن جي چرنن تي اچي متو ٽيڪيائين. باباجن يڪدم هڪ عجيب آگيا ڏنس تہ ”هيئنئر جو هيئنئر لڪشمي مندر وٺ وڃ ۽ ڪاري ڪتي کي چانور ۽ ڏڌ وجي کاراءِ.“ هو اول منجهي پيو تہ ”ڏوا ڪيهي تي مون کي ۽ باباجن جو حڪم آهي تہ وڃي ڪاري ڪتي کي کاراءِ!“ پر پوءِ ”حاضر سائين“ ڪري گهر ويو ۽ چانور ۽ ڏڌ کڻي، لڪشمي مندر ۾ ويو تہ اُتي هڪ ڪارو ڪتو ڏٺائين، جو ڪيس ڏسي پنهنجو پڇ خوب لوڏڻ لڳو. بالا گڻپت آندل چانور ۽ ڏڌ، ڪتي مهراج جي اڳيان رکيا، جي هُو يڪدم کائي ويو. جڏهن گهر موٽيو تہ معلوم ڪيائين تہ تپ آهيئي ڪونہ! تنهن ڪانپوءِ وري تپ ڪين آيس. وڃڻ کي ويو.

”پتي ڪرپال گسائينئان، نتي سوگ سنتاپ،
تتي واءُ نہ لڳئي، ستگور رکي آپ.“

## دعا سان دست ۽ اُلٽيون بند ڪرڻ

شريمان باپو صاحب بوٽي کي هڪ دفعي (آمل پت) سُوري ۽ دستن جي بيماري اچي ٿي ۽ چڱي پيڙا پو ڳيائين. سندس ڪبٽ ۾ ڪئين دوائون رکيون هيون پر ”ڪيون تڏهن فرق ڪن، جڏهن اُمر ٿئي اُن جو.“ بدن ۾ بلڪل لهي ويو ۽ سندس حالت اهڙي ڪيئير تي وڃي، جو منجهس ايتري طاقت نہ رهي، جو مسجد

ھر وقت، باباجن جو درشن ڪري سگهي. ليڪن مهربان
سائين بابا، ماڻهو موڪلي ڪيس گهرائي، پنهنجي سامهون
وهاري چيو تہ ”ساوڌان، هاڻي تنهنجا ڏست بند ٿيندا.“
وري آڳر ڪڻي چيائون تہ ”تنهنجون اُلٽيون بہ اوشيہ
روڪجي وينديون.“ باباجن جي اهڙي ڪرپا مٿس ٿي،
جو روڳ صفا لهي ويس ۽ جلد ئي نئوبدو ٿي پيو!

ٻئي پيري شري بوٽي کي ”هيضي“ جي بيماري
وڪوڙي ويئي، جنهن ڪري ڪيس اُسات اچي ورايو.
ڊاڪٽر پلي پنهنجون دوائون ڦيري ڦيري ڏنيون پر
حالت نہ سڌري. ٻيو ڪو وسيلو نہ ڏسي باباجن وٽ
اچي عرض ڪيائين، ”ڪرپا ڪري منهنجي اُسات دور
ڪريو.“ باباجن چيس تہ ”بادامين، اکروٽ ۽ پستن جو
ڪاڙهو، مٺي کير ۾ ٺهڪائي وٺي پيءُ تہ الله مالڪ جي
ديا سان اُسات لهي ويندءِ.“

ٻين ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن چيو تہ ”باباجن وارو ڪاڙهو،
توکي نهوڙي نيندو“، پر شري بوٽي، باباجن جي آگيا
پالن ڪئي ۽ نيڪ ٺاڪ ٿي پيو.

## سواميءَ جي ڪن جو سور ۽ سوڄ لاهڻ

آلندي شهر جو هڪ سوامي، باباجن جي درشن
لاءِ شرڊيءَ ۾ آيو. هن کي ڪن ۾ اهڙو سور هو، جو
هو ڦٿڪيو پئي ۽ سور وچان هڪ هنڌ ويهي بہ نٿي

سکھيو. هن ديسي چڪتسائون ڪيون هيون پر آرام ۽ سُور ۾ فائدو اصل ڪين ٿيس. سُور کان تنگ ٿي، باباجن کان گھر وڃڻ جي موڪل وٺڻ آيو. پڳت شاما، باباجن کي هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته ”سواميءَ کي ڪن ۾ ڏاڍو سُور آهي، متس پنهنجي ڪرپا ڪريو.“

باباجن وراڻيو، ”الله اڇا ڪريگا. اپني گھر پي تڙڪ چلي جائو.“

سوامي هٿ جوڙي موٽي پوني ۾ آيو ۽ هفتي بعد باباجن کي خط لکي موڪليائين ته ”اوهان جي ڪرپا سان سُور ۾ گھڻو آرام آهي، باقي سوڄ اڃا هلندي اچي.“ سوڄ جي آپريشن ڪرائڻ لاءِ بمبئي آيو. سرجن ڊاڪٽر چيس”ته آپريشن جي ڪابه ضرورت ڪانهي. آهستي آهستي لهندي ويندي.“ سواميءَ کي پوءِ ٿي تسلي ٿي، ته باباجن جي آسيس ۽ دعا سان ئي، سُور ۽ سوڄ ٻئي لٿا آهن.

## ڪاڪا مهاجنيءَ جو ڏک دور ڪرڻ

ڪاڪا مهاجني شيوا ڪندڙ پڳت کي ”اتيسار“ جو مرض اچي ٿيو، جنهن ڪري هر گھڙيءَ ڪاڪوس جو خيال ٿيندو هوس. پر شيوا ڪرڻ ۾ وکھن نه پوي، ان ڪري پاڻيءَ سان ڀريل لوٽو مسجد جي ڪنڊ ۾ رکي ڇڏيندو هو، جنهن ڪاڪوس جي خيال تي يڪدم لوٽو کڻي ڪم لاهي اچي. انترامي باباجن کي ڪاڪا مهاجي

اِن باري ۾ ڪجهه به ڪين چيو ڇي تڪليف پاڻيهي لهي ويندي. مسجد کي اُن وقت نئين فرش ٻڌائڻ جي منظوري باباجن کان مليل هئي ۽ جڏهن فرش جو ڪم چالو ٿيو ته باباجن جوش ۾ ٻوجي واڪا ڪرڻ شروع ڪيا، جنهن تي سڀ ڊجي ڀڄڻ لڳا. مهاجني به جڏهن ڀڄڻ لڳو، تڏهن باباجن ڪيس پڪڙي پنهنجي سامهون ويهاري ڇڏيو.

پوءِ ڀڄندڙن مان هڪ جڻو، پنهنجي سڱ ڏاڙهيا يا ٻوهي مڱن جي ڳوٿري پنيان مسجد ۾ پلجي ويو. باباجن اُن مان مڱ قلين جا ٻڪ ڪڍي، ڏاڙهن جون ڪلون لاهي، ڪاڪي کي ڏيئي چيو ته ”هي کائيندو رهه.“ پاڻ بہ کي ڏاڙها کائيندا رهيا. جڏهن ٿيلهي صفا خالي ٿي ويئي تڏهن باباجن چيو ته ”مونکي پياس لڳي آهي، وڃي ٿورو پاڻي ڀري آءِ.“ ڪاڪا هڪ گهڙو پاڻيءَ جو ڀري آيو ۽ ٻنهي اُن مان پاڻي پيتو.

پوءِ باباجن وري چيو ته ”هاڻي تنهنجو اُتيسار جو روڳ لهي ويو. تون بہ اونو ٿي، فرش هڻائڻ جي سنڀال ڪندو رهه.“ ٿوري ئي وقت ۾، ڀڄي ويل ڀڳت موٽي آيا ۽ فرش لڳڻ جو ڪم شروع ٿي ويو ۽ ڪاڪو اُنهيءَ شيوا ۾ مشغول ٿي ويو. اُتيسار جو روڳ جي دوا، سڱ ڏاڙها کائي، مٿان پاڻي پيئڻ سان ٿي سگهيٿي ڇا؟ اُن جو جواب ڪير ڏيئي سگهندو! حڪمت ۽ دوائن

جي ڪتابن موجب ته سگهه داڻا اُتيسار ڪي بند ڪري بدران پاڻ وڌائيندا آهن. پر باباجن جي طبابت آهي سندن دعا. جنهن تي ٻاجهه ڪندا، اُن جا ڏک دُور ٿي ويندا. اسان کي ٿنهڪري سندن ٻاجهه ۽ دعا همٿ ڪري جو اُپاءُ ڪري ڪپي ته سڀ درد ڏک دفع ٿي ويندا.

"ستگور داتا بنا - ڏک روڳ ڪا ڏيرا پنا."

* * * *

هردا شهر جي دتوپنت کي، (١٤) چوڏهن ورهين کان پيٽ جي بيماري ستائيندي رهي هئي ۽ دوائن مان آسرو لاهي ويٺو. سندس ڪن تي باباجن جي ساراهه پيئي ته هو "هڪ نظر سان ڏک دور ڪندا آهن ته هو پڇندو اچي باباجي چرنن ۾ ڪريو. اَنترِيامي باباجن، پنهنجي هڪ ئي پريم درشٽيءَ سان هن ڏي نهاري، آشيرواد ڏيئي، پنهنجو همٿ سندس مٿي تي رکيو ته بلڪل ٺوبنو ٿي پيو. چوڏهن سالن جي پيڙا چوڏهن منٽن اندر لهي ويس!!

"متان دل مانديِ ٿئين الله پيو آهي -
سوَن ورهين جا ڏکڙا هڪ لحظي ۾ لاهي -
اهڙو ئي آهي، صاحب منهنجو سپرين."

* * * *

ماڌوراءِ ديشپانڊي کي "بواسير" جي بيماري هئي ۽ باباجن جي دعا حاصل ڪري آيو. باباجن چيس ته

”سوناملکي“ جي ڪاڙهي پيئڻ سان تنهنجو بواسير غائب ٿي ويندو ۽ هن کي برابر فائدو پيو. ٻن ورهين کانپوءِ وري تڪليف چالو ٿيس ۽ هن باباجن جي آڳيا وٺڻ کانسواءِ، وري اڳيون ڪاڙهو وٺڻ شروع ڪيو ته بواسير هيڪاري وڌي ويس. وري جڏهن باباجن وٽ روبرو اچي سندن آسيس ورتائين، تڏهن فائدو پيس.

* * *

ڪاڪا مهاجني جي وڏي ڀاءُ گنگاڌر پنت کي پيٽ جي تڪليف ڪن سالن کان هئي. شوڌڪ ۾ اچڻ کان پوءِ، باباجن جي دعا ”الله آڇا ڪريگا“ کانپوءِ پيٽ جي بيماري پڻ ڪري اُڏامي ويس.

* * * *

نانا صاحب چندورڪر کي پڻ پيٽ جي بيماري اهڙي سخت ٿي، جو مڇيءَ وانگر پيو ٿڙڦندو هو ڊاڪٽرن جي دوا جو تياڳ ڪري، باباجن جي دعا جي دوا وٺڻ آيو ته باباجن چيس ته ”تون برفي ۽ گيهه کائڻ شروع ڪر ۽ الله سڀ سولي ڪندو.“ ۽ انهيءَ دوا وٺڻ سان هو بلڪل ٺيڪ ٿي پيو!!

مطلب ته شري سائين بابا جي مکاروند مان نڪتل وچن ئي، ڀڳتن جي بيماري دفع ڪندا هئا. سنتن جا وچن ئي دارون آهن.

(گل - ۱۴)



## مانش جنم ۽ اُن جو آدرش

باباجن جي سديو اِهائي اِڇا هوندي هئي تہ لوڪ سنسار ۾ سکي جيون وتيت ڪن ۽ حياتيءَ جو مکيہ لکشيہ ۽ آدرش آتم اَنڀوتي يعني ايشور جو درشن پراپت ڪن. چوندا هئا تہ ”هيءَ ديهي سڦل تڏهن ٿئي، جڏهن مانش جنم ۾ ڀڳتي ۽ موکش پراپت ڪري سگهون. تنهن ڪري اسان کي پنهنجي مقصد ۽ آدرش تي پهچڻ لاءِ هميشهہ خبردار ۽ تيار رهڻ گهرجي. جڏهن توهين هر روز پرڀوءَ جي سنتن ۽ پرڀوءَ جون ليلائون ٻڌاندا رهندا تڏهن ئي اوهان کي پرڀوءَ جو درشن ۽ سندس سنتن جو درشن پراپت ٿيندو رهندو. اِن ڪري ڏينهن رات سمرڻ ڪندا رهو. ”بولو صبح شام، هري ڪرشن هري رام.“ هر وقت ۽ دم دم سمرڻ ڪري ڪري، من جي چنچلتا جلد ئي دور ٿي ويندي ۽ نرنتر يا لڳاتار اڀياس ڪرڻ سان اوهين چيتنيہ پرڀوءَ سان لين ٿي ويندا.

نظام رياست جي ناندير شهر ۾ رتن جي شاپرجي واڊيا نالي هڪ مشهور واپاري رهندو هو ۽ وٽس مال

ملڪيت ڳائڻ ٻون گهوڙا وغيره بلڪل چڱي انداز ۾ هئا. ليڪن وڌاتا جي رچنا اهڙي وچتر آهي، جو ڪيتري ٻــــ ڌن مال هوندي، سنسار ۾ پُورڻ سکي ڪوئي ڪونہ آهي. رتنجي پرآپڪاري ۽ دان شيل هو ۽ جيڪي ونس ويندا هئا تن کي وستر وغيره جي گهرج سارو مدد پڻ ڪندو هو، ليڪن اولاد ڪونہ هوس. شاسترن ۾ چيل آهي تہ ”جهڙيءَ طرح پڳتيءَ کان سواءِ ڪيرتن، ساز بنا سنگيت، جٽئي بنا ٻراهمڻ، وهنواري گيان بنا ڪلاڪار، پشچاتاپ بنا تيرٿ ياترا، ڪنٺ مالها بنا آلنڪار سوڀيا نٿا ڏيــن ۽ آتم نٿا ليکجن ۾ اچن، تهڙيءَ طرح سنتان بنا گهر پڻ سڃو پيو لڳندو آهي.“

رتنجيءَ کي سنتان جي چنتا هروقت پيئي چيندي هئي ۽ هو من ۾ پيو چوندو هو تہ ”ايشور مون تي ديا نہ ڪندو ڇا؟ مونکي پتر جي پراپتي ڪين ٿيندي ڇا؟“ مطلب تہ ايترو اداس رهندو هو جو پوڄن بہ ڪين وڻندو هوس. هن جي نشنا، داس ڳٽو مهراج ۾ هئي ۽ پنهنجو حال وڃي هن سان اوريائين. هن وري چيس تہ ”تنهنجي اِها منوڪامنا، شري سائين بابا ست ئي پوري ڪري سگهندو. منهنجي توکي صلاح آهي تہ جي تون سندس شرڻ ۾ وڃي پوندين تہ توکي سنتان پيدا ٿيندي.“

رتن جي کي پڻ اها صلاح دل سان لڳي ۽ هن شرڌيءَ وڃڻ جو فيصلو ڪري، ڪجهه ڏينهن بعد شرڌيءَ ۾ اچي، شري سائين بابا جي چرنن تي ڪري پيو. سائين بابا کي سندر هار پائي، ڦل ڦوُل پڻ پيٽا رکيائين ۽ ڪجهه وقت بعد پرارٿنا ڪيائين ته ”اوهان اَنيڪ آپدائن ۽ مصيبتن جي ماريل شخصن جا ڪه دوُر ڪيا آهن. مان پڻ اوهان جي ڪيرتي ۽ ساراهه ٻڌي، دل ۾ آشا پائي، اوهان جي چرنن ۾ آيو آهيان. مون کي پورو ڀروسو آهي ته اوهين مون کي نراس ڪين ڪندا.“

باباجن فرمايو ته ”مونکي پنج روپيا دکشڻا گهرجي پر انهن مان مون کي ٽي روپيا ۽ چوڏهن آنا ملي چڪا آهن، تنهن ڪري باقي رهيل رقم هڪ روپيو ۽ ٻه آنا اول ڪڍي ٻاهر ڪر.“ رتنجي ٻڌي، عجب ۾ پيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته ”مان هتي پهريون ئي ڀيرو آيو آهيان، پوءِ باباجن جي چوڻ موجب، ڪين ٽي روپيا چوڏهن آنا پيٽا ڪيئن ۽ ڪڏهن ڏنم!“ پر سوال جواب ڪرڻ بنا هن رهيل رقم ڪڍي باباجن اڳيان پيٽا رکي، مٿو ٽيڪيو ۽ شرڌيءَ ۾ اچڻ جو مطلب ٻڌايو. باباجن يڪدم فرمايو ته ” تنهنجا ڏکيا ڏينهن اچي سمايت ٿيا آهن، الله مالڪ تنهنجي اِڇا پوري ڪندو.“ اِئين چئي سندس مٿي تي هٿ رکيائون. رتنجي خوش

ٽي، باباجن کان موڪلائي ناندير موٽي آيو ۽ ڀڳت داس گنڊوءَ کي ساري احوال کان واقف ڪري چيائين ته ”اوهان جي ديا سان سڀ ڪم راس ٿيو، باقي هڪ ڳالهه اوهين ڪرپا ڪري سمجهايو تہ منهنجي شرڊي وڃڻ کان اڳ، باباجن کي ٽي روپيا چوڏهن آنا اڳي پيتا ملڻ جو مطلب ڇا آهي؟“ داس گنڊو چيس ته ”مان سوچي ويچاري پوءِ توکي اُن جو مطلب سمجهائيندس.“

ڪن ڏينهن کانپوءِ گنڊوءَ کي ياد آيو ته ٿورا ڏينهن اڳي، رتنجي هڪ مسلمان سنت مؤلا صاحب، کي گهرايو. سنت مؤلا صاحب، ڪُليءَ جو ڪم ڪندو هو ۽ ناندير ۾ مشهور هو. رتنجي هنجو آدرستڪار ڪري، کيس جل پان ڪرايو. رتنجيءَ کان داس گنڊوءَ پڇيو ته ”جل پان تي تهنجو انتي گهڻو خرچ ٿيو هو؟“ هن جواب ڏنو“ته ٽي روپيا چوڏهن آنا خرچ ٿيو، جو باباجن رتنجي کي چيو تہ مون کي ملي چڪا آهن! مطلب ڳالهه جو تہ شرڊيءَ ۾ ويٺي، سائين بابا کي انترياميتا سان پتو پئجي ويو ته رتنجي سنت مؤلاصاحب کي گهر ۾ جل پان ڪرائڻ تي پورا ٽي روپيا چوڏهن آنا خرچ ڪيو هو. يعني ته سنتن کي گذريل هلندڙ ۽ ايندڙ زمانن جي ڳالهين جي پوري ڄاڻ پئجي سگهيتي.

رتن جي، پنهنجي گوروءَ جي جواب تي سنتشٽ

تيو ۽ سائين بابا جي چرڻن ۾ سندس پريت وڌي. ڪجهه وقت ڪانپوءِ کيس ٻهريون ٻٽ ڄائو تہ سندس خوشيءَ جي حد نہ رهي. سائين بابا جي دَيا سان کيس ڪل (١٢) ٻارهن ٻار ڄاوا، جن مان چار سلامت رهيا.

ساڳي طرح راءِ بهادر هري ونايڪ ساٺي جي پهرين زال بنا اولاد گذاري وڃڻ تي، باباجن کيس ٻي شادي ڪرڻ جي صلاح ڏني، جنهن مان اول ٻہ ڌيئر پيدا ٿيس تہ دل ٿي لٿڙهي ويس پر جڏهن ٽيون ٻار پٽ ٿيس تڏهن دل کي ڌيرج آيس.

## دکشڻا ميمانسا يا پيٽا جو رواج ۽ مطلب

جيڪي باباجن جو درشن ڪرڻ ايندا هئا، اُنهن کان بابا دکشڻا وٺندو هو. اِهو واجب هئو يا نہ؟ شروعات ۾ تہ بابا اصل ڪجهہ ڪين وٺندو هو. ايتري قدر جو ٻرڻ تيليون بہ ڪنيون ڪري کيسي ۾ وجهي ڇڏيندو هو، جن ٻين کان گهرڻيون نہ پون. ڪنهن کان بہ ڪجهہ ڪين گهرندا هئا. جڏهن ڪو سندن اڳيان پيسو رکي ويندو هو تہ اُن مان تماڪ يا تيل وٺي رکندا هئا ڇو تہ کين بيڙي يا چلم ڇڪڻ جي عادت هئي. اِئين سندن اڳيان ڪجهہ پيٽا رکڻ جي، خالي هٿين سنت وٽ وڃڻ بہ ماڻهن کي واجب نٿي لڳو.

پر صرف هڪ پيسي کان وڌيڪ پيٽا ڪين قبول

ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو هڪ ٽڪو پيٽا رکندو هو تہ هڪ پئسو ڪيسي مان ڪڍي هن کي واپس ڏيندا هئا. پوءِ جڏهن جڏهن سندن ناموس وڌندي ويئي تئن جهنڊن جا جهنڊ هڪ ٻئي پٺيان پيا ايندا هئا "شرتيءَ" ۾ چيل آهي تہ "ڀڳوت پوڄا" سون يا ٻي پيٽا رکڻ کانسواءِ اَپورڻ يعني اڌ پوڄا سمان آهي. اُن موجب ڀڳوان جي پوڄا وانگر، ڀڳوان جي سنتن جي درشن وقت بہ ڪجهہ "پيٽا يا ارداس رکڻ ضروري آهي."

شاسترن ۾ بہ چيل آهي تہ راجا، سنت ۽ گوروءَ جي درشن ڪرڻ وقت، پنهنجي طاقت سارو پيٽا ارپڻ ڪرڻ کپي، جسا چالوُ سڪي جي روُپ ۾ هئڻ گهرجي. "برهدارڻيڪ اُپنشد" ۾ بيان آهي تہ "دڪش پرجاپتي" يعني برهما، ديوتائن، منشن ۽ دئتن کي صرف "د" اکر جي صلاح ڏني. ديوتائن "د" لفظ جو مطلب ڪڍيو "دم"، يعني پنهنجن اندرين کي دمن ڪرڻ يا ضابطي ۾ رکڻ. منشن مطلب ڪڍيو تہ دان ڪرڻ جي صلاح ڏني ويئي آهي ۽ دئتن سمجهيو تہ ڪين دَيا ڪرڻ جو اُپديش ڏنو ويو آهي.

تئترييہ اُپنشد ۾ چيل آهي تہ "سيني کي دان ۽ سچ جو اڀياس ڪرڻ جڳائي. وشواس پوُرڪ دان بنا، ڏتل دان نشڦل ۽ وٿرت آهي. نمرتا سان ۽ وڏي دل سان، آدرستڪار ۽ سهانپوُتيءَ سان ئي دان ڪرڻ گهرجي."

اُن موجب باباجن به، ٻچن کي چوندا هئا ته ”مايا ۾ ممتا ۽ موه نه رکڻ جو سبق سکڻ ۽ مَن کي شڌ ڪرڻ جي پاٺ پڙهڻ جي سڄي دکشڻا منهنجي اڳيان رکندا ڪريو. ۾ جيڪا به پيسا ٻئي جي روپ ۾، اوهين منهنجي اڳيان رکو ٿا، تنهنجي عيوض مان سؤ دفعا وڌيڪ، اوهان کي موٽائي ڏيان ٿو.“

## هڪ ڪلاڪار ۽ شريمتي آر اي ترکڊ کان دکشڻا جي طلب ڪرڻ

پرسد ڪلاڪار شري گڻپت راو بوڙس، پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي ته ”روپين جي ٿيلهي منهنجي باربار پيٺا رکڻ ۽ منٿن ڪرڻ تي پڻ، باباجن قبول ڪين ڪئي ۽ لت هڻي اُنکي پري ڪيائون. ان جو نتيجو اهو نڪتو، جو حياتيءَ ۾ ڪين ڌن جي ڪمي ڪانه رهي ۽ هر طرح ۾ اُنجو لاڀ ئي ٿيندو هو.

هڪ ڀيري باباجن، پروفيسر سي کي ناريڪي کان (١٥) پندرهن روپيا دکشڻا گهري ته هن اُتر ڏنو ته ”هن وقت مون وٽ ڪيسي ۾ هڪ پائي به ڪانهي.“ باباجن چيس ته ”مونکي خبر آهي ته تو وٽ پئسو ڪونهي، پر مون کي خبر آهي ته تون يوگ وسشٽ جو ابياس ڪندو آهين، اُن اُبياس مان ئي مون کي دکشڻا ڏي يعني ته يوگ وسشٽ جي سکيا گرهڻ

ڪري، پنهنجي هردي ۾ وساءِ جتي منهنجو واسو آهي.“

هڪ ڀيري شريمتي آر اي ترڪڊ کان باباجن (٦) ڇهه روپيا دڪشڻا طلبي. هن وٽ هٿ ۾ پائي به ڪانه هئي ۽ اچي ششدر ٿي ته بابا جي آڳيا ڪئن پوري ڪريان؟ پوءِ جڏهن سندس پتيءَ کيس سمجهايو تہ باباجن ”شڊ رپوُ ٿون“ يعني لنهنجي اندر ۾ ويٺل ڪام ڪروڌ آدڪ ڇهه ويري گهڙيي رهيا آهن. باباجن به انهيءَ اَرٿ سان سهمت ٿيا. باباجن وٽ جيترو به ڌن اچي ڪنو ٿيندو هو، اهو هر روز خرچ ڪري ڇڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ سياڻي جو مالڪ پاڻيهي سياڻي پيچيندو. باباجن جڏهن مها سماڌيءَ ۾ لين ٿي ويا تڏهن ڏنو ويو تہ جيتوڻيڪ (١٠) ڏهن سالن ۾ هزارين روپيا پيئا وٽن چڙهي چڪي هئي تہ به پيتيءَ ۾ بلڪل ٿورو ڌن بچيل هو. ٿوري ۾ چئجي تہ دڪشڻا وٺڻ جو مکيہ متو آهي، يڳتن کي پنهنجي من کي شڌ ڪرڻ جو پاٺ پاڙهڻ ۽ سبق سيکارڻ.

”سائين ليلا“ پتريڪا (ڀاڱو ٧ صفحو ٦٢٦) ۾ رٽائرڊ مختيارڪار شري ٻي وي ديو دڪشڻا جي باري ۾ چيو تہ ”باباجن هرهڪ شخص کان دڪشڻا ڪين وٺندو هو پر جيڪي سندس پيارا يڳت هوندا هئا، انهن کان ئي دڪشڻا جي گهر ڪندو هو. جيڪي دل ۾ اِهو خيال ڪري

ايندا هئا ته باباجن گهرندا ته پوءِ ڏيندا سين، اُنهن کان ڪڏهن به ڪين گهرندو هو. جيڪي سندس مرضيءَ برخلاف سندس اڳيان پيئا رکندا هئا ته انهن کي يڪدم چوندو هو ”موتکي ڪاٺ ڪپي واپس کڻو.“ پر پگهن کان سندن حثيت سارو ٽي دکشڻا گهرندا هئا. ليڪن بالڪل ٿ استرين کان پڻ دکشڻا ونندو هو.

شاهوڪارن يا غريبن کان دکشڻا ڪين گهرندا هئا پر جيڪي گهرڻ تي به ڪين ڏيندا هئا اُنهن تي به ڪاوڙ اصل ڪين ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو پڳت، پنهنجي متر معرفت پيئا موڪليندو هو جا هن کي ڏيڻ وسري ويندي هئي، ته باباجن کين ياد ڪرائي، اُها پيئا وصول ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو پڳت پنهنجي وت کان مٿي دکشڻا رکندو هو ته باباجن وڏيڪ ڏنل پئسا کين واپس ڏيندا هئا.

پر ڪڏهن ڪڏهن، ڪو پڳت پنهنجي اِڇا اُنوسار جيڪا پيئا اڇي رکندو هو تـه موج ۾ اُچي کيس چوندا هئا ته هيءَ پوري ناهي وڌيڪ ڏي. جي هن وت کيسي ۾ رقم نه هوندي هئي تـه چوندا هئس ته اُڌارا وٺي ڏي! ڪن کان ته ساڳئي ڏينهن ٽي چار پيرا به دکشڻا گهرندا هئا!! مؤلائي فقيرن جـي مؤلائي اِنهيءَ ڪـي چئبو آهي. مليل دکشڻا منجهان، باباجن


پنهنجي چلم ۽ ڏوڙيءَ جي ڪائين لاءِ بلڪل ٿورو خرچ ڪڍندا هئا. ڪي ٻيا شخص "شرڌي سنستا" لاءِ سپ گهربل شيون، راڌا ڪرشنا بائي کان پڇي يا سندس پريرڻا ڪرڻ تي ڏن ڏيئي ويندا هئا.

ٻيو جيڪي ٻه ٻيئي وڏي ملهه واريون شيون ڪٺي ايندا هئا اُنهن تي ڪاوڙجي، بعضي ته گاريون به ڏيندا هئا. ڀڳت تاتا صاحب چندورڪر کي هڪ ڏينهن چيائون ته "منهنجي ملڪيت آهي هڪ لنگوٽي ۽ هڪ ٽمريل (جڪ يا ڪُوزو). هي ماڻهو هروڀرو قيمتي شيون ڏيئي رکي، مون کي دکي ٿا ڪن! الله جي وات ۾ هلندڙن لاءِ، ڪامني (استري) ۽ ڪنچن (ڌن) ٻه وڏيون رنڊڪون آهن." ان ڪري ٻه پانشالائون کولائي، اُن ۾ سپ آيل ڌن خرچ ڪندا هئا يا ڪين، راڌا ڪرشنا بائي کي سڏي اچڻ لاءِ موڪليندا هئا ۽ اُن جي پڻ پريکيا وٺندا هئا ته ڪيتري قدر سندس من مايا ۾ ڦاٿل آهي.

اهو سپ ان ڪري ڪندا هئا ته ڀڳتن جي اڳيان عملي مثال ٿئي ته پئسو ڪنهن ڪري رکڻ، فقيرن جو ڪم ناهي. شالائن لاءِ خاص مليل رقمون ڏيندڙن کي راڌا ڪرشنا مائيءَ وٽ ئي موڪليندا هئا ته وڃي هنکي ڏيو. تاتپريه آهي ته ڌرم جي ٻلي ڏنل پئسو،

ڌرم جي ڪمن ۾ آتڻ ئي ڪلياڻ ڪاري ٿيندو آهي. ڏيعڏڙن جي ٻـــــڻ، آڌياتمڪ اُنتي (واڌارو) ٿيندي آهي ۽ باباجن جهڙن سنتن جي ڪرپــا ۽ آشيرواد پڻ ٿين ئي حاصل ٿيندي آهي.

"عقلي صاحب شيوئي،
عقلي ڪيجي دان."



۾ ڪيرتن پڻ ٿيءِ جو جنم داتا نارد مني ٻه، ڪمر جي مٿان ڪو به ڪپڙو ڪونه پائيندو هو ۽ هڪ هٿ ۾ وڻا کڻي، ڪيرتن ڪندو رهندو هو، تنهن ڪري نارد پڳت واري پوشاڪ جي ريت، شڌ ۽ پوتر ليکي وڃي ٿي.

پڳت نانا صاحب چندورڪر جي وارتالاپ ۽ پڳت داس گڻوُ جي مڌر ڪيرتن جي معرفت، باباجن جي ساراه پوُني، احمدآباد، ڪونڪن (بمبئي) تائين ڦهلجي ويئي. ٻئي باباجن جو سنيهو، گهر گهر ۾ پهچائڻ جي سيوا ڪندا رهيا. ڪن کي چندورڪر جي ودوتا ۽ لنڪن چٽڪن ٻڌڻ مان مزو ايندو هو ۽ ڪن کي داس گڻوُءَ جي ڳائڻ ۽ ڀڳتي ڀاوَ مان رس ايندو هو. ڪتابن جي شوقينن کي چندورڪر جي ڪتا ۽ وياکيان مان سواد ايندو هو ۽ داس گڻوُءَ جي ڪيرتن مان، ڀڳتيڪ پرشن جي دل تي گهرو اثر پوندو هو.

اوُرنگ‌آباد مان هڪ آدمي، گهوڙي تي سوار ٿي نڪتو ۽ باباجن جو درشن ڪري، اڳيان وڌڻ جي تياري ڪرڻ لڳو ته بڪايل هئڻ سبب، گهوڙي وڌڻ جي نه ڪئي. هن گهوڙي لاءِ چڻن وٺڻ جي ٿيلهي خورزين مان ڪڍي ڇنڊي ته اُن مان ڇپڪلي (ڪرڙي) نڪري، پٽ تي چڙهي ويئي. باباجن گهوڙيسوار کي چيو ته "ڪرڙيءَ ڏانهن ڌيان سان نهار." هن ڏٺو ته سندس گوٿريءَ مان نڪتل ڪرڙي، پٽ تي مٿي وڃڻ پئي




لعل دي باغ شري سائين بابا جو وشرام - آستان

ڪوڙي سان ڏاڍي پريم سان وچي مليو ۽ خوشيءَ وچان ٻئي ٻچي کي هلائي، پٺ تي ٿپڻ ۽ چڪر هڻڻ لڳيون.

اؤرنگ آباد کان آيل ڪوڙي، شرڏيءَ ۾ رهندڙ پيڻ ڪوڙيءَ سان ملڻ جو پنو، آنترياميءَ باباجن کي ڪئن پيو! اهڙيون آشچريه جنڪ گهٽنائون، سنتن جي انترياميتا ۽ وياپڪتا جون ثابتيون پيش ڪن ٿيون.



(ڳـــل - ١٦ ۽ ١٧)



## برهم گيان ڏرت ڪئن ملند و؟

هڪ ڌنوان، جنهن وٽ سمپتي گهوڙن، زمين وغيره جي تمام گهڻي هئي ۽ جنهن وٽ داس داسيون هردم حاضر هيون، اُن جڏهن بابا جي ڪيرتي ٻڌي تڏهن هڪ متر کي چيائين ته ”هاڻي مون وٽ ڪنهن به شيءِ جي ڪمي ڪانهي. باقي اَيلشا اٿر ته شرڊيءَ ۾ باباجن وٽ وڃي، برهم گيان جي پراپتي ڪريان. جي مون کي گيان پراپت ٿيو ته مون جهڙو سکي دنيا ۾ ٻيو ڪين ليندو.“

دوست چيس ته ”برهم گيان جي پراپتي، ڪا چرچي جي ڳالهه ناهي. اوهين اِستري پٽ ۽ مايا ڪٺي ڪرڻ ۾ گتا پيا آهيو تنهن ڪري اوهان لاءِ گيان حاصل ڪرڻ سولو ناهي. پر اوهان جي اِها منشا پوري ڪير ڪري سگهندو، جو هڪ پائي لاءِ چيا پر هڪ ڪوڏي به دان نٿو ڪري!

شاهوڪار اِها صلاح ٻڌي اَڻ ٻڌي ڪري، اوٽ موٽ لاءِ ٽانگو بولي شرڊيءَ آيو ۽ سڌو مسجد ۾ هليو ويو. سائين بابا جي چرڻن تي متو ٽيڪي پرارٿنا

ڪيائين ته "اوهان وٽ جيڪي به درشن ڪرڻ اچن ٿا، اُنهن کي ٿوري ئي وقت ۾ پرماتما جو درشن ڪرايو ٿا، اِهو ٻڌي مان پريان کهي آيو آهيان. مسافري ڪندي تڪ به ڏاڍو ٿيو آهيان. جيڪڏهن برهم گيان جي پراپتي ڪرائيندا ته سمجهندس ته منهنجي مسافري جي تڪليف سڦلي ٿي."

بابا چيس ته "منهنجا پيارا مترا ڏيرج ڌر، مان توکي جهٽ پٽ ۾ برهم جو درشن ڪرائيندس. پر مان نقد سؤدو ڪندو آهيان ۽ اوڌر ٿي نه. مون وٽ ڪيترا آئيڪ ماڻهو ڌن، صحت، شڪتي، مان، پد هٿ ڪرڻ لاءِ ۽ بين پدارٿن جي پورتي لاءِ ايندا آهن. برهم گيان جو (پياسو) پياسي ڪو ورلو آيو آهي، باقي دنيوي ۽ سنساري پدارٿن جي پياسين جي ڪوٽ ئي ڪانهي. تو جهڙي پريمي جو درشن ڪري مونکي پڻ خوشي ٿي آهي ۽ پاڻ کي ڏنيه ٿو سمجهان، جو منهنجي هي گهڙي سڦلي ٿي آهي. مان اوهان کي وڏي خوشيءَ سان درشن ڪرائيندس. تيسين هتي ويهي ٿڪ پڄو."

مطلب ته ڏنوان کي پريائي وهاريائون ۽ لڳا ساڻس اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪرڻ. ڪجهه وقت بعد هڪ ٻالڪ کي سڏي چيائون ته "نندو، مارواڙيءَ کان پنج روپيا اُڌارا وٺي اَچ." ٻالڪ موٽي اچي چيو ته "نندوءَ جو پتو ئي نٿو پوي. سندس گهر کي به

اوڙاهه، ۾ وجهندا يعني جنم مرڻ جي چڪر ۾ پيا ڪيرائيندا رهندا. پر جي من ۽ اندريون ڪس ۾ آهن ته سرير جي رٿ کي پرماتما وٽ پهچائي، جنم مرڻ جي چڪر کان مڪت ڪندا. (٨) من جي پوترتا=سڪام ڪرم ڪرڻ ڇڏي، نشڪام ڪرم ڪرڻ - اهنڪار جو تياڳ ڪرڻ ۽ اهو پرم دور ڪرڻ ته مان شريو ناهيان پر آتما آهيان. وشيه واسنا ڇڏڻ سان، من پوتر ٿيندو پر آتما ساڪياتڪار ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي. (٩) گوروءَ جي ضرورت ۽ آتم گيان جي (رهسيه) ڳجهه کي سمجهڻ لاءِ آتم انڀوتيءَ واري گوروءَ جي سکيا وٺي، اُن موجب رهڻي رهڻ. (١٠) ايشور ڪرپا جي پرم آوشيڪتا يعني مٿين نون ڳالهين پوري طرح حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ بہ، ايشور جي ڪرپا جي ضرورت آهي. ويد وديا ۽ ٻين وديائن پڙهڻ سان صرف خشڪ گيان ئي پراپت ٿيندو آهي، جنهن ڪري انسان اهنڪاري ٿي پوندو آهي. ايشور ڪرپا انهن تي ٿيندي، جيڪي ويڪ ۽ وئراڳ جي مارگ تي هلي، ايشور کي پرارٿنا هروقت ڪندا رهندا ته ”هي پرڀو، ڪرپا ڪر، پنهنجي راهه ۾ هلائيندو رهه.“

جڏهن اهو اُپديش پورو ٿيو تڏهن هن ڏنوان کي چيائون تہ ”مهاشيه، اوهانجي کيسي ۾ پنجن روپين کان پنجاهه ڀيرا وڌيڪ نوٽن جي روپ ۾ برهم آهي، اهي مهرباني ڪري ٻاهر ڪيو. هن نوٽ ڪڍي ڏٺيا

تہ برابر ونس ڏهن روپين وارا پنجويهہ نوٽ يعني (٢٥٠) اڍائي سؤ روپيا هئا!! هو باباجن جي اِها انترياميتا ڏسي، باباجن جي چرڻن تي ڪري پيو ۽ معافي وٺڻ لڳو. باباجن چيس تہ ”هاڻي هي پنهنجو نوٽن جو بنڊل (برهم) وٺڙهي کيسي ۾ وجهو. جيسين اوهان لالچ، ايرشا (حسد) کان ڇوٽڪارو نہ پاتو آهي، تيسين برهم گيان جي ڄاڻ اوهانکي ڪين پوندي. سنساري پدارٿن ۾ جيسين من ڦاٿل ۽ ڳيتل رهندو، تيسين برهم جي ڄاڻ جي آشا رکڻ اجائي آهي. دنيا جي مايا ۾ موهہ ۽ ڌن جي ترشنا جي ساگر ۾، اهنڪار ۽ ايرشا روُپي مانگر مڇ رهن ٿا، جي انهن کي کائي ٿا وڃن. پر جيڪي نراڇا ٿي، انهن کان پري رهندا، اهي ئي پوَ ساگر پار ڪري سگهندا. ترشنا ۽ برهم پاڻ ۾ ڪٽر شترو آهن، گڏ رهي ڪين سگهندا.

جهان رام تهان ڪام نهي،

جهان ڪام نهي رام

تلسي ڪبهوُن هوت نهي،

روِ (سج) رجني (رات) اِڪ ٺام.


جو من، وشيہ واسنائن سان پرپل آهي، اُن ۾ برهم ويچار ڪي، وهڻ جي جاءِ ئي ڪانہ ملندي. لوڀي پرش ڪي مڪتيءَ جي پراپتي ڪٿي ماي سگهندي؟ لالچي

اِنسان کي شانتي، سنتوش ۽ دريہ نشچيہ پراپت ٿي ڪين سگهندا. جيسين من ۾ ڪڻ ماتر ٻہ لوڀ وغيره رهندو تيسين سڀ ساڌنائون وڪوٽ ويندیون ۽ آتم اُنيُوتي ڪري ڪين سگهبي. جيڪي اَهنڪار وشيہ چنتن ۾ رنگيل آهن، اُنهن تي گورو۽ جي سکيا ۽ اُپديش جو، ڪوبہ اَثر ڪين پوندو.

تنهن ڪري من جي پوترتا هئڻ تمام ضروري آهي چو تہ اُن بنا، آڌياتمڪ ساڌنائن کي ڪابہ مهتوَتا ناهي. جن ۾ برهم گيان جي لائقي ڏسعدس، اُنهن کي ئي مان فائدو پهچائي سگهندس. هن مسجد جي اِندر ويهي، مان ڪين بہ اُستيہ ڀاشڻ ڪين ڪندو آهيان. جهڙي طرح مجلس ۾ ڪوٽ ڏنل ماڻهو۽ سان گڏ، سندس ڪٽنب وارا پڻ شامل ٿي، اَچي کائيندا آهن، تئن تو سان گڏ ساري سنگت کي پڻ برهم گيان جي پراپتي۽ جي باري ۾ سمجهاڻي۽ جو لاڀ مليو آهي.''

ڪيترا اهڙا سنت آهن، جي گهر تياڳي، جهنگلن ۽ پهاڙن جي غفائن جي ايڪانت ۾ رهي، مڪتي ۽ موڪش پراپت ڪرڻ جو يتن ڪندا رهن ٿا. هننکي ٻين جو اُونو ڪين رهندو آهي پر باباجن انهي۽ سڀاو جا نہ هئا. هو جيتوڻيڪ بلڪل تياڳي هئا تہ بہ سنسار ۾ ئي رهندا هئا. فقط ۴-۵ گهرن مان ڀکشا وٺي،

وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي سنساري ماڻهن کي سکيءَ ڏيندا هئا ته دنيا ۾ هلڻ ڪيئن کپي. سائين بابا جهڙا ساڌو سنت ڪي ورلا ٿيندا آهن، جي ڀڳوت پراپتيءَ بعد ٻين لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ يتن ڪندا ٿا رهن. "اُهو ديش، ڪٽمب، ماتا پتا ڌنيه آهن، جتي سائين بابا جهڙا آساڌارڻ، پرم سريشٽ، انمول ءُ شڌ رتن پيدا ٿين ٿا."



## شري ساڌي

ڪيترا سال اڳي، شري ساڌي ناليَ هڪ مهاتياڳ، چڱو ڏهڪاءُ پيدا ڪيو هو، جنهن کي بمبئي جي گورنر لارڊ ريءِ، دٻائي ڇڏيو. هن کي چڱو نقصان رسيو ۽ مصيبتن سان مقابلو ڪرڻو پيس. آخر دکي ۽ نراس ٿي، گهر ڇڏي ايڪانت ۾ وڃي رهڻ جو ويچار ڪيائين. گهڻو ڪري ايشور سيني کي دکن ۾ ئي ياد پوندو آهي ۽ ڪشٽن جي نوارڻ لاءِ ئي ڪيس پرارٿنا ڪندا آهن ڀڳوان ۾ جڏهن ڏسندو آهي ته پرارٿنا ڪندڙ جا پاپ ڪرم ختم ٿيا آهن، تڏهن هنجي من ۾، ڪنهن سنت سان ڀيٽ ڪرڻ جي پريرڻا ڪندو آهي. ساڳي طرح شري ساڌي کي ٻه سندس هڪ متر صلاح ڏني ته "پنهنجي من جي شانتي حاصل ڪرڻ جي اڇا پوري ڪرڻ لاءِ شرڊيءَ ۾ وڃ، جتي ماڻهن جا حشام پيا وڃن." اها صلاح هن کي دل سان لڳي ۽ هو ١٨١٧ع ۾ شرڊيءَ ۾ آيو.

شانت سروپ باباجن جي درشن ڪرڻ سان ئي، هن جي من جي اشانتي گم ٿي ويئي ۽ سمجهڻ لڳو ته گذريل جنم جي پڄ ڪرمن جي ڪري ئي، سائين بابا جي چرنن ۾ پهچي سگهيو آهيان. هو دري سنڪلپ يعني محڪم ارادي وارو شخص هو ۽ يڪدم باباجن جا گورو چرتر پڙهڻ شروع ڪيائين. هڪ هفتي ۾

ڦهريو ن پيرو پڙهي پورو ڪيائين تہ پوئين رات سپنو ڏٺائين تہ ”باباجن کي هٿ ۾ شري سائين چرتر جو ڪتاب هٿ ۾ آهي ۽ هو مونکي هڪ وشيہ جي باري ۾ سمجهاڻي ڏيئي رهيا آهن ۽ مان سندن چرنن جي سامهون ويهي ٻڌي رهيو آهيان.“

جڏهن جاڳيو تڏهن سپنو ياد ڪري ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سمجهيائين تہ ”باباجن جي مون تي اَتينت ڪرپا ٿي آهي، جو مونکي خواب ۾ درشن ڏيئي، گورو چرترن جي اَمرت پان ڪرڻ جو اوَسر بتايو اَٿن.“ هن اِها سپني واري ڳالهہ وڃي شري ڪاڪا صاحب کي سڻائي ۽ کيس عرض ڪيو تہ ”باباجن کي پرارٿنا ڪر تہ مونکي اِنهي سپني جو پورو مطلب سمجهائين تہ سائين چرتر جو هڪ هفتي وارو پاٺ ڪافي آهي يا ٻيهر پڙهان.“

ڪاڪا صاحب اُن موجب وجهہ ڏسي، باباجن کي عرض ڪيو تہ ”هي ديوَ، اوهان شري سائي کي سپني ۾ درشن ڏيئي، چرترن جي پاٺ پوري ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي يا وڌيڪ چالو ڪرڻ جو؟ هو اوهان جو سرل سڀاءَ وارو پورن ڀڳت آهي، ڪرپا ڪري هن جي منو ڪامنا پوُرن ڪريو.“ باباجن اُتر ڏنو تہ ”هنکي هڪ هفتو وڌيڪ پاٺ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن هو ڌيان پورڪ پاٺ ڪندو تہ هن جو چت وڌيڪ شڌ ٿيندو

۽ سندس جلد ڪلياڻ ٿيندو. ايشور پڻ مٿس راضي ٿي، هن کي پؤساگر کان مڪت ڪندو.“

مٿين ڳالهه وقت پڳت هيماڏ پنت ب اُتي حاضر هو ۽ باباجن جي پيرن کي پيڙون ڏيئي رهيو هو. باباجن جا وچن ٻڌي، هن کي خيال آيو ته ”مان گذريل (٤٠) چاليهن سالن کان، سائين بابا چرتـرن جو پاٺ ڪندو رهيو آهيان پر اُنجو ڦل اُجا ته ڪونه مليو اُٿم! هيڏانهن شري سائي جو صرف هڪ هفتو هتي رهڻ سڦل ٿيو آهي پر مان هتي ١٩١٠ع کان ١٩١٧ع تائين رهيو آهيان سو نشڦل ويو ڇا؟ مان چاترڪ پکيءَ سمان، باباجن جي ڪرپا جي برسات لاءِ نهاريندو رهيو آهيان ته ڪڏهن تا مون تي سکيا ۽ ڪرپا جي ورکا ڪن.“

اِهو ويچار سندس اُنـدر ۾ آيو ته باباجن يڪدم سهي ڪري ورتـو ۽ يڪدم آگيا ڏنـائونس ته ”تون شاما جي جاءِ تي وڃي، ڪجهه وقت هن سان واتالاپ ڪري، هن کان (١٥) روپيا پيٽا پڻ وٺـي اچ.“ شري هيماڏپنت ست وچن ٻڌي، جلد ئي شاما جي گهر پهتو، جو سنان ڪري ڌوتي ٻڌي رهيو هو. دالان ۾ ٻـاهر اچي ٻڌائينس ته توهين ڪٿن آيا آهيو؟ ڏسڻ ۾ تو اچي ته سڌو مسجد مان هتي آيا آهيو. پر توهان جو چهرو اُداس ڇو آهي ۽ اڪيلو ڇو آيا آهيو؟ ڇگو پلاڻ ٿورو آرام ڪريو. جيسين مان نيت نيم جي پوڄا وغيره

ڪري وٺان. تيسين هي پان وات ۾ وجهو. مان پوڇا ڪانپوءِ توهان سان نشچت ٿي ڳالهه ٻولهه ڪندس.“ ائين چئي پوڄا جي ڪمري ۾ هليو ويو.

هيماٻپت دالان ۾ ويٺو ته سندس نظر جاڙي ۾ رکيل پاڳوت تي وڃي پيئي، جنهن ۾ مها ڀاڳوت جي (۱۱) سڪند تي، سنسڪرت ڀاشا ۾ ٽيڪا ڪيل هئي.

باباجن جي آگيا موجب، شري ٻاپوُ صاحب جوڳ ۽ ڪاڪا صاحب ڏيڪشت ٻئي گڏجي ”گيانيشوري - يا - ڀاو اَرٿ ديپڪا“ = ڪرشن ۽ اَرجن سمواد (سوال ۽ جواب) ۽ ٻين ڌرمي پستڪن جو مرهٽي ٽيڪا سميت پاٺ ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪي پريمي ڀڳت، باباجن جي اڳيان ڪا شنڪا رکندا هئا ته باباجن ڪڏهن انهن کي ٿورن لفظن ۾ جواب ڏيندا هئا يا ڪڏهن چوندا هئا ته گيانيشوري ۽ ڀاو اَرٿ ديپڪا گرنٿ جي ڪٿا وڃي ٻڌو. هيماٻپت به هرروز اُنهيءَ گرنٿ جي ڪنهن نه ڪنهن اَڌياءَ جو پاٺ ڪندو هو.

اڄ صبح جو مسجد ۾ وڃڻ وقت، ڪن پريمين سان ستسنگ وارتالاپ ڪندي، هرروز وارو پاٺ اڌ ۾ ڇڏيو پيو هو. هيئنر شاما جي گهر ۾، جتي هن مٿيون گيانيشوري گرنٿ هٿ ۾ کڻي کوليو ته سندس اڌ ۾ پاٺ ڇڏيل وارو صفحو نڪري آيو ۽ عجب ۾ پئجي ويو. يڪدم سمجهيائين ته باباجن مون کي رهيل اڌ

پاٺ جي پوري ڪرڻ لاءِ ئي هتي موڪليو آهي ۽
و يهي پاٺ پورو ڪيائين ته امتان شاما به پوڄا پوري
ڪري سندس پرسان اچي ويٺو.
هيماڊ پنت چيس ته ”مان باباڄن جو هڪ سنديش
کڻي تو وٽ آيو آهيان ۽ چيو اٿن ته شاما سان ڪجهه
وارتالاپ ڪري، شاما کي پاڻ سان وٺي اچ ۽ ڇهجانس
ته (١٥) روپيا دڪشڻا به وٺي اچج.“ شاما چيو ته
”مون وٽ هڪ پائي به ڪانهي، تنهن ڪري تون
(١٥) پندرهن روپين جي بدران، منهنجي طرفان (١٥)
پيرا، باباڄن کي نمسڪار ڪج. اُميد ته باباڄن (١٥)
نمسڪار سويڪار ڪندا. باباڄن جي ليلا اَدڀت آهي.
هاڻي پان سوپاري کائو ته مان ڪپڙا بدلائي وٺان.“
ڪپڙن بدلائڻ بعد شاما چيو ته ”باباڄن جون
ليلائون اَگاڌ آهن. آهن به نرليپ، ته به سدائين (ونود)
چرچا ڪندا آهن، جي اسان اگياني جيون جي سمجهه
۾ ئي ڪين اينديون آهن. پلا باباڄن، مون ڪي نئي
ڇني سکيا ڇا، جو اوهان جهڙي ودوان هتان، مون
جهڙي مُورک کي نياپو موڪليو اٿن. باباڄن جي گت
باباڄن ئي ڄاڻن، پر باباڄن، ڀڳت جي تشنا ۽ ڀاونا
موجب ئي، ڀڳت جي سهائتا ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ته
ڪن جي پريڪشا وٺي پوءِ اُپديش ڪندا آهن. ان
باري ۾ باباڄن جي هڪ ليلا ٿو ٻڌايان.

اُپديش جو لفظ ٻڌي، شري سائي کي گورو چرتر جي پارائڻ جي يادگيري آئي ۽ سندس وار ڪرڻا ٿي ويا. يڪدم دل ۾ تري آيس ته "منهنجي من جي چنچلتا دور ڪرڻ لاءِ ئي، مون کي باباجن هتي شاما وٽ موڪليو آهي!" شاما جي واتان سائين جن جي ليلا ٻڌڻ لاءِ، هيماڏپنت ڪن ڪڙا ڪري، شاما جي اکين ۾ نهارڻ لڳو ته شاما هيئنين ڪٿا ٻڌائي:-

## شريمتي راڌا بائي ديشمک

هڪ ڀيري شري ڪاشابا ديشمک جي ٻڍي ماءُ شريمتي راڌا بائي باباجن جي ڪيرتي ٻڌي، "ستگمنير" جي ماڻهن سان گڏجي شرڊي ۾ آئي ۽ درشن ڪري ڏاڍي خوش ٿي. هنجي سائين بابا ۾ اتري شردا وڌي جو نشچيہ ڪيائين ته ڪٿن ٻ ڪري، باباجن کي پنهنجو گورو بڻائي، ڪانئن اُپديش وٺڻ گهرجي. اهو فيصلو ڪري، وشرام گهر ۾ اچي، ان جل جو صفا تياڳ ڪري، اُپواس رکي ويهي رهي. جڏهن ٽي ڏينهن نرجل اُپواس ٿي رهي، تڏهن مون کي اچي دٻ ورايو ته ڪٿي هن ٻڍيءَ جو سرير نہ ڇٽي وڃي.

ان ڪري مون باباجن کي اچي عرض ڪيو ته "ڀڳوان، اوهان وري هي نرجل اُپواس رکڻ، ڇو آرنڀ ڪيو آهي؟ اوهين هن ٻرڌ ماتا جا واقف آهيو ۽ هن اوهان جي



آسري تي آپواس شروع ڪيو آهي. جيڪڏهن اوهين ڪرپا ڪري هن کي ”اُپديش“ نه ڏيندا ۽ هن جو سرير ڇڏي ويو ته عام خلق ضرور چوندي ته ”باباجن جي اُپديش نه ڏيڻ ڪري، هن ٻڍ مائيءَ جو مرڻ ٿيو آهي جنهن لاءِ جوابدار بابا سائين آهي. ديا ڪري هن کي اُپديش ۽ آسيس ڏيو.“

ٻڍ ماتا جو دريڍ نشچيه سهي ڪري، باباجن هنکي سڏائي، هن جي من ۾ ڦيري آڻڻ لاءِ چيو ته ”هي ماتا تون مؤت کي هرويرو ڇاڪر پاڻ ڇو ٿي چاهين؟ تون منهنجي ماتا آهين ۽ مان تنهنجو پٽ. مان توکي پنهنجي ڪتا ٻڌايان ٿو، سا ڌيان ڏيئي ٻڌنديءَ ته توکي شانتي پراپت ٿيندي. منهنجو گورو هڪ سڌ پوش هو ۽ مون تي ڏاڍو ديال هوندو هو. گهڻو وقت تائين، مان هنجي شيوا ڪندو رهيس پر هن منهنجي ڪن ۾، ڪوبه منتر ڪين ڦوڪيو. پر منهنجي به پرٻل اڇا هئي ته گوروجن جي هر ممڪن شيوا ڪري، کين راضي ڪريان، جئن هو مونکي منتر ڏين.

ليڪن گوروجن جي ريت نسي نرالي هئي. اول منهنجو مٿو ڪوڙائي، مون کان ٻه پئسا دڪشڻا گهرياؤن جو مون يڪدم ڏنا. اوهان جي من ۾ ضرور شنڪا پيدا ٿيندي، ته گورو جن ورڪت ۽ نياڳي هوندي به پئسا دڪشڻا ڇو گهري، هن جي سمجهاڻي ته پئسا

يعني (٠) دري نشنا ۽ (٢) ڏيـــرج. جڏهن مون کين
اهي ٻئي شيون اَرپڻ ڪيون ته هو اَڪيئيت پرسن ٿيا.
پوريا ٻارهان (١٢) سال، مون گوروجن جي شيوا ۾
گذاريا. گوروجن وٽ منهنجي کــاڌي ۽ ڪپڙي جـي
بندوبست جي، ڪابه ڪمي ڪانه هئي. هــو منهنجي
لاء پريم جا ساڪيات اوتار هئا. مان جڏهن سعدن منهن ۾
نهاريندو هوس ته مونکي اِئين معلوم ٿيندو هو ته هروقت
گنڀيرو سماڌيءَ ۾ مگن آهن ۽ مان به اُنت ئي پهر سعدن
منهن ۾ ٽڪ ٽڪ نهاري، اندر ايترو آنند معلوم ڪندو
هوس، جو کاڌو پيتو ۽ سڌ بڌ سڀ وسري ويندي
هيم. اهو آنند مون کي هڪ پئسي جي دڪشڻا جـي
عيوض مليو.

ٻئي پئسي جي عيوض مون کي ڌيرج ايترو ته پراپت
ٿيو، جو ڪيترو وقت سعدن شيوا ڪندي بہ، انتظار
ڪندو رهيس. ڌيرج ئي منش جي منشيتا آهي، جا
هن ڀؤساگر مان منش کي پار اُتارڻ ۾ سهائتا ڪري ٿي.
ڌيرج ڌارڻ ڪري سڀ پاپ ۽ موهه نشٽ ٿي وڃن ٿا،
هر طرح جا سنڪٽ دُور ٿي وڃن ٿا ۽ من مان دپ
صفا لهي وڃي ٿو. ڌيرج ئي گڻن جي کاڻ آهي ۽ اُتم
ويچارن جي جنني (ماءُ) آهي. نشٺا ۽ ڌيرج ٻـــانڻ ۾
ٻيڻرون آهن ۽ هڪ ٻئي سان تمام گهڻو پريم اٿن.
منهنجي گورو ديو کي، ڪنهن بـــ شيءِ جي اِڇا

ڪاڻ ٿيندي هئي. مون تي ڪڏهن به ناراض ڪين ٿيا ۽ مون تي سندن ڪرپا درشٽي هر وقت رهندي هئي. هنن جو پيار "ڪچئون ماتا" جهڙو هو، جا پنهنجن ٻچن جو پالڻ صرف "پريم درشٽي" وجهڻ سان ئي ڪندي رهندي آهي. چاهي ٻچا سندس ويجهو هجن يا نديءَ جي پار هجن. گوروءَ جي ڪرپا درشٽيءَ سان مونکي سنتوش پراپت ٿيندو هو. اوهان کي به ساڳي طرح ڏيوچ ڏاري، شيوا ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي گورديو کان سواءِ ٻين کان اُپديش ۽ منتر وٺڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ کپي.

جڏهن گوروءَ ۾ اوهان جو نشچيه آهي، اُن کي پنهنجن ويچارن ۽ ڪرمن جو مکيه مقصد يا آدرش بڻائيندا ته بنا ڪنهن شڪ شبهي جي، اوهانکي پرمارٿ جي پراپتي ضرور ٿيندي. جهڙي ڀاونا سان گورديو کي ڏسندا ته گورو به موٽ ۾ اوهان کي ساڳيءَ ڀاونا سان ڏسندو ۽ ورتاءُ ڪندو.

هن مسجد ۾ ويهي، مان سچ ٿو ٻوليان اهو هي آهي ته اوهان کي ساڌنائن ڪرڻ يا شاسترن پڙهڻ جي ڪابه آوشيڪيا (ضرورت) ڪانه ٿيندي. جي اوهين گورو ۾ اٽل وشواس رکندا رهندا. ياد رکو ته گورو ئي ڪرتا يعني پرميشور روُپ آهي. جيڪي انسان، گوروءَ جي مهانتا ۽ وڏائي ڄاڻن ٿا، اهي گوروءَ کي هري، هر ۽ برهم (ترموُرتي) جو اوتار ڪري سمجهن ٿا.

”برهم گياني کو کو جهه مهيشور- نانڪ برهم گياني آپ پرميشور- (٢) گور ايسر، گور گورک بـرهما، گور پاربتي مائي.“ (گوروائي)

متين سمجهائي بڌي، برڌ ماتا، جي من کي سنتوش آيو ۽ اُپـواس ٽوڙيائين. ڪتا ٻڌي هيماڊپنت جـا روم ڪڙا ٿي پيا ۽ خـوشيءَ وچـان سندس ڪنٺ مان آواز ئي نه پيو نڪري. شاما چيس تــه ”اوهانجو ڪنٺ ڇو روڪجي ويو آهي؟ باباجن جي اهڙين بيشمار ليلائن، جو ورنن ڪرڻ زبان جي طاقت کان ٻاهر آهي.“ ”جهوا ايڪ اُستت اَنيڪ.“

ٺيڪ اُن وقت مسجد ۾، منجهند جي پُوڄا چالو ٿيڻ جا گهڙيال ۽ گهنڊ ۽ ناد وڄڻ شروع ٿيا ۽ شاما ۽ هيماڊپنت ٻئي جلد ئي مسجد ڏانهن پنڌ پيا. باپو صاحب جوڳ پوڄا چالو ڪري ڇڏي هئي. شاما باباجن جي پاسي کان ۽ هيماڊپنت سامهون ٿي وينا. زالون مسجد ۾ مٿي بالڪنيءَ ۾ ويٺيون هيون ۽ مـرد هيٺ بيهي آرتي ڳائي رهيا هئا.

هيماڊپنت کي ڏسي، باباجن کانئس شاما کانولي آيل دکشڻا گهري. هيماڊپنت اُتر ڏنو ته ”(١٥) روپين جي بدران، شاما ڇيو اُتر ته (١٥) پندرهان نمسڪار اوهان کي ڪريان. شاما پاڻ به هتي آرتيءَ ۾ حاضر آهي.“ باباجن چيو ته ”ٺيڪ آهي. پر ٻڌايو ته سهين ڌ اوهان

ٻنهي ڪهڙي وشيه تي وارتالاپ ڪيو."

هيماڊپنت ست وچن چيا، آرتيءَ مهل وڄندڙن گهنڊن گهڙيالن جي آوازن جي پرواهه نه ڪري، وڏي واڪي باباجن کي سڻائڻ لڳو ۽ باباجن ڏانهن نئڙي ٻڌڻ لڳا. هيماڊپنت چيو ته "وارتالاپ گهڻي ڀاڱي ته ٻرڌ ماتا جي باري ۾ ٿي، جا ٻڌي مونکي ويچار آيو ته اوهان جون ليلائون اَگاڌ آهن. ٻرڌ ماتا جي ڪٿا ٻڌاران، اوهان مونتي خاص ڪرپا ڪئي آهي."

باباجن چيو ته "اِهو وري ڪئن؟ ڀل وڌيڪ کولي ٻڌاءِ ته منهنجي ڪرپا توتي ڪئن ٿي؟" هيماڊپنت جي هرديه تي ڪٿا جو سٺو اثر ته ٿي چڪو هو ۽ هن سڀ ڪجهه باباجن کي ٻڌايو.

باباجن چيو ته "ڀلا اِنهيءَ ڪٿا جو اَرٿ به ڪجهه سمجهه ۾ آيو اٿيئي؟" هيماڊپنت چيو ته "هائو باباجي، اَرٿ ايترو ته سمجهه ۾ آيو آهي جو منهنجي چت جي چنچلتا دور ٿي ويئي آهي. هينئر مان سچي شانتي ۽ سک جو اَنڀؤ ڪري رهيو آهيان ۽ ستيه مارگ جو پتو پيو اٿم." باباجن چيس ته "جي تون اِها ڪٿا دل ۾ هردم ياد رکندين ته تو لاءِ تمام ڪمائتي ثابت ٿيندي. آتم گيان پراپت ڪرڻ لاءِ، ڌيان ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. جيڪڏهن تون اُن جو لڳاتار ابياس ڪندو رهندين ته تنهنجي من جون پوورتيون شانت ۾

اڄ ويندين. توکي دنيا جا خيال اندر مان ڪڍي، سديوَ ايشور جو ڌيان ڪرڻ گهرجي، جو سڀني پراڻين ۾ موجود ۽ وياپڪ آهي. اِن طرح جڏهن تنهنجو من ايڪاگر ٿي ويندو ته پوءِ توکي "ڌييه" جي پراپتي ٿي ويندي. منهنجي نرآڪار سچدانند سروُپ جو ڌيان ڪندو ڪر. پر جي تون نرآڪار ۾ ڌيان نه ڪپائي سگهين ته منهنجي ساڪار روپ جو ئي ڌيان ڪندو ڪر، جنهن تون مونکي هتي روبرو ڏسي رهيو آهين. اِئين ڪرڻ سان، تنهنجي من جون ورتيون هڪ هنڌ ڪٺيون ٿي وينديون ۽ ڌيري ڇتيه پرماتما سان ملي هڪ ٿي وينديون. جنهن ڪڇوُن ماڌي، پنهنجن ٻچن کي ياد ڪري ڪين پاليندي آهي ۽ ٻچا پڻ ماءُ کي ياد ڪري اُن مان ڪاڌو ۽ طاقت پرائي وڌندا ويندا آهن، تئن پڻ گورو ۽ شش جو سنٻنڌ هئڻ ضروري آهي." پوين لفظن ختم ٿيڻ تي ئي آرتي سماپت ٿي ۽ سڀني ست سنگين وڏي آواز سان "شري سچدانند ستگورو سائين مهراج جي جيءِ" جا جئڪارا هنيا.

آرتي سماپت ٿيڻ بعد پرساد ورهايو ويو. باپوُ صاحب جوڳ، هميشه وانگيان اڳيان وڌي، باباجن کي نمسڪار ڪري، بابجن کي مصريءَ جو پرساد ڏنو. باباجن اُها مصري هيماڊپنت کي ڏيئي چيو ته "جي تون هن ڪٿا کي ڌيان ۾ رکي، ياد ڪندو رهندين ته تنهنجي

حالت ۾، مسريءَ وانگي مٺي ٿي پوندي، تنهنجو ن سڀ اچائون پوريون ٿي وينديون ۽ تون هميشه سکي رهندين.“ هيماڊپنت باباجن کي ساشٽانگ پرڻام ڪري چيو تہ ”هي پڀو، اهڙي ڪرپا مون تي هميشه ڪري منهنجي رکيا ڪندا رهجو.“ باباجن کيس آشيرواد ڏيئي چيو تہ ”اِهي ڪٿائون ٻڌي، اُنهن جو سار يا تت گرهڻ ڪري، اُن موجب هلڻ، ڪندو رهندين ۽ عمل ۾ آڻيندين تہ تنهنجو ڌيان ايشور سان ٻڌيو رهندو ۽ ايشور پاڻهي تو کي پنهنجي سروپ جو درشن ڏيندو.“

پيارا پاٺڪو! اچو تہ اسين ٻہ مٿين ڪٿا تي عمل ڪري، باباجن جي ڪرپا سان، پاڻ کي تندرست ۽ سکي رکڻ جي ڪوشش ڪريون.

## ٻين سان هلت ڪرڻ جو اُپديش

جيڪڏهن ڪو اڻ واقف اوهان جي ويجهو اچي تہ هن سان بيپرواهيءَ سان ڳالهائي سندس دل کي نوڪر نہ هڻڻ گهرجي پر آدرستڪار سان ساڻس ورتاءُ ڪرڻ گهرجي.

(۱) در تي آيل اُچايل کي پاڻي، بکايل کي ڀوجن، اُگهاڙي کي ڪپڙو ۽ آيل اوچتي مزمان کي پنهنجي دالان ۾ وشرام ڪرائڻ ۾ بابو پرسن ٿيندو.

(٣) ڪو توهان کان پڇا اچي گهري ۽ اوهانجي ڏيڻ تي دل نہ ٿئي تہ پلي نہ ڏيو پر هن سان ڪنهن جهڳڙو ورتاءُ نہ ڪرڻ گهرجي.

(٤) اوهان جي ڪو ڪيتري بہ نندا ڪري، تڏهن بہ ڪاوڙ ۾ اچي هن سان سخت ٻولڻ بہ گهرجي.

جيڪڏهن ٻاڻ کي سيالي هلت ڪندا تہ هميشہ سکي رهندا.

(٥) سنسار پلي تہ اُونڌو ۽ اُلٽ پلٽ ٿي وڃي، اوهان کي پنهنجي ڌرم تي پڪو رهي، شانتيءَ سان هلندڙ زماني کي متهن ڏيڻ جڳائي.

(٦) هڪ ٻئي ۾ ڀيد ڀاءُ جي ڀت کي ڀڃندا تہ ٻاڻ ۾ ملڻ سولو ٿي سگهندو. مان ۽ تون جي ڀيد ورتي، شش کي گوروءَ کان دور رکي ٿي، ان ڪري اِنهي دليت ڀاءُ ناس ڪرڻ کانپوءِ ئي، شش ۽ گوروُءَ جي وچ ”اَيڪتا“ اندر جو ميلاپ ٿيڻ ممڪن ٿيندو.

(٧) اللهہ مالڪ جي معنيٰ آهي تہ ايشور ئي سرو شڪتيوان آهي ۽ هن کانسواءِ ڪو بہ رکشا ڪري ڪين سگهندو. ايشور جو طريقو اَلوڪڪ، اَنمول ۽ اسانجي سمجهہ کان ٻاهر آهي. هن جي فقط اِڇا ڪرڻ سان ئي، سڀ ڪاريہ ٿي سگهن ٿا. رستو ڏيکاريندڙ بہ ٻاڻ ئي آهي ۽ اِڇائون پورڻ ڪندڙ بہ ٻاڻ آهي.

(٨) اسان جو ٻاڻ ۾ گڏجڻ ۽ ملڻ بہ اڳين جنمن جي

ڪري ٿيو آهي، تنهن ڪري پاڻ ۾ پريم سان رهڻ ۽ هڪ ٻئي جي شيوا ڪرڻ ۾ راضي ٿي رهڻ گهرجي.

(٩) جن به پنهنجي اگيان "ايشور درشن"جو آدرش رکيو آهي سي ڏنيه آهن ۽ سکي رهندا. اِنهي آدرش بنا جيئڻ، اجائي سڄي زندگي ڪاٽڻي آهي.

## هوڪا نام اٻرت جل نرمل، اِهم اڱد جڳہ سارا

سائين بابا پنهنجن اَننيه ڀڳتن ۾ اُتساهہ پيدا ڪرڻ، لاءِ ڪين وقت به وقت سهائتا ڪندا رهندا هئا. هڪ سنت جو ڪٿن آهي ته جيڪڏهن صبوح جو سويل اوهانجي من ۾ سٺو اُتم خيال پيدا ٿئي ۽ اوهين سڄو ڏينهن اُن خيال تي ويچار ڪندا رهندا ته اوهان جو ويڪ بلڪل ڪلندو ۽ چت کي پرسن رکندو."

هيماڊپنت انهيءَ جو انڀؤ ڪيو. سمهڻ وقت هن خيال ڪيو ته نام سمرن ۽ ڪيرتن ڪجي. ۽ ٻئي ڏينهن اُٿڻ شرط رام رام ڪندو اُٿيو ۽ سڄو وقت سمرڻ ڪندو رهيو! پنهنجي روزاني ڪرِيا پوري ڪري، ٿورا گل کڻي باباجن جي درشن لاءِ پيدل پيو. جڏهن دڪشت واڙو لنگهي، بوٽي واريءَ وٽ پهتو ته مسجد طرفان ايندڙ ڀڄن جون ٽڪون ٻڌائين.

گور ڪرپا اَنجن پايو ميري ڀائي
رام بنا ڪڇہ مانت ناهي،
اَندر راما باهر راما
سپني ۾ ديکت سيتا راما،

جاڳت راما سوڙت رام
جهان ديکي ڏهين پوُرن ڪاما
ايڪ جنار دني اُنيؤ نيڪا.
جهان ديکي وهان رام سريڪا.

ڀڳتن ٻڌي، هيماڊپنت جي من ۾ اُتساهه اُڀري ڪان ٻيٺو ٿيو. اِهو ڀڳتن باباجن جي پرپوٽا سان ٿي مسجد ۾ ڳايو ويو، جنهن هيماڊپنت جي دل تي پرڀاو پوي ته رام نام سمرڻ ئي، ڀڳتن جي اِڇائن پوُرن ڪرڻ ۽ سڀني ڪشٽن کان ڇوٽڪاري پائڻ جو اُچوڪ علاج آهي.

## ڀڳت کي ٻانڌڻ - پرڀشرم - سيواءِ ۽ لاڙي موجب سکيا

هڪ دفعي هڪ ڀڳت، باباجن جي غير حاضريءَ ۾، ٻين ماڻهن جي روبرو، هڪ ست سنگيءَ کي اهڙا برا لفظ چيا ۽ مٿس ڏوهه مڙهيا، جو ٻڌندڙن جي من ۾، ڀڳت لاءِ نفرت پيدا ٿــي. منجهند جو جڏهن باباجن ليٽڊي جي ويجهو ڀڳت سان گڏيا، تڏهن باباجن هڪ سوُئر کــي وشٽا کائيندو ڏسي، اُن ڀڳت کــي چيو ته "ڏس، هي سوُئر ڪنهن نــ پريم سان وشٽا کائي رهيو آهي. تون بہ هميشه ست سنگي ڀائرن کي خوُب دل کولي خراب لفظ چوندو رهيو آهين. اها تنهنجي هلت

نيڪ ھن سؤنر جي وشٽا ڪاڻ جـــي برابر آھي. توکي پڇ ڪرمن جي ڪري مانش ڊيھي ت پراپت ٿي آھي پر جي تنھنجا اِھي اَفعال آھن ت شرڌيءَ تنھنجي سھائتا ڪِئن ڪندي؟

**ڏيٺجو:-** ڀڳت باباجن جو اپديش گرھڻ ڪيو ۽ پوءِ شرڌيءَ مان ھليو ويو. مطلب ت باباجن موقعي اَنوسار ٻ اَپديش ڏيندا ھئا.

ھڪ ڪھاوت آھي ت ”يديءَ ميرا شري ھري ھوگا، تو گھر مجھي چار پائي پر بٺني ھي، پوجن پھچائيگا. ھن جـــو اَندروني مطلب آھي ت جيڪو ست تـــي وِھندو سو اَڌياتمڪ کيتر ۾ واڌارو ت ڪين ڪري سگھندو. پر اَئلعدو اگيان جي اَنڌڪار ۾ مگن ٿي ڪرندو رھندو. اِن ڪري ھــرھڪ مَنش کي، آتم اَنيڀوتـــي ڪرڻ لاءِ محنت ۽ پرشرم ڪـــرڻ جڳائي. جيتري ھو ڪوشش ڪندو، اوترولي ھن کي لاڀ ملندو.

مان ت سرکويابي آھيان ۽ سنسار جي سڀني پراڻين ۾ وياپڪ آھيان. ماڻھن جي ڀرم ۽ شڪ نوارڻ لاءِ ئي، سايا ٽي (۳½) ھٿ ماپ واري بندري رُوپ ۾ وامن اوتار ايشور ظاھر ڪري ڏيکاريو ت سڄو سنسار منھنجن ٻن قدمن ۾ ئي سمايل آھي. اِن ڪري جيڪو ٻ پراڻي آنيھ ڀڳتي ڀاڪ سان، ايشور جي شرڻ ويندو ۽ ڏينھن رات، پريو پرميشور جو ڌيان ڪندو رھندو ت ھوُ پرماتما

سان ائين ملي هڪ ٿي ويندو، جهڙي طرح ميناج ۽ مصري، لهر ۽ سمنڊ، نظر ۽ اک پاڻ ۾ هميشه مليل رهن ٿا.

جيڪو به جنم مرڻ جي آواگون جي چڪر کان مڪت ٿيڻ چاهيتو ته شانت چت رهي، پنهنجو ڌارمڪ جيون وتيت ڪرڻ چاهيتو، تنهنکي اول ته بين سان سخت وچن بولي، هنن کي ڏکي ڪرڻ نه گهرجي. هميشه آتم ڪاربن ڪرڻ ۾ مشغول رهي، پنهنجا فرض پاليندي، پيء رهت ٿي، پرماتما جي شرڻ وٺڻ گهرجي. جيڪو به پورڻ وشواس رکي، پرماتما جون ليلائون ٻڌي، اُنهن موجب هلت ڪندو ۽ دنيا جي پدارٿن جو تياڳ ڪندو، اُن کي ٻيا ڪنهن به شڪ جي، آتم اُنيوتي پراپت ٿيندي.

جيڪو جگياسو ڄاڻڻ چاهيتو ته "مان ڇا آهيان؟" اُنهن کي پڙهڻ، پريو ۽ سندس سنتن جي ليلائن ٻڌڻ ۽ اُن موجب رهڻي رهڻ ضروري آهي. سائين بابا ڪن کي پڳوت ليلائون ٻڌڻ، ڪن کي پڳوت پاد پوڄڻ، ڪن جا اَڌياتمڪ رامائڻ جو پاٺ ڪرڻ، ڪن کي گيانيشوري گرنٿ ۽ بين ڌرمي پستڪن جي اَڀياس ڪرڻ جي هدايت ڪندا هئا. هر ڪنهن جگياسوء جي سڀاءَ ۽ من جي لاڙي موجب، ڪيس اُپديش، سکيا يا اِشارا ڏيندا هئا. ڪيترن کي ڪنڊوبا جي مندر ۾ موڪليندا هئا ۽ بين کي وشڻو سهسرنام جو جاپ ڪرڻ يا چاندوگيہ

اُپنشد يا شري ڀڳوت گيتا جي اُپياس ڪرڻ جي آگيا ڏيندا هئا. مطلب ته باباجن وٽ ڪنهن به خاص مريادا پالڻ جو بندڻ ڪين هو. ڪن کي سپني ۾ بہ سکيا ڏيندا هئا.

هڪ ڀيري هڪ شرابيءَ کي سپني ۾ درشن ڏيئي سندس ڇاتيءَ تي چڙهي ويٺا ۽ جڏهن هن شراب ڇڏڻ جو قسم کنيو تڏهن ئي کيس ڇڏيائون. ڪن کي سپني ۾ ”گرو برهما“ منتر جو ارٿ سمجهايائون ۽ ڪن هٺ يوگين کي حڪم ڪيائون ته هٺ يوگ تياڳ ڪري، ”مؤن ورت ۽ ڌيرج ورت“ ڌارڻ ڪريو. مطلب ته باباجن پنهنجي آچرڻ ۽ رهڻيءَ وسيلي، ڪيترا عملي مثال ڀڳتن اڳيان پيش ڪيا، جن مان هڪ هيٺيون آهي.

## ٥زورن جي هرتال وغيره ڪئن دور ڪجي؟

هڪ ڏينهن. راڌا ڪرشنا بائي جي گهر جي ويجهو وڃي، هن کي چيائون ته ”ڏاڪڻ کڻي اُچو.“ جڏهن هڪ ڀڳت ڏاڪڻ کڻي آيو ته چيائونس ته ”اها ڏاڪڻ وامن گونڊڪر جي گهر سان لڳائي رکُ.“ ڏاڪڻ رکڻ کانپوءِ باباجن پاڻ ڏاڪڻ تي چڙهي، راڌا ڪرشنا بائي جي ڇت تان لنگهي، ٻئي ڇيڙي کان هيٺ لهي آيا! ڪنهن کي بہ اِن ليلا جو مطلب سمجهڻ ۾ ڪين آيو. لهي اچڻ کانپوءِ وري ڏاڪڻ آڻيندڙ کي بہ روپيا

خرچي ڏنائون ته ”هيءَ تنهنجي محنت جي مزوري آهي.“ هڪ پريميءَ همت جهلي سوال ڪيو ته ”سوامي، ٻن روپين جيتري گهٽي مزوري ڏيڻ جو مطلب ڪهڙو آهي؟“ باباجن اُتر ڏنو ته، ”مطلب اِهوئي آهي ته ڪنهن کان ٻه بنا پورو ڪرڻ جي مزوري ڪرائڻ نه گهرجي پر جي بنا پورو ڪرائي، ته هن کي سندس محنت جو اُجورو وڏي دل سان ڏيڻ گهرجي ۽ يڪدم ڏيڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان، ڪم ڪندڙ مزور جي دل به خوش ٿيندي، ۽ هو پنهنجي محنت جو قدر ٿيندو ڏسي، سچي دل سان ڪم ڪندو. جي دنيا ۾ هرڪو ائين ڪندو، مزورن کي هڙتال ڪرڻ ۽ ڪم کي اَڌ ۾ ڇڏي ڏيڻ ۽ سستي ڪرڻ جو ڪوبه سبب ڪين ملندو ۽ مالڪ ۽ مزورن جي وچ ۾، هڪ قسم جو ميلاپ ۽ رس هلندو رهندو.“

## (گل - ٢٠)



## جنهن رام راکئي، تنهن رهئي

پرماتما پنهنجي يوگ مايا جي سهائتا سان، هن سنسار جي اِلاهي وڏو کيل (ناٽڪ شالا) رچيو، جنهن ۾ پاڻ ٿي سائين بابا جو رُوپ ڌاري، ليلائن جي دئارا، پنهنجو پارٽ آدا ڪيائين.

هڪ ڏينهن مسجد جي آرتيءَ کانپوءِ سائين بابا، مسجد جي ٻاهر اچي پاسو ونري بيٺا ۽ پنهنجي هٿ سان ڀڳتن کي "اُدي" پرساد ورهائڻ لڳا. ڀڳت گڻ نمبروار اچي، باباجن جا چرن ڇهي پوءِ پرساد وٺڻ لڳا. بابا پنهنجي هٿن سان هرهڪ جي مٿي تي "اُدي" جو تلڪ پڻ لڳائيندا رهيا.

ڪڏهن ڪڏهن موج ۾ اچي خاص نالا وٺي چوندا هئا ته "او ڀائوُ، هاڻي وڃي ڀڄن ڪر. اِيُ آنا، تون به پنهنجي گهر وڃ. ٻاپوُ، تون به وڃي ڀڄن ڪر." اهڙي طرح هرهڪ ڀڳت کي ڪجهه نه ڪجهه چئي، سندن دل خوش ڪري، پوءِ موڪل ڏيندا هئا. اُهي سڀاڳا ڏينهن وري حياتيءَ ۾ ملڻا ناهن. اُنهن اڻ وسرندڙ ڳالهين کي ياد ڪري، هيمشه به ڀڳت ساڳيو دل جو آنند

محسوس ۽ اَنڀَوُ ڪندا آهن.

هڪ ٻيو ڀڳت داس گٽوُ ”ايشو اُپنشد“ تــي ٽيڪا لکڻ پرارمڀ ڪئي. هن اُپنشد ۾ ويدڪ سنهتا جي منترن هيٺ ڪري، منتر اُپنشد پڻ چوندا آهن ۽ هن سان گڏوگڏ يجرويد جي آخرين (٤٠) چاليهين اڌياءَ شامل ڪرڻ ڪري، واجسنيپي ”سنهتو اُپنشد“ جي نالي سان پڻ پرسڌ آهي ۽ بين اُپنشدن ۾ سرېشت ليکيو ويندو آهي، جو ته هن گرنٿ ۾ ئي، مکيه وشيون، آتم تتو، ورڪت ستت جي جيوني گذارڻ، ڪرم يــوگ جي سڌانتن، آتم سيپنڌي آدرش جيون جي باري ۾ منتر ڏنل آهن.

اُهڙي مکيه اُپنشد جو پراڪرت ڀاشا ۾ پورو پورو ترجمو ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. شري داس گٽوُ هــن اُپنشد جو ”اووڀي چندن“ جو اُنواد ته ڪيو پر هو سار تت گرهڻ ڪري نه سگهيو. جنهن ڪري ڪيس سنتوش ڪين آيو. بين ودوانن سان اِن باري ۾ چڱوئي وادوواد ڪيائين پر تڏهن ٻه سندس شنڪائون نـورت ڪين ٿيون. اِن ڪري داس گٽوءَ کي خيال آيو ته اهڙي مکيه اُپنشد جو واستوڪ يعني سچو ۽ پورو پورو اُرٿ صرف اُهوئي سمجهائي سگهندو، جنهن خود آتم ساکياتڪار درشن ڪيو هجي. تنهنڪري ئي شرڌيءَ ۾ اچڻ جو فيصلو ڪيائين. جڏهن ڪيس باباجن سان ڀيٽ ٿي، تڏهن هن

پنهنجون شنڪائون باباجن اڳيان پيش ڪيون ۽ پرارٿنا ڪئي ته ڪرپا ڪري، شنڪائون دور ڪريو.“

شري سائين بابا، آشيرواد ڏيئي چيس ته ”چنتا نه ڪر. ڪنهن به ڪانهي پر جڏهن تون ”ولي پارلي“ ويندين تڏهن ڪاڪا ديڪشت جي نؤڪرياڻي، پنهنجون اهي شنڪائون نورت ڪندي.“ حاضر سنگين سمجهيو ته باباجن چرچو ڪري رهيا آهن ۽ چوڻ لڳا ته ”هڪ اَڻ پڙهيل جت نؤڪرياڻي، اُپنشد جا منجهيل معاملا ڪئن حل ڪري سگهندي!“ پر داس گڻوءَ کي وشواس هو ته باباجن جو وچن اَستيه ڪڏهن ڪين ٿيندو، ڇو ته هو ساڪيات برهم روپ آهن.

باباجن تي پورن وشواس ڪري، داس گڻو ولي پارلي ۾ پهچي، ڪاڪا ديڪشت جي گهر اچي ٽڪيو. ٻئي ڏينهن جڏهن صبح جو مٺي ننڊ جو آنند ماڻي رهيو هو، ته سندس ڪن تي هڪ نوڙن بالڪا جي سندر پچن ڳائڻ جو آواز پيو. پچن جي مکيه وشيه هئي هڪ لعل رنگ جي سندر ساڙهي، جنهن تي زري جو ڪم بلڪل اوچو ڪيل آهي ۽ اُن جي ڪنارين ۽ ڇيڙي تي ڪهڙو نه سنو پوٽ ڪيل آهي. داس گڻوءَ کي اهو گيت اهڙو ته وڻيو جو ڪت تان اٿي ٻاهر ڏسڻ آيو ته ڪير وينو ڳائي.

ڏٺائين ته ڪاڪا صاحب جي نؤڪرياڻي ”نامبا“ جي

ننڍي پيٽ ڳائي رهي آهي. اِها ننڍڙي ڇوڪري ٻرندڙ ملي رهي هئي ۽ سندس بدن قائل ڪپڙن سان ڍڪيل هو. اهڙي غريب حالت ۾ ڇوڪريءَ جو مڌر آواز ٻڌي داس گڻوُ کي اُن ننڍڙن ڇوڪريءَ تي ديا آئي ۽ ٻئي ڏينهن داس گڻوُ، شري ايم وي پرڌان کي پرارٿنا ڪئي تہ ”هن ٻالڪا کي هڪ سٺي ساڙهي وٺي ڏيو.“ پر شري پرڌان (راءِ بهادر) وري ساڙهيءَ بدران ڇوڪريءَ کي ڌوتيءَ جو جوڙو ڏنو، جو وٺي ڇوڪري اهڙي تہ خوش ٿي، جهڙي ڪنهن بکايل کي کاڌي ملڻ تي خوشي ٿئي.

ٻئي ڏينهن ڇوڪري ڌوتيءَ جي ساڙهي پهري آئي ۽ ڏاڍي خوشيءَ وچان موج ۾ اچي ناچ ڪرڻ لڳي ۽ ٻين ٻالڪائن سان ”ڦگڙي راند“ کيڏڻ ۾ محوُ رهي. ورنہ ٻئي ڏينهن، سائين قائل ڪپڙن ۾ اچي ٻرنن صفا ڪيائين پر سندس منهن تي اُهائي مرڪ هئي، جهڙي ساڙهي پائل ڏينهن تي! داس گڻوءَ کي عجب لڳو تہ جنهن ڇوڪريءَ کي نئين ساڙهي بہ ملي آهي پر هوءَ اُها گهر ۾ رکي، سائين قائــــل ڪپڙن ۾ آنند ماڻي رهي آهي ۽ سندس منهن ۾ نــراشا جي ڪابہ نشاني ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اَچي! تنهنجي معنيٰ تہ ڏک ۽ سک جو اَنڀوُ من جي حالت تي مدار ٿو رکي ۽ نہ نئين يا پراڻي قائل ڪپڙي تي.

اوُنهي سوچ ڪندي، آخر اِن فيصلي تي پهتو تہ "يڳوان جيڪي ڏنو آهي، تنهنتي راضي رهڻ ۾ ئي سچو آنند سمايل آهي. اسان کي سماڌان ورتي ڌارڻ ڪرڻي ۽ نسچيہ پوُرڪ سمجهڻ گهرجي تہ پرماتما، جو سڀني پراڻين ۾ وياپڪ آهي، تنهن جي ديا سان ئي اسان کي اها اِستتي ملي آهي، جنهن ۾ اسين هن وقت آهيون. تنهڪري اُن حالت ۾ راضي رهڻ ئي اسان لاءِ لاڀدايڪ ٿيندو."

مطلب تہ نرڏن بالڪا کي قاتل ڪپڙا پارائڻ يا ٽئين ساڙهي ڏيارڻ ۽ بالڪا جو ساڙهي قبول ڪرڻ، سڀ ايشور جي پريرڻا سان ئي ٿيو. اِها اُپنشد جي سکيا، داس گڻوءَ کي پرتڪيہ روپ ۾ ملي ويئي يعني تہ جيڪي بہ اسان کي مليل آهي يا ملندو، اُهو پرماتما طرفان مليل سمجهي، هر حالت ۾ راضي رهڻ گهرجي. سڀ ڪجهہ پرماتما جي اِڇا موجب هلي رهيو آهي. تنهڪري ايشور جي اِڇا ۾ راضي رهڻ ۾ ئي اسانجو ڪلياڻ آهي.

"ميري رامراءِ، جڻ راکهہ تڻ رهيئي" (گوروائي)

باباجن جيتوڻيڪ شرڊيءَ کان ٻاهر ڪڏهن بہ نڪتا ڪين هئا تہ بہ ڪن کي مڇندرگڙهہ ڪن کي ڪولاپور يا شولاپور ۾ ساڌنا ڪرڻ لاءِ موڪليائون! ڪن کي درشن ڏنهن جو، ڪن کي رات جو ۽ ڪن کي ورڻ

سپني ۾ درشن ڏني، سندن اچائون پو ريون ڪيائون داس گڻوُ کي به ولي پارلي موڪلي، غريب نؤڪرياڻيءَ معرفت سکيا ڏيڻ جي ليلا به پاڻ ئي ڪيائون، جيتوڻيڪ پاڻ هر طرح سمرت هئا. مطلب ته پرڀوءَ جي سنتن جا طريقائي پنهنجا آهن.

”تيري گت مت تمهي جاني.“ گوروائي

ايشو اُپنشد ۾ نيتي شاستر سنبنڌي ۽ آڌياتمڪ وشين تي اُپديش آهن. پهرئين شلوڪ ۾ چيل آهي ته ايشور سڀني شين ۽ جيون ۾ تاڃي پيٽي وانگر سمايل آهي. بيو مکيه اُپديش اِهو آهي، جيڪي به ايشور ڪرپا سان پراپت ٿئي، اُن ۾ آنند سان گذارڻ گهرجي. اسان کي دريڍ نشچيه رکڻ کپي ته ايشور سرو شڪتيوان آهي، تنهن ڪري جيڪي اسان کي ڏئي ٿو اُهوئي اسان لاءِ فائيدي‌مند آهي، تنهن ڪري پرائي ڌن هٿ ڪرڻ جي ترشنا کي روڪڻ کپي.

اِنسان جي چرتر جي باري ۾ مکيه اُپديش آهي ته پنهنجن فرضن کي، ايشور اِڇا سمجهي، اُنهن جي پالنا ڪري، پنهنجي حياتي گذارڻ کپي. فرضي ڪرمن ڪرڻ ۾ آلس ۽ سستي ڪرڻ ڪري، جيو ڌرم تـان ڪري پتت ٿئيتو. اسان جو آدرش هئڻ کپي، نشڪام ڪرم ڪري، ڦل جي اِڇا نه رکي، سڀ ايشور ارپڻ ڪرڻ. جيڪو پراڻي ائين ڪندو، سوئي آتم سروپ جو درشن

ڪندو ۽ سيني پراڻين ۾ پنهنجو درشن ڪندو. اِنهيءَ منزل تي پهتل شخص، موه ۽ سک دک ڪان مٿي چڙهي وڃيتو ۽ ايشور سان ملي هڪ ٿي وڃيتو.

١- "گور ڪرپا جهه نرڪهُه ڪيني،
تهه اِهه جڳت پڇاڻي (رمز سمجهي)
نانڪ لين ڀئيو گوبند سڱُ،
جهُه پاڻي سنگهه پاڻي." گورواڻي

٢- اُستت نندا ناهه جهه، ڪنچن لوهه سمان
ڪهه نانڪ سن ري منا، مڪت تاهه تيءِ جان
٣- سک دک جهه پرسيءَ نهي، لوڀ موهه اُيمان
ڪهه نانڪ سن ري منا، سو مُورت ڀڳوان."
گور واڻي





## (گـــل - ۲۱)

## سچا سنت ڪير آهن؟ ديهه ڌاري گورو ڪڏهن ٿو پراپت ٿئي؟

گذريل جنمن جي پڄ ڪرمن جي اُديہ (اُڀرڻ) ٿيڻ تي ئي سنتن جو درشن، ڪرپا ۽ سنگ پراپت ٿين ٿا. اِهو نيم، سڀني ڌرمي گرنٿن ۾ ڪٿن ڪيل آهي. مثال طور هيماڊپنت ڪيترا سال (بمبئي) باندرا ۾ جج هو، جتي هڪ پير مؤلانا پڻ رهندو هو، جنهن وٽ ڪيترا هندو پارسي ۽ ٻيا ڌرمي خيالن جا ماڻهو ويندا هئا. پير مؤلانا جي مجاورن (پوڄارين) جج هيماڊپنت کي پڻ ڪيترا ڀيرا چيو ته "هلي پير صاحب جو درشن ڪريو." مگر ڪن سببن ڪري ملاقات نه ڪري سگهيو. ڪيترن سالن کانپوءِ، جڏهن هيماڊپنت جا ڀاڳ کليا، تڏهن شرڊيءَ ۾ اچي پهتو ۽ شري سائين بابا جي دربار ۾ پڪيءَ طرح شامل ٿي ويو، يعني ته سنتن، مهاتمائن، مهاپرشن، سان ميل يا گڏجاڻيءَ جو موقعو ڪڏهن ملندو، سو به ڀاڳ ۾ لکيل آهي.

سنتن معرفت ئي، دنيا ۾ ڌرم سکيا ڦهلائڻ جو ڪم

جڳن کان هلندو آيو آهي. سڀ سنت، اَلڳ اَلڳ نموني ۾، جدا جدا هنڌن تي پرگهٽ ٿي، ايشور طوفان مقرر ڪيل ڪم (اُديش) پورو ڪري پوءِ هليا ويندا آهن. سيني سرو شڪتيوان پرڀوءَ پاران رهبر يا پيغمبر يا موڪليل سنڀالڪ (ڊائريڪٽر) آهن، جي هڪ ئي ايشوري شڪتيءَ جي لهر مان پيدا ٿيل رُوپ آهن. هنن کي پنهنجي ڪاريہ ڪرڻ جو پُورو گيان اڳيئي هوندو آهي ۽ ضرورت موجب هڪ ٻئي سان ميلاپ ڪري، ايشور طوفان مٿن رکيل ڪم جو پورائو ڪري هليا ويندا آهن.

شري وي - ايچ ٺاڪر بي - اي، ريونيوُ کاتي ۾ هڪ آفيسر هو. هڪ ڀيري، هوُ، زمين ماپ ڪندڙن جي ٽوليءَ سان ڪم ڪندي، بيلگام جي ويجهو وڙگانو ڳوٺ ۾ پهتو ۽ اُتي هڪ ڪانڙي ”سنت اَپا“ جو درشن ڪري کيس چرن وندنا ڪيائين. سنت اَپا پنهنجن ڀڳتن کي ويچار ساگر نالي ڏرمي گرنٿ جو ڀاو اَرٿ سمجهائي رهيو هو. جڏهن شري ٺاڪر موڪلائڻ لڳو، تڏهين سنت اَپا چيس تہ ”توهان کي هن ويچار ساگر گرنٿ جو ابياس ضرور ڪرڻ گهرجي. اِئين ڪرڻ سان توهان جون سڀ اِڇائون پوُرن ٿينديون. پر جڏهن تون اُتر طرف گشت تي ويندين تڏهن تنهنجي هڪ مها پرش سان ڀيٽ ٿيندي، جو

توکي ايشور مارگ ڏيکاري، تنهنجي هرديه کي شانت ۽ سک جو دان ڪندو.

شري ٺاڪر جي جڏهن بدلي ”جنير“ ۾ ٿي، جتي هن کي ناڻيگهاٽ پار ڪري، وڃڻو پوندو هو. اهو گهاٽ تمام اونهو هو ۽ پار ڪرڻ ڏايو ڪٺن هو. ان ڪري مينهن تي سوار ٿي گهاٽ پار ڪرڻو هو، جو پڻ هن کي ڏکيو معلوم ٿيو. آن ڪانپوءِ هن جي بدلي وري ڪلياڻ ۾ وڏي عهدي تي ڪئي ويئي، جتي هن جي نانا صاحب چاندورڪر سان واقفيت ٿي. نانا صاحب کيس سائين بابا جي باري ۾ خبر چار ڏني ته هن ۾ سائين بابا جي درشن ڪرڻ لاءِ اُڪير پيدا ٿي.

ٻئي ڏينهن نانا صاحب شرڊيءَ وڃي رهيو هو ۽ ٺاڪر صاحب کي پڻ هلڻ لاءِ چيائين. ليڪن ٺاڪر صاحب کي ٿاڻي شهر جي ديواني ڪورٽ ۾، هڪ مقدمي جي لاڳاپي ۾ ضرور حاضر رهڻو هو، تنهنڪري شرڊيءَ ڪونه ويو. ٿاڻي ۾ پهچڻ بعد مقدمو ٻي تاريخ تي مهمل ڪيو ويو، جنهن ڪري ٺاڪر صاحب پڇتايو ته شرڊيءَ ۾ وڃان ها ته بهتر ٿئي ها. ۽ جڏهن موٽي شرڊيءَ آيو ته خبر مليس ته نانا صاحب ڪالهه هليو ويو آهي.

آئي ڪن ٻين مترن سان گڏجي سائين بابا جي

درشن لاءِ آيو. سندن چرن ڪملن تي متي رکڻ بعد، سندس من ۾ اهڙي خوشي پيدا ٿي، جو سندس روم ڪڙا ٿي بيٺا ۽ سندس اکين مان آنسوُن وهڻ لڳا. انترديامي باباجن يڪدم چيس ته ”هن رستي تي هلڻ اهڙو سولو ناهي جهڙو توکي ڪاڻري سنت اُپا ٻڌايو يا - جهڙو مينهن تي سوار ٿي ناٽيگهاٽ پار ڪرڻ جهڙو سولو هو. آڌياتمڪ رستي تي هلڻ لاءِ توکي سخت پريشرم ۽ محنت ڪرڻي پوندي، چو ته هي رستو اهڙو ڏکيو آهي جهڙو تلوار جي ڌار تي هلڻ يا مکڻ جي شيخ پچائڻ.“

سائين بابا جي انترديامتا ڏسي، ناکر صاحب سندس چرن تي ڪري پيو ۽ چوڻ لڳو ته ”ڪرپا ڪري مون اناٿ کي، پنهنجن چرنن ۾ نواس بخشيو.“ باباجن وراڻيو ته ”جيڪي سنت اُپا چيو هو اُن موجب توکي اپياس ڪرڻ ۽ (آچرڻ) عمل ڪرڻ گهرجي. ونرت سنت تي وهڻ مان ڪجهه ڪين ورندو. جيڪي پڙهين ٿو اُن موجب هلڻ تمام ضروري آهي. بنا گوروءَ ڪرپا جي، ڌرمي گرنٿ پڙهڻ يا آتم انيڀوٽي ڪرڻ بيڪار ۽ اسمبؤ آهي.“ شري ناکر کي پورو گيان شردڌ ۾ ئي پراپت ٿيو.

## ويد پاڻي پاٽڻڪر ۽ لڏ جا (٩) گولا

پوُني جو رهواسي اننت راو پاٽڻڪر، ساراهه ٻڌي

هن جڏهن باباجن جو درشن اچي ڪيو تہ سندس نيڻ ٺي ٺري پيا ۽ دل بهار بهار ٿي پيس. باباجن جا چرڻ ڇهي، پنا پوڳيہ پيٺا رکي هٿ ٻڌي چيائين تہ ”مون ويدن، ويدانتن، اُپنشدن ۽ پراڻن جو ڪافي اُڀياس ڪيو آهي. پر منهنجي من کي شانتي پراپت ڪانہ ٿي آهي. من جي شانتي ملڻ ڪانسواء سڀ اَجايو آهي. مان هيئنر سمجهانٿو تہ پڙهيلن کان، اَڻپڙهيل ڀڳت بهتر آهن. مون ٻڌو آهي تہ اوهان صرف هڪ ڪرپا جي نظر سان ۽ پنهنجي عجيب ليلا سان، ٻين کي نهال ڪندا رهيا آهيو، ان ڪري مون داس کي پڻ مهر جي نظر سان نوازيو.“ باباجن جواب ۾ فرمايو:-

”هڪ ڀيري هڪ سؤداگر هتي آيو تہ هن جي سامهون هڪ گهوڙيءَ لڏ لاٿي. سؤداگر يڪدم پنهنجي ڌوتيءَ جو هڪ پلوُ پٽ تي وڇائي، لٿل لڏ مان نوَ (٩) گولا ناهي اُن تي رکيا تہ سندس چت کي شانتي اچي وئي.“ مٿيون پوئي جو پاڻڪر، باباجن جي آکاڻيءَ جو مطلب سمجهي ڪين سگهيو ۽ شري گڻيش دامودر (دادا ڪيلڪر) کي چيائين تہ ”باباجن جي وچن جو پورو مطلب سمجهايو.“ هن چيس تہ ”مون پڻ انهي ڪتا جو پورو مطلب ڪين سمجهيو آهي پر مان سمجهان ٿو تہ گهوڙي آهي ايشور ڪرپا ۽ نو گولا آهن نوڌا ڀڳتيءَ جا (٩) نوَ طريقا (١) شروڻ (٢) ڪيرتن (٣) وشڻوُ

سمرڻ (۴) پاد سيون (۵) اَرچڻ (٦) وندن (۷) داسيہ سمرڻ (٨) سکيتا ۽ (٩) آهي آتم نِوِيدن. انهن (٩) نون پرڪارن مان جيڪو پريمي هڪ طريقو پوري طرح ۽ سچائيءَ سان عمل ۾ آڻيندو تہ ڀڳوان مٿس پرسن ٿي، کيس درشن ڏيندو. صرف جپ تپ جي سادنائن ڪرڻ يا صرف ويدن وغيره جي پاٺ ڪرڻ سان، من هميشہ خشڪ ۽ نوڙ رهندو. ويدگياني يا برهمگيانيءَ ۾، جي ڀڳتي ڀاءُ ناهي تہ ڀڳوان جي پرسنتا جو لائق ڪين ٿيندو. پورن ڀڳتي ڪرڻ وارن کي ئي پريوءَ جو درشن ٿي سگهندو. جنهن سؤداگر چاهہ مان يڪدم ڏوتي وچائي، لڏ جا نو گولا ناهي ڪنيا، تنهن تون پڻ پورن شردا، وشواس سان ڀڳتي ڪري، سچي پرماتما جي کوج جو اَڀياس ڪندو رهندين تہ توکي مانسڪ شانتي ۽ دل جي دردتا بہ پراپت ٿينديون."

بہ ڏينهن جڏهن مٿيون پانڊڪر درشن ڪرڻ آيو تہ باباجن پڇيس تہ "تو لڏ جا نو گولا کنا کيا نہ؟" هن جواب ڏنو تہ "اوهان جي ڪرپا بنا، انهن نون گولن کي کنو ڪرڻ سميؤ نہ آهي." باباجن يڪدم سندس مٿي تي هٿ رکي چيو تہ "فڪر نہ ڪر توکي سک ۽ شانتي بہ پراپت ٿيندا." اِهي آشيرواد جا لفظ ٻڌي، پانڊڪر جي اندر ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي.

## پنڍرپور جي وڪيل کي اِشاري ۾ اُپديش

پنڍرپور جو هڪ وڪيل شرڌيءَ ۾ آيو ۽ دکشڻا اگيان ڌري باباجن کي پرڻام ڪري، وارتالاپ ٻڌڻ لڳو. باباجن هن ڏانهن نهاري چيو ته "ماڻهو ڪهڙا نه (ڏوُرت) آهن، جو چرڻن تي متو ٽيڪي، دکشڻا پيشا ڪري ٿا، اَندر ۾ پنهنجي گارِيون ڏيندا ٿا رهن! ڪهڙي نه عجب جي ڳالهه!" ٻين ست سنگين ته مطلب ڪين سمجهيو پر آيل وڪيل کي اِهي اَکر اندر ۾ ڪکي ويا. پر دل کي دٻائي ويٺو رهيو. جڏهن وارتالاپ ٻڌي مهمان سراء ۾ موٽيو تڏهن ڪاڪا صاحب ديکشت کي چيائين ته "باباجن اَڄ جيڪي چيو سو بلڪل سچ آهي. اِهو اِشارو مون ڏانهن هو."

حقيقت هيءَ آهي ته جڏهن شري نوُلڪر سب جج، پنهنجي تندرستي سڌارڻ لاء پنڍرپور ۾ هوا بدلائڻ آيو تڏهن "بار روم" وڪيلن جي ڪمري ۾، اِن باري ۾ چرچا چالوُ ٿي ته "دوا وغيره ڪرڻ بنا، صرف سائين بابا جي شرڻ پڪڙڻ سان، بيماريءَ مان ڇوٽڪارو پائڻ ممڪن آهي؟ شري نوُلڪر جهڙي پڙهيل شخص لاء اِهو طريقو اختيار ڪرڻ ٺيڪ آهي؟ اسان وڪيلن گڏجي نوُلڪر جج ۽ سائين بابا تي سندس ڀروسي خوب ٺٺولي ڪئي، جنهن ۾ مون به چڱو ڀاڱو ورتو. اَڄ سائين بابا اُنهيءَ ڳالهه کي دهرائي، منهنجو دوش مونکي ياد

ڏياريو آهي. مان اَج سمجهان ٿو تہ باباجن اُهو اِشارو ڪري، مون تي وڏو اُپڪار ڪيو آهي ڇ سکيا ڏني آهي تہ مونکي ڪنهن جي نندا ڪرڻ يا ٻين جي ڪمن ۾ وگهن وجهڻ نہ کپي."

شوڊيءَ پنڍرپور کان (٣٠٠) ميل پري آهي. پو اَنترِيامي باباجن کي پتو پئجي ويو تہ بار روم ۾ ڇا وهيو واپريو! شڌ آتما وارن ست پرشن لاءِ اِها ڳالهہ ڪا وڏي ڪانهي. جنهن کي پنهنجي آسن يا جهوُپڙي ۾ ويٺي. سنسار جو سارو حال معلوم ٿي سگهي ٿو.

متين وڪيل جي ڪٿا، اسان لاءِ سکياداڻڪ سبق آهي تہ وديا جي گهمنڊ ۾ پرجي ڪنهن بہ ست پرش تي ننولي ڪرڻ نہ جڳائي. نندا مان نقصان پس پيش نندا ڪندڙ آهي.

"روئي شڌ جڻ نندا هوءِ، همري ڪپڙي نندڪ ڌوءِ،
جن ڪبير ڪہ نندا سار، نندڪ ڏوُبا، هم اُتري پار."
گور واڻي

## (ڳالھ - ٢٢)



پرماتما ۽ پرماتما جي سنتن جي شڪتيءَ جو ورڻن ڪرڻ، شيش ناڳ جي طاقت کان به ٻاھر آھي. پرماتما جي ڀڳتن، سنتن جي چرڻن جو سھارو ۽ سندن ڌيان ڪري ئي سولي ۾ سولو ۽ پڪي ۾ پڪو سا ڌن ٻڌايو آھي.

شري ھيماڊپنت.

پورڻما کان پوءِ ڪرشن (ڪارو) پکش ۾ چنڊ جون ڪلائون روز به روز گھٽبيون وينديون آھن ۽ روشني پڻ ڍلي ۽ ڪيڻ ٿيندي ويندي آھي، تان جو اماس جي ڏينھن چنڊ صفا غائب ٿي ويندو آھي ۽ چوڌاري اوندھ ئي اوندھ ڇانئجي ويندي آھي. پر جڏھن شڪل (سائو) پکش چالو ٿيندو آھي ته چنڊ جي درشن ڪرڻ لاءِ ماڻھو واجھائيندا آھن ۽ ڏاڍي ڌيان سان چنڊ جي ريکا، وڻن جي ٽارين يا ڪنھن اوت جي سھاري سان ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيندا آھن، تئن سنتن جي درشن ڪرڻ سان، ڀڳتن جي من ۾ پڻ الھاس ۽ آنند پيدا ٿيندو آھي.

ساڳي طرح سائين باباجن به ڪڏھن ڪڏھن مون

جو وڏو ورت رکي ڳالهائڻ صفا بند ڪري ڇڏيندا هئا. ڪڏهن وري چشتيه گهن ۾ آنند موُرتي بڻجي ڀڳتن جي وچ سوپيا ڏيئي، درشنانت ٻڌائيندا هئا. ڪڏهن سرل ۽ سادي سڀاءَ ۾ ته ڪڏهن ڪروڌي روُپ ڌارڻ ڪندا هئا. ڪڏهن صرف ٻن لفظن جي پروچن ختم ڪندا هئا. ڪڏهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيا پروچن هلائيندا هئا. مطلب ته چنڊ جي ڪلائن وانگيان، سندن ليلائن ۾ ٻ، ڦيرو پيو پوندو هو.

ڪاڪا صاحب جو پٽ بالا صاحب مريڪر، ڪوپرگانو جو مملتدار گشت تي نڪتو ۽ "چتلي" شهر ڏانهن وڃي رهيو هو. وات تي شرڊيءَ ۾ سائين بابا جي درشن ڪرڻ لاءِ آيو ۽ چرن وندنا ڪريءَ هميشه وانگر خوشخبري ۽ سماچار ڏيڻ ۽ وٺڻ لڳو، او چتو باباجن چيس ته "تون، پنهنجي دوارڪامائيءَ کي سڃاڻين؟" سوال ۾ مطلب نه سمجهي، هو چپ رهيو، باباجن وري چيو ته "جتي تون ويٺو آهين، اتي دوارڪامائي آهي. جيڪي دوارڪامائيءَ جي گود ۾ وهن ٿا، تن جا سڀ دک ڪنعايون هوءَ دوُر ڪندي آهي. هيءَ مسجد مائي، ڏاڍي ديالو آهي. سرل هرديه وارن ڀڳتن جي ماءُ وانگي، انهن جي رکشا ضرور ڪندي ۽ سندن سڀ ڪشٽ دور ڪندي. جيڪو هن دوارڪامائيءَ جي ڇتو ڇايا ۾ وشرام وٺندو، اُن کي سک آنند جي پراپتي

ڏيندي. ائين چئي، هن کي ”اَڌيءَ“ پرساد ڏيئي، سندس مٿي تي هٿ رکي، کيس آشيرواد ڏنائون. جڏهن هو وڃڻ لاءِ ڪڙو ٿيو ته باباجن چيس ته ”تنهنجي لنبي بابا (نانگ) سان واقفيت آهي؟“ ائين چئي پنهنجي ڪاپي مٺ بند ڪري، ساڄي هٿ جي ڪرائيءَ وٽ جهلي، نانگ وانگي اُنکي هلائي چيائون ته ”نانگ ڏاڍو ڀينڪر آهي ۽ دوار ڪامائي، جن لعلن (ٻارن) جي رکشا ڪندي، تن کي نانگ ڇا ڪري سگهندو؟“ باباجن جي هيءَ ٻولي ڪو به سمجهي نه پيو سگهي ۽ نه وري ڪنهنکي پڇڻ جي همت ٿي.

آخر ۾ باباجن شاما کي سڏائي چيو ته ”بالا صاحب سان گڏجي، چتلي شهر جي وڃي ياترا ڪري اچ.“ شاما اِها ڳالهه بالا صاحب سان ڪئي ته هن چيس ته ”رستو اَٽانگو آهي، تنهن ڪري اوهانکي تڪليف وٺڻ نه گهرجي.“ جڏهن شاما وڃي باباجن کي اهو ٻڌايو ته چيائون ”ڇگو نيڪ آهي، نه وڃ. ۽ سدائين پُورو مطلب سمجهي، سريشٽ ڪم ڪرڻ کپي. جيڪي ٿيڻو آهي سو اوس ٿيندو.“

هيڏانهن بالا صاحب جو خيال بدليو ۽ شاما کي چيائين ته ”مون سان گڏجي هلو.“ شاما وري باباجن کان آگيا وٺي، بالا صاحب سان ٽانگي ۾ چڙهي روانو ٿيو. رات جو (٩) بجي چتليءَ ۾ پهتا ۽ ”مارتي مندر“



۾ وڃي لٿا. بالا صاحب جي آفيس وارا ڪم ڪندڙ اچا اُٿي ڪين پهتا هئا تنهن ڪري ٻاڻ ۾ ٿوري ڳالهه ٻولهه ڪري، بابا صاحب روزاني اخبار کولي، ٽڏي تي ليٽي پڙهڻ لڳو.

بالا صاحب جي ڏوتيءَ جو متيون ڇيڙو سندس چيلهه جي مٿان ئي هو جنهن ۾ هڪ نانگ پنهنجو آواز ڪندو سرڻ لڳو- آواز تي چپراسي ڊوڙي لالٽين ٻتي کڻي آيو ۽ نانگ ڏسي، وڏي آواز سان ”نانگ نانگ“ پڪارڻ لڳو. بالا صاحب ڊپ وچان ڏڪڻ لڳو ۽ شاما به عجب ۾ پئجي ويو. ٻيا ماڻهو ڀڄ هٿ ۾ لٺيون کڻي بيٺا ته نانگ کي ماريون. نانگ آهستي آهستي، بالا صاحب جي ڪمر (چيلهه) تان هيٺ لٿو ته سيني لٺيون هڻي ماري وڌس. بالا صاحب کي اِتي سائين بابا جي ليلا جا وچن ياد آيا ته ”نانگ ڏاڍو ڀينڪر آهي آهي پر جن جي دوارڪا مائي رکشا ڪندي، تن کي نانگ ڇا ڪري سگهندو؟“ يعني سائين بابا جي اڳڪٿي پوري نڪتي ۽ بالا صاحب جي به رکشا ٿي. ان واقعي بعد، بالا صاحب جو باباجن ۾ وشواس هيڪاري وڌيو.

”آپي شيوڪ کي آپي راکي“ گورواڻي

## جو لشيءَ جي اڳڪٿي غلط ۽ باباجن

## جا وچن ست

شرڏيءَ ۾ رهندي ٻاپو صاحب ٻُٽي کي، نانا صاحب

ڏينگلي، هڪ جوتشيءَ چيو ته ”اڄوڪو ڏينهن تنهنجي واسطي نهايت اَشڀ آهي ۽ تنهنجي حياتيءَ کي خطرو آهي.“ اِهو ٻڌي باپو صاحب جا پير ڍرا ٿي ويا ۽ جلدئي سائين باباجن جي درشن لاءِ آيو ته باباجن چيس ته ”نانا جوتشي اڄ تنهنجي موت جي اَڳڪٿي ڪري رهيو آهي ليڪن تون ذرو به ڊڄ يا گهٻراءِ نه. جوتشيءَ کي پاڻ ڏيکاري وڃي چئو ته ”ڏسان ته ڪال مون کي ڪهڙيءَ طرح ٿو ختم ڪري.“

شام جو جڏهن باپو صاحب سنان جاءِ ۾ ويو ته هڪ نانگ ڏسڻ ۾ آيس. سندس نوڪر به نانگ کي ڏسي اُن کي مارڻ واسطي هڪ وڏو پٿر کنيو. باپو صاحب به هڪ ڊگهي لڪڙي کڻي اچڻ لاءِ کيس چيو. پر لڪڙي اچي، تنهن کان اڳي ئي، نانگ تکو ئي تکو سرڪندو ويو ۽ نظر کان غائب ٿي ويو. مطلب ته باباجن جا وچن سَت ٿيا، جوتشيءَ جي اڳڪٿي غلط ثابت ٿي ۽ باپو صاحب جو صدق باباجن ۾ وڌيو.

## اَمير شڪر جو روڳ، مڪاڻ ۽ نانگ کان سندس بچاءُ ڪرڻ

ڪورلي ڳوٺ جو امير شڪر جات جو ڪاسائي هو ۽ باندرا ۾ دلاليءَ جو ڌنڌو ڪري، چڱو مشهور

هو. هڪ پيري ”گانيا“ جي روڳ ۾ اُڙجي ويو، جنهن کيس چڱي پيڙا ڏيڻ لڳو ۽ ڏندو ڇڏي، خدا جي سنت سائين بابا وٽ داڪ جي نوڪريءَ لاءِ اچي قدمبوسي ڪيائين. باباجن کيس اول ”چاوڙيءَ“ ۾ رهڻ جي آگيا ڏني، پر اها جاءِ بيمار ماڻهن جي رهڻ لاءِ نيڪ ڪانہ هئي. جيتوڻيڪ هنجو شرڊيءَ جي ٻي ڪنهن جاءِ ۾ بندوبست ٿي سگهيو ٿي پر باباجن آگيا موجب کيس ”چاوڙيءَ“ جاءِ ۾ ئي رهڻو پيو.

باباجن وري حڪم ڪيس تہ ”مسجد ۾ بہ اندر نہ اچ.“ هن کي ڪجهہ فائدو ڏسڻ ۾ آيو. هو صبح ۽ شام جو ”چاوڙي“ مان نڪري، درشن لاءِ ايندو هو ۽ ٻين ماڻهن جي سرگس سان گڏ موٽي ويندو هو. انهيءَ طرح هن پورا (٩) مهنا شرڊيءَ ۾ گذاريا ۽ بلڪل نيڪ ٺاڪ ٿي ويو. هڪ ڏينهن پنهنجي من جي چئي تي لڳي، باباجن جي آگيا ڪانسواءِ، راتو واهہ چاوڙي ڇڏي، ڪوپرگانو جي ڌرمشالا ۾ وڃي رهيو. اُتي پهچڻ بعد، ڏٺائين تہ هڪ فقير پاڻي گهري رهيو آهي هن کيس پاڻي پيئڻ لاءِ ڏنو پر عجب اِهو ٿيو، جو پاڻي پيئڻ شرط اُهو فقير ڪري پيو ۽ مري ويو. اميرشڪر جا حوصلا خطا ٿي ويا تہ هاڻي ڇا ڪريان؟ جي تو پوليس ۾ رپورٽ ڪريان تہ اول تہ مونکي ڏاوهي ٺهرائيندا تہ يا تو فقير کي ماريو هوندو يا توکي پوري

خبر هوندي تہ کنهن کيس ماريو آهي. يعني تہ ٻنهي ٻالهين ۾ قاسي منهنجي گلي ۾ اچي پوندي."

اِتي هوش نڪاڻي آيس ۽ پڇتائي چيائين تہ"مون وڏي غلطي ڪئي، جو باباجن جي آگيا ملڻ ڪانسواءِ هتي هليو آيس. هي سائين بابا، منهنجو گناهہ معاف ڪريو، ڀان موتي اوهانجي چرنن ۾ اچي پوان ٿو. ڪرپا ڪري منهنجو بچاءُ ڪجو." مطلب تہ اوڏي مهل ئي ٺيڪ سو ٿي، اُتان نڪتو ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ اچي شرڊيءَ پهتو ۽ ساڳي چاوڙيءَ ۾ اچي رهيو. فقير جي مورت جي چنتا بہ لهي ويس ۽ اڳي کان اڳرو ۽ تندرست ٿي پيو.

ٻئي وقت آڌي رات جو باباجن آواز ڪيو تہ"اَڙي عبدل منهنجي بستري تي ڪو دشت پراڻي چڙهي رهيو آهي." عبدل شمعدان کڻي آيو ۽ ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيس. باباجن چيس تہ "چڱي طرح ڪنڊ پاسا جاچي ڏس" ۽ پاڻ بہ پنهنجو لڪڻ ڌرتيءَ تي ٺوڪيندا رهيا. اِها ليلا ڏسي اميرشڪر سمجهيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ، باباجن کنهن نانگ جي هلڻ جي شڪ ۽ ڏپ وچان اِهي اکر چيا آهن. پر حقيقت ۾ هڪ نانگ اميرشڪر جي بستري جي پرسان، چپ ماري ويٺل ڏٺو ويو، جنهن کي پوءِ ماري وڌائون. اِهي پرڪار باباجن، وقتائتي سوچنا يا چتاءُ ڏيئي اميرشڪر جي جان بچائي.

## هيمادپنت:- وڇون ۽ نانگ کي مارڻ کپي يا نه؟

باباجن جي آگيا انوسار ڪاڪا صاحب ڏيکشت، هر روز پنهنجي گورو شري ايڪناٿ مهراج جي ٽيڪا ڪيل ڀاڳوت ۽ ڀاوارٿ رامايڻ جو پاٺ ڪندو هو، جو سڀ ست سنگي ويهي ٻڌندا هئا. هڪ ڀيري هيمادپنت به پاٺ ۽ ڪٿا ٻڌي رهيو هو ته پنهنجي ماتا جي چوڻ تي هنومان ڪئين شري رامچند جي مهانتا جي پريکيا ورتي. شيو شروتا هيمادپنت سميت اهڙي ڌيان ۾ مگن هئا، جو هيمادپنت جي مٿان هڪ وڇون اچي ڪريو ۽ سندس ساڄي ڪلهي تي ويهي رهيو ته ڪيس ڪوبه پتو ڪين پيو. پر ايشور جي پريرنا تي، سندس نظر وڃي وڇون تي پيئي، جو اهڙيءَ طرح شانت ۾ ويٺو هو ڄڻ ته ڪٿا ٻڌي رهيو آهي. هيمادپنت بنا ڪنهن به آواز ڪرڻ ۽ سٽسنگ ۾ وگهن نه وجهڻ جي خيال کان ڪلهي ۾ پيل ڌوتي جي ٻن ڇيڙن ۾ وڇونءَ کي قابو ڪري، مات ميٺ ۾ اٿي، ٻاهر باغ ۾ ڦٽو ڪري، موٽي اچي ڪٿا ٻڌڻ ويٺو.

ٻئي ڀيري وري سنڌيا مهل، هيمادپنت، "واڙي" جي مٿين ڀاڱي ۾ ويٺو هو ته هڪ نانگ دريءَ جي ٽونگه مان اندر گهڙي آيو ۽ ڀيڙي ماري ڦڻ کڻي هلڻ لڳو. جڏهن ٻئي ٻاري آيا تڏهن دري تي ڪنڊ

۾ ويٺل ناٿگ ڏٺائون. يڪدم ڊوڙون پائي، لٺيون وغيره کڻي آيا ۽ ناڳ دريءَ جي ڪنڊ ۾ اهڙو ته ڦاٿل ويٺو هو، جو اُتي لٺ جو ڌڪ هڻي نٿي سگهيا. ڀوءِ شور مچائڻ تي ناڳ وري ساڳي ۽ مان موٽي ٻاهر هليو ويو، تڏهن سيني سامت جو ساهه کنيون.

پڇڻ مڪتارام چيو ته "چڱو ٿيو، جو ناڳ جي جان بچي ويئي." هيماڊپنت موت ۾ چيو ته "ناڳ وغيره کي مارڻ ئي واجب آهي." اِن سوال تي ڪي مڪتارام سان ۽ ڪي هيماڊپنت سان شامل ٿيا ۽ گهڻي وقت تائين واد وواد ڪرڻ کان پوءِ ٻئي ڌرين تي اها چرچا مهمل ڪري اُٿيا. ٻئي ڌريون اهو سوال باباجن اڳيان اُٿاريو ويو. باباجن فرمايو ته ايشور ناڳ وڇون آدڪ سڀني جيون ۾ وسي ٿو ۽ سڀني سڀيال لهي ٿو. ايشور جي اِڇا کانسواءِ ڪوبه ڪنهن کي نقصان نٿو پهچائي سگهي. اسين سڀ پراڻي، اُن سرو شڪتيوان پرماتما جي آڌين ۽ هٿ هيٺ آهيون. تنهن ڪري اسان کي، سڀني پراڻين تي دِيا ڪرڻ جڳائي ۽ جوش ڪاوڙ جو تياڳ ڪري، شانت چت ٿي، جيون وتيت ڪرڻ گهرجي. ايشور سڀني جي رکشا ڪندڙ آهي.

"ماري راکي ايڪڙ آپ - مانش ڪڇ ناهي هات."

گور واڻي.

هئا تہ مان الله مالڪ جو داس آهيان. اسان جا ڪي شبہ ڪرم جاڳيا هئا، جو اسان شري سائين بابا جي شرن ۾ آياسين ۽ سندن ليلائون ۽ اُپديش ٻڌڻ جو اسان کي آتم موقعو مليو.

هڪ ڀوڳہ اپياسي، نانا صاحب چندورڪر سان گڏجي شرڊيءَ ۾ آيو. هن پاتنجلي يوڳہ سوُترن ۽ ٻين شاسترن ۽ گرنٿن جو چڱو اپياس ڪيو هو، ليڪن آتم اَنڀوُتي ڪانہ ٿي هيس. سندن من اهڙو چنچل هو، جو ٿورو وقت بہ سماڌيءَ ۾ ويهي ڪين سگهندو هو. سائين بابا جي ساراہ ٻڌي، هو سندن ڪرپا هٿ ڪرڻ ۽ من جي ايڪاگرتا حاصل ڪرڻ لاءِ ئي، مسجد ۾ آيو، تہ سائين بابا کي روٽي ۽ بصر کائيندو ڏٺائين.

يڪدم دل ۾ خيال آيس تہ بصر کائڻ وارو هي شخص، منهنجون شنڪائون ڪئن دور ڪري سگهندو ۽ منهنجي من کي ايڪاگر ڪئن ڪري سگهندو؟ انترِيامي باباجن، هن جي من جي شنڪا پروڙي چيو تہ ”او نانا، جنهن کي بصر کي ڀسم ڪرڻ جي شڪتي هجي، اُن کي کائڻ کپي. ٻين کي بصر کائڻ نہ کپي.“

ڀوڳي اهي اکر ٻڌي انترِيامي سائين جن جي چرنن ۾ ليٽي پيو ۽ آتم سمرپڻ ڪري، ڪجھ وقت شڌ ۽ نشڪپٽ ڀاءُ سان، باباجن جي شيوا ڪري، پنهنجي من جون ڪنتايون باباجن اڳيان رکي، اُنهن کي حل ڪرڻ جا اُپديش ٻڌي،



شري سائين بابا مسجد مـــان لھندي ڏانھن
سائين سان وڃي رھيو آھي.

ڏل جي سک ۽ سنتوش پراپت ڪري، پوءِ باباجن جي آڳيا ۽ "اُدي پرساد" وٺي، پوءِ شرڌيءَ مان ويو.

## ناڳ جي ڏنگيل ڀڳت شاما جي عجيب دوا ڪرڻ

پاليل طوطو ۽ اگياني انسان ٻئي هڪجهڙا آهن ڇو ته پاليل طوطو پڃري ۾ بند رهي ٿو ۽ اگياني انسان سرير جي پڃري ۾ بند يا بڌل رهي ٿو. پر جيڪڏهن هري ڪرپا سان، انسان کي ستگورو ملي وڃي ۽ هن جون گيان اکيون کولي کيس بندڻ مڪت ڪري ته هن جي جيون گيان ميه ٿي پوي.

هڪ دفعي شاما ڀڳت کي، هٿ جي آڱر ۾ ناڳ چڪ پاتو ۽ زهر چڙهي وڃڻ ڪري، سڄي سرير ۾ ڏاڍي پيڙا اٿيو ڪيائين ۽ سمجهائين ته موت جاڻ آيو. سندس دوستن جي مرضي هئي ته شاما کي ڀڳوان وٺوبا وٽ کڻي وڃون، ڇو جو اُتي دوائن جهاڙن وغيره جو بندوبست هو پر شاما انڪار ڪري، مسجد ۾ وڃڻ ڀڳوان وٺوبا يعني سائين بابا وٽ ڊوڙندو ويو. باباجن کين ايندو ڏسي، ڇڙٻڻ ۽ گارين ڏيڻ جي عجيب ليلا چالو ڪئي ۽ ڪاوڙ جي چوڻ لڳا "اڙي ڊرپوڪ ۽ ڊڀڻا پوڄاري، مسجد ۾ مٿي نه اچ، خبردار جي آيو آهين. ڏاڪڻ تان هيٺ لهه."

باباجن جو ڪروڌ ۾ رخ ڏسي شاما دل ۾ چوڻ لڳو ته ”منهنجو گهر ته هيءُ مسجد ئي آهي ۽ منهنجو سهارو پڻ سائين بابا آهي پر هميشه سائين بابا، مون کي هتان پچائي ڪيي رهيا آهن ته مان هاڻي ڪنهن جي شرڻ وڃي وڃان! مون هي در پڪڙيو آهي اهو ڪڏهن ڪين ڇڏيندس. پل تـــه ڇا به ٿي پوي.“ سائين ڇٽي ڏاڪڻ جي هيٺ ويهي رهيو. ٿوري دير ڪاڦوءِ جڏهن باباجن جو ڪروڌ لٿو ته شاما مٿي چڙهي اچي باباجن جي سامهون ويٺو ۽ باباجن چيو ”متان ڊڄين. تو جيتري به چنتا نه ڪر. ديالو فقير تنهنجي رکشا اوس ڪندو. وڃي پنهنجي ڪمري ۾ ويهه پر ٻاهر نڪرج نه، مون تي وشواس رکي بي ڊپو ٿــي چنتا تياڳي وڃي ڪمري ۾ ويهه.“ وري ٿوري وقت ڪانپوءِ تاتيا پاٽـل ۽ ڪاڪا صاحب ديکشت هتان چوائي موڪليائونس ته ”پنهنجي مرضي موجب پوڄن ڪري، ڪمري ۾ پڙهندو رهج. ليٽي يا سمهي نه پئجانءِ.“

شاما باباجن جي موڪليل نياپي تي اکر به اکر عمل ڪيو ۽ ٿوري وقت اندر ئي سور لهي ويس ۽ پاڻ کي بلڪل ٺيڪ سمجهڻ لڳو. پـاٺڪن کي ضـرور عجب لڳندو ته باباجن شاما کي ڇو موٽايو؟ جواب - باباجن شاما کي اول چيو ”هتي، دور هٽ ۽ نيچي اُتــرو. اهو باباجن جو (٥) اکرو منتر هو، جنهن ۾ نانـگ جي

زهو کي ڪوٺ ۾ پڇي چيائون تہ ”مٿي وچ يعني لهي وچ ۽ دوُر هٽ يعني ڪري ٻاهر وچ ۽ نيچي آئرو يعني مٿي چڙهڻ بدران هيٺ لهي وچ. مطلب تہ زهو کي شاما جي سوير ۾ نہ ڦهلجڻ جي آگيا ڏنائون. ٻين جهاز وارن يا ٻين منترن جي جهاز وجهڻ يا جانور پڙهي يا ٻاڌي پڙهي پيارڻ جو ڪراصل ڪين ڪيائون سمرت سائين بابا بنا پيو ڪير جو اهڙي عجيب ليلا ڪري ڏيکاري سگهندو!

## پنچاٽ جو ڊنڊورو - ٻڪري جي بليدان جي ليلا

شرڊيءَ ۾ هڪ ڀيري سخت پليگ يا مهاماري جي بيماري اچي پيئي ۽ ماڻهو ڊڄي ويا. شهر جي مکين گڏجي ڊنڊورو گهمارايو تہ شهر ۾ ٻاهران ايندڙ ڪاٺين جي گاڏين کي واپس موڪليو وڃي ۽ (٢) ڪوبہ ٻڪرو بليدان نہ ڪيو وڃي. جيڪو ائين نہ ڪندو تنهن تي پنچايت طرفان ڏنڊ وڌو ويندو. باباجن کي انهيءَ ڊنڊوري جو پتو پيو. هڪ ڪاٺين جي گاڏي ٻاهران آئي تہ ماڻهو اُن کي واپس ڪرڻ لاءِ ڪنا تي ويا. باباجن کي جڏهن اها خبر پيئي تہ روبرو وڃي گاڏي واري کي چيائون تہ ”تون اها گاڏي هلي مسجد ۾ لاهہ، ڌوڻيءَ لاءِ کپي.“ ڪنهن کي بہ باباجن جي سامهون پوڻ جي

جويت نہ تي ۽ گاڏيءَ وارو ڪانيون لاهي پئسا وٺي هليو ويو. مسجد ۾ ڏؤٽي ڏينهن رات جلدي رهندي هئي ۽ مسجد مان ڪي ماڻهو گهرج پوڻ تي ٽوريون ڪانيون پڻ ڪٽي ويندا هئا، جو تہ مسجد هر وقت ڪليل رهندي هئي. باباجن ڪنهن کي بہ ائين ڪونہ چوندا هئا تہ ڪانيون جو ٽو ڪٽي وڃين. سندن ڪنهن سان ويـر ڀاءُ ڪونہ هوندو هو ۽ نڪي ڪنهن سان نفرت ڪندا هئا. مطلب تہ پنهنجن جي ڏيارپل ڀنڊوري کي، بيڪار ۽ بي فائدو سمجهي، باباجن اُن جي برخلاف قدم کنيو.

جلدئي هڪ ماڻهو مسجد ۾ ٻڪري جي ٻلِ چاڙهڻ آيو. ٻڪرو اهڙو ٻڍو هو جو جڻ تہ مري ٿو. اُن وقت ماليگانو جو برڙ فقير پير محمد عرف بہ ويجهو بيٺو هو. باباجن اُن فقير کي چيو تہ "ٻڪرو ڪهي ٻلِ چاڙهيو." باباجن اُن فقير کي عزت ڏيڻ خاطر ڪيس پنهنجي ساڄي پاسي ڪان وهاريندا هئا ۽ چلم بہ پهرين ان کي پيئاري پوءِ پاڻ پيئندا هئا. پهرن جي ماني کائڻ مهل بہ اُول هنکي گهرائي، پنهنجي سڄي پاسي وهاريندا هئا ۽ جيڪا بہ پيٽا ايندي هئي اُن مان (۵۰) پنجاهہ روپيا هر روز اُن فقير کي ڏيندا هئا. جڏهن فقير موڪلائي ويندو هو تہ باباجن ڪيس اُپرائڻ لاءِ (۱۰۰) هڪ سؤ قدم گڏجي ويندا هئا.

متي ڪري، جڏهن چڙهي آيو ته بابا جن چيس ته ”جهل جهل - تون کهڙو نه دشت ٻاڀي آهين. براهمڻ تي ڪري، ڪاسائيءَ جو ڪم ڪري رهيو آهين!“

ڪاڪا صاحب چڙهي هيٺ رکي هٿ جوڙي چيو ته ”اوهان جي آگيا پالڻ، مون لاءِ پرم - ڌرم جو ڪم آهي. مان اوهان جو ٻانهو ۽ زر خريد ٻانهو آهيان ۽ اوهان جي حڪم بجا آڻڻ لاءِ ٻڌل آهيان. ٻڪري کي مارڻ واجب نه آهي يا نه، انهيءَ ۾ منهنجو واسطو ڪونهي، منهنجو فرض آهي بنا ڪنهن به سوچ ويچار جي، اوهان جي حڪم جي پيروي ڪرڻ. جي حڪم ڪريو ته مان ٻڪري بدران پاڻ کي بليدان ڪرڻ لاءِ به تيار آهيان.“ آخر فيصلو اِهو ڪيو ويو ته ٻڪري کي باباجن جي ساڄي پاسي ڪانءَ رکيل وهاڻي وٽ آڻي، اتي ڪُهو وڃي. ٻڪري کي جڏهن اُتي آڻڻ لڳو ته اُڌ پَند تي ئي ٻڪري مري ويو ۽ ليلا اُتي ختم ٿي.

ڀڳت ٽن قسمن جا ٿيندا آهن (١) اُتم ڀڳت، جي گُروءَ جي اِڇا کي اَول ئي سمجهي ڪري پورو ڪري ڇڏيندا آهن. (٢) مڌيم ڀڳت، آگيا ملڻ تي يڪدم پالن ڪندا ۽ (٣) سادارڻ يا رواجي ڀڳت، جي گُروءَ جي آگيا کي ٽارڻ جا بهانا پيا ڳوليندا آهي. ڀرين شرڌا (ڏاڪي) جا ڀڳت ڌيرج وارا ۽ جاڳرت ٻڌيءَ وارا، درڍ وشواس قائم رکي، آڌياتمڪ آدرش ڏانهن تڪو ٿي تڪو وڌي،

پرماتما جي بلڪل نزديڪ پهچي ويندا آهن. انهن لاءِ هٺ يوگ، يا ٻين ڪنهن سا ڌنائن ڪرڻ جي ڪابہ آوشيڪتا (ضرورت ناهي. اهڙي شش تي ستگوروءَ جي ڪرپا سڀني کان زياده ٿيندي آهي؛ ڪن حالتن ۾ هوءُ گوروءَ جي گديءَ جو لائق پڻ بڻجي پوندو آهي.

"من بيچي ستگور کي پاس
تس شيوڪ کي ڪارج راس."

گورواڻي.



(گــل - ٢٤)



## باباجن جي چرنن دڪاران سکيا

شرڊيءَ ۾ هر آرتوار تي بازار لڳندي هئي. جتي ٻر وارن ڳوٺن مان ڪيترا پنهنجا مال ڪٺي، دڪان کولي ڌنڌو ڪندا هئا. رواجي ڏينهن تي ٻه منجهند جو مسجد ماڻهن سان ڀري ويندي هئي پر آرتوار تي ايتري ته ڀيڙ ٿيندي هئي، جو گپاگيهه ۾ ڪيترن جو دم ٻه گهٽجڻ لڳندو هو. هڪ آرتوار تي انيه ڀڳت هيماڊپنت، چرڻ شيوا ڪري رهيو هو ۽ باباجن جي کابي پاسي وامن راو بابا وينو هو. بوٽي صاحب ۽ ڪاڪا صاحب ڏيکشت پڻ اُتي حاضر هئا ته شاما اَڻا صاحب کي چرچو ڪري چيو ته "اوهان جي ڪوٽ جي ٻانهن تي، ٿورا چڻا چنبڙيل پيا ڏسڻ ۾ اچن." اِئين چئي شاما، اُتان کي چڻا لاهي ورتا. پر جڏهن هيماڊپنت پنهنجي مڙيل ٻانهن سڌي ڪئي ته ڪيترا چڻا هيٺ ڪري پيا، ۽ حاضر ماڻهن چوندي ورتا ته سيني ۾ اچي ٽهڪڙو پيو.

سيني پنهنجا اَنوُمان لڳائڻ لڳا، پر اِهي چڻا ڪوٽ جي ٻانهن تي ڪٿان آيا هوندا، اُن طرف

ڪيهن جو بہ ذڪر ڪين ڪيو ۽ باباجن ڏانهن نهارڻ لڳا. باباجن يڪدم چيو ته ”مهاشيه اُٽا صاحب کي ايڪانت ۾ چٽڻ کائڻ جي عادت آهي. اڄ آرتوار جي بزار ۾ ويو هوندو، اُتان چٽا وٺي، کائيندو هتي آيو آهي. مان هن جي عادت کان چڱيءَ طرح واقف آهيان ۽ سندس باتهن ۾ لڳل يا ڪوٽ مان ڪرندڙ چٽا، اُن جي پڪي ثابتي آهن.“ هيماڊپنت چيو ته ”باباجي، مون کي ايڪانت ۾ ويهي کائڻ جي عادت ئي ڪانهي، پوءِ اوهين مون تي اِهو دوش ڪئن مڙهي رهيا آهيو؟ اڄ تائين مان شرڊيءَ جي بازار ڏسڻ به ڪونه ويو آهيان ۽ خاص ڪري اڄ ته مان ٻاهر ئي ڪين نڪتو آهيان، نه ڪجهه خريد ڪيو اٿم، پوءِ کائڻ وري ڪئن؟ ڀوڄن ڪرڻ جي وقت، جيڪي منهنجي ڀرسان ويٺا آهن، انهن کي پوري حصي ڏيڻ بنا، مان کائيندو ئي ڪين آهيان.“

باباجن چيو ته ”تون برابر سچ ٻولي رهيو آهين پر ٻڌاءِ ته سهين، ڀوڄن ڪرڻ کان اڳي، تو کي ڪڏهن منهنجي يادگيري پوندي آهي يا نه؟ ڇا، مان تو سان انگ سنگ ڪين آهيان؟ اِئين ناهي ڇا، ته تون اول مونکي ارپڻ ڪري، پوءِ ئي کائيندو آهين؟“

مٿين وارتا جو تت آهي، ته اِندرين، من ۽ بڌيءَ د ثاران، سوادن کائڻ کان اڳي، پنهنجي ستگورو جو

سمرڻ ڪرڻ ئي، ڪيس آهي شيون سمرڻ ڪرڻ جي برابر آهن. اِندريون وشي پدارٿن جي خيال ڪرڻ بنا، رهي ڪين سگهنديون. اِن ڪري ئي، پوڄن پوڄڻ کان اڳي آهي مال اول ايشور اَرپڻ ڪري پوءِ ڪائُبا تہ اُنهن ۾ آسڪتي سياوِيڪ ناس ٿي ويندي.

ساڳيءَ طرح اسان کي ڪام ڪروڌ ۽ ترشنا آدڪ خراب ورتيوُن، ايشور کي ارپڻ ڪري، اُهي ستگورن ڏانهن لڳائڻ گهرجن. ائين هر روز ڪرڻ سان، پرميشور اسان کي اِنهن ورتين کي پاڻ ڏانهن لڳائڻ ۾ سهائتا ڪندو، خراب ورتيوُن دُور ٿينديون وينديون ۽ اسان جي هلت چلت ۽ آچرڻ ۾ سڌارو ٿيندو رهندو. سڌاري اچڻ بعد، گوروُ ۾ پريم وڌندو ۽ شڌ گيان جي پراپتي ٿيندي، جنهن کان پوءِ سرير يا ديهہ بڌي ناس ٿي ويندي ۽ پوءِ ست چت چِتنيہ آنند ۾ لين ٿي ويندي.

واستوَ ۾ گوروُ ۽ ايشور ۾ ڪو ڀيد ناهي. جيسين اِهو ڀيد پاڪ رهندو، تيسين ايشور جو درشن ملڻ جي اُميد، تہ درلڀ آهي، اِن ڪري سيئي ڀيد پاڪ وساري، گوروُ ۽ ايشور کي (اَيڪ) هڪ سمجهڻ گهرجي. اِنهي هڪ رُوپ ڀاونا سان گوروُ شيوا ڪرڻ بعد، ايشور ڪرپا پڪ حاصل ٿيندي، جنهن کان پوءِ ئي، چت جي شڌي ۽ آتم اَنڀُوتي جي واٽ ملندي، ايشور

۾ اُونهو ۽ ڳُوڙهو ڌيان لڳندو، سنساري پدارٿن جي
چِڪ ازخود ڇاس ٿي ويندي ۽ چت ۾ هروقت سک
۽ شانتيءَ جو اَنيڙ رهندو.

”ساچ نام آڌار ميرا، جن بکان سڀ گوائيشان،
ڪرشانت سک من آءَ وسيا، اِڇا سڀ پڇائيشان.“
گوروا ڻي.

## ڇڻن جي ليلا ۽ سڏامي جي ڪٿا

شري ڪرشن، پنهنجي وڏي ڀاءُ بلرام ۽ هم ڪلاسي
سڏامي سان ”سانديپن رشيءَ“ جي آشرم ۾ رهي،
وديا جو ابياس ڪندا هئا. هڪ ڀيري ڪرشڻ ۽ بلرام
ٻئي گڏجي ”جهنگل“ مان ڪاٺيون ڪٽڻ ويا ته رشيءَ
جي اِستريءَ ٻه سڏامي کي ڪاٺين ڪري اچڻ لاءِ
موڪليو، ۽ ٻنهي جي کائڻ لاءِ ڇڻا پڻ سڏامي هٿان
موڪليا. جڏهن سڏامي الي پهتو ته ڪرشن چيس ته
”مون کي پياس تکي لڳي آهي تورو پاڻي ڏي ته
پيئان.“ سڏامي چيس ته ”بکايل پيٽ سان پاڻي پيئڻ
نقصانڪار آهي، اِنڪري تورو آرام ڪري پوءِ پاڻي
پيئج.“ ليڪن سڏامي آندل ڇڻن جي باري ۾ نه ڪرشن
۽ بلرام کي سندن حصو ڏنو ۽ نه کين ٻڌايو ته اوهان
لاءِ مليا آهن.

ڪرشن هتو نڪل، سو سڏامي جي گـود ۾ مٿو

رکي ليٽي پيو ۽ گهري ننڊ اچي ويس. سدامي اهو وجهه ڏسي ڇڻا چٻاڙڻ شروع ڪيا ته ڪرشن پڇيس ته ”دادا، اوهان جي وات مان ٽڪ ٽڪ جو آواز پيو اچي. ڇا ڪائي رهيا آهيو؟“ سدامي چيو ته ”هتي ڪائڻ لاءِ آهي ئي ڇا؟ ٿڌ سبب منهنجا ڏند هڪ ٻئي ۾ ٽڪرجي آواز ڪري رهيا آهن. سيءُ ايترو گهڻو آهي، جو ”وشڻوءَ جو سهسر نام“ جو اُچارڻ به پُوري طرح نٿو ڪري سگهان.“

انترياميءَ ڪرشڻ چيس ته ”دادا، مون سپني ۾ ڏٺو ته هڪ شخص، ٻين شخص لاءِ مليل شيءِ ڪائي رهيو آهي، اوهين ته اهي شخص ڪين آهيو؟“ سدامي ٺهه پهه اتر ڏنو ”ڏوڙ ڪائي رهيو آهيان.“ ڪرشڻ چيس ته ”ائين ئي ٿيندو (ايوَم استوُ) دادا، مونکي خبر آهي ته توهين مون ڪانسواءِ اَن جو داڻو به وات ۾ ڪونه وجهندا آهيو پر اَج ٻک جي ستائڻ ڪري، اوهان کان اهو سوال پڇيم. شايد اهو سپنو ڪُوڙو ڏٺو اٿم.“

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته سدامي ائين ڇو ڪيو؟ جواب اهو آهي ته جيڪڏهن سدامي کي خبر هجي ها ته ڪرشڻ انترياميءَ آهي ته ڪڏهن به ڪوڙ ڪين ڳالهائي ها ۽ نڪي ڪيس اَن جو ڦل ڀوڳڻو پوي ها، ۽ شري ڪرشڻ جهڙي پڪي دوست هوندي به ڪيس غربت جي حياتي ڀوڳڻي نه پوي ها. پر هوءَ جڏهن سدامي

جي اِستري سشيلا، کيس ڳئون جانور (ننديل) ڪرشن لاءِ پينا ڏيئي، ڪرشن وٽ زوريءَ روانو ڪيو، تڏهن ڪرشن اُنتي پوسن ٿيو. موڪليل پيٽ جي بدلي ۾، "سوني ڪٿيا" راتوڪي رات ۾ تيار ڪرائي ڏني.

حاصل مطلب اهو آهي تہ اڪيلو لڪائي کائڻ وارن کي سڏامي جي ڪٿا ياد ڪرڻ کپي. "هوتا نہ راکي، اڪيلا نہ کاءِ - تحقيق دلداني وڃي بهشت جاءِ." (نصيحت نامو.) تنهنڪري جڪي کائڻ لاءِ ملي، اهو اول ايشور کي ارپڻ ڪري، پوءِ کائڻ کپي. باباجن بہ اِها ساکي سکيا، ساري سنگت کي، چڻن جي ليلا جي روپ ۾، چرچو ڪري ٻڌائي.

## اَڻا ۽ ماجي وواد کي چرچي ۾ اُڏائڻ

داموڌر گهنشيام بابري (اَڻا چنچڻيڪر) باباجن جو ڳڳت هو، جو سڀاءَ جو بلڪل نـبـرو، سرل ۽ محڪم ارادي وارو هو. ڳالهائڻ ۽ ڀاشڻ ڪرڻ جو بلڪل چٽڪ هو ۽ سڀني کي منهن تي ٺوڪي ڏيندو هو. هندئي ۾ اُن کي نقد ناڻائڻ سڀاءَ وارو چوندا آهن.) ٻاهران وهنواري نموني ۾ بلڪل پڪشت ۽ رکو هوندو هو ليڪن اندر جو اهڙو نشڪپٽ ۽ صاف هو، جو باباجن کيس پيار ڪندا هئا. هيءُ بہ پنهنجي مرضيءَ موجب بابا جي شيوا ڪندو هو.

هڪ منجهند جو، ڀڳت آٽا باباجن جي ڪاٻي هٿ کي مالش ڪري رهيو هو ۽ بابا جو هٿ ”ڪنڙي“ تي رکيل هو. ٻئي پاسي هڪ ٻرڍ وڏوا ويٺو بائي ڪؤجلگي، مالش ڪري رهي هئي. باباجن هن کي ”ما“ ڪري سڏيندا هئا ۽ ٻيا سڀ هن کي ڪؤسي ٻائي ڪري ڪوٺيندا هئا. هوءَ پنهنجن هٿن جون آڱريون ملائي، باباجن جي بدن کي مالش ڪري رهي هئي. زور سان مالش ڪرڻ ڪري، سندس مٿو هيٺ مٿي ٿي رهيو هو ۽ ٻئي ڀڪا ڀڳت پنهنجي مالش جي شيوا ڪري رهيا هئا.

مالش ڪندي، ٻنهي جو منهن، هڪ ٻئي سان اچي لڳو ته مؤسي بائيءَ چرچو ڪري چيو ته ”آٽا ته اهڙو برو شخص آهي، جو منهنجو منهن چمڻ ٿو چاهي. اڄا وار ٿي ويا آٽس ڏاڍهن ۽ مون کي چمڻ ۾ ڪيس لڄ ٿي ڪانه ٿي اچي.“ اهو ٻڌي آٽا جو منهن لعل ٿي ويو ۽ چيائين ته ”تو مونکي ٻڍو ۽ خراب شخص ڪري ڪوٺيو آهي. مان سمجهان ٿو ته تو فساد مچائڻ لي سڏرو ٻڌو آهي ته مان ٻه تيار آهن.“ سڀ ست سنگي کن ڪتڙا ڪري هي مزو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ لڳا. باباجن ٻنهي کي پيار ڪندا هئا ۽ ٻنهي کي شانت ڪرائڻ لاءِ چرچي طور چيو ته ”اڙي آٽا، اجايو پاڻ ۾ ڇو ٿا جهڳڙو؟ مان ته سمجهان ٿي اٿو ته ماءُ کي چمڻ ۾

کھڙو ڏوه آهي.“ پنهي پريمين جا بوُت بند ٿي ويا ۽ سنگت کي ڪلندي پيٽ ۾ سور اچي پيو.


## ٽوڪبازي ڪرڻ وارن ٽي ڪاوڙجڻ ۽ ڪين چڙب ڪيڻ

باباجن سيٺي پڳتن کي، سندن مرضيء موجب شيرا ڪرڻ جي کلي چرواڳ ڏيندا هئا. ٻئي دفعي (ما) مؤسي بائي خوب زور سان باباجن کي مالش ڪري رهي هئي ۽ ست سنگين چيس ته ”ما، ڪرپا ڪري باباجن جي پيٽ کي اهڙي سخت مالش ڪرڻ بدران، نرم مالش ڪر، نه ته باباجن جي آندن ۽ ناڙين کي ايذاءُ رسندو.“ ته باباجن يڪدم اُٿي، لعل اکين سان، پنهنجو (سٽڪو) سؤنٽؤ يا ڏنڊو کڻي، هڪ چيڙي کي ٻنهي هٿن جو زور ڏيئي، پنهنجي ناپي، (دن) ۾ هنيو، ۽ پيو چيڙو زمين تي رکي، پنهنجي پيٽ سان سٽڪي کي هيٺ د بائڻ لڳا.

سٽڪو انڪل (٣) ٽي فوٽ لمبو هو ۽ ڏسڻ ۾ ائين ٿي آيو ته باباجن جي زور لائڻ ڪري، سٽڪو ٽونڪه ڪري پيٽ ۾ گهڙي ويندو ۽ پيٽ ڦاٽي پوندو. ۾ بابا کي روڪي ڪيرا سيٺي هراس وچان هڪ ٻئي جا منهن تڪڻ لڳا. دل ۾ چوڻ لڳا ته اجايو ”ما“

کي روکيو سين، جو باباجن کاوڙجي، پاڻ کي سزا ڏيئي رهيا آهن.“

پو جلد ئي باباجن جي کاوڙ شانت ٿي ۽ سنڪو ڇڏي، پنهنجي آسڻ تي وڃي ويٺا ۽ فرماياٿون تہ ”شيوا ڪندي، ڪنهن تي بہ ٺوڪبازي نہ ڪندا ڪريو.“ سنگت اهي لفظ ٻڌي، پنهنجا ڪن پڪڙي چيو تہ ٺوڪبازي ڪرڻ کان آئيندهہ لاءِ توبهہ ڪئي سين.



ڳالهه خط ۾ لکيل آهي. پوءِ باباجن چيس تہ ”خط مونکي پڙهي ٻڌاءِ.“ خط ٻڌڻ بعد بابا چيو تہ ”مونکي تہ ائين ٿو لڳي تہ سيٺ (دامو) شايد پاڳل ٿي پيو آهي. کيس لکي موڪل تہ تو وٽ گهر ۾ ڪا ڪمي ڪانهي. توکي سنتوس ڌاري آن مان ٿي گذران ڪرڻ کپي. ۽ لکن جي چڪر ۾ پوڻ نہ گهرجي. بهتر آهي تہ باباجن سان روبرو اچي ملو.“

شاما جي جواب ملڻ تي، داموءَ جي آشائن جو قلعو ڊهي اچي پٽ پيو ۽ شاما جي صلاح تي يڪدم شرڊيءَ ۾ اچي، بابا جو درشن ڪري، سندن پيرن ڀاپڻ ويٺو. دل ۾ سوچي آيو هو تہ ٻن لکن جي سوديءَ ۾ باباجن جو ٻہ حصو رکندس پر کيس همت ٿي نہ ٿي، جو اها ڳالهه باباجن سان شروع ڪري پر انترجامي باباجن سندس اندر پروڙي پاڻيهي چيو تہ ”بابو، مان پاڻکي انهن سنساري جهنجهٽن ۾ ڦاسائڻ نٿو چاهيان.“ اڳتا اِهو ٻڌي، ٻن لکن جي ڪپهہ جي سوديءَ جو خيال لاهي ڇڏيو ۽ ٻچاءَ تي ويس.

پوءِ وري اناج، ڪڻڪ، چانور وغيره جي سودن ڪرڻ جو ويچار دل ۾ آيس تہ باباجن جڏهن چيس تہ ”روپئي جا (۵) پنج سير خريد ڪري، ست سير روپئي ۾ وڪڻي سگهندين ڇا؟ تڏهن يڪدم ٻجي ويو ۽ خيال لاهي ڇڏيائين. باباجن جي (پوشيہ واڻي) اڳڪتي

سڀئي نڪتي. آناج وغيره جا اگهه ٻه مهنا چڙهندا ويا پر ٻوء لهي اچي پٽ پيا. جن ٻه فائدي جي خيال کان اناج وٺي سوگهو ڪري رکيو هو، تن کي نقصان سهڻو پيو. مطلب ته دامو آٽا کي، اِنهيءَ مصيبت کان پڻ باباجن بچائي ورتو. اِنهن ٻنهن ڳالهين بعد، دامو آٽا جو وشواس، باباجن ۾ ايترو وڌيو، جو حياتيءَ پــــر سندن پڪو ڀڳت بڻجي پيو.

"ستگور سک کي ڪرٽي پرتپال،
شيوڪ ڪئه گـــور سدا د ئيال."

گور واڻي.

## اَنبن جي ليلا رستي سنتان جو ور ڏيڻ

هڪ پيري "گوئا" مـان زالي نالي هڪ پريميءَ، (٣٠٠) اَنبن جو پارسل شاما جي نالي شرڌيءَ ۾ موڪليو. اَنب سڀ سلامت نڪتا ۽ باباجن اَنبن وراهڻ جو ڪم شاما تي رکيو پر اُن مان چار اَنب ڪڍي، داموا آٽـا لاء ڌار ڪري رکيائون. داموآٽا کي ٽي اِستريون هيون. پر هن هڪ پاشڻ ۾ چيو هو ته ڪيس ٻه اِستريون آهن. ڪيس سنتان ته ٻه ڪانه پئدا ٿي. گهڻيئي جوتشي پيٽيائين پر سيني چيس ته تنهنجي جنم ڪنڊليءَ ۾ پاپي گرهه هئڻ ڪري، توکي سنتان جو سک ملڻو ٿي ناهي، ته ٻه

باباڄن ۾ هن جو اٽل وشواس هو ۽ هو پارسل ملڻ کان ٻه ڪلاڪ پوءِ مسجد ۾ پوڄا وغيره ڪرڻ لاءِ آيو.

باباڄن کيس ڏسي چيو تہ ”ماڻهو هتي اُنبن لاءِ چڪر پيا ڪائين پر هي اَنب جنهن داما جا آهن، تنهنکي ڏيو تہ کائي مري!“ مرڻ اکر ٻڌي داما دهلجي ويو، جڏهن تہ ڇاتيءَ تي هٿڙمان جو مدگر لڳس، پر پڳت مهالساپتي کيس سمجهايو تہ مرڻ لفظ جو ارٿ آهي ”اهنڪار جو ناس.“ تنهن ڪري ڊڄ نہ، اَنب پرساد آشيرواد سمجهي وٺ. داما ان تي خوش ٿي اَنب پرساد وٺڻ لاءِ تيار ٿيو، تہ باباڄن چيس تہ ”هي اَنب تون نہ کائجانءِ پر پنهنجي ننڍي استريءَ کي کارائج. هن اَنب کائڻ بعد، هن کي چار پٽ ۽ چار ڌيئرون پيدا ٿيندين.“ اِها آڳيا پاڻي مٿو ٽيڪي اَنب وٺي اچي ننڍي استريءَ کي ڏنائين. مطلب تہ باباڄن، جوتشين کي غلط ثابت ڪري، ۽ وڌاتا کي اُلٽو ڪري بہ، داما کي سنتان جو سک ڏنو.

”چند بناسي، سور بناسي، اِک ساڌ وچن اٽل اڏا.“
(گوروائي)

باباڄن سنگت ۾ بار بار چوندا هئا تہ ”مون ۾ پورن وشواس رکو. منهنجي ديهہ تياڳڻ بعد بہ، منهنجي گڏ کيل هاڻيءَ تي نهيل سماڌي بہ، اوهان سان مون وانگر ئي وارتالاپ ڪندي رهندي، آشائن جو سند يش

پهچائيندي رهندي. اِن ڪري نراس نہ ٿجو پر ياد رکو تہ جيڪي بہ منهنجو (نرنتر) لڳاتار سمرن ڪندا رهندا ۽ جن جي مون ۾ پوُرن شرڌا هوندي، تن کي وڏيڪ فائدو ٿيندو رهندو."

## اُنترياميءَ پرڪھ سواميءَ، اُن بولت هي جاڻھ حال

هيماڊ پنت جو چوڻ آهي تہ هڪ دفعي مان، باباجن جي چرڻن ۾ ويٺو هوس تہ منهنجي من ۾ بہ سوال پيدا ٿيا (۱) تہ جيڪي بہ ماڻهو باباجن جي درشن ڪرڻ لاءِ شرڊيءَ ۾ اچن ٿا، اُنهن سڀني کي لاڀ پهچي ٿو يا نہ؟ (۲) باباجن جي مها سماڌيءَ ۾ لين ٿيڻ بعد، منهنجو آسرو هليو ويندو تہ پوءِ منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟ اندر ئي اندر ۾ مون کي ٻہ جواب مليا: (۱) اَنب جي وڻ ۾ جيترو ٻوُر لڳندو آهي، اُهو سڀ جي سلامت رهي تہ اُن مان جيڪر اَڻ ڳڻيا اَنب پيدا ٿين. ليڪن ائين ٿيندو آهي ڇا؟ ٻوُر جو گهڻو حصو تہ هوا ۾ لڏي ڪري پوندو آهي. ڪجهہ حصو ڦلندو ۽ ڦولندو آهي، جن مان اَنب پيدا ٿيندا آهن، پر اُنهن مان بہ ڪي سخت هوا يا طوفان لڳڻ ڪري، ڇڻي ڪري پوندا آهن، جنهن ڪري باقي ڪي ٿورا اَنب وڃي بچندا آهن. جواب (۲) تون جڏهن بہ ۽ جتي بہ منهنجو سمرن ڪندين، مان توسان اَنگ سنگ اچي سهاءِ

ڏيندس." باباجن مون سان اُنگهه سنگهه ڪشن ٽيا تنهنجا پوليٽڪس به مثال - (١) ١٠-١-١٩١١ع ۾ منهنجو ٻاءُ مون کان اُلڳ ٿي ويو ۽ منهنجي پيءُ گذر ڪري ويئي ۽ منهنجي گهر ۾ ٻه چوري ٿي، جنهن ڪري پوليس جاچ ڪري رهي هئي. انهن ڏينهن ڳالهين مونکي ذري گهٽ پاڳل بڻائي ڇڏيو، پيءُ جي مرڻ ڪري، مان ڏک وچان روئي روئي اَڌ مئو ٿي پيس، پر جڏهن باباجن جي چرنن جي شرڻ وچي ورتم لڌهن مون کي مذر وچنن سان ڏنوج ڏ يئي، آيا ڪلڪوٽيءَ جي گهر وٽي هليا جتي منهنجي مستڪ تي خود چندن لڳايائون ۽ "ٻوُرنپوُري" پرساد ڪارايائون. (٢) منهنجي گهر جي چوريءَ ۾ منهنجي استريءَ جي مٺين جي سڄي پيتي ۽ منگل سوٽر وغيره چوري ٿي ويا. مون باباجن جي تصوير اڳيان روئي اَرداس ڪئي ته ٽڪ ٽي ڏينهن، جيڪو ماڻهو چوري ڪري ويو هو، اُهو مٺين جي پيتي سلامت واپس ڏيئي ويو ۽ معافي پڻ ورتائين.

"ساڌ ڪي مهما ساڌ بن آئي،
نانڪ ساڌ پربُ ڀيد نه پائي."

(ڳور واڻي)



(گل - ٢٦)

## ٻاهرين اُپاسنا ۽ سچي اُپاسنا اهت سان آپننتا

ستگورن جي چرنن ڏونهڻ لاءِ، اکين جو پاڻي ڪبي، سچي پريم روپي چندن لڳائڻ ڪبي، وسترن ڀوائڻ بدران ڍريه ۽ پڪو وشواس ڪبي ۽ ساتوڪ ڀاءُ ۽ ايڪاگر چت روپ ڦل ارپڻ ڪرڻ ڪبن. شرڌا ۽ ڀاوَ روپي چنور ستگورن مٿان جهولائي، چرنن تي متو رکي، پرارٿنا ڪرڻ گهرجي ته ”هي انترجامي ستگورو! منهنجي ٻاهرين ورتيءَ کي ڦيري انتر مکي ورتي بڻايو، ستيه ۽ استيه جو وويڪ بخشيو، سنساري پدارٿن جو چاهه ۽ موهه دُور ڪري، آتم آنيوتي ڪرايو. منهنجن نيترن، شريرَ ۽ من کي اوهين پنهنجي اِڇا موجب هلائيندا رهو ته منهنجو چنچل من، اوهان جي سيتل چرنن جي ڇانيا ۾ وشرام پائي.“ مٿين آهي ستگورن جي سچي اُپاسنا، جنهن تي ئي ستگور راضي ٿيندو.

ٻئت تالي هڪ شخص، ٻئي ڪنهن ستگوروءَ جو شش هو، جو ڀاڳن ڪلها ڪري، او چتو شرڊيءَ ۾ اچي اچي نڪتو. ريل ۾ مسافري ڪندي، ڪيس ڪي مترو ۽

سڀئي ياتري اچي گڏ ٿيا، جي شرڍيءَ ڏانهن وڃي رهيا هئا ۽ پڻ کين آڇ ڪيائون ته تون به اسان سان هلي سائين بابا جو درشن ڪر. هو اُنهن جي آڇ جو انڪار نه ڪري سگهيو ۽ چيائين ته مان ”وَرار“ ۾ لهي پنهنجي ستگوروءَ کان آگيا وٺي، واٽ لاءِ خرچ ڪڍي، اوهان سان بمبئيءَ ۾ اچي ملندس. اوهين مون لاءِ ترسجو. ڪيس خواب خيال ۾ ڪين هو ته مان شرڍيءَ ويندس پر ”ميري من ڪڇ اؤر هئي، وڌاتا ڪي من ڪڇ اؤر“ واري ڪهاوت ڪيس ڇڪي شرڍيءَ وٺي وئي.

سڀ بمبئي مان گڏجي نڪتا، صبح جو شرڍيءَ ۾ ۽ يارهين بجي مسجد ۾ پهتا، جتي ڀڳتن جي پوڄا آرتي وغيره ڏسي خوش ٿيا، ليڪن هي ٿيون آيل پڻ، مورڇا ٿي ڪري پيو! ساڻس گڏ آيل ياتري، سڀ اچي ڊنا ۽ هن جي مورڇا لاهڻ لاءِ ڏک ڊوڙ پائڻ لڳا. باباجن جي ڇوڻ ٿي، سندس منهن تي پاڻي ڇنڪاريو ويو ته پڻ سرجيت ٿيو ۽ اٿي اُٿي وينو، ڄڻ ڪو ننڊ مان سجاڳ ٿيندو آهي. انترجامي باباجن کيس اُپديش ڏنو ته ”جنهن گوروءَ يا اشت ۾ هن جو وشواس هجي، اُنهي کي هڪ ٿنيو سمجهي پڪو ۽ اڪر پائي بيهڻ کپي ۽ هن سان ”اَڀِنتا“ ڪر، يعني ملي هڪ ٿي وڃ.“ اهي شبد ٻڌي، پڻ کي پنهنجي ستگوروءَ



جي يادگيري آئي ۽ وقت به وقت سائين بابا جي آسيس وٺڻ لاءِ شرڊيءَ ۾ پيو ايندو هو.

## هڪ گرهستيءَ تي ديا درشتي ڪرڻ

هرشچندر پتلي نالي هڪ گرهستيءَ جي پٽ کي مرگهيءَ جو مرض اچي لڳو. هن ديشي ۽ وديشي دوائون ڪيون پر فائدو ڪين پيو. ١٩١٠ ۾ هن ڳڻپت داس گڏوءَ جو ڪيرتن ٻڌو، جنهن ۾ هن سائين بابا جون ليلائون ٻڌايون ته ڪئين ته ڪيترن دکي دردوندن کي، باباجن جي صرف هٿ لائڻ لاءِ شفا ملي چڪي آهي. هرشچندر جي دل ۾ سڪ، ته اهڙي ڪرامت واري سنت جي آسيس سان، پنهنجي پٽ جو روڳ دور ڪرايان. سو ڪُلن جي نوڪري ورتي، پنهنجي استري ۽ روڳي ٻار ورتي، سائين بابا جي چرنن تي سڀ اچي پيا. باباجن جي نظر پوڻ شرط، سندس پٽ بي هوش ۽ بي سڌ ٿي ڌرتيءَ تي ليٽي پيو، سندس وات مان جهاڳ وهڻ لڳي، اکيون ڦري ويون ۽ بدن مان پگهر وهڻ لڳس ۽ ائين پئي لڳو ڄڻ ته سندس پراڻ نڪرڻ وارا آهن. پٽ جو اهو حال ڏسي، ماتا پتا نراسائيءَ وچان گهٻرائجي ويا. جيتوڻيڪ هو انهيءَ نظاري تي هريل هئا پر اڄ جڏهن مُورڇا واري حالت گهڻو وقت هلي ته سندن اکين مان جل وهڻ لڳو ۽

ورلاپ ڪرڻ لڳا ته ”اسين جيڪا آشا رکي آياسون، اها بدلجي نراشا ۾ پيئي. اسين سائين بابا شير جي شرڻ ۾ آياسين. ليڪن هي ته موت جو لمحو ٿيڻ وارو آهي. اسين مسجد جي ڇاپا ۾ وسرام ونڻ آياسين پر اسان جو پٽ اسان کان موڪلائي ٿو وڃي وغيره وغيره.“ ساري سنگت جي پڻ ماتا پتا سان همدردي ڏسي، باباجن چيو ته ”اوهين ڌيرج ڌريو. پٽ کي پنهنجي جاءِ تي وٺي وڃو. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ هيءُ سرت ۾ هوش ۾ ايندو. خاطري ڪريو.“ باباجن جي مکاورند مان اهي لفظ ٻڌي، کين ڌيرج آيو ۾ آگيا موجب ڇوڪري کي جاءِ تي وٺي ويا. اتي پهچڻ شرط باباجن جا وچن سچا ثابت ۾ ڇوڪرو هوش ۾ اچي سيني ڏانهن نهارڻ ۾ مشڪڻ لڳو!! سندس ماءُ پيءُ خوشيءَ ۾ اچي نچڻ لڳا ۾ يڪدم مسجد ۾ اچي باباجن جا چرن دٻائڻ لڳا. باباجن چين ته ”هاڻي اوهانجون شنڪائون دور ٿيون نه؟ جيڪي وشواس ڌيرج ڌاريندا، هوي انهن جي رکيا ڪندو رهندو.“

”پڻي ڪرپال گسائيان، لٿي سوگ سنتاپ
تتي واءُ نه لڳئي ستگور رکي آپ.“
(گوڙواڻي)

شري پٽلي هڪ شاهوڪار شخص هو، تنهن ڪري هن پٽ جي نيڪ ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ وڏي دل سان

مٺائي ۽ ميوا خوب ورهايا. سندس استري وري اهڙي ساتوڪ ورتيءَ واري هئي، جو هڪ هنڌ ويهي، سارو وقت باباجن جي اکين ۾ پنهنجون اکيون لڳائي ويهندي هئي ۽ سندس اکين مان آنسوُن پيا وهندا هئا. سندس سول ۽ مدر سياءُ ڏسي، باباجن مٿس راضي ٿيا.

## ٻه روپيا ۽ ٽي روپيا

ڪجهه وقت رهي جڏهن شرڊيءَ مان رواني ٿيڻ جي موڪل وٺڻ آيا ته باباجن ٻنهي کي "اُدي" پرساد ڏيئي آسيس ڪري چيو ته "بابو، ڀورين مون اوهان کي ٻه روپيا ڏنا هئا پر هيئنر ٽي روپيا تو ڏيانوَ. اُنهن جي هر روز پوڄا ڪندا رهندا ته اوهانجو ڪلياڻ ٿيندو." پتلي ساشٽانگ پرڻام ڪري نمسڪار ڪيو. دل ۾ چيائين ته "مان هتي پهريون ٽي دفعو آيو آهيان پوءِ باباجن چيو ته مون اوهان کي پهرين ٻه روپيا ڏنا هئا، تنهنجي معنيٰ ڇا؟" پر باباجن چپ رهيا ۽ هي موڪلائي بمبئي ۾ موٽي آيو.

گهر اچي شرڊيءَ جي ياترا جي ساري وارتا پنهنجي بڍي ماتا کي ٻڌائين، جنهن ۾ ٻن روپين جو ذڪر پڻ ڪيائين. سندس ماءُ کي پڻ اول سمجهه ۾ ڪين آيو ته ٻه روپيا ڪڏهن ۽ ڪٿي باباجن ڏنا هئا پر پوءِ

اُن تي ويچار ڪندي، پٽ کي چيائين ته ”جنھن تون پنھنجي پٽ کي وٺي سائين جن وٽ ويو ھئين، تنھن تنھنجو پتا پڻ، ڪيترا سال اڳي اَڪلڪوٽڪر مھراج جي درشن لاءِ ويو ھو، جو پُورڻ سڌ پرش، يوگي ۽ ترڪال درشي مھاتما ھو. تنھنجي پتا جي پُوڄا تي راضي ٿي، اَڪلڪوٽ مھراج کيس ٻه روپيا ڏنا ھئا، جن جي ھو حياتيءَ ڀر پُوڄا ڪندو ھو. سندس مرتيوءَ بعد، ٻن روپين جي پوڄا ڪڏھن ٿيندي ھئي ته ڪڏھن نه، ۽ ٿوري وقت بعد اسان کي پُوڄا ڪرڻ لئي وسري ويئي، جنھن ڪري ٻه روپيا پڻ ھيٺ مٿي ٿي ويا. تون ڀاڳيه شالي آھين، جو مھاراج اَڪل ڪوٽڪر، سائين بابا جي جي رُوپ ۾ توکي اُنھن ٻن روپين جي پُوڄا ڪري پنھنجي فرض پالڻ جي ياد ڳيري ڏياري، ايندڙ آپدائن کي ٽارڻ جو رستو ٻڌايو آھي. ھن کانپوءِ بلڪل خبرداريءَ سان، پنھنجي پتا وانگي پُوڄا ڪندو رھه، جنھن ۾ ئي تنھنجي ڀلائي سمايل آھي. پرماتما سان مليل مھاپرش، سڀ ھڪ روپ آھن. ساڳي طرح گورو ۽ گوبند پڻ پاڻ ۾ مليل آھن.

## آتم ھتيا ڪرڻ کان بچاءُ

شري گوپال نارائڻ امباڊيڪر، ٺاڻي ضلع ۾ جوھر سٽيٽ جو ڏھن سالن کان آبڪاري آفيسر ھو. رٽائر

ڪرڻ کان پوءِ هن ٻيءَ نوڪريءَ جي تلاش ڪئي پر ڪانہ مليس. بدقسميءَ ڪري مصيبتن اچي ورايس، جو جيڪي بہ پئسا هئس سي خلاص ٿي ويس. هو هر سال باباجن جو درشن ڪرڻ ويندو هو ۽ سندن اڳيان پنهنجي ڏين ۽ ڏکي حالت جو بيان پيش ڪري ايندو هو. سٺن سالن گذرڻ بعد، هو اهڙو تہ دل شڪستو ٿي پيو جو ١٩١٦ ۾ آتم هتيا ڪرڻ جي خيال کان، پنهنجي استريءَ سميت شرڊيءَ ۾ پہ مهنا "دڪشت واڙي" ۾ اچي رهيو. هڪ رات جو خيال ڪيائين تہ اچ واڙي جي سامهون جيڪو کوهہ آهي، اُن ۾ ٽپو ڏيئي آپگهات ڪندس.

هيڏانهن باباجن بہ سندس رکيا ڪرڻ جو فيصلو ڪري، واڙي جي ويجهو هڪ پوڄن آليہ جي مالڪ کي پريرڻا ڪئي، جنهن ٺيڪ اُن وقت کيس سڏي ڪري چيو تہ "توهين هيءَ شري اَڪلڪوٽڪر مهراج جي جيوني پڙهي ڏسو، ڏاڍي سٺي آهي." جيونيءَ جو پستڪ وٺي پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ اُن ۾ مگن ٿي ويو. هڪ اَڌياءَ ۾ احوال پڙهيائين تہ شري اَڪلڪوٽڪر مهراج جي جيون ڪال ۾، هڪ شخص هو، جنهن کي بيماريءَ ڏاڍو اچي تنگ ڪيو. جڏهن سُور سندس سهڻ کان ٻاهر ٿي پيو، تڏهن هڪ رات کُوهہ ۾ وڃي ٽپو ڏنائين تہ مهاراج اَڪلڪوٽ اُتي پرگهٽ ٿي، هن

کي کؤھہ مان باھر کڍي ڇيو تہ ”اڙي ياڻي، توکي ڀھينجن شپ ۽ آشپ کرمن جو ڦل ضرور ڀوڳڻو پوندو جيسين تہ اهي ڦل پوڳي پورا نہ کيا آھن تيسين لوکي وري وري جنم وٺڻا پوندا. تنھن کري بھتر آھي تہ اِھي دک سھي، اڳين کرمن جا ڦل سماپت کر تہ پوءِ ھميشھ لاءِ مکت ٿي ويندين“ اِھا ڳالھہ ٻڌي، شري گوپال جا ڪپاٽ کلي پيا ۽ آتم هتيا جو خيال صفا لھي ويس. باباجن ھر ھيمشہ سندس شردا وڌي ۽ پرم ڀڳت بڻجي پيو. سندس قسمت پڻ ڦيرو کاڌو ۽ جوتش شاسترن جو اڀياس کري اھڙو تہ هوشيار ٿيو ۽ اھڙو تہ واڌارو ڪمائين، جو گھر ويٺي ماڻھو اچي، جوتش صلاحون وٺي کيس اهڙو تہ ڌن ڏيئي ويا، جو باقي حياتي تمام سکي گذاريائين.

”شيوک کہ نکٽي ھوءِ دکاويءِ
ٻھ ٻھ کاج پرت شيوک کي،
تھان تھان آٺ ڌاويءِ“
(گور واڻي)

(گل - ٢٧)



## ڌرمي گرنٿن پڙهڻ لاءِ پريمين ۾ چاهه پيدا ڪرڻ

عام ماڻهن ۾ اهو وشواس آهي ته سمبد ۾ سنان ڪرڻ سان، سڀني تيرٿن ۽ پوتر ندين جي سنان جو ڦل ملي چڪو. نيڪ انهيءَ طرح، ستگوروءَ جي چرڻن جي آسري وٺڻ سان برهما، وشنوءِ شو جي ٽن شڪتين جي آسرو ملي ٿو ۽ پار برهم پرماتما کي نمسڪار وغيره ڪرڻ جو جس پڻ پراپت ٿئي ٿو. سائين بابا جهڙا سنت پنهنجن ڀڳتن لاءِ ڪامڌين گانءِ ۽ ڪلپتر وڻ برابر آهن. ديا جا ساگر ۽ آتم انڀوتي ڪرائڻ وارا آهن.

جئين چاترڪ پکي برسات جي بوند پان ڪري، پرسن ٿيندو آهي، تهڙي طرح پريمي ست سنگي ۽ ڀڳت جن پرماتما ۽ سندس سنتن جون ڪٿائون ۽ ليلائون سڻي، خوش ٿيندا آهن. سندن ساتوڪ سڀاءَ ۾ واڌرو ٿيندو آهي ۽ پنهنجي ستگوروءَ کي پرارٿنا ڪندا آهن ته "هي ڪرپانڌان ستگورو، اسان تي اهڙي ديا ڪر، جو اسانجو من پچي ۽ نرمل ٿئي، نيتر آنسن سان پرپوُرن هجن، پراڻ استر ٿين، چت ايڪاگر ٿئي، ڪٿائون ٻڌي

رومانچ ڪڙا ٿين، ساتوڪ ڀاءُ اسان ۾ جاڳرت ٿئي، پاڻ ۾ اُچ، نيچ، ورڻ آشرم جو ڀيد ڀاءُ مٽجي وڃي ۽ اوهان جي ڀڳتي ۾ هروقت لؤلين رهي."

سرلو ۾ مٿين ڳڻن جي پرويش ڪرڻ سان، ڀڳت جن معلوم ڪندا آهن ته اسين پرمارٿ جي رستي ۾ وڌي رهيا آهيون. هن مايا جي ساگر مان، ويد شاستر پار ڪين ڪري سگهندا پر ستگوروءَ ئي ڪري سگهندو. سڀني پراڻين کي ايشور درشن ڪرائڻ جو يوڳيه ۽ لائق بنائڻ، صرف گورو ئي ڪري سگهي ٿو، ڇو ته منجهس سڀ لياقتون مؤجود آهن.

هڪ ڀيري ڀڳت شاما، ڪاڪا مهاجڻي ايڪنات جو ڀاڳوت پڙهڻ ۽ اڀياس ڪرڻ لاءِ کڻي سڌو مسجد ۾ پهتو. باباجن اهو ڀاڳوت، شاما کان وٺــي، اُن جا ڪي پنا وغيره ورائي، شاما کي واپس ڏيئي چيو ته "هن گرنٿ کي سنڀالي رکج." شاما ورندي ڪئي ته "سوامي، هي گرنٿ منهنجو نه، پر ڪاڪا صاحب جو آهي ۽ پڙهي ڪيس موٽائي ڏيڻو آهي." بابا صاحب جواب ڏنو ته "نه نه، هي گرنٿ ته مان توکي ڏيئي رهيو آهيان، تون خبرداريءَ سان پاڻ وٽ رکج. هن مان توکي ڪمائتيون سکيائون ملنديون."

ٿورن ڏينهن کانپوءِ ڪاڪا صاحب ڀاڳوت جو ٻيو ڇاپو وٺي آيو ۽ باباجن جي ڪر ڪملن ۾ ڀينٽا ڪيو.

بابا جن وري اهو سائيو پستڪ، ڪاڪا صاحب کي پرساد طور ڏنو ۽ چيو ته ”هن ڌرمي گرنٿ کي سنڀالي رکجو. هن جو اڀياس اتم اسٿتيءَ تي پهچڻ ۾ توکي سهائتا ڪندو.“ ۽ ڪاڪا صاحب پرڻام ڪري اهو بابا جن جي شڀ هٿن جو سپرش ڪيل پستڪ وٺي، ان کي عزت سان تي مٿي رکيو ۽ چميو. مطلب ته بابا جن پنهنجن شيوڪن، پريمين ۽ ڀڳتن جي دلچسپيءَ موجب ڌرمي گرنٿن اڀياس ڪرڻ ۽ همٿائڻ لاءِ، اول وٺي اُن کي پنهنجن پوتر هٿن سان ڇهي پوءِ انکي سنڀالي رکڻ ۽ هرروز اڀياس ڪرڻ جي هدايت ضرور ڪندا هئا. يعني سڀني ڌرمي گرنٿن لاءِ ڪين ساڳي ڀاونا هئي.

## وشڻو سهسرنام ۽ رامداسي پنٿ جو پوٿلگر

شاما، بابا جن جو بلڪل ويجهو شيوڪ هو ۽ بابا جن جي مرضي هئي ته کيس ”وشڻو سهسرنام“ گرنٿ پرساد طور ڏجي. هڪ ”رامداسي“ پنٿ جو پوٿلگو، شرڏيءَ ۾ اچي ڪي ڏينهن ٽڪيو. هو نيم انوسار پرڀاتھ، ڪال جو اٿي، سنان وغيره ڪري، گيرو وستر پائي، سرير تي ڀسم لڳائي، وشڻو سهسرنام جو جاپ ڪندو هو. تنهن ڪانسواءِ، آڌياتم رامائڻ جو به شرڌا سان پاٺ ڪندو هو.

هڪ ڏينهن انهيءَ رامداسيءَ کي پنهنجي ويجهو

گهرائي ڇيائونس ته ”منهنجي پيٽ ۾ سخت سُور آهي، جو ”سونا مکي“ کائڻ کانسواءِ ڪين لهندو. رامداسيءَ نيم موجب پنهنجو پاٺ پڙهڻ بدران، يڪدم آئي باباجن لاءِ اها سونامکي دوا وٺڻ لاءِ بزار ۾ ويو ته باباجن آئي رامداسيءَ جي آسڻ تان سهسرنام گرنٿ ڪڍي، وري پنهنجي آسڻ تي اچي ويٺا ۽ شاما کي چيو ته ”هن اُملهه ڪتاب جو اُپياس من وانڇت ڦل ڏيڻ وارو آهي مان توکي پرساد طور ڪري ڏيان ٿو ته تون هن جو روز پاٺ ڪج. هڪ دفعي مونکي دل ڌڙڪڻ جي تڪليف اچي ٿي ۽ ائين سمجهيم ته پران ڇکي اُڏامڻ وارو آهي، اُن وقت هي سهسرنام وارو گرنٿ، مون ڪڍي پنهنجي دل جي مٿان رکيو، پوءِ ته اهڙي ڪرامت ٿي، جو دل جي ڌڙڪڻ يڪدم بند ٿي وئي ۽ بدن ۾ اهڙي طاقت معلوم ڪيم، جڻ ته الله خود لهي اچي منهنجي دل کي مالش ڪري منهنجي رکشا ڪري رهيو آهي. اِنڪري مان هي گرنٿ اڄ توکي ڏيان ٿو. تون آهستي آهستي ڪري هڪ هڪ نام جي مهما جو پد ڏيهاڙيءَ سان پڙهندو رهج ته اُن مان توکي گهڻو لاڀ پراپت ٿيندو.“

شاما موٽ ۾ جواب ڏنو ته ”سوامي، هن پستڪ جو مالڪ رامداسي پنڊت جو پوٿيگر آهي. مون کي هن پستڪ جي ضرورت ناهي. هي رامداسي ڏاڍو ڪروڌي آهي ۽ موٽي اچي جهڳڙو ڪندو ۽ لڙائيندو.

تنهن ڪانسواءِ هٿ سان سنسڪرت ۾ لکيل پستڪ پڙهي ڪين سگهندس.“ شاما دل ۾ سمجهو تہ باباڄن، منهنجي ۽ رامداسيءَ جي وچ ۾ جهڙو ڪرائي، مٿس ڏسڻ جي ليلا رچي رهيا آهن. پر باباڄن چيو تہ ڪٿي بہ شاما کان سهسرنام ڪنٺ ڪرايان ۽ ايشور نام جي جاپ جي وڏائي ۽ مهتوتا جو، شاما کي آنيؤ ڪرايان تہ سهسرنام جو جاپ، سنساري دکن کان مڪتي ڏيڻ وارو، پاپن کان بچائڻ وارو، خراب ورتين کان بچاءُ ڪرڻ وارو ۽ جنم مرڻ جي بندن کان ڇڏائڻ وارو آهي. ليڪن شاما کي اِها ڳالهہ ئي نٿي آئڙيءَ!

هيڏانهن رامداسي جڏهن بزار مان سوناڪي دوا وٺي موٽيو تہ آٽا چيٽيڪر، جو اُتي حاضر هو، تنهن نارد وانگيان، رامداسيءَ کي گهٽ وڌ اَحوال ٻڌائي، هنکي چيڙيو، رامداسي بہ ڪاوڙ جي جوش ۾ اچي، شاما تي اُلڙ ڪري آيو ۽ چيو تہ ”توئي لڇائي يا سوُر جو بهانو ڪري، باباڄن جي معرفت مونکي دوا وٺڻ لاءِ موڪليو آهي. هاڻي جو اِهو پستڪ مون کي موٽائي نہ ڏيندين، تہ مان تنهنجو مٿو ڦوڙيندس.“ شاما شانتيءَ سان کيس سمجهائڻ لڳو پر هوُ پاڻ وڌيڪ اُيامڻ لڳو.

اِتي باباڄن پريم واڻيءَ سان چيؤ تہ ”اڙي رامداسي، هيڏو گوڙ ڇو مچائي رهيو آهين؟ تون هن پوتو گرنٿ

جو پاٺ نيم سان ڪندو رهيو آهين، تہ بہ اڃا منو پولڻ ڪين سکيو آهين! تنهنجو سياڻ ٿي اهڙو جهڳڙالو ٿو سمجهڻ ۾ اچي جو هر روز پاٺ پڙهڻ جو توتي اثر ٿي ڪين پيو آهي! جڏهن تنهنجي زبان تنهنجي وس ۾ ناهي تہ پوءِ رامداسي ٿيڻ جو فائدو ٿي ڪهڙو؟ توکي تہ سهسرنام جي پاٺ پڙهڻ کانپوءِ وئراڳہ اچڻ گهرجي. ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ ڇٽبي تنهجو هن ننڍڙي پستڪ ۾ ايترو تہ موهہ آهي، جو تون شاما سان جنسي لڙائي ڪري رهيو آهين! هن پستڪ جو ملهہ گهڻو آهي؟ پئسن سان پستڪ تہ گهڻي ئي خريد ڪري سگهجن ٿا پر انسان ڪين ملي سگهندا. شاما جو ان ۾ ڪو بہ ڏوهہ ڪونهي. مون ئي تنهنجو پستڪ کڻي هن کي ڏني ڇيو تہ هر روز پاٺ ڪري، ڪنٺ ڪري ڇڏ، ڇو تہ مون سمجهيو تہ توکي بہ ضرور سڄو ڪنٺ هوندو، شاما کي جيڪڏهن هن پستڪ پڙهڻ مان لاڀ پهچي، تہ توکي پاڻ خوش ٿيڻ گهرجي ۽ مون بہ انهيءَ خيال کان اِهو پستڪ کيس ڏنو آهي. هاڻ تون پنهنجي اَسڻ تي ويهي ٿورو سوچ تہ غلط تون آهين يا شاما؟"

باباجن جا اَمرت وچن ٻڌي، "رامداسيءَ تي اهڙو تہ ڳوڙهو پرڀاءُ پيو، جو ڇوڙڻ لڳو تہ اِنهي سهسرنام جي بدلي ۾، مون کي شاما "پنج رتني گيتا" ڏئي تہ مونکي قبول آهي." شاما چيس تہ "هڪ بدران مان توکي

ڏه گيتائون ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“ ۽ رامداسي، پنج رُپيا گيتا وٽي خوش ٿيو.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته رامداسي ۽ ڪڏهن بہ گيتا ڪانہ پڙهي هئي، تنهن اهو پستڪ ڇو گهري ورتو؟ باباجن جي حاضري ۾ هن هيڏو رڳڙو ڇـو مچايو؟ جواب اِهوئي ٿي سگهي ٿو تہ هن ليلا د ٿاران، باباجن، شاما کـي سهسرنام جي اُپياس ڪرڻ جو اُڪسر ۽ وجهہ ڏيـاريو ۽ ساڳئي وقت جوشيلي رامداسيءَ کي پڻ گيتا جي اُپياس ڪرائڻ لاءِ، پريرڻا ڪري سندس واتان ٿي بولايو تہ مونکي گيتا ڏيو.

سنتن ۽ مهاتمائن جون وچتر وارتـائون ۽ ليلائون، سادارڻ منش جي سمجهہ کان ٻاهر آهـن هو پنهنجي نموني ۾ شانت چت سان، کيل کيليندا رهن ٿـا. مٿين ليلا جو ڦل اهو نڪتو، جو شاما جلد ئي سهسرنام ڪنٺ ڪري ڇڏيو ۽ اُن جـو اُونهو اُپياس ڪري، ايترو تہ گيان حاصل ڪيو، جو پوني جي انجنيرنگ ڪاليج جو پروفيسر نرڪي ۽ ٻيا، شاما سهسرنـام جو اَرٿ سمجهڻ ايندا هئا. رامداسي پڄت جا بہ ڪي ياڳ اچي کليا هئا، جو باباجن جي اُپديش ٻڌڻ سان، سندس ڪاوڙ شانت ٿي ويئي ۽ گيتا پاٺ پڙهڻ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو.

باباجن، پرمرودنا جي اپياس ڪندڙن کي پڻ اُتساهت ڪندا هئا. هڪ ڀيري باپو صاحب کي جوڳ جو هڪ پارسل

آيو، جنهن ۾ لوڪمانيه تلڪ جي لکيل گيتا ڀاشيه متان گاهه جي پاڻي ۾ اندر پيل هو. جوڳ صاحب جڏهن ٿي اهو پارسل آڻي، باباجن جي اڳيان جهڪي وندنا ڪئي ته پارسل باباجن جي چرنن ۾ ڪري پيو. باباجن پڇيس ته ”هن پارسل ۾ ڇا پيل آهي؟“ شري جوڳ يڪدم پارسل کولي، گرنٿ ڪڍي، باباجن جي ڪرڪملن ۾ ڏنو. باباجن اُنجا پنا هيڏانهن هوڏانهن ورائي، کيسي مان هڪ روپيو ڪڍي ۽ پستڪ جي متان رکي، شري جوڳ کي ڏيئي چيو ته ”هن گرنٿ جو ڌيان پوروڪ اڀياس ڪندو رهج، اِن مان تنهنجو ڪلياڻ ٿيندو.“

## پورڻ گورو ۽ پورڻ شش جي گڏجاڻي جو پورڻ پرڀاءُ

دادا صاحب کاپرڊي پڻ پنهنجي ڪٽنب سميت شرڊيءَ ۾ اچي ڪي مهنا رهيو. هو امراوتيءَ جي هاءِ ڪورٽ جو هڪ پرسڌ وڪيل هو ۽ دهليءَ جي ”ڌارا سڀا“ جو سڀاسد پڻ هو. ڳالهائڻ جو بلڪل هوشيار ۽ ودوان هو تہ بہ باباجن جي اڳيان، وات کولڻ جي همت ڪا نہ ٿيندي هيس. جيتوڻيڪ ڀيا ڪيترا باباجن سان اچي وارتالاپ يا ٻي چرچا ڪندا هئا پر وڪيل کاپرڊي، نُولڪر ۽ بُوٽي ٽي جڻا، چپ چاپ ويٺا ٻڌندا هئا. دادا صاحب سنسڪرت ۾ لکيل پستڪ

سمسيا (عجيب حالت) سمجهايو ته اسانجي دل مان شڪ دوُر ٿئي.

باباجن سمجهائي طور چيو، ”پيائي شاما، اَجوڪي ھن پوجن جي وچترتا وارتا ھيءَ آھي، جو ھيءَ ماتا، ڏنڊ ريل جنمن ۾ ھڪ واپاريءَ جي ٿلھي مٺاري ڳانءِ ھئي ۽ گھڻو کير ڏيندي ھئي. اُن ڪان پوءِ ھن ھڪ مالھيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. ھوءَ وري ھڪ ڪتريءَ جي ونس ۾ پيدا ٿي ۽ ھڪ واپاري سان سندس شادي ٿي. اَج گھڻي ڪال ڪانپوءِ، ھن سان گڏجڻ ٿيو آھي تنھن ڪري ھن جي ٿالھيءَ مان ٿو کان.“ کائڻ ڪانپوءِ ھٿ منھن صاف ڪري، ۽ ٽي اوگرايون ڏيئي اچي آسڻ تي ويٺا ته ھوءَ ماتا اچي سندن چرن دٻائڻ ويني ۽ ڪجھ وارتالاپ ڪرڻ لڳي.

شاما اِھو کيل ڏسي کلي چوڻ لڳو ”اَجوڪو درشيه ۾ عجيب آھي جو پيگوان ۽ پڳت ھڪ ٻئي جي شيوا ڪري رھيا آھن.“ آخر ۾ باباجن کيس چيو تہ ھاڻي سدائين ”راجا رام راجا رام“ جو جپ ڪندي ڪر. ھن جي پوري اُپياس ڪرڻ سان، توکي پنھنجي ڌيه (آدرش) جي پراپتي ضرور ٿيندي ۽ پوُرڻ شانتي ملندي.“ اَڌ ياتمڪ وديا کان اَڻ واقف رواجي ماڻھن کي، ھيءَ ڳالھ عجيب لڳندي. شاسترن جي ڀاشا ۾، منتر يا شبد ڏيڻ کي ”شڪتي پات“ ڪري چيو ويو آھي.

ٻاٻاجن جهڙن ٻوهم سان ڀهتل شخصن جي وچن ۾ اهڙي شڪتي سمايل رهي ٿي، جا پُورن ۽ لائق شش جي ڪن ۾ ڦوڪ ڏيڻ سان، سندن سڄي بدن ۾ بجلي جيان گهڙي وچ ۾ ٿي. دم دم سان انهيءَ ڏنل منتر جو، بدن ۾ دؤرو هلي ٿو. پُورن گورو ۽ پُورن شش جي ملڻ سان ئي پُورن منتر ملي سگهندو.

”پُورا ستگور ڀيٽيئي، پُوري هوويءَ جڳت،
هسنديان کيلديان کاوند پيان، وچي هووي مڪت.“

(گورواڻي)

## ( گل - ٢٨ )



ويد ۽ آتم وگيان جاڻڻ واري کي ئي ستگورو ڪوٺي سگهجي ٿو. گورو ڀلي ڪيترو به ودوان هجي پر جي پنهنجي شش کي سڄاڳ ڪري، هن کي نج سروپ جو گيان نٿو ڪرائي سگهي ته اُن کي ستگورو ڪونه چئي سگهبو. رواجي طرح پتا، برابر پنهنجي پٽ يا ڌيءَ جي شرير جو جنم داتا آهي، ليڪن ستگورو، جنم ۽ مرڻ کان مڪت ڪرائڻ وارو شخص آهي. سائين بابا چوندا هئا ته ”منهنجو شش ڀلي هزار ڪوهه پري رهندو هجي، ته به هو شرڊيءَ طرف ائين ڪيڇجي ايندو، جئين ڌاڳي ۾ ٻڌل پکي ڇڪجي ايندا آهن.“

لالا لڪشميچند اصل وينڪٽيشور پريس ۾ نوڪري ڪندو هو، پر اُها ڇڏي ريلوي ۾ آيو ۽ پوءِ وري ميسرس رئلي برادرس ۽ ڪمپني ۾ منشي (ڪلارڪ) جي نوڪري ڪرڻ لڳو. ١٩١٠ ۾ هن جو سائين بابا سان سمپرڪ ٿيو.

ناتال کان هڪ ٻه مهنا اڳي، سانتاڪروز ۾، هن سپني ۾ هڪ ڏاڙهيءَ وارو ڏٺو، جنهن کي چوڌاري

ستسنگي ڀڳت ويٺهي وينا هئا، ڪجهه ڏينهن ڪانپور ۾ هوءِ هڪ دوست دتاتريه منجونات جي گهر، داس گڻو، جو ڪيرتن ٻڌڻ ويو. داس گڻو ڪيرتن ڪندي، سائين بابا جون ليلائون ٻڌائيندو هو. سائين بابا جي بيان ڪرڻ تي، لڪشميداس کي ڏنل سپنو ياد آيو ۽ اِنهي فيصلي تي پهتو ته سپني ۾ برابر سائين بابا جو درشن ڪيو هوم. مطلب ته داس گڻوءَ جي ڪيرتن، ڪتا ۽ تڪارام ڀڳت جا پڇڻ ٻڌي، هن پڪو اِرادو ڪيو ته شرڊيءَ ياترا ضرور ڪبي.

سچي دل وارن ڀڳتن ۽ پياسي جگياسين کي، پرماتما ستگورو ڳولي هٿ ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي. اُنهيءَ رات جوئي اُنين، ٻجي، هڪ دوست شنڪرراؤ اُچي سندس گهر ڪڙڪايو ۽ چيو ته "مون سان گڏجي شرڊيءَ هلڻ لاءِ تيار آهين؟" هو اِهو ٻڌي، خوشيءَ ۾ ڇڙ ته نچڻ لڳو ۽ پنهنجي ڀاءُ کان پندرهان روپيا اُڌارا وٺي، ضروري سامان کڻي، دوست سان گڏ نڪتو. ريل گاڏيءَ ۾ چار مسلمان ياتري به هئا، جي شرڊيءَ جي ڀرسان ڳوٺن ۾ رهندا هئا ۽ گهر موٽي رهيا هئا. لڪشميچند اُنهن کان سائين بابا جي باري ۾ خبر چار پڇي ۽ هنن ٻڌاين ته سائين بابا ڪيترن سالن کان شرڊيءَ ۾ رهندو آهي ۽ برابر پهتل شخص آهي. گاڏيءَ ۾ ڪي پڇن به ڳايائون.

ڪوپرگانو شهر ۾ پهچي، ٻنهي ڄڻن باباجن لاءِ زيتونن جي پيتا ڏيڻ جو خيال ڪيو ۽ جڏهن شهر گهمڻ نڪتا ته زيتونن وٺڻ جو خيال ئي وسري ويو. جڏهن شرڊيءَ جي ويجهو آيا ۽ زيتونن وٺڻ جي يادگيري پيئن ته ڏسن ته هڪ ٻڍي اِستريءَ زيتونن جي ٽوڪري کڻي، سندن ٽانگي پٺيان ڊوڙي پيئي اچي. اِهو ڏسي هنن ٽانگو بيهاريو ۽ ٻڍيءَ کان زيتون خريد ڪيا. آخر ۾ ٻڍڙيءَ چيئن ته باقي جيڪي زيتون بچيا آهن سي منهنجي طرفان باباجن کي پيش ڪجو. ٻڍيءَ جي واتان اِهي لفظ ٻڌي، ٻئي عجب ۾ پئجي سوچڻ لڳا ته "شاباس هجي هن ٻڍيءَ جي ڀڳتيءَ کي." لڪشميچند دل ۾ چيو ته "هي ٻڍي، شايد سپني ۾ ڏٺل ڏاڙهيءَ واري جي ويجهي مائٽياڻي هوندي."

شرڊيءَ جي ويجهو پهچڻ تي، مسجد تي چڙهيل جهنڊا جهوليندا نظر آين ۽ ٻنهي اُنهن کي ٽانگي مان ئي نمسڪار ڪيو. مسجد ۾ پهچي، رسم موجب پُوڄا ڪري، باباجن جي چرنن کي پُونرن وانگي چنبڙي پيا. ليڪن موت ۾ باباجن جي واتان هي عجيب لفظ نڪتا ته "سالن وات تي پهچڻ ۽ ڪيو پوءِ پين کان پڇا ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ سچو سپنو ڪو جهُوٺو ٿي سگهندو ڇا؟ مارواڙيءَ کان اُڌاري (اُڌار) وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ مراد پوري ٿي يا نه؟"

لڪشميچند سپني جو اکر ٻڌي، باباجن کي انترياميءَ سمجهي، من ئي من ۾ باباجن کي پنهنجو گورو ڪري سويڪار ڪيائين. باباجن جي اهڙا مواد اصل ڪانه هوندي هئي ته سندن ساراهه ڪئي يا ڪن خاص وڏن ڏڻن تي، ماڻهو سندن درشن اچي ڪن. هو هو وقت پنهنجي مستيءَ ۾ مگن رهندا هئا ۽ پرواه ئي ڪانه ڪندا هئا ته ڪير آيو ڪير ويو. جيڪي نزديڪ اچي چرڻ وندنا ڪندا هئا، انهن سان ئي ڳالهائيندا هئا.

## سانجا پرساد - کچڙي

منجهند جي پوڄن ڪرڻ مهل، لڪشميچند کي هڪ ڀڳت ”سانجي“ جو پرساد ڏنو، جو هن کي اهڙو وڻيو، جو ٻئي ڏينهن به چاهيائين ته ڪاٿان لاءِ ملي ته سندس آس پوري ڪانه ٿي. ٽئين ڏينهن منجهند جي آرتيءَ مهل باپو صاحب جوڳ، باباجن کان اچي پڇيو ته کهڙو پرساد تيار ڪريون؟ باباجن فرمايو ته ”سانجا“ پرساد ڏاهي اچجو. هو ٻن ٿالهين ۾ اهو ڪٺي آيو. لڪشميچند کي ٻڪ ۾ تکي لڳي هئي ۽ سائڻي وقت پڻيءَ ۾ سور به هوس ته باباجن چيس ”توکي ٻڪ ۾ لڳي آهي ۽ ڪمر ۾ به سور اٿيئي. اڄ سانجي پرساد جي دوا ڪري کاءُ.“ لڪشميچند جو پيهر تصديق وڌيو ته باباجن سچ پچ انترياميءَ آهن.

لڪشميچند کي چاوڙي جي جلوس ڏسڻ جو نه موقعو مليو ھو، اُن ڏينھن بابا کي کنگھ جي تڪليف ھئي. لڪشميچند کي دل ۾ سنسو پيو ته ڪنھنجي بري نظر پوڻ ڪري باباجن کي کنگھ ٿي آھي. ٻئي ڏينھن صبح جو جڏھن باباجن مسجد ۾ ويا تڏھن شاما کي چيائون ”ڪالھ جو مونکي کنگھ جي تڪليف ٿي ھئي، سان مان ڀانيان ٿو ته ڪنھنجي بري نظر ھڻڻ ڪري ٿي ھئي.“ لڪشميچند جڏھن اِھي لفظ ٻڌا، تڏھن سمجھي ويو ته باباجن منھنجي اندر ۾ جيڪو سنسو پيدا ٿيو ھو، اُھو انترياميتا سان سھي ڪري، ڏھرائي رھيا آھن. بس تنھن کانپوءِ لڪشميچند جو باباجن ۾ درڙھ وشواس جمي ويو، ڇي بيشڪ پورا اُنترياامي آھن ۽ ڏنڊوت نمسڪار ڪري پرارٿنا ڪيائين ته ”ڪرپا ڪريو ته منھنجو من ھريوءَ جي ڀڄن ۽ اوھان جي چرڻن ۾ ئي لڳو رھي. مون دين داس تي ھردم ڪرپا درشٽي ڪري، رکشا ڪندا رھندا. اھڙي مھر ڪندا، جو اوھان جي چرڻن جي سموڻ ۾ باقي بچيل حياتي وتيت ڪريان. ھاڻي آگيا ڏيو ته گھر وڃان.“

باباجن کيس اَدي پرساد ڏيئي وڃڻ جي آگيا ڏني، ۽ لڪشميچند پنھنجي دوست ۽ اِستريءَ سميت وات تي باباجن جي ساراھ ڪندا واپس موٽيا ۽ حياتي ڀر باباجن جا ”ڪٽر ڀڳت“ ٿي پيا. سندن شھر

جي وَس ٿي، اهڙيون ليلائون ڪندا آهن. مائي ڪيڏي ڪارائي گد گد ٿي گهر موٽي.

ويرمگام جو رهندڙ ”ميگها“، بلڪل سادو سودو ۽ اَڻ پڙهيل شخص هو ۽ راءِ بهادر سائي جو رسويو هو. هو شوُ مهراج جي اُپاسڪ هو ۽ ”اوم نمه شواءِ“ منتر جو جاپ ڪندو هو. هن کي اِيترو به گيان ڪين هو تہ سنڌيا ۽ گايتري منتر ڇا ٿيندا آهن. راءِ بهادر سائي جو متس پيار هو، تنهن ڪري هن پنهنجي رسوئي ميگها کي سنڌيا پوڄا ڪرڻ لاءِ گايتري منتر چوڻ سيکاريا ۽ کيس چيو تہ ”شوُ مهراج جو ساڪيات اوتار هنوقت شرڏيءَ ۾ اٿيئي. وڃي اُنهيءَ جو درشن ڪري اَچ.“

ميگها جڏهن ڀڙوچ اِسٽيشن تي بيٺو هو تہ ڪنهنجي واتان ٻڌائين تہ سائين بابا هڪ مسلمان آهي، سو ويچارو منجهي ڳوڙها ٿي پيو ۽ اچي سائي صاحب کي ٻڌائين تہ مونکي شرڏيءَ نہ موڪليو. ليڪن هن کيس زوريءَ گاڏيءَ ۾ چاڙهي روانو ڪيو ۽ پنهنجي سهوري ڪٽيس دامودر (دادا ڪاليڪر) کي چٺي تہ لکي ميگها رسوئي جي باباجن سان واقفيت ڪرائجو.

ميگها جڏهن مسجد ۾ گهڙيو تہ باباجن گرجنا ڪري چيو تہ ”هن کي ٻاهر ڪڍو“ ميگها ڏي نهاري چيائون تہ ”ڀائي، تون ڪلين براهمڻ ڪل جو آهين ۽ مان آهيان هڪ مسلمان، جنهن ڪي ڇهڻ سان، تنهنجي

جاتي پوشت ۽ اُپوڙ تــي پوندي، تنهن ڪري هتان ڪري ٻاهر هليو وڃ.“ ميگها ڏکي ويــو ۽ اڄرج ۾ پئجي ويو تہ منهنجي من جي اَندر جو خيال، باباجن ڪٿي سهي ڪيو!

پوءِ ميگها ڪنهن طرح سان اَلسي رهي پيو ۽ پنهنجي اِڇا اَنوسار شيوا ڪندو رهيو تہ ٻہ سندس من جي اِڇا تروپت ڪانہ ٿي ۽ موٽي آيو ۽ اُتان وري ناسڪ ضلع جي ”ترمبڪ“ شهر ۾ هليو ويو. وري هڪ سال ڪانپوءِ شرڊي آيو ۽ دادا ڪيلڪر جي چوڻ تي، ڪيس مسجد ۾ رهــڻ جو اوســر مليو. سائين بابا ڪيس ڪوبہ اُپديش ڪين ڏنو ۾ پنهنجي شڪتيءَ دئاران هنجي من ۾ سداري جو اهڙو ڦيرو آندو، جو ميگها سائين بابا کي ساکيات شو مهراج جو اوتار ڪري سمجهڻ لڳو.

شو مهراج جي پوڄا ”بلوپترن“ يعني ول جي پنن يا آڪ جي ڦليءَ وغيره سان ڪئي ويندي آهي، تنهن ڪري ميگها بلوپترن جي ڳولا ۾ پري پري هليو ويندو هو. اول هرروز سيني ديوتائن جي مندرن ۾ وڃي پوڄن ڪندو هو ۽ پوءِ موٽــي اچي باباجــن کي پرڻام ڪري، سندن چرنن کي پيروُن ڏيئي، پوءِ چرڻامرت وٺندوَ هو.

هڪ دفعي کنڊوبا جو مندر بند هو تہ ميگها موٽي مسجد ۾ آيــو ۽ باباجن جا چرن دٻائڻ وٺو پـــر بابا

چيس ته ”کنڊوبا مندر جو دروازو کليو آهي. اَول اُتي وڃي پُوڄا ڪري، پوءِ هتي اچي شيوا ڪر. ميگها سٽ وچن چئي اُوڏانهن ويو تہ مندر جا دروازا برابر ڪليل هئا ۽ ميگها اندر وڃي، هميشه جيان پوڄا ڪري جڏهن مسجد ۾ موٽي آيو تڏهن باباجن سندس شيوا قبول ڪئي.

”ساڌ ڪي سويا ڪا ناهي انت–

ساڌ ڪي سويا سدا بي اَنت.“

(گورواڻي)

هڪ دفعي ميگها يڳت کي خيال ٿيو ته بابا کي مڪر سنڪرانت جي شُڀ ڏينهن تي چندن جو ليپ لڳايان ۽ گنگا جل سان اِشنان ڪرايان. اول ته باباجن اُن جي آگيا نہ ڏني، پر ميگها جي بار بار چوڻ تي قبول ڪيائون. گومتي نديءَ جي پاڻي آڻڻ لاءِ ميگها کي پنجن ميلن جو چڪر ڪاٽڻو پيو. منجهند تائين سڀ بندوبست پورو ڪري، بابا کي اِطلاع ڏنائين ته هاڻي سڀ تياري آهي. بابا چيس ته ”مون کي اِنهيءَ جهنجهٽ کان دُور رهڻ ڏي. مان فقير ماڻهو، تنهنڪري گنگا جل جي اِشنان سان ڪهڙو مطلب؟“ پر ميگها ڪٿي مڙئي نہ. هن جو درڙهه سنڪلپ هو ته شو مهراج کي گنگا کي پاڻ جٽائن ۾ ڌارڻ ڪيو آهي، تنهن ڪري

شو مهراج روُپ بابا کي پڻ اِن تي پوسنتا ٿيڻ کپي ۽ منهنجو بہ ڌرم آهي تہ بابا کي گنگا جل سان اِشنان ڪرائڻ. آخر بابا کي ٿي مڙڻيو پيو.

”ميري بانڌي يڳت ڇڏاوئي،

بانڌي يڳت، نہ ڇوُٽي موهہ-

ايڪ سمي موڪش گهہ بانڌي،

تش ڦن مو ٻيءُ جواب نہ هوءِ.“

گورواڻي.

ميگها جي پريم جي وس ٿي، باباجن مسجد مان لهي هيٺ آيا ۽ هڪ وڏي ٿالهہ ۾ ويٺا ۽ چيائون تہ ”يڳت ميگها، ڀلا هيءَ مهرباني ڪر، جو گنگا جل سان فقط منهنجي مٿي کي ڪٽي ڏوءِ. سرير جو مکيہ اَنگہ آهي سر، اُنهيءَ کي سنان ڪرائڻ تہ سڄي سرير جو سنان ٿي ويو.“ ميگها ”اَڇا اَڇا“ چئي گنگا جل سان سنان ڪرائڻ شروع ڪيو ۽ خوشي وچان ”هر هر گنگي“ جي ڌني هڻڻ لڳو. گنگا جل جي گهاگهر بابا مٿان ڏيري وجهي، پوءِ موُج وچان بابا جي اَکين ۾ نهارڻ لڳو پر ڏسڻ ۾ آيس تہ صرف مٿو ۽ منهن آلا آهن ۽ سرير سڄو سڪل آهي!! اِها ليلا ڏسي باباجن اڳيان ڏنڊي وانگيان ليٽي پيو.

يڳت ميگها، باباجن کي ٻہ دفعا سنان ڪرائيندو

هو. پهرين مسجد ۾ بابا کي، ۽ پوءِ باباجن جي مورتيءَ کي، جا نانا صاحب چندورڪر نهرائي ڏني هئي. پوڄا پارهن مهنا، ميگها سڄان ڪرائڻ جي شيوا ڪئي. باباجن کي ۽ ميگها جي پڪتي ۽ درڍ وشواس جو قدر ڪري کيس درشن ڏنو. هڪ صبح جو ميگها پنهنجي کوٺيءَ ۾ بستري تــي سمهيو پيو هو ۽ اڌ ننڊ ۾ هو تــ بابا مٿس ”اڪشت“ چانور قتا ڪري چيو ”ميگها، مونکي ترشول لڳاءِ.“ ميگها جيئين اُٿي تــي اٿي، تيئين اَنترڌيان ٿي ويو ۽ ميگها ڏٺو تہ سندس چوڌاري اڪشت پکڙيا پيا آهن!

ميگها يڪدم باباجن وٽ ڊوڙي ويو ۽ سڄو بيان سڻائي چيائين تہ ”هاڻي مون کي ترشول لڳائڻ جي آگيا ڏيو.“ باباجن چيس تہ ”مون تہ توکي آگيا ڏني پر تو اُن کي سپنو سمجهيو آهي.“ ميگها هٿ جوڙي چيو تہ ”اوهان مون کي ننڊ مان تہ ڌيا ڪري جاڳايو پر مون مؤڙهل موڪہ کــي ســي دروازا بند ڏٺل ڏسڻ ۾ آيا پوءِ اوهين اندر ڪيئن آيـــا؟“ باباجن چيو تہ ”مــون کي پهچڻ لاءِ ڪنهن بہ دروازي جي ضرورت ناهي. مان هر ڪنهن هنڌ پهچي سگهان ٿــو ۽ سڀني پراڻين ۾ سمايل آهيان. جيڪو بہ پراڻي، منهنجو شرڌا سان چنتن ڪندو، اُن کي سرپشت گتي ڏيندس.“ ميگها پنهنجي ڪوٺــيءَ ۾ موٽي آيو ۽ بابـــا جي

ٽنگيل مورتيءَ جـــي پرسان، پٽ تي لعل. ترشوُل جـو نشان لڳائي ڇڏيو

ٻئي ڏينهن ٻونــي مان هڪ رامداسي ڀڳت آيو ۽ بابا کي نمسڪار ڪري، هڪ شنڪر جي پنڊي ڀيٽا رکي. بابا يڪدم ميگها کي چيو ته ”شنڪر پولي آ ڪئي هين، اُنهين سنڀالو.“ ميگها، آندل پنڊيءَ تي ترشوُل لڳل ڏسي وسمي ۾ پئجي ويو ۽ جڏهن موٽي پنهنجي واڙي ۾ آيو تڏهن ڪاڪا صاحب سنان ڪــري، مٿي تي ٽوال وجهي، شري سائين ناٿ جو سمرن ڪري رهيو هو ۽ ڏٺائين ته هڪ پنڊي ڏسي رهيو آهيان جا ميگها ڀڳت ڪنيو پيو اچــي.“ ڌيان پوري ڪرڻ بعد جڏهن اُٿيو، تڏهن وري ڏٺائين ته ميگها، سندس ڏيــان ۾ ڏٺل پنڊي کنيو پيو اچي! باباجن ڀڳت ميگها تي مهر ڪري، اُها پنڊي، پنهنجي وڏي مورتيءَ اڳيان اَستاپن ڪرائي ۽ ميگها کي لعل ترشوُل لڳائڻ جو اوُسر ڏنئي، ميگها جـــو وشواس دُرڍ ڪيو. ڀڳت ميگها ڪيترا سال لڳاتار شيوا ڪري ١٩١٢ ۾ پرلوڪ پڌاريو. سندس مرتڪ سرير تي باباجن پنهنجو پوتر هٿ ڦيري چيو ته ”هي منهنجو سچو ڀڳت هو.“ ۽ آگيا ڏني ته هن جو مرتيوُ سنسڪار اسان جـــي خرچ سان ڪيو وڃـي ۽ براهمڻن کي ٻڻ مرتيوُ ڀوڄ ڏنــو وڃي. اِها آگيا

ڪاڪا صاحب ديڪشت پالن ڪئي.

تس شيوڪ ڪي هئ ٻلهاري،

جو اپني پــرڀ پاوتي-

تس ڪي سوءِ سني من هوتا،

جن اانڪ پرسنا آوتي."

ڏورواڻي.



## (گل - ٢٩)



# مدراسي ڀڄن منڊلي
# ٽينڊلڪرڪٽنب، ڪئپٽن هاٽي


١٩١٦ع ۾ هڪ مدراسي ڀڄن منڊلي، ڪاشي جي تيرٿ ياترا تي نڪتي، جنهن ۾ هڪ مرد، سندس اِستريءَ ڌيءُ ۽ سالي، ڪل چار ڄڻا هئا. واٽ تي ٻڌائون ته احمدنگر جي ڪوپر ڳانوَ تعلقي ۾ شرڊيءَ ڳوٺ ۾ سائين بابا نالي هڪ مهاتما رهي ٿو، جو ڏاڍو دَيالو ۽ پهچ وارو شخص آهي. اهڙو ته اُدار دل آهي جو هرروز پنهنجن ڀڳتن ۾ روپيا وراهيندو آهي. جيڪڏهن ڪو به ڪلاڪار اُتي وڃي پنهنجي ڪلا ڏيکاريندو آهي ته اُن کي چڱوئي اِنعام ملندو آهي.

باباجن وٽ هرروز چڱي پئسا اچي ڪٺا ٿيندي هئي، جنهن مان هڪ روپيو ڀڳت ڪونڊاجي جي ٽن سالن واري ڌيا ”اَمانيَ“ کي، ڪن کي ٻه کان پنجن روپين تائين، جهالي ڀڳت کي ڇهه روپيا، اَمانيءَ جي ماءُ کي ڏهن کان ويهن تائين، ڪڏهن موج ۾ اچي پنجاه روپيا پڻ، ٻين ڀڳتن کي ڏيندا هئا. اِهو ٻڌي مٿين ڀڄن منڊلي به اچي شرڊيءَ ۾ نڪاءُ ڪيو.

ٻچن منڊلي ڀاڳوان ٻرابر سندر ٻچن ۽ گانو ڪندي هئي، ڀر اندر ۾ مايا ميرڻ جا لالچي هئا. صرف مسود ٻـو زال جو سياءُ ٽرا نـرالو هو ۽ باباجن لاءِ ڪيس شرڌا ۽ عزت هئي. هڪ ڏينهن جڏهن مسجد جي آرتي ٿي رهي هئي، تـڏهن مٿين اِستريءَ جي ڀڳتي ۽ شرڌا پروڙي باباجن مٿس آهڙو ته ٻرسن ٿيا جو سندس اِشٽ ديو سيتاپت جي روُپ ۾ ڪيس درشن ڏنائون! باقي ٻين کي باباجن جو روُپ ڏسڻ ۾ آيو.

پنهنجي اِشٽ ديو جو درشن ڪري، مائي ٻريم ۾ اچي، چرنن ۾ مٿو ٽيڪيو، سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا، خوشيءَ وچان ڪنٺ جو آواز رڪجي ويس ته ٻريم ۾ مست ٿي تاڙيون وڄائڻ لڳي. ٻيا ماڻهو مائيءَ کي نچندو ۽ روئندو ڏسي عجب ۾ پيا ته ڪهڙي ماجرا آهي جو هيءَ مائي پاڳلن وانگيان پيئي هلت ڪري!

ٻن ٻهرڻ گذرڻ کان پوءِ، مائيءَ پنهنجي پتيءَ کي کي ٻڌايو ته ڪئن ڪيس باباجن جي سروپ ۾ شري رام سوروُپ جو درشن مليو. ليڪن سندس پتيءَ کي اعتبار ئي ڪين آيو. دل ۾ چيائين ته ويچاري عقل جي ٻولي ڀالي آهي ۽ خيالي درشن ڪيو اٿس. ظاهري طور ڀاڻ ڪيس چيئيائين. چي تون ڇري آهين. جي توکي درشن رام جو ٿيو ته پوءِ اسانکي ڇو نه ٿيو؟ سندس اِستريءَ موٽ ۾ ڪوبه سوال جواب ڪونه ڪيو، ڇو ته ڪيس هاڻي




چاوري

باباجن ۾ رام جو روُپ ٿي ڏسڻ ۾ ايندو هو ؛ ڏينهن گذرندا ويا.

هڪ ڏينهن سندس پتيءَ هڪ عجيب سپنو ڏٺو، ”پوليس واري مونکي هڪ وڏي شهر ۾گرفتار ڪري، ٺوڙي چيلهه ۾ ٻڌي، وڃي جيل خاني ۾ رکيو آهي. اُتي ڏٺائين تہ باباجن منهنجي ڪوٺيءَ جي ٻاهران سامهون اچي بيٺو آهي. مون دروازي وٽ وڃي باباجن کي روئي پڪار ڪئي؟“

مان - ”اوهان جي ڪيرتي ٻڌي، اوهان جي چرڻن ۾ آيو آهيان، پوءِ مون تي هيءَ آپدا وري ڇو آئي آهي؟“

بابا - ”توکي پنهنجن ڪيل ڪرمن جو ڦل ضرور ڀوڳڻو پوندو.“

مان - ”هن جنم ۾ تہ مون اهڙو پاپ ڪرم ڪيو ئي ڪونهي، جو مونکي قيد ڀوڳڻو پوي.“

بابا - گذريل جنم ۾ تہ ضرور اهڙو پاپ ڪرم ڪيو هوندو.“

مان - ”مونکي گذريل جنم جي ڪرمن جي ڪا بہ يادگيري ڪانهي. پر جيڪڏهن ڪئي ڪيو بہ هجيم تہ اوهان وٽ رهي، ڇڄن ڪرڻ ڪري، اهو پاپ ڪرم، ڀسم ٿي وڃڻ گهرجي.“

بابا - ”توکي اهو ندرڍ وشواس آهي؟“

مان - ”ها. بلڪل پڪو وشواس اٿم.“

بابا - تہ ”چڱو پلا اکيون بند ڪر.“ اکيون ٻوٽڻ تي مون ڪنهن شيءِ ڪرڻ جو ٺڪاءُ ٻڌو تہ اکيون کليم ۽ ڏٺم تہ مان ڪوٺيءَ کان ٻاهر ويٺو آهيان. پوليس وارو ٻٽ تي ڪريو آهي ۽ سندس سوڙهو مان رت وهي رهيو آهي. مان هن ڏانهن ڏسي وچان نهارڻ لڳس.

بابا - ڀلا، اجا تنهنجي چڱي طرح خبر ورتي ويندي. پوليس آفيسر توکي هميشہ وري گرفتار ڪندا.

مان - اوهان ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ اوهين واهي ڪونہ اٿم. ٻيوان ڪرپا ڪري موکي ڪنهن طرح بچايو.

بابا - چڱو وري اکيون منٽ بند ڪري وري کول. ڏٺم تہ ٻعهہ آزاد ٿيو آهيان. باباجن منهنجي وچهو کڙا آهن. مان سندن چرنن تي ڪري پيس.

بابا - هاڻي موکي ٻڌاءِ تہ جيڪو نمسڪار تو هميشہ ڪيو آهي، اُن جي ۽ هن کان اڳي ڪيل نمسڪارن جي وچہ ڪو فرق آهي يا نہ؟ سچي دل سان جواب ڏي.

مان - گذريل نمسڪارن ۽ اڄوڪي نمسڪار ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. اڳي مان فقط ڌن ملڻ جي لالچ تي نمسڪار ڪندو هوس پر اڄ مان اوهان کي ايشور روپ سمجهي نمسڪار ڪري رهيو آهيان. اڳي منهنجو

خيال هو تہ اوهان مسلمان فقير کي نمسڪار ڪرڻ، ڪري، اسان هندن جو ڌرم ڀرشٽ ٿي رهيو آهي.

بابا - ڇا، تنهنجو مسلمان ٿيڻ ۾ وشواس ناهي؟ (مون ڪنڌ ڌوڻي نہ ڪئي). تہ پوءِ تنهنجي گهر ۾ "ڀڳتو" ڇو رکيو آهي؟ تون تابوت جي پوڄا ڪونہ ڪندو آهين؟ تنهنجي گهر ۾ اڄ بہ هڪ "ڪار بيبي" نالي واري ديوي ناهي، جنهن کان اوهين شادي ڪرڻ مهل دعا اچي پنندا آهيو؟

ماں - اوهين برابر چئي رهيا آهيو.

بابا - هاڻي ان کان وڌ ڪهڙي ثابتي کپي؟

ماں - (دل ۾) پنهنجي گوروءَ شري رامداس جو درشن ڪيم.

بابا - پنيان نهار. يڪدم ڏٺم تہ شري رامداس منهنجي سامهون کڙو آهي. جئن ئي مان کيس پيرين پوڻ لڳس تہ هو اَلوپ ٿي ويو.

ماں - باباجي، اوهين تہ ٻڍا پيا لڳو. اوهان جي عمر ڪيتري آهي؟

بابا - مان ٻڍو ٿو لڳان؟ مون سان ڀلا ڊوڙ پڄاءِ.

ائين چئي بابا ڊوڙ پائي تہ مان بہ سندس پنيان ڊوڙيس بابا جي ڊوڙڻ ڪري جيڪا ڌوڙ اُڏامي، اُن ۾ باباجن ڪجهہ ويو ۽ منهنجي اَک کلي پيئي. ڏٺم تہ پنهنجي بستري تي سمهيو پيو آهيان! سپنو ياد

ڪري گنڀير تي ويچار ڪرڻ لڳو. سندس مَن جي ورتيءَ ۾ خيالن ۾ اهڙو ڦيرو اچي ويو جو بابا جي مهانتا سمجهڻ لڳو. سندس لوڻي سياءُ غائب ٿي ويو ۽ اندر ۾ باباجن لاءِ سچي ڀڳتي اُڀِن ٿي.

ٻئي ڏينهن جڏهن سڀ ماڻهو مسجد ۾ آرتيءَ لاءِ ڪٺا ٿيا، تڏهن باباجن سڀني واري نئين ڀڳت کي ٻن روپين جي مٺائي ۽ ٻه روپيا روڪڙا ڏنا، کيس آسيس ڪئي. ڪجهه ڏينهن بعد موڪلائڻ وقت باباجن کيس چيو ته ”الله تمهي آذڪ ديگا اؤر اَب سب ڀلا هي ڪريگا.“ بابا وٽان هن کي ڏن گهڻو ڪين مليو ليڪن سندس ڪرپا اهڙي پراپت ٿيس، جو سندس ڪلياڻ ٿيو. وات تي کيس چڱو ڏن مليو ۽ سندس ياترا سڦل ٿي ۽ بنا ڪنهن ڪشٽ جي، پنهنجي گهر اچي واپس پهتو. اُن ڪانپورءِ بابا جي وچن، ڪرپا ۽ آشيرواد جو آنند حياتيءَ ڀر ياد ڪندا رهيا.

”شيوڪ ڪڏهن نڪٿي هوءِ دکاوئي،
جوجوڪهتي ٺاڪر شيوڪ، تتڪال هوءِ آوئي.“

گوروائي.

**باندرا ۾ رهندڙ هڪ ٽينڊلڪر ڪٽنب،**

باباجن جو اهڙو تہ ٻون ڀڳت هو، جو گهر واري ساوتري ٻائي، شري سائين ڀڄن مالا پستڪ لکيو،

جنهن ۾ اٺ سؤ (٨٠٠) اَيڪس ۽ پدن ۾ باباجن جي ليلائن جو مذڪر ذڪر ڪيل آهي. اُنهن جو پٽ ڊاڪٽري امتحان ڏيڻ لاءِ ڏينهن رات پڙهي رهيو هو. هن جوتشين کي جنم پتريون ڏيکاريون پر سڀني چيس ته هن سال ڇوڪري جا گرهه سٺا ناهن، اِنڪري امتحان ۾ هيٺئين نه ويهي. ٻئي سال امتحان ۾ ڪيس سڦلتا پراپت ٿيندي. پيءُ اهو ٻڌي ڏاڍو دلگير ٿيو.

ٿورن ڏينهن بعد، ڇوڪري جي ماءُ شرڊيءَ ۾ وڃي باباجن جو درشن ڪيو ۽ پٽ جي باري ۾ ٻڌايو ته جوتشي چون ٿا ته هن سال پريکيا ۾ نه ويهي. باباجن کيس چيو ته "تون پٽ کي چؤ ته مون تي وشواس رکي، ايپاس چالو رکي پريکيا ۾ ضرور ويهي. جوتشين جي چوڻ ۽ جنم ڪنڊلين تي ڌيان ئي نه ڏئي. مان توکي خاطري ٿو ڏيان ته تنهنجو پٽ ڊاڪٽري امتحان ۾ ضرور پاس ٿيندو." باباجن جي ڏيڻ ۽ خاطري ملڻ تي ڇوڪرو امتحان ۾ ويٺو ۽ سڀني پيپرن ۾ سٺو ڪري آيو، ته به من ۾ کٽڪو رهيس، اِنڪري زباني پريکيا ڏيڻ جو خيال لاهي ڇڏيو.

پريکشڪ (امتحان وٺندڙ) هڪ وديارٿيءَ هٿان، ڇوڪري کي چوائي موڪليو ته لکت جي پريکيا ۾ تون پاس آهين انهنڪري توکي زباني پريکيا ۾ ضرور وهڻ گهرجي. اِنهيءَ همٿ ڏياريندڙ نياپي تي، هو پريکيا ۾

ويئو ۽ پاس ٿيو ۽ جوتشين جي اڳڪٿي غلط ثابت ٿي. باباجن جي دعا سان، گره جو زور ٽٽي ويو.

مٿين چوڪري جو پيءُ هڪ وديشي فرم ۾ نوڪري ڪندو هو پر برڙ هڻڻ ڪري پنهنجو ڪم ڦڙتائيءَ سان ڪري ڪين سگهندو هو ۽ چاهيائين ته موڪل وٺي ڪجهه ڏينهن آرام ڪريان. ليڪن آرام ڪرڻ بعد به سوڙهو ۽ ڪمزوري رهيس. فرم جي پرڏان مئنيجر سندس سچائي ۽ محنت جو قدر ڪري پينشن يا بونس ڏيئي کيس رٽائر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. کيس پگهار ڏيڍ سؤ (١٥٠) ماهوار ملندو هو. قاعدي موجب کيس پينشن حد ۾ حد پنجهتر روپيا در مهني ملڻي هئي پر اُن مان هن جي ڪٽنب جي پالنا لاءِ بلڪل گهٽ هئي، ان ڪري کيس ڏاڍي چنتا هئي ته رٽائر ڪرڻ کانپوءِ گهر جو گاڏو ڪئن ڪهلبو.

پينشن جي فيصلي ٿيڻ کان (١٥) ڏينهن اڳ، شريمتي ٽيمبڪر کي سپني ۾ باباجن درشن ڏيئي چيو ته — "منهنجي مرضي آهي ته توکي هڪ سؤ روپيا در ماهه ملن. اُن مان پورائي ڪري سگهندين؟" ماتا جواب ڏنو ته "مون داسيءَ کي ته اوهانجي چرڻن جو ئي سهارو آهي." ليڪن باباجن جي پرڀوتا سان، مکيه مئنيجر، هن جي پينشن (١١٠) سؤ ڏهه روپيا منظور ڪئي. مطلب ته —

سچي گورو جو سچي شش جا اھڙو سنبنڌ رھي ٿو.

"ستگور سک ڪي ڪري پرتپال-
شيوڪ ڪئہ گور سدا دئيال."
(گوروائي)

**بيڪانير جو ڪٽيڏن ھاڻي** ٻاٻاجن جو ٻيو شيوڪ ھو ھڪ ڀيري سپني ۾ ھن کان. ٻاٻاجن پڇيو تہ "تو ھونکي ڇو وساري ڇڏيو آھي؟" ھن ٻاٻاجن جا چرن پڪڙي جواب ڏنو تہ "ٻاٻاجي، ٻالڪ ماءُ کي وساري وھڻ سان جيئرو رھي سگھندو؟" اِئين چئي يڪدم اُٿيو ۽ باغ مان "ٻالپيڙي" ڦل چني، ٿالھيءَ ۾ سيڌو ۽ دڪشڻا رکي، ٻابا جي اڳيان آڻي ڀيٽا رکيائين تہ سندس اَکہ ڪاٻ پيئي ۽ سمجھيائين تہ سپنو لڏو اَٿم. پر تہ ٻہ جيڪي شيون سپني ۾ ڏٺيون ھيائين، سي ٻاٻاجن کي شوديءَ ۾ موڪلڻ جو نشچيہ ڪيائين.

ڪن ڏينھن ڪانپور گواليار ۾ آيو ۽ اُتان ھڪ دوست کي (١٢) ٻارھن روپيہ مني آرڊر ڪري چٺي لکي موڪليائين تہ ٻن روپين جو سيڌو ۽ ٻالپيڙي ڦل وٺي، ڏھہ روپيہ دڪشڻا طور، منھنجي طرفان ٻاٻاجن کي ڀيٽ ڪجو. چٺي ملڻ تي ھن جي مٽر سيڌو ورتو پر، ٻالپيڙي ڦل ملي ڪين سگھيس. ھن نوڪر چوڌاري ڊوڙايا پر سڀ موٽي آيا جي بزار ۾ آھن ئي ڪين.

ٿوري وقت بعد، هڪ مائي، بالپڙن سان پريل ٽوڪري سندس گهر جي سامهون ايندي ڏسي هوُ عجب ۾ ۽ خوش به ٿيو. هن کان اُهي ورتي ۽ پيو سيڏ و سامان کڻي، باباجن جي اڳيان رکي چيائين ته ”هيءَ پيتا ڪپتن هاڻي ڏني آهي. باباجن حڪم ڪيو ته اڄ انهيءَ سيڏي سامان مان. ئي پوجن تيار ڪرايو وڃي، جو سيني کاڌو. سيٺي حيران ٿي ويا، جڏهن ڏٺائون ته باباجن رڳو بالپڙيون ئي کاڌيون ۽ ٻين شين کي هٿ به ڪين لاتائـــون. جڏهن اِها خبر ڪپتن هاڻي کي خط رستي ملي ته هوُ گد گد ٿي ويو ۽ خوشيءَ وچان بابا جا گيت ڳائڻ لڳو.

مٿين وارتا بعد ڪپتن هاڻي کي ويچار آيو ته اهڙي مها پرش جي پوتر هٿن سان سپرش، ڪيل رپيو، پنهنجي گهر ۾ ضرور آڻي رکڻ گهرجي ته هڪ دوست اَچانڪ گڏجي ويس، جنهن چيس ته مان شرڊيءَ وڃي رهيو آهيان. ڪپتن هن جي هٿان هڪ رپيو موڪليو، جنهن شرڊيءَ پهچي، باباجن کي پتا پوگيه پرڻام ڪري، دکشڻا پيت ڪئي، جا باباجن يڪدم کڻي، پنهنجي کيسي ۾ وڌي! پوءِ هن وري ڪپتن هاڻي وارو ڏنل رپيو پڻ ارپڻ ڪيو، جو باباجن هٿ ۾ کڻي، جاچڻ لڳا. رپئي تي لڳل مورت تي نهاري، پنهنجي آڱوٺي تي رکي، اُن کي ڪڙڪايائون ۽ وري هٿ ۾ رکي اُن تي درشٽي

ڪنا ڪري، باباڄن اگيان پيش ڪيا تہ باباڄن وري چيو تہ ”ڏن سڪي جو ملھ تہ پنجاھ روپين کان بہ متي آهي. شاما، هي سڪو پنھنجي خزاني ۾ جمع ڪري، پنھنجي ديوتا جي مندر ۾ رکي، هن جي هر روز پوڄا ڪندو رهي.“ ساري سنگت مان ڪنھن کي بہ سوال پڇڻ جي همت نہ ٿي تہ ”اوهان هي نئون طريقو ڇو اختيار ڪيو آهي؟“ سنتن جي گت سنت ئي ڄاڻن.

”ڪبير سرجڻهار ڪي، ڄاڻي نــاهي ڪوءِ،
ڪي ڄاڻي آپن ڏڻي، ڪي داس دواني هوءِ.“

يعني مولا جي خبر سدس مؤلائي فقير تا ڄاڻن
گورواڻي.
بين کي ڪا مجال ناهي.

## ( ڳـــل ـ ٣٠ )

## ڪاڪاجي وئديہ ـ خوشحالچند ـ رام لعل پنجابي



سنتن جو مکيہ ڪم آهي، ڀڳتن کي آتم درشن ڪرائڻ. سائين بابا جهڙن شرومڻي سنتن جي جيڪي شرڻ ونن ٿا، تن جا سڀ پاپ ناس ٿي وڃن ٿا ۽ هو ڀرپور پراپتيءَ جي مارگ ۾ وک وڌائيندا رهن ٿا. ڪيترا ڀريوُ ڀرلمي، باباجن جي چوڻن ۾ ويهي، شلوڪ پڙهي، گايتري منتر جو جاپ ڪندا هئا. پر ساڳئي وقت ڪيترا ڏينهن هيڻ ابوجهہ پڻ ايندا هئا، جن کي فقط اهو وشواس هو تہ سائين بابا آنائن جو ناٿ آهي، اسان کي ڪڏهن ڪين ڇڏيندو، اُنهن تي پڻ ديا درشٽي ڪري، وويڪ ۽ گيان سندن اندر ۾ جاڳائي، هنجي اڇا پوُرڻ ڪري، من وانڇت ڦل ڏيئي، شانتي بخشيندا هئا.

هن پستڪ ۾ لکيل ليلائون، من گهڙت ڪين آهن پر بلڪل سچيون آهن. جيڪي اُنهن تي اعتبار ڪري پنهنجي هرديہ ۾ هنڊائيندا ۽ اُنهن تي عمل ڪندا، تن تي سائين بابا جي مهر ٿيندي رهندي. مگر جيڪي

هنن ليلائن تي واد وواد ۽ ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ چاهيندا، اُنهن کي پڻ سائين بابا سمت بخشيندو.

ناسڪ ضلع جي وڻي گرام ۾ **ڪاڪا جي نالي** وڏيرو رهندو هو، جو شري سپت شرنگي ديويءَ جو مهان پُوجاري هو. پر دنيا جي وڪڙ ۾ اچي، من جي شانتي وڃائي، نراس ٿي پيو. هڪ ڏينهن بلڪل دکي ۽ وياڪل ٿي، ديويءَ جي مندر ۾ وڃي پرارٿنا ڪئي ته ”هي ديوي، هي ديا مئي، مون کي هنن ڪشٽن کان جلد ڇوٽڪارو ڪراءِ.“ اُنهيءَ رات جو سپني ۾ ديويءَ درشن ڏيئي چيس ته ”تون سائين بابا وٽ وڃ ته تنهنجي من کي شانتي ۽ آرام ملندو.“ باباجن جي پوري پتي ڪان اڳ ۾ ديوي اَلوپ ٿي وئي ۽ سندس ننڊ به کلي پيئي.

ويچار ڪرڻ لڳو ته ديويءَ جو بتايل سائين بابا شايد ترِيمبڪيشور بابا يعني شو مهراج هوندو ۽ بئي ڏينهن اُن مندر جي درشن ڪرڻ لاءِ ناسڪ ويو، جتي ڏهه ڏينهن رهيو. صبح جو سوير اُٿي، سنان وغيره ڪري، ”ردر منتر“ جو جاپ ڪري، ڌُوپ تلڪ وغيره جي پوڄا ڪندو رهيو، پر سندس من ۾ اڳي وانگيان اَشانتي هلندي آئي. پوئين ڏينهن اَکين مان لڙڪ وهائي، بلڪل دين آواز ۾ ديوي ماتا کي وري پڪار ڪيائين ته اُنهيءَ ٿي رات جو سپني ۾ ديوي، چيس ته ”تون

ترمبڪيشور ۾ ڇو وئين؟ مون توکي شرڌيءَ واري سمرٿ سائين بابا لاءِ چيو هو. اتي وڃ."

هاڻي ڪاڪا جيءَ لاءِ وري مکيه سوال اِهو پيدا ٿيو ته شرڌيءَ ۾ ڪڏهن وڃي لاڀ پرايان. ڀڳوان اُنهن ئي شخص کي سنتن سان ميلاپ ڪرائيندو آهي، جيڪي سنتن جي درشن ڪرڻ لاءِ بلڪل آتو هوندا آهن. يعني ترقندا پيا آهن. سنتن ۽ ڀڳوان ۾ ڪو ڀيد ناهي (سنت اَنتهه) (ڀڳوان) اَنتو (ڀيد) ناهي (گورواڻي) جن کي درشن لاءِ تڙپ ناهي، اُنهن کي سنت ڇڪ ئي ڪونه ڪندا ۽ سنت جي ڇڪ ڪرڻ بنا، ڪو به ماڻهو پنهنجي زور يا بل تي، سنت وٽ پهچي ڪين سگهندو. جگياسوءَ جي دل ۾ جيتري گهڻي ۽ تکي اُتڪنٺا (تڙپ) هونديءَ اوترو جلد هن جي منوڪامنا پوري ٿيندي. جيڪو ڪوٺ ڪندو آهي، اُهوئي ڪوٺيل آٿتي (مزمان) جو پورو آدر ستڪار ڪندو آهي. ڪاڪاجيءَ سان ٺيڪ اهوئي ورتاءُ ٿيو. ڪاڪاجي شرڌيءَ وڃڻ جو ويچار ۾ هو ته وٽس هڪ مزمان آيو. اِهو مزمان جو سپت شرنگي ديوي جي مندر جي پوڄاريءَ جو گهر پڇا ڪندي، اچي ڪاڪاجي جي گهر پهتو هو، سو باباجن جو اَنتيه ڀڳت شاما ئي هو، جو پورن (٣٠) سالن بعد ماتا سان ڪيل انجام پاڙڻ لاءِ نڪتو هو.

حقيقت اِها آهي ته شاما ٻال اوستا ۾ سخت بيمار ٿي پيو تہ سندس ماءُ پنهنجي ڪُل ديوي سپت شرنگيءَ کي پرارٿنا ڪئي تہ منهنجي پٽ جو روڳ دور ڪر ته مان کيس تنهنجن چرنن تي آڻي ليٽائينديس جيئن صفا نيڪ ٿئي، تيئن ماءُ کي خود ٿڻن تي ڏيئو اچي نڪتي. هن وري پرتگيا ڪئي ته ”هي ديوي منهنجي ڏيئو دور ڪر ته مان توکي روپا ٻه ٿڻ پيٽا چاڙهينديس. پرماتما جي حڪم موجب جڏهن هوءَ مرڻ جي ويجهو اچي پهتي، تڏهن شاما کي سڏي چيائين ته ”مون ٻہ وچن ديويءَ سان جيڪي ڪيا آهن، اُنهن جي پالنا تون ضرور ڪج.“ اهـڙي ٻئي پرتگيائون ٻڌائي، يڪدم پراڻ ڏنائين.

ليڪن شاما جڪجي اچي سائين بابا وٽ پهتو ۽ هن کي ماتا جون ڪيل ٻہ پرتگيائون وسري ويئون. شرڊيءَ ۾ جڏهن هڪ مشهور جوتشي آيو تہ شري ٻوٽي صاحب ۽ ٻين ھنکي پنهنجا هٿ ڏيکاريا ۽ سوال پڇيا ته سڀني کي جوتشيءَ جون ڳالهيون سچيون لڳيون، جنهن ڪري جوتشي سڀ سارو مهنو رهيو پيو هو. آخر ۾ شاما جي ننڍي ڀاءُ جڏهن جوتشيءَ کان سوال پڇيا ته هن چيس ته ”تنهنجي وڏي ڀاءُ، تنهنجي ماتا کي، مرڻ مهل اَنجام ڏنا هئا، اُنهن جي پالنا نہ ڪرڻ ڪري ديوي مٿس ناراض ٿي، کيس ڪشٽ پهچائي رهي آهي.“ اِهي

لفظ ٻڌي، شاما کي کيل انجام ياد پيا ۽ ديو وجهڻ واجب نہ سمجهي، سوناري کان روپا ڀـــ ترڻ نهرائي، باباجن اڳيان اچي رکيا ۽ عرض ڪيو تہ ”آڳيا ملي تہ انجام پاڙي اچان، جيتوڻيڪ مون لاءِ سپت شرنگي ديوي اوهين آهيو.“ باباجن چيس تہ ”انهيءَ ڪم ۾ دير اصل نہ وجهہ. يڪدم روبرو وڃي اهو فرض پورو ڪري آءُ.“

آڳيا پائي، شاما يڳت اُدي پرساد وٺي روانو ٿيو ۽ پيا ڪندو ڪندو اچي ڪاڪاجي جـي گهر پهتو. ڪاڪاجي کانئس احوال پڇيو تہ ”ڪٿان آيو آهين ۽ ڪٿي آيو آهين؟“

جڏهن شاما ٻڌايس تہ ”مان شرڊيءَ ۾ سائين بابا وٽ رهندو آهيان“ تڏهن يڪدم ڪٽي پاڪر پاتائين ۽ لڳا پاڻ ۾ بابا جي ليلائن جو وارتالاپ ڪرڻ. پوءِ شامان پنهنجون ٻئي پرتگيائون پوريون ڪري، ڪاڪاجي وٽديہ سان گڏجي شرڊيءَ موٽي آيو، ۽ مسجد ۾ پهچي باباجن جي چرنن تـي متو ٽيڪيو. ڪاڪاجي تہ چرنن کي جنسي چنبڙي پيو ۽ سندس اکين مان لڙڪ وهڻ بعد ٿي تہ ٿين، پر سندس من کي شانتي اچي ويئي! (درشن پيئت هوت نهال - گوروائي) جئن جئن باباجن جـون ليلائون ٻڌائين تئن تئن سندس شرڌا ۽ وشواس باباجن ۾ وڌندو ويو. چنانچون ڪشت سڀ پلجي ويو، ۽ من ۾ آنند ٿي


آنند محسوس ڪرڻ لڳو. پورا (١٢) ٻارنهن ڏينهن سائين ٻابا وٽ رهي، آشيرواد وٺي، آڳيا پالي پنهنجي گهر موٽي ويو.

ڪي چون ٿا ته پراتهه ڪال وارا سپنا گهڻو ڪري جاڳرت اوستا ۾ سچا ثابت ٿيندا آهن پر سنتن ۽ ٻاباجن جهڙن مهاتمائن لاءِ ڪابه پابندي ناهي. ٻاباجن هڪ ڀيري ٽن پهرن جي وقت، ڪاڪا صاحب کي چيو ته "ٽانگو ڪري، راهتا ڳوٺ مان **خوشحالچند** کي وٺي اچ. هو ته ڪيترن ڏينهن کان هتي ڪونه آيو آهي." راهتا ۾ پهچي، ڪاڪا صاحب خوشحالچند کي ٻڌايو ته ٻاباجن جي چوڻ تي ئي توکي وٺڻ آيو آهيان. خوشحالچند وري موٽ ۾ چيو ته "اڄ منجهند جو ڀوڄن کائڻ کانپوءِ آرام ڪرڻ لاءِ ليٽڻ پيس ته اک لڳي ويم ۽ ڏٺم ته ٻاباجن چون ٿا ته شرڊيءَ ۾ جلدي اچ. پر گهوڙي جي بندوبست نه ٿيڻ ڪري، مون پنهنجي پٽ کي ٻاباجن وٽ سوچنا ڏيڻ لاءِ موڪليو. اوهين جڏهن هن ڳوٺ جي حد تي پهتا، تڏهن اوهان کي ٽانگي ۾ ڏٺائين ۽ اوهان سان موٽي آيو آهي." بس، پوءِ ته ڪاڪا صاحب ۽ خوشحالداس ٻئي ٽانگي ۾ چڙهي اچي شرڊيءَ پهتا ۽ ٻاباجن جا چرن چمي ٻئي گد گد ٿيا.

بمبئيءَ ۾ رهندڙ پنجابي براهمڻ راملعل کي، ٻاباجن هڪ مهنت جي روپ ۾ درشن ڏئي چيو ته "شرڊيءَ

۾ وڃ.“ هن کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته ڪنهن وٽ وڃان. انهيءَ گهڻ گهوٽ ۾ نٿي هئو ۽ آن ڏينهن سنڌيا جي مهل وستي تي پنڌ ڪري رهيو هو ته هڪ دڪان تي باباجن جو انگليل فوٽو ڏٺائين. دڪان واري کان يڪدم وڃي پڇيائين ته هي فوٽو ڪنهن جو آهي؟ هن ڏس پتو ڏيئي ڇيس ته ”اهو سمرٿ سائين بابا شرڊيءَ ۾ رهندو آهي.“ پوري پتي ملڻ تي براهمڻ رام لعل شرڊيءَ ۾ هليو ويو، جتي حياتيءَ پڇ رهيو پيو هو.

”پورب ڪرم انڪر جب پرگٽئ پيئيو پوڪ رسڪ بتراڳي-
متيو آنديو ملت هو تانڪ، جنم جنم ڪي سوئي جاڳي.“
ڏورواٽي.



## ( گل - ٣١ )



### وجيه آنند، ٻالارام مانکر، ٽاليا صاحب، نوُلکر، ميگها شيڻهن جو اُڌار

شري ڪرشڻ گيتا جي (٨) اڌياءَ ۾ چيو آهي تہ ”جيڪو مونکي انت گهڙيءَ ۾ سمرڻ ڪري ٿو، سو مون سان اچي ملي ٿو. ساڳي طرح جنهن کي انت ويلي جيڪا ڳالهہ ياد پوندي، اهائي جوُڻ وٺڻي پوندي.“ ڪير ٻڪ سان تہ چئي ڪين سگهندو تہ پڇاڙيءَ ۾ مان آتم ويچار يا پرڀو سمرن ڪندي مرندس. اُن وقت ڪيترن سببن ڪري مرندڙ پراڻيءَ کي ڏبپ ويڙهي ٿا وڃن، تنهن ڪري جي اسانجي حياتي آتم ويچارن ڪرڻ لئي هريل آهي، تہ سميوُ آهي تہ انت سمي انهن سٺن ويچارن جي يادگيري ۽ پرڀو چنتن ڪندي، اسانجي ديهہ ڇٽي. ان ڪري پرڀو سمرڻ جو هر روز اڀياس ڪرڻ تمام آوشيڪ (ضروري) آهي، تہ تہ انت ويلي گهروُ جهڪڙن ۾ من وڃي ڦاسندو. جي اشٽ ديو يا ستگوروءَ کي اُن وقت ياد ڪندا تہ اهي اُن وقت ضرور اچي سهايتا ڪندا.

**وجيه آنند** نالي هڪ مدراسي سنياسي، مانسروور

حقن جو پاٺ چالو ڪرِ تہ ڀڳوان توکي ڀرسن ٿيندو ۽ تنهنجا سڀ ڏک دُور ڪندو. تو تان مايا جو پردو دُور ٿي ويندو ۽ توکي شانتي پراپت ٿيندي.“

باباجن هنجو انت ڪال ويجهو ڏسي، هن کي متيون آپديش ۽ اُپاءُ ٻڌايو ۽ گڏوگڏ ”رام وجيہ“ پڙهڻ جي پڻ آگيا ڏني، جو تہ پرواج کي اُها واٽ وڌيڪ راضي ڪندي آهي.

ٻئي ڏينهن سنياسي وجيہ آنند، سنان وغيره ڪري شڌ ٿي، ليڪڏي باغ جي ايڪانت واري نڪر ۾ ڀاڳوت جو پاٺ آرنڀ ڪيو. ٻئي پاٺ پُوري ڪرڻ تي اهڙي ٿڪاوت معلوم ڪيائين، جو ٻہ ڏينهن وري اچي واڙي ۾ رهيو. ٽئين ڏينهن بابا جي گود ۾ پراڻ ڏنائين. باباجن حڪم ڪيو تہ سنياسيءَ جو موتڪ سرير، عام ماڻهن جي درشن لاءِ رکيو وڃي. پوءِ پوليس کي اطلاع ڏنو ويو، جنهن جاچ پڙتال ڪري، سرير کي کڻڻ جو حڪم ڏنو، ۽ پوءِ سرير جو ڌرمي سنسڪار ڪيو ويو ۽ اُتي سندس سماڌي پڻ ٺاهي ويئي! مطلب تہ باباجن، جي مهر ديا سان، سنياسيءَ کي سدگتي پراپت ٿي، يعني باباجن سنياسيءَ کي سدگتي پردان ڪئي.

”ساڌ سنگ ڪلوڪمہ هرئي،

ساڌ سنگ نرڪ پرهرئي.“

گورواڻي.

(۲) بالارام مانڪو نالي هڪ گرهستي ڀڳت جي، جڏهن استري مري ويئي ته هو اُداس ٿي، سڀ گهر ٻار پنهنجي پٽ جي حوالي ڪري، شرڊيءَ ۾ باباجن جي ويجهو اچي رهيو. هنجي دل شڌ ٿيل ڏسي، هنجي اندر ۾ ڦيري آڻڻ لاءِ، هن کي ٻارهن روپيا ڏيئي چيو ته ”تون ستارا ضلع جي مڇندرڳڙه ۾ وڃي رهه.“ بالارام جي دل وڃڻ تي ڪانه هئي پر باباجن چيس ته ”تنهنجي ڪلياڻ لاءِ ٿي، مان توکي اهو اُمر آپاءُ ڏسي رهيو آهيان. تون مڇندرڳڙه ۾ وڃي، ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا ”گدا“ جو ڌيان ڪندو ڪجهه.“ بالارام وشواس رکي اُتي هليو ويو.

اُتي جي هوا پاڻي ساوڪ وغيره هن کي ڏاڍا پسند پيا ۽ دل ۾ خوشي آيس. باباجن جي چوڻ موجب ”گدا“ جو ڌيان ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ ٿورن ڏينهن کان پوءِ ڪيس درشن پراپت ٿيو. رواجي طرح درشن صرف ”ترِيا اوستا“ ۾ پهچڻ وارن کي ملندو آهي، ليڪن باباجن جي ديا دِرشٽيءَ ڪري، بالارام کي ”پراڪرت اوستا“ ۾ ئي درشن مليو. درشن ملڻ تي بالارام، باباجن کان سبب پڇيو ته ”اوهان مون کي مڇندرڳڙه ۾ ڇو روانو ڪيو؟“ باباجن اُتر ڏنس ته ”شرڊيءَ ۾ رهندي تنهنجي من ۾ نانا پرڪارن جا سنڪلپ وڪلپ اُٿڻ لڳا هئا. اُنڪري تنهنجي چنچل من کي شانت

ڪرڻ لاءِ مون اُتي موڪليو. ٻي ڳالهه تہ تون سمجهي وٺو ٿئين تہ مان (بابا) صرف شرڊيءَ ۾ حاضر آهيان ۽ منهنجو سريو پنجن ٽئن جو ٿهيل پتلو، ساڍن (٣½) ٽن هٿن جو آهي. پر هيئنر توکي معلوم ٿيو آهي تہ هيئنر تنهنجي سامهون بيٺل ۽ شرڊيءَ وارو بابا، ساڳيو ئي آهي. مان جتي ڪٿي پهچي سگهان ٿو ۽ ”اَيٽن“ آهيان.

بالارام مانڪر درشن ڪرڻ ڪانپوءِ آهو آستان ڇڏي، باندرا ڏانهن روانو ٿيو. سندس مرضي هئي تہ اول پوني کان دادر تائين ريل ۾ وڃان پر جڏهن ٽڪيٽ گهر وٽ پهتو تہ ماڻهن جي ايتري پيڙ ڏٺائين جو ٽڪيٽ خريد ڪري ڪين سگهيو.

ايتري ۾ هڪ ڳوناڻي، جنهن جي ڪلهي تي ڪمبل آهي ۽ صرف لنگوٽي ٻڌل ائس، سندس سامهون اچي چيس تہ ”اوهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟“ مانڪر چيس تہ ”دادر وڃي رهيو آهيان.“ هن چيس تہ ”مون کسي دادر جي ٽيڪٽ آهي پر مان ڪنهن ضروري ڪم ڪري نٿو وڃي سگهان. هيءَ منهنجي ٽڪيٽ اوهين وٺو.“ مانڪر ٽڪيٽ وٺي خوش ٿيو تہ کيسي مان پئسا ڪڍڻ لڳو تہ ٽڪيٽ ڏيڻ وارو لنگوٽيو، ماڻهن جي پيڙ ۾ گم ٿي ويو! مانڪر هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ۽ چڪر هنيا، پر لانگوٽيءَ وارو لڌس ئي ڪونہ! مانڪر سندس آسري ۾ گاڏي ڇٽڻ تائين نهاريندو

رهيو ۽ نيٺ گاڏي ڇٽي ۽ مانڪر اُن ۾ روانو ٿي ويو. مطلب ته مانڪر کي هي ٻيو پيرو هڪ عجيب نموني ۾ درشن مليو. مانڪر دادر ۾ ڪجهه ڏينهن رهي پوءِ شرڊيءَ ۾ موٽي آيو ۽ باباجن جي چرنن ۾ حياتيءَ پڻ رهيو. اَنت ۾ باباجن جي حاضريءَ ۾ ئي، سندس ديهه ڇٽي ۽ باباجن جي آخرين آشيرواد پراپت ٿي.

(٣) ڀڳت تاتيا صاحب نُولڪر جو ديهانت پڻ شرڊيءَ ۾ ئي ٿيو، جنهن جو ورڻن سائين ليلا پترڪا ۾ لکيل آهي ته هو اُن وقت پنڍرپُور ۾ (اَپ نياي اُڌيش) سب جج هو ۽ ساڳئي وقت نانا صاحب چندورڪر اُتي ماملتدار هو. ٻئي پاڻ ۾ گڏجي گيان چرچا ۽ وارتالاپ ڪندا هئا. تاتيا صاحب جو سنتن ۾ وشواس ڪين هو پر چندورڪر جو وري سنتن ۾ پورو وشواس هو، جنهن ڪري نُولڪر سب جج کي سائين بابا جون ليلائون ٻڌائي، هن ۾ باباجن لاءِ شردا پيدا ڪيائين. هڪ دفعي چيائينس ته ”مون سان گڏ هلي باباجن جو درشن ڪريو.“

سب جج نُولڪر چيس ته ”مان ٻن شرطن تي هلندس. (١) مون کي براهمڻ رسويو کپي، جو هنجي هٿ جي نهيل رسوئي کائيندس ۽ (٢) بابا جي پيٽا لاءِ ناگپور جا سنگترا کپن. چندورڪر ٻئي شرط قبول ڪيا. قدرت سان چندورڪر وٽ هڪ رسويو براهمڻ

ٽوڪري ڪرڻ لاءِ آيو تہ هن ڪيس ڏولڪر وٽ موڪلي ڏنو. وري سنگترن جي ٽوڪري پارسل تي آيس، جنهن تي موڪليندڙ جو نالو ئي لکيل ڪونہ هو. اها پارسل بہ سڀ جج ڏولڪر کي ملي ويئي، تڏهن پنهنجا بہ شرط پورا ٿيل ڏسي، ڪيس پنهنجي زبان پاڙڻ لاءِ لاچار شرڊيءَ وڃڻو پيو.

جڏهن اتي پهتا تہ باباجن اول تہ ڪاوڙ ۾ اچي ڪي لفظ چيا تہ ڏولڪر جنهنجو سنتن ۾ وشواس ئي ڪين هو، تنهن کي بابا جا لفظ بڇڙي، وڏيڪ ڪاوڙ لڳي، پر چندورڪر جي چوڻ تي، جڏهن ٿورو ڪجهہ وقت باباجن جو درشن ڪيائين تہ تاسٽڪ مان ڦري آستڪ ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ "باباجن، برابر ايشور جو اوتار آهن." متس بابا جو ايتري قدر تہ اثر ٿي پيو، جو رٽائر ڪرڻ ڪانپوءِ شرڊيءَ ۾ اچي رهيو. جڏهن سندس انت سميو آيو تہ ڪيس ڌرمي پستڪن مان پاٺ ٻڌايا ويا ۽ جڏهن پراڻ ڇڏيائين، تڏهن بابا جي چاکڙين تي متو رکي هلندو رهيو. بابا کي جڏهن اهو سماچار سڻايو ويو تہ چيائون "اڙي، تاتيا اڳ ڏينهن هليو ويو پر هاڻي سندس جنم مرڻ ڪين ٿيندو."

(۴) **ٻيگت ميگها** جو ديهانت پڻ باباجن جي چرنن ۾ ٿيو. (٢٨) گل ۾ احوال ڏنل آهي تہ جڏهن ميگها جا ڳوناٺي ڪيس مساڻي ڪڻي هليا، تہ بابا سائين شامل

ٿيو ۽ سندس مرڪ شريو لسي گل ورساياٿون! ۽ آڳئي سنسڪار ڪانپوء بابا جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ ڳـوڙها ڳاڙيندي مسجد ۾ موٽي آيا!! اهو سڀ ڇو ۽ ڪهڙي سبب ڪري؟ پنهنجي پڳت کي سدگتي پردان ڪري ۽ باباجن جو روئڻ اِها هڪ تماروچتو ليلا ڇئبي. ليڪن باباجن، شرڻ ۾ آيل هنسا ڪندڙ **شينهن جي** مڪتي ڪئي، اهو ورتانت پڙهو.

(٥) باباجن جي مها سماڌي وٺڻ کان ستَ ڏينهن اڳي، مسجد جي سامهون هڪ ٻڍي گاڏي اچي بيٺي، جنهن ۾ زنجيرن سان ٻڌل شينهن هو ۽ جنهنجو پيانڪ منهن گاڏيءَ جي پٺيءَ پاسي هو. انهي ”شينهن جا سنڀاليندڙ ٽي فقير هئا، جي هڪ ڳوٺ مان ٻئي ڳوٺ ۾ وڃي، پئسا وٺي، شينهن جـو تماشو ڪري، پنهنجي اَدرپوُرنا ڪندا هئا. پـر شينهن کي اهڙي ڪا ڳجهي بيماري جو هئي، روز ٻه روز ڳرندو ويندو هو. هنن ڪاڏي ۾ ڪيس دوائون ۽ ڪارايون پر ويو وڌيڪ ڳرندو. آخر ۾ باباجن جي ساراهه ٻڌي، شرڊيءَ ۾ اچي، شينهن کي بيل گاڏيءَ ۾ مسجد جي در سامهون بيهاريائون. اَندرين پيڙا سبب، شينهن خوفناڪ گرجنا ڪندو رهيو ۽ ماڻهو دپ وچان پريان بيهي ڏسڻ لڳا.

درويش مسجد ۾ اندر اچي، باباجن سان حال اوريو ۽ سندن آڳيا سان شينهن کي، ڏاڪڻ جي سامهون وٺي

آيا. جڏهن ٿي باباجن جي درشن شينهن کي پيئي ته شينهن ڇرڪ ڀري پنهنجي هنيو ۽ پنهنجي گردن جهڪائي بيٺو! باباجن جي درشن هڻڻ سان، شينهن ڏاڪڻ تي مٿي چڙهي ويو ۽ باباجن جي منهن ۾ پيار سان نهارڻ لڳو ۽ پڇ لوڏڻ لڳو! سانده ٽي دفعا بابا ڏي نهاري پڇ لوڏي، زمين تي پڇجي رهيو ۽ مري ويو!! ڏسڻ وارا سڀ حيران ٿي ويا.

سنيال ڪرڻ وارا فقير اول ته دکي ٿيا، ڇو جو سندن آجيوڪا جو آسرو هليو ويو پر پوءِ سمجهه آين ۽ چوڻ لڳا ته "جيترو قرض اسين شينهن کي لهڻدا هئاسين، اهو قرض چڪائي هليو ويو. وري به چڱو ٿيو، جو سائين بابا جهڙي سنت جي روبرو مرڻ سان، ضرور سندس سدگتي ٿيندي، ڇو ته سنتن جي چرنن تي مٿو رکي پراڻ تياڳڻ سان، کيس ضرور، مڪتي ملندي. شينهن جا به ڪي اڳين جنمن جا پڇ ڪرم اديه ٿيا، جو انت سمي کيس سائين بابا جهڙي شينهن سنت جو درشن پراپت ٿيو.

---

(گل - ٣٢)

## گوروءَ جي ضرورت - اُپواس نہ ڪرڻ گهرجي



گيتا موجب هن سنسار روپي ٻڙ جي وڻ جون پاڙون مٿي ۽ شاخون هيٺ جهڙداري ڦهليل وهنديون آهن. (اُورڌو مُول مڌهہ شاکا- (١٥) اڌيا ۽ سلوڪ-١) هن وڻ ۾ ڳڻ آهن پُوشڪ (پالنا ڪرڻ وارا) ۽ آنڪر (سلا) آهن اِندرين جا ڀوڳہ پدارٿ ۽ ۽ پاڙون آهن گذريل جنمن جا ڪيل ڪرم. سنسار روپي وڻ جي رچنا وچتر آهي، جنهن جي پيدا ٿيڻ، وڌڻ ۽ ختم ٿيڻ جو نہ آهي ڪو انت ۽ نہ آهي ڪو پڪو آسرو. هن اسار سنسار کان مڪت ٿيڻ جو رستو آهي ڪنهن سچي گورو جي سهايتا، جوئي پورو ۽ نيڪ رستو ٻڌائي سگهندو، ڪيترو بہ ڪٿي ڪو ودوان هجي يا ويدانت جو پاٺ پڙهندو هجي، تہ بہ پرماتما سان ملاپ لاءِ ۽ هن حياتيءَ جي ياترا پوري ڪرڻ لاءِ اهو انيوي ماڻهو کپي، جنهن خود پرماتما جو درشن ڪيو هجي. اهڙي سچي گورو جي سکيا جي پوري پيروي ڪرڻ سان، اسان ۾ نسچي، شرڌا، ڀڳتي

ٿيندي، جا اسان کي مکت ڪرائيندي.

باباجن هڪ دفعي ٻڌايو ته ”هڪ ڀيري اسان چئن سائين پاڻ ۾ برهم سوروپ جي گيان چرچا ڪرڻ شروع ڪئي. هڪ چيو ته ”اسان کي خود پاڻ کي جاڳرت ڪرڻ گهرجي ۽ ٻين تي آسرو رکڻ ٺيڪ ناهي.“ ٻئي چيو ته ”جنهن پنهنجي من کي وس ڪيو آهي، اهو ئي ٿيو آهي. اسان کي تنگ خيالن ۽ ڀاونائن کان آزاد ٿيڻ گهرجي، ڇو ته هن سنسار ۾، اسان کانسواءِ ٻيو ڪجهه ٻه ناهي.“ ٽئين چيو ته ”هي سنسار هميشه ٻيو ڦري گهڙي. صرف نرآڪار پرماتمائي ستيه (قائم) ۽ پرپورتن (قيوي) کان مٿي آهي، تنهن ڪري اسان کي ستيه ۽ اَستيه جي وويڪ موجب چندچاڻ ڪرڻ گهرجي، چوٿين (مون) چيو ته ”فقط پستڪي گيان مان ڪو به لاڀ ٿيڻو ناهي. اسان کي پنهنجا ڪرتويه (فرض) پورا ڪرڻ گهرجن. درڍ وشواس ۽ پُورڻ نشٺا سان، تن، من، ۽ پنهنج پراڻ، گروديو کي اَرپڻ ڪرڻ گهرجن.

پوءِ اسين چارئي ڄڻا، ايشور جي کوج ۾ نڪتاسين. مون کانسواءِ ٻين ٽن ودوان سائين، پنهنجي سر سوتنترو ۽ اَلڳ اَلڳ، ٻنا ڪنهن به سهائتا جي کوج ڪرڻ جي چاهنا ڏيکاري. رستي ۾ اسان کي هڪ ونجارو مليو، جنهن اسان کان پڇيو ته ”اي سڄڻو، تڪڙا تڪڙا ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟“ اسان چيو ته ”اسان ۾

وڃي رهيا آهيون.“ هن چيو تہ ”ڪرپا ڪري ٻڌايو تہ ڀلا ڏانهن وڃڻ ۾ اوهان جو مقصد، گول يا اُديشيہ ڪهڙو آهي؟“ اسان انهيءَ جواب ڏيڻ کان آناڪاني ڪئي، ليڪن هن اسان جي ٻن ۾ وڃي پڇڪڻ تي قياس آڻي چيو تہ ”مان اوهان مان ڪجهہ ڪيڻ لتو چاهيان ٿو ڏسي رهيو آهيان تہ هن منجهند جي ٽڪي ۽ تتهڻ اُس ۾ اوهان ڪي چڱو ڪشت پهچي رهيو آهي، تنهن ڪري اوهين هتي ٿي کان ٻيان ڪري ڪجهہ وقت آرام ڪريو. اڳيان ڀيانڪ جهنگل کان اوهين اڻواقف آهيو. ٻنا ڪنهن واقفڪار جي، اوهين اجايو ڀٽڪندا رهندا ۽ ڪجهہ بہ فائدو ڪونہ ٿيندو. ٻر جيڪڏهن اوهانجي جهنگل پار ڪرڻ جي تمام تڪي اِڇا آهي تہ مهرباني ڪري ڪنهن لائق (ٻت پردرشڪ) رستي ڏيکاريندڙ کي پاڻ سان وٺي پوءِ وڃو.“ ليڪن اسان هن جي صلاح آخر ۾ ڪين آندي ۽ چيوسين تہ ”اسين پاڻ ڏندين ڏالد آهيون ۽ پنهنجي رکشيا پاڻيهي ڪرڻ وارا آهيون اسان کي ڪنهن بہ آسري يا سهاري جي ڪا بہ آوشيڪتا (ضرورت) ناهي.“

جهنگہ تمام گهاٽو ۽ اونداهو هو، جنهن ۾ وڻ بہ اهڙا اُوچا ۽ گهاٽا هئا، جو سج جا ڪرڻا بہ ڌرتيءَ تي نٿي پهتا، نتيجو اهو نڪتو، جو اسين رستو ڀلجي وياسين ۽ ڪيترو وقت رلندا ڀٽڪندا رهياسين ٻر پوءِ

نصيبن سان اُنهيءَ هنڌ اچي پهتاسين، جتان روانا ٿيا هئاسين. اُتي وڻجارو ساڳيو وِيٺو هو ۽ چيائين ته "پنهنجي چالاڪيءَ تي وشواس رکڻ ڪري، اوهان ڪان رستو پلجي ويو آهي. هر ڪنهن نندي يا وڏي ڪار، ڪرڻ ۾ رهبر يا گوروءَ جي ضرورت پوي ٿي. ليڪن ايشور جي پريوٽا ڪانسواءِ، گوروءَ سان ملاقات ٿيڻ ممڪن ناهي. بلڪي پيٽ سان ڪوبه ڪم پورو نٿي ڪين سگهندو. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو اوهان کي پوڄن ڪرڻ لاءِ نوتو ڏئي ته اُن کي اَسويڪار نه ڪرڻ کپي. اَڳلي جي نوتي کي ٺڪرائڻ واجب ناهي." ايترو چئي هن وري به چيو ته "هتي ويهي تورو ڪان پان ڪريو." پر اسان وري به هن جو نوتو قبول نه ڪيو ۽ مون ڪانسواءِ هئن ٽنهي سائين، وڻجاري جي سٺي صلاح تي ويچار ڪرڻ بنا، وري هليا ويا.

مونکي ٻڪ ۽ اَڄ ايترو ستايو هو، جو وڻجاري جي پريم تي، مان چڪجي اُتي ويهي رهيس. وڻجارو هو برابر هڪ شوُدر ۽ اَڻ پڙهيل گنوار پر هن جي دل ۾ دَيا هئي، جنهن ڪري هن اسان کي پوڄن ڪرڻ جي آڇ ڪئي. حقيقت ۾ سچا مهان آتمائون اُهي آهن جي بين تي بنا ڪنهن سوارٿ (مطلب) جي دَيا ٿا ڪن. مون ويچار ڪيو ته هن جي آڇ قبولڻ، گيان جي پراپتيءَ لاءِ هڪ شي آواهن (وسيلو) هو، تنهن ڪري

مون هن جو ڏنل رکو سکو پوڄن ڪائڻ سويڪار ڪيو.

ڪاٿي ڏيڍ ڪير ته ڏٺم ته منهنجو گورديو منهنجي سامهون بيٺو آهي ۽ چيائين ته ”هي سڀ ڇا ٿي رهيو هو؟“ مون يڪدم ساري گهٽنا هن کي ٻڌائي. هن مون کي آسرو ڏنو ته ”مان تنهنجي هردي ۾ جون سڀ مونجهون ڏوريون ڪندس پر جن جو مون ۾ وشواس هوندو، سڦلتا فقط انهن کي ئي پراپت ٿيندي. مون آدر سان ڪيس پرڻام ڪيو ۽ هن جي آگيا مٿي قبول ڪئي. پوءِ مون کي هو هڪ ڪوهه جي وڇڙو وٺي هليو ۽ نوڙيءَ سان منهنجا هٿ پير ٻڌي، ڪوهه ۾ اُبتو لٽڪائي ڇڏيائين. منهنجو مٿو ڪوهه جي پاڻيءَ کان اٽڪل (۳) ٽي فوٽ مٿي هو، جنهن ڪري نه مان پاڻي واتسان ٿي پي سگهيس ۽ نه هٿ جي ٻڪ ۾ کڻي ٿي سگهيس. ائين مون کي اونڌو لٽڪائي هو هليو ويو. (۵) پنجن ڪلاڪن بعد هو موٽيو ۽ مونکي جلد ئي ڪوهه مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين ۽ چيائين ته ”ڇا معلوم ڪري رهيو هئين؟“

مون هٿ جوڙي چيو ته ”مان ته اهڙو پرم آنند انڀو ڪري رهيو هوس، جنهن جو بيان ڪرڻ مون مورک جي طاقت کان ٻاهر آهي.“ منهنجو جواب ٻڌي، هو اهڙو ته خوش ٿيو، جو مونکي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي چيائين ”شاباس هجيئي. هاڻي تون هلي



مون سان گڏ رهه.“ هن مون کي پنهنجي شالا ۾ هلي رهايو، ۽ اهڙو پيار ڏنو جو مون کي منهنجي ماتا پتا جي يادگيري صفا لهي ويئي، اُتتا سبتا ڇڪيندڙ خيال سڀ لهي ويا ۽ سمجهيم ته بلڪل آزاد ۽ مڪت آهيان. دل ۾ اِهائي چاهنا ٿيم ته هن جي چالسيءَ سان هردم لڳو رهان ۽ سندس نيڻن ۾ هر وقت نهاريندو رهان. هن جي موهيندڙ مُورت منهنجي اکين ۾ اندر اهڙي سمائجي ويئي، جو هن کانسواءِ مان ٻي ڪابه مُورت ڏسڻ نه چاهيان. اهڙي پيار ڀري شالا مان ڪوبه هٿين خالي ڪونه موٽيو آهي. مطلب ته گوروءَ جي ديدار ڪرڻ کانپوءِ، مون ۾ ڪابه سڌ ٻڌ ڪانه رهي ۽ گوروءَ جو ڌيان ڪندي، منهنجو من ۽ ٻُڌي هڪ هنڌ اِستر (قابو) ٿي ويا. ٻنهي شانتيءَ ۾ اچي، مون پنهنجي من سان ڪيس نمسڪار ڪيو.

ٻين شالائن ۾ شش وديا پراپت ڪرڻ لاءِ ويندو آهي ۽ وقت ۽ ڌن خرچيندو آهي. جيتوڻيڪ محنت به سخت ڪندو آهي ۽ اُنت ۾ پڇتائيندو آهي. گوروءَ جي شالا ۾ گورو پنهنجي ڪپت گيان جا ڀنڊار شش اڳيان کولي رکندو آهي ۽ پنهنجي ڀوتوتا ۽ شدتا جو مثال رکي، اُپديش ڏيندو آهي. رواجي سنساري گوروءَ پنهنجي ساراهه پنهنجي زبان سان ڪندا آهن ۽ وديارٿين کي هردم جو پيدا اصل ڪين ڏيندا آهن، جنهن ڪري

وديارٿين کي سنتوش پراپت نہ ٿيندو آهي. انهن گورن جي هٺ هيٺ آتم درشن جي مارگ ۾ واڌارو ڪرڻ ممڪن ناهي. هيڏانهن سچي گوروءَ جي صرف ڪرپا دِرشٽيءَ سان، مون (بابا) کي، آتم درشن جي پراپتي ٿي وئي. مونکي ڪا خاص محنت ۽ اپياس بہ ڪونہ ڪرڻا پيا، ۽ نہ ڪنهن وستوءَ جي ڳولهي لهڻ جي ضرورت پيئي. پر اِها ڪرپا سڀ انهيءَ ڪري ٿي، جو مون پاڻ کي گوروءَ جي چرڻن ۾ سونپي، پاڻ کي ڪوهہ ۾ اُونڌو لٽڪائڻ قبول ڪيو.

هن ڪٿا جو سار اِهو آهي ڇئن سائين سان، هڪ هو وڏو ڪرم ڪانڊي، جنهن کي ڪرمن ڪرڻ جي چڱيءَ طرح ٻُوجهہ هئي. ٻيو هو گياني، جو گيان جي اَهنڪار جي نشي ۾ ٿي چور هو. ٽيون هو اِيشور ڀڳت، جنهن کي اِها خبر هئي تہ اِيشور ئي سڀ جو ڪرتا آهي. ٽيئي پاڻ ئي پاري، اِيشور جي ڳولا ۾ نڪري پيا، چوٿون سائين بابا هو، جو وويڪ ۽ ويراڳ جي مورتي هوندي بہ، گوروءَ جي آڌار ۽ سهاري وٺڻ لاءِ تيار ٿيو.

هتي ڪي شنڪا اُٿاريندا تہ سائين بابا جهڙي اوتاري پرش، هنن ٽن سان سنگہ ڇو ڪيو؟

جواب ـ عام ماڻهن کي ڪلياڻ جي خيال کان ۽ دنيا اڳيان مثال رکڻ لاءِ هڪ گوروءَ جي تمام ضرورت آهي،

جو رهبر ٿي راهه ٻڌائي. نه ته بابا ڪسي وڻجاري جي سڪي ۽ رکي يوجن ڪاڻ جي کهڙي ضرورت هئي؟ مطلب ته گورو ۽ بنا گيان پراپت ڪين ٿي سگهندو.

”ڪٻيي ٻڌا جل رهيئي، جل بن ڪنيپ نه هوءِ.
گيان ڪا ٻڌا من رهيئي، گور بن گيان نه هوءِ.“

گورواڻي.

**تئٽريم اُپنشد** ۾ ڪٿن ڪيل آهي ته ”ماتا پتا ۽ گورو ۽ جي پوُجا ڪري پوءِ ٻين ڌرمن گرنٿن جو پاٺ ۽ اَڀياس ڪرڻ گهرجي. اِنهيءَ طرح ئي چت جي شڌي ٿيندي. جيسين چت جي شڌي نه ٿي آهي، تيسين آتم اَنڀوُ جي آشا رکڻ اَجائي آهي. آتما، اِندرين، من ۽ بدي جي پهچ کان پري آهي. گيان چرچا ۽ ترڪ واد ڪرڻ سان آتما جو درشن اصل ڪين ملندو، ليڪن آتم درشتي گوروُ جي ڪرپا سان ئي، آتم درشن تيڻ سميؤ ٿي سگهندو. ڌرم، ارٿ ڪام جي پراپتي، پنهنجي يتن ۽ ڪوشش سان ٿي سگهندي، مگر موڪش جي پراپتي صرف گوروُءَ جي مدد سان ئي ٿي سگهندي.

شري سائين بابا جي دربار ۾، جو تشين، راجڪمارن، ودوانن سنياسين ۽ يوگين جا درشن به آيل سنگت کي ملندا هئا. نرتڪي، تماشا ڏيکاريندڙن، ڪيرتن ڪندڙن ۽ ٻين جو به اُتي قدر ڪيو ويندو هو، ليڪن هڪ

شوُدر، جو دربار کي جهاڙوُ پائي صفا ڪندو هو، اهو ئي هڪڙو سائين بابا کي هٿ جوڙي چوندو هو ته ”باباجي، اوهين منهنجا ماتا پتا آهيو. مونکي جنم مرڻ جي چڪر کان ڇوٽڪارو اوهين ڪرائيندا.“

آنند ٻن پرڪارن جا آهن (۱) اَندريه ۽ (۲) آتمڪ. اِندرين جو آنند، سنسار جي مايا جي وشئي پدارٿن مان ملندو آهي، جنهن کي پوکڻ مهل سک معلوم ٿيندو آهي پر اُن جي ڪم ٿي وڃڻ يا ختم ٿي وڃڻ تي ڏک معلوم ٿيندو آهي. يعني ته اِندريه آنند ۾ سک ۽ ڏک ٻئي گڏ آهن ۽ ٿورو وقت جٽاءُ ڪندڙ آهن. پر جي اِندرين کي ٻاهران هٽائي. اندر آتما جي درشن طرف لڳائبو ته اول آتم بوڌ جو آنند ملندو، ۽ پوءِ آتم درشن جو پرم آنند پراپت ٿيندو، جو ناس يا ختم ٿيڻ وارو نه آهي ۽ هميشهه قائم رهندو. ليڪن سچو گورو ئي چنچل اِندرين ۽ من کي ضابطي ۾ رکڻ جو ساڌن يا رستو ٻتائي، آتم درشن ڪرائڻ ۾ مدد ۾ مدد ڪندو رهندو.

(۱) ”ناڻڪ گور بن من ڪا طاق نه اُگهڙي،
اَور نه ڪنجي هٿ.

(۲) گور بن گهور اَنڌار، گوروُ بن سمجهه نه آوي.
گور بن سرت نه سڌ، گوروُ بن مڪت نه پاوي.“
(گور واڻي)

باباجن ڪي پاڻ آپواس رکندا هئا ۽ ٻين کي ڪرڻ ڏيندا هئا. هو چوندا هئا ته آپواس ڪرڻ وارن جو من، پاڻ وڏيڪ پٽڪي ٿو ۽ آشانت رهي ٿو ته پوءِ ايشور جي پراپتي وري آپواس ڪري ڪئين ٿيندي؟ تنهن ڪري اول آتما جي لوپتيءِ جي ضرورت آهي. بکئي پيٽ سان اندريون به نربل ٿيو پون. پوءِ اندرين ۽ شوبو کي ڀڄن وغيره ڪرڻ جي طاقت ڏئي ٿو. تنهن ڪري نه گهٽو پيٽ ڏلهي کائڻ گهرجي ۽ نه آپواس رکي پيٽ کي آشانت ڪجي.

سائين بابا جي هڪ يڪتا **شريمتي ڪاشي بائي ڪانٽڪر** ڪان پريچه پتر وٺي، **شريمتي گوڪلي**، دادا ڪيلڪر جي وبڇو، شرڌيءِ ۾ آئي هوءِ پڪو نشچيه ڪري نڪتي هئي ته مان باباجن جي چرنن ۾ ويٺي پوريا ٽي ڏينهن آپواس رکنديس. پر هن جي شرڌيءِ ۾ پهچڻ کان اڳي ئي باباجن، دادا ڪيلڪر کي چيو ته "مان هوليءِ جي ڏينهن ۾، پنهنجن ٻچن کي بکايل ڏسي سهي ڪين سگهندس، پر جيڪڏهن هو بکيا رهڻ چاهيندا ته پوءِ هتي مون وٽ رهڻ جو لاڀ ئي ڪهڙو؟"

شريمتي گوڪلي جڏهن دادا ڪيلڪر سان گڏجي مسجد ۾ اچي، باباجن جي چرڻ ڪملن جي وبڇو ويٺي ته باباجن چيس ته "آپواس جي ڪهڙي ضرورت

آهي؟ دادا پت جي گهر وڃي، "پورن پولي" تيار ڪري، ٻارن کي ٻه ڪارايو ۽ ٻاڻ ٻه ڪاٺو." ڏينهن هئا هوليءَ جا ۽ شريمتي ڪيلڪر "ماسڪ ڌرم" (ماهواري) ۾ هئي. دادا پت جي گهر ۾ رسوئي ٺاهڻ وارو ڪوئي ڪونه هو، تنهن ڪري باباجن جي ڀڳتياڻي ڪتي ڏاڍي ڪمائتي ٿي. شريمتي گوکلي، دادا پت جي گهر وڃي، پوجن تيار ڪري، ٻين کي ٻه ڪارايو ۽ ٻاڻ ٻه ڪاڍو. باباجن پنهنجي سندر نموني ۾ شريمتي گوکلي کي اُپواس نه رکڻ جي سکيا ڏني.

مان (باباجي) نعدي ٿــي ٻيٽ گذران ڪرڻ لاءِ بيدگانو ۾ آيس ۽ مونکي اُتي "زريءَ جي پرت" جو ڪم مليو ويو، جو مان پوري لگن ۽ اُميد سان ڪرڻ لگس، جنهن ڪري سيٺ مون تي ڏاڍو راضي ٿيو ۽ (٦٠٠) ڇهه سؤ پگهار ڪري ڏنائين. مون سان ڪڏ ٽي ٻيا ڇوڪرا پڻ ٥٠-١٠٠-١٥٠ ماهوار پگهار تي ڪم ڪندا هئا. هڪ وڏي ڏينهن تي سيٺ سرڪار مونکي سڄي پوشاڪ پڻ اِنعام طور ڏني، جا مون سلامت رکي ڇڏي. مون سوچيو ته "جيڪي مِٽش پئدا ٿيل آهي، سو ناشوان آهي ۽ جيڪي ٻيٺ وٽان ملي ٿو، سو اَنت تائين رهندو. اُن مليل اِنعام جي سمانتا ڪي نٿي سگهي.

منهنجو سيٺ سرڪار مونکي چوندو هو "لي جائو" پر ٻيا مونکي ائين چوندا هئا "مجهي دو مجهي دو"

منهنجي سرڪار جو آڌياتمڪ ڀنڊار جو خزانو هميشه ڀرپور رهي ٿو. مان "مجهي دو" وارن کي چوندو آهيان اڇو اڇو گاڏيون ڀري کڻي وڃو. جيڪي سچيءَ ماءُ جو لعل هوندو، اهو ڀاڳيهي اچي گاڏي ڀري کڻي ويندو. منهنجي فقير سائين بابا جي ليلا ۽ منهنجي سيٺ سرڪار جا ورتاءَ ٻئي ساڳيا ۽ لاثاني هئا. هي مٽيءَ جو سرير، مٽيءَ ۾ ملي، ساري پرمنڊل ۾ وياپڪ ٿي ويندو ۽ پوءِ وري ٻيو وجهه ڪين ملندو. مان ڪٿي به وڃان يا رهان ٿو پر مايا مونکي جتي ڪٿي ڪشت پهچائي ٿي. جيڪو به ڪرم ڪو ڪندو اُن کي اُنجو ڦل ضرور هڪ ڏينهن پراپت ٿيندو. جيڪو منهنجن وچنن کي ياد ڪندو، اُن کي سچي ۽ مُول آنند جي پراپتي ٿيندي.

"جيڪو وچن ڪماوئي ستگور ڪا،
سو گور پرسادي ترئي."

(گور واڻي)

(گل - ٣٣)




## اُدي جي مهما - ڀڳتن کي درشن

سنت جي ڪرپا دِرشٽيءَ سان اسان جا ڪيل پاپ ناس ٿي ويندا. سنتن سان وارتالاپ ڪرڻ، اسان لاءِ بلڪل سکيادائڪ ۽ آنند دائڪ ٿيندو. سنتن ۾ اهو ڀيد ڀاءُ نٿو رهي تہ هي منهنجو، هو تنهنجو. اهڙن سنتن ستگورن جو فرض، هن جنم ۾ تہ ڇا پر اَنيڪ جنمن ۾ چڪائي ڪين سگهبو.

باباجن دکشڻا وٺي، اُن مان گهڻو حصو دان ڪري، باقي بچيل مان ڪاٺيون گهرائي رکندا هئا، جي اڪبر ڏوڙي بازار جي ڪتب اينديون هيون. ڏوڙيءَ جي ڀسم کي "اُدي" پرساد چوندا هئا، جو سڀني موڪلائي ويندڙن کي مُٺ ڀري ڏيندا هئا، اُدي ڀسم مان باباجن اسان کي سکيا ڏيندا هئا تہ جهڙي طرح ٻريل ڪاٺي يا ڪوئلي جو ٻيو روُپ ڀسم آهي، تهڙي طرح هي سڀ ۽ سنساري سک آخر ناس ٿي، ڀسم جو روُپ وٺندا.

ڀسم ورهائڻ مهل چوندا هئا تہ "انت ۾ سڀ خاڪ ۾ ملي ويندا، تنهن ڪري برهم ئي فقط ست آهي ۽ جڳت متيا آهي. ڪو بہ ڪنهنجو ماءُ پيءُ يا استري



پو تو نمر جو وڻ ۽ گرو پاڊ وھ جو آستان.

صرف ٿــوري وقت لاء آهي. هرڪـو ننڍو ۽ اڪيلو اچي ٿو ۽ ننڍو ۽ اڪيلو وڃي ٿو." مطلب ته باباجن، (اڌي) پسر جي دڻاران، ستيه کي پڪڙڻ ۽ اَستيه کي تياڳ ڪرڻ جي سکيا ڏيندا هئا. اڌي ڏيــڻ معنيٰ وڌواڳ ورتي ڏارڻ ۽ دڪشڻا معنيٰ تياڳ ورتي ڏارڻ جو سڌانت. وڌواڳ ۽ تياڳ ڪانسواءِ مايا روپــي ساگر پار ڪرڻ تمام ڪٺن آهي. اڌي پرساد ڏيڻ يا ڪن ڀڳتن کي نرڙ تي اڌي پسر لائڻ وقت، باباجن مـڌر سُر ۾ ڀڄن چوندا هئا ته:-

"رمتي رام آئــوجـــي آئــوجي،
اڌيئان جي گوڻيئان ڀرڪو جائوجي."

اڌي دڻاران، ڪيترن جي صحت ٺيڪ ٿـي، اِظافا مليا ۽ چنتا کان ڇوٽڪارو مليو،! ۽ سنساري لاڀ پڻ پراپت ٿيا.

ناسڪ جو **شري نارايڻ موتيرام جاني**، باباجن جو پرم ڀڳت هو ۽ رامچند وامن سودڪ ڀڳت سان گڏ ڪم ڪندو هو. هڪ ڏينهن شري نارائڻ پنهنجي ماتا کي وٺي، باباجن جي درشن تي آيو ته باباجن سندس ماءُ کي چيو ته "هاڻي تنهنجي پٽ کي نوڪري ڇڏي سوتنتر ٿي پنهنجو ڪم ڪولڻ گهرجي." بابا جا وچن سچا نڪتا ۽ شري نارايڻ نوڪري ڇڏي، هڪ اُپهار گرهه (هوٽل) آنند آشرم نالي کولي، جا بلڪل ٺيڪ طرح

هلي. نارائڻ راو جي هڪ متر کي وڇون ڏنگيو ۽ هو سور ۾ ڦٿڪڻ لڳو. شردي ۾ اُدي پسر لڳائڻ سان گهڙو به سور جو منتر (غائب) ٿي ويندو هو، پر هتي نارائڻ وٽ اُدي حاضر ڪانه هئي، سو ڇا ڪيائين جو بابا جي مورتيءَ اڳيان جيڪا اُگربتي ٻري رهي هئي، اُن جي رک چپٽي کڻي، بابا جو نالو ورتي، ڏنگ جي مٿان لڳايائين ته هن جو سور صفا لهي ويو ۽ اڳي وانگيان کلندو ٽپندو گهر ويو.

(۲) بابا جي **ڀڳت باندرا** کي خبر ملي ته سندس ڌيءَ کي پليگ جي ڳوڙهي نڪتي آهي. هن يڪدم نانا صاحب چندورڪر وٽ ماڻهو موڪلي، اُدي گهرائي ورتي. هوڏانهن نانا صاحب پنهنجي پتني سميت ڪلياڻ وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو. نانا صاحب وٽ به اُدي پسر ڪانه هئي، سو ڇا ڪيائين جو رستي تان ڌوڙ کڻي سائين بابا جو ڌيان ڌري ۽ سهايتا ڪرڻ جي پرارٿنا ڪري، پنهنجي پتنيءَ جي مستڪ تي لڳائي. اُدي وٺڻ واري ماڻهوءَ اِهو سڀ ڪجهه ڏٺو. جڏهن موٽي آيو تڏهن شري باندرا ٻڌايس ته ٽورو ٽي وقت ٿيو ته ماڻهو خبر کڻي آيو ته تنهنجي ڌيءَ جي ڳوڙهيءَ جي سور ۾ ڪافي فائدو رسيو آهي ۽ لهندي پيئي وڃي. مطلب ته سهائتا جي پرارٿنا ڪرڻ تي، باباجن ڇوڪريءَ جي پليگ جي ڳوڙهي لاءِ اهڙو اُزغيبي

هت گهمايو ۽ اُدي هنئين، جو سندس ذيءَ يڪدم فرحت معلوم ڪئي.

(٣) ١٩٠٤-٥ع ۾ **نانا صاحب چند ورڪر**، خانديش ضلع ۾ جامنير جو ماملتدار هو، جو شرڊيءَ کان اٽڪل (١٠٠) هڪسؤ ميل دوُر آهي. هن جي ذيءَ منا بائي گرڀوُتي هئي ۽ ولم جو وقت اچي پريو هو، جنهن ڪري ٻن ٽن ڏينهن کان ولم جي سوُر جي پيڙا پوگي رهي هئي. نانا صاحب هر ممڪن ڪوشش ڪئي ته تڪليف گهٽ ٿئي پر ورلو ڪجهه ڪين. آخر بابا جو ڌيان ڌريو، کانئن سهائتا جي پرارٿنا ڪيائين. ٺيڪ اُن وقت شرڊيءَ مان رامگير بوُئا (باپوگير بوُئا) پنهنجي گهر خانديش ۾ موٽي رهيو هو. باباجن هن کي گهرائي چيو ته "جامنير ۾ ٿورو وقت لهي، هيءَ اُدي ۽ آرتي، شري نانا صاحب کي ڏيندو وڃجانءِ." رامگير بوُئا اُتر ڏنو ته "باباجي، مون وٽ کيسي ۾ صرف ٻه روپيا آهن، جو پاڙو ته جلگانو تائين مس پورو پوندو، پوءِ (٣٠) ميل پوي جامنير ۾ پهچڻ مون لاءِ اَسميوُ ٿيندو."

اِن تي باباجن چيس ته فڪر نه ڪر، رام سڀ سؤلي ڪندو. ۽ پگت شاما کسان، ماڌوُ آڙڪڙ جي ناهيل آرتيءَ جو نقل ڪرائي، نانا صاحب ڏانهن اُديءَ سميت ڏياري موڪلي.

## پڳتن کي درشن

(١) باباجن جي وچن تي وشواس رکي، رامگير بوُئا، شرڊيءَ مان روانو ٿيو ۽ رات جو اٽڪل ٻي ٻجي جامنير ۾ پهتو. اوڏي مهل سندس کيسي ۾ صرف ٻه (٢) آنا بچيل هئا ۽ ڏاڍو مايوس هو ته ڪاڏهن ڪٿي پهچندس. ايتري ۾ سندس ڪن تي آواز پهتو تہ "شرڊيءَ مان آيل باپوُگير ڪو آهي؟" هن وڏي واڪي جواب ڏنو تہ "مان شرڊيءَ مان آيل باپوُگير آهيان." چپراسي کيس ٻاهر وٺي آيو ۽ سٺي اُوچي ٽانگي ۾ وهاري ٻڌائين تہ "مان نانا صاحب چندورڪر جو چپراسي آهيان" ٽانگي ۾ ڏِل سنا گهوڙا، ٽانگي کي تيز ڪاهيندا هليا ۽ صبح جو سويل هڪ نالي جي ويجهو پهچي، گهوڙن کي پاڻي پيئارڻ لاءِ بيٺا. چپراسيءَ بہ رامگير بوُئا کي چيو تہ "اچو ٿورو جل پان ڪري ٿڪ دوُر ڪريون." ٻر هنجي ڏاڙهي ۽ مڇون، مسلمان وانگي ڪترايل ڏسي ۽ ڊريس پڻ مسلمانڪي ڏسي، جل پان ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو.

ان تي چپراسيءَ چيس تہ "مان ڳڙهوال جو ڪتري هندو آهيان. هي کاڌو بہ نانا صاحب اوهان لاءِ ئي ڏنو آهي، تنهن ڪري اوهان کي بہ ڪو اعتراض يا شڪ هئڻ نہ کپي. اِنهي خاطري ملڻ تي ٻنهي جل پان ڪيو ۽ پوءِ وري ٽانگي تي چڙهي پرڀاتھ ڪال وقت اچي جامنير ۾ پهتا.

رامگير ٻوٽا، پاسيرو وڃي پيشاب ڪيو. جڏهن موٽيو تڏهن ڏٺائين ته نه آهي چپراسي، نه ٽانگو، نه ٽانگي هلائڻ وارو!! عجب ۾ ٻڏي ويچار ڪرڻ لڳو، ڪٿي نه پيو نڪريس. جلد ئي وڪ ڪٽي ڪچهريءَ ۾ پوري جاچ ڪرڻ لاءِ پهتو پر اُتي خبر مليس ته ماملتدار گهر ويو آهي، سندس گهر ويو ۽ چيائين ته ”مان شرڊيءَ مان باباجن جي آرتي ۽ (اُدي) پسر کڻي آيو آهيان.“ اُنوقت مئنا ٽائيءَ جي حالت بلڪل گنڀير هئي ته مٿان آرتي ۽ پسر ملين. نانا صاحب چندورڪر، پنهنجي اِستريءَ کي چيو ته ”اُدي ٻاٽيءَ ۾ ملائي اول ڏيءَ کي پياري، پوءِ آرتي ڪر، ته باباجن جي ڪرپا سان، ڪيس ضرور فرحت ٿيندي ۽ آرام ملندو.“ ٻنهيءَ جي چوڻ موجب ٻنهيءَ وڃي ڪمو ۽ ٿوري وقت ۾ پتري جي تڪليف لهي ويئي! پر وري جڏهن رامگير ٻوٽا ٻڌايئين ته ڪٿن ڪيس چپراسي اچي اسٽيشن تي گڏيو ۽ فرحتي ٽانگي ۾ هتي وٺي آيو، تڏهن، ٻنهي، ٻنهي ۽ ٻتري ٿنهي جا عجب ۾ وات ئي ڦاٽي ويا ۽ ڏن سائين بابا جي ڏني هٿڻ لڳا.

(٢) يڪبت ناراڻ راوَ کي پڻ باباجن جي درشن ڪرڻ جو ٽي ڀيرا سؤڀاڳيه مليو. ١٩١٨ ۾، باباجي جي ليٖن ٿي وڃڻ کان (٣) سال پوءِ نارايڻ راو شرڊيءَ ۾ وڃڻ ٿي چاهيو، پر ڪن سببن ڪري وڃي نه سگهيو

چو تہ باباجن کان پوءِ هڪ سال اندر ئي هو چڱو بيمار ٿي پيو. جڏهن دوائن مان ڪو فائدو ڪونہ پهتس، تڏهن ڏينهن رات باباجن جو ڌيان ڌرڻ شروع ڪيائين تہ هڪ رات سپني ۾ ڏٺائين تہ باباجن هڪ غفا مان باهر نڪري آيا آهن ۽ مونکي ڌيرج ڏيئي چيائون تہ "گهبرائج نہ. سڀاڻي کان وٺي توکي آرام ايندو ۽ ٻن هفتن اندر، تون هلڻ چلڻ شروع ڪندين." ناراين راو جو چوڻ آهي تہ برابر ٻن هفتن اندر مان ٺيڪ ٿي ويس.

هتي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ "ديهہ ڇڏڻ کانپوءِ باباجن ساڳيءَ ديهہ ۾ درشن ڪئن ڏيئي سگهيا! جواب آهي تہ سنت هميشهہ امر آهن. اهي پنهنجي آتم شڪتيءَ سان ڪٿي بہ پهچي، ڀڳتن کي سهائتا ڪري سگهن ٿا. هو پرماتما وانگي هردم حاضران حضور آهن.

(۱) "مها آنند پئي سک پائيا،
سنتن ڪي پرسادي."
(۲) "پئي ڪرپال گسائيان، پٽي سوگ سنتاپ
تتي واءُ نہ لڳئي، سبگور رکي آپ."
گوروائي.

(۳) ۱۹۱۷ ۾ بمبئيءَ جو "سنت بالا بوُئا"، جنهن کي "اڄ ڪالهہ جو تڪارام" ڪري چوندا آهن، اهو شرڊيءَ ۾ آيو. جڏهن هن باباجن کي پرڻام ڪيو تہ

باباڄڻ چيس تہ ”توکي ڇهن ورهين کان سڃاڻان.“ سدت بالا بُڌا کي عجب لڳو تہ مان شرڌيءَ ۾ پهريون ئي ڀيرو آيو آهيان پوءِ ”ڇهن سالن کان سڃاڻان“ جو وچن باباڄن ڪٿن ٿا ڪڍن! خيال ڪندي ڪندي، کيس يادگيري آئي تہ چار سال اڳي بمبئيءَ ۾، مون باباڄن جي مورتيءَ کي برابر نمسڪار ڪيو هو. تنهن تي بابا سرو گياني ۽ سرو وياپڪ سمجهي، من ئي من ۾ کيس نمسڪار ڪيو. مطلب تہ مورتيءَ کي نمسڪار ڪرڻ بہ درشن ڪرڻ جي برابر آهي.

(۴) **آڳا صاحب** جڏهن ٺاڻي ۾ آفيسر هو، تڏهن کيس ”پُونڌي“ طرف گشت تي وڃڻو پيو، جتان هڪ هفتي ۾ موٽڻ ناممڪن هو. سندس گهر ۾ پرپٺ، منجهند جي وقت ٽيئن ڏينهن، هڪ فقير آيو، جنهنجي شڪل باباڄن جهڙي پئي لڳي. شريمتي ڪلڪرڻي ۽ سندس ٻارن اُن فقير کان پڇيو تہ ”اوهين شرڌيءَ وارا سائين بابا تہ ڪين آهيو!“ جواب مليو تہ ” مان سائين بابا جو هڪ آگياڪاري شيوڪ آهيان ۽ سندس ئي آگيا سان اوهان جو ڪشل ڪلياڻ پڇڻ آيو آهيان. هاڻي ڪجهہ دڪشڻا ڏيو.“ شريمتيءَ کيس هڪ رپيو ڪڍي ڏنو، جو وٺي، فقير کيس اُدي پسم جي هڪ پڙي ڏيئي چيو ”تہ هنکي پُوڄا واري مورتيءَ سان گڏ رکجو.“ ائين چئي، هو فقير هليو ويو.

روپين جو نوٽ آهي. فقير کانئس نوٽ ورتو ۽ (۹) نوَ روپيا واپس ڏيئي هليو ويو. مطلب ته آپا صاحب جيڪو من ۾ ڏهن روپين ڏيڻ جو سنڪلپ ڪيو هو، سو سندس پورو ٿيو ۽ موٽ ۾ بابا فقير جي شڀ هٿن جا سپرش ڪيل نوَ روپيا کيس موٽي مليا يعني باباجن کيس نوَن پرڪارن جي ڀڳتي پردان ڪئي!

۽ جڏهن فقير کان مليل اُديءَ جي پڙي کوليائون ته اُن ۾ قول جا پن ۽ چانور پيل هئا، جي سوگها ڪري رکيائون. ڪجهه وقت کانپوءِ جڏهن شرڌيءَ ۾ ويا، تڏهن باباجن کين پنهنجو هڪ وار پڻ ڏنو. آپا صاحب اُهو وار ۽ قول جا پن ۽ چانور گڏي، تعويذ بنا رکيا ٿا هي، هميشه پنهنجي ڪرائيءَ ۾ ٻڌندو هو، ڇو ته کيس باباجن جي اُديءَ جي شڪتي جي ثابتي ملي. اُدي ملڻ کان اڳي سندس پگهار (۴۰) چاليهه رپيا هو ۽ اُديءَ ملڻ کانپوءِ سندس پگهار ويو جلد وڌندو ۽ اضافو پڻ ملندو ويو. تنهن سان گڏوگڏ، سندس آڌيائمڪ اُنتي (واڌارو) پڻ ٿيندي وئي ۽ ڀاڳ کلندا ويا.

"دان مهڏا تلي خاڪ، جي ملي ته مستڪ لائيجي،
جي هوويءَ پوُرب ليکا، تا ڏوڙ تنا ڪي پائيجي."
(گورواڻي)



## (ڪل - ٣٤)

## ڊاڪٽر جي ڀائٽي کي چڱائي،
## ٻورو ٻ-ڀڳت ٻڌائڻ

ناسڪ ضلع جي ماليگانو جي هڪ سرڪاري ڊاڪٽر جي ڀائٽي کي سلهه جي بيماريءَ ۾ وري هڏي ۾ ڦرڙي نڪري پيئي. ڊاڪٽر جي سڀني دوست ڊاڪٽرن صلاح ڪري ڇوڪري جي دوا ڪئي پر فائدو ڪونه ٿيو ۽ ڇوڪرو درد وچان دانهون ڪرڻ لڳو. ڪن مترن ۽ سنبنڌين ڊاڪٽر کي چيو ته ”سائين بابا جي هڪ نظر سان ڇوڪرو چڱي پوندو. وڃي اهو آخرين علاج ڪرايو.“ ان تي ماتا پتا ڇوڪري کي شرڌيءَ وٺي آيا ۽ بالڪ کي باباجن جي چرنن تي ليٽائي عرض ڪيائون ته ”اوهان جو ”سنڪٽ موچن“ نالو ٻڌي اوهان جي شرڻ ۾ آيا آهيون. ڪرپا ڪري جلد وڏيرو هن بالڪ کي حياتي بخشيو. اسان کي اوهان جو ئي آسرو آهي.“

ديالو باباجن کين ڌيرج ڏيئي چيو ته ”جيڪو ٻه هن دوارڪا مائي مسجد جي ڏاڪڻ تي چڙهي ايندو تنهن کي حياتيءَ ڀر دک نه ٿيندو. چنتا نه ڪريو. هيءَ اڌي

(پيئوس) کٽي، ٻالڪ جي ڦرڙي واري ڀاڱي مٿان لڳايو ۽ ايشور ۾ وشواس رکو. الله ڪندو ته هڪ هفتي ۾ ٻالڪ بلڪل نيڪ ٿي پوندو ۽ روڳ وغيره ختم ٿي ويندس.“ ائين چئي باباجن ٻالڪ تي پنهنجي دَيا درشٽي وڌي ۽ ٻالڪ جي ڪشت واري هنڌ تي پنهنجو هٿ ڦيريو. ٿوري ئي وقت ۾ ٻالڪ تندرست ٿي پيو ۽ ماتا پتا ڪيس وٺي، باباجي آڳيان سان، شرڊيءَ مان روانا ٿيا.

ٻالڪ جو چاچو ڊاڪٽر، اِها ليلا ڏسي اهڙو ته عجب ۾ پئجي ويو ۽ چيائين اهڙي مها پرش جو درشن ضرور ڪبو. هڪ دفعي هو بمبئي وڃي رهيو هو ته ماليگانو ۽ منماد جي وچ، ڪنهن باباجن جي برخلاف ڊاڪٽر جا اهڙا ڪن ڀريا، جو هن شرڊيءَ وڃڻ جو خيال لاهي ڇڏيو ۽ سڌو بمبئي هليو ويو. سندس مرضي هئي ته رهيل موڪل علي باغ ۾ وڃي ڪاٽيان، پر بمبئيءَ ۾ لڳاتار ٽــي راتيون آواز ٻڌندو رهيو ته ”چا، تنهنجو مون ۾ وشواس نٿو جمي. اُوشواسي ڇو ٿيو آهين؟“ اِهي آواز ٻڌي، ڊاڪٽر وري رايو ڦيرايو ۽ شرڊيءَ ۾ وڃڻ جو نشچيه ڪيائين.

بمبئي ۾ سندس بيمار مريض کــي ”ٽائفائڊ تپ“ ٿي پيو هو، جو گهٽيو ئي نٿي ۽ ڊاڪٽر کي ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو ته هن بيمار جي ڪري. شايد شرڊيءَ ۾

وچڻ گسالڻو پوندو. پنهنجي من ۾ سنڪلپ ڪيائين ته اڄ شام تائين هي بيمار ٺيڪ ٿي ويو ته سيائي ٿي شرڊيءِ هليو ويندس. انهي سنڪلپ ڪرڻ ڪانپوءِ، جڏهن وري بيمار جي نبض ۽ ٽپ جاچڻ ويو ته ڏسي ته ٻالڪ جي بخار لهڻ شروع ڪيو آهي! شام تائين آهستي آهستي لهي وڃي ۱۹۸.۵ ڊگرين تي بيٺو.

ٻئي ڏينهن شرڊيءِ پهچي باباجن کي وڃي پرڻام ڪيائين. اُتي باباجن ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون ڏنائين، جو باباجن جو پُورو ڀڳت ٿي پيو. چار ڏينهن رهي، اُدي پرساد ۽ آشيرواد پراپت ڪري، گهر موٽي آيو. جلدئي ڪيس اضافو مليو ۽ بيجاپور ۾ بدلي ٿي ويو. مطلب ته سندس پُورب ڪرم ڪليا، جو پاٽتي جي بيماريءَ جي بهاني ڪري کيس باباجن جو درشن نصيب ٿيو ۽ سندس پريت، باباجن جي چرڻن ۾ جڙي ويئي.

”پُورب ڪرم اَنڪر جب پرگٽيو،
ٻيٽيو پرکه رسڪ ٻراڳي-
مٽت اَنڌيرو ملت هر نانڪ،
جنم جنم کي سوئي جاڳي.“
(گوروائي)

**ڊاڪٽر پلي** سائين بابا جو پرم ڀڳت هو، تنهن ڪري باباجن جو مٿس پيار هو ۽ پيار وچان کيس ”ڀائو“ ڪري سڏيندا هئا ۽ وقت به وقت هر ڪنهن

ڪم ۾ ڪانئس صلاح ونندا هئا. ڊاڪٽر جي بہ اهائي مرضي هوندي هئي تہ مان هروقت باباجن جي سمپ ۾ (ويجهو) رهان.

(١) هڪ دفعي ڊاڪٽر پلي کي ناسُور (ڪئنسر) ٿي پيو ۽ ڪاڪا صاحب ڊيڪشد کي چيائين تہ "مان پيڙا سهي نٿو سگهان. هن جيئڻ کان مرڻ بهتر آهي. مان سمجهان ٿو تہ هنَ روڳ جو مکيہ ڪارڻ منهنجا پوُرب ڪرم آهن. مان اڳين جنمن جي ڪرمن جو ڦل، ايندڙ ڏهن جنمن ۾ ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيان. اوهين بابا کي وڃي پرارٿنا ڪريو تہ هاڻي هيءَ منهنجي پيڙا دوُر ڪن." ان تي ڪاڪا صاحب، سائين بابا وٽ وڃي ڊاڪٽر پلي جو احوال ڏنو ۽ سندس پرارٿنا پڻ ٻڌائي. باباجن ڪاڪا صاحب کي چيو تہ "پلي کي وڃي چئو تہ گهٻرائڻ جي ڪابہ ڳالهہ ناهي. ڪرمن جو ڦلُ ڏهن جنمن ۾ نہ، پر ڏهن ڏينهن ۾ ڀوڳي چڪندو. مان هتي اوهان جي ڏارمڪ ۽ آڏياتمڪ ڪلياڻ لاءِ ڏـــي وينو آهيان. پراڻ تياڳڻ جي اڇا ڪڏهن نہ ڪرڻ گهرجي. ڊاڪٽر پلي کي ڪنهنجي پنيءَ تي ڪٽائي اچو تہ مان سندس ڪشت هميشہ لاءِ دوُر ڪندس."

ڊاڪٽر پلي کي ڪٽاڻي آنـــدو ويو. باباجــن ڪيس پنهنجي گديءَ جي ساڄي پاسي کان آرام سان ليٽائي چيو تہ "مکيہ دوا تہ اها آهي تہ گذريل جنمن جا ڪرم

قل ضرور پوڳڻ گهرجن، جو تہ پوءِ ڪيل ڪرمن کان صفا ڇوٽڪارو ملي ويندو. اسان جا ڪرم ئـي، اسان لاءِ دک سک جو ڪارڻ آهن، تنهن ڪري هر حالت ۾ اسان کي سنتوش ڌارڻ گهرجي. الله ئي سيني کي قل ڏيڻ وارو ۽ رکيا ڪندڙ پڻ آهي.“ اِهـا يادگيري سدائين رکي سندس سمرڻ ڪرڻ گهرجي. هو توهانجي چنتا ضرور دُور ڪندو. فقط تن، من، ڌن، ۽ وچن دئاوان سندس شرڻ ۾ وڃو تہ اوهان کي يڪدم پتو پوندو تہ ڀريو ڇاتو ڪري سگهي!“

ڊاڪٽر پلي چيو تہ ”نانا صاحب، منهنجي پير ۾ پٽي ٻڌي آهي، مونکي ان مان ڪو بہ فائدو ڪين پهتو آهي.“ بابا تنهن تي چيو تہ ”نانا مُورک آهي. ڀر جي اِها پٽي لاهيندين تہ مري ويندين. ڀر ٿوري دير ۾ هڪ ڪانءُ اچـي، اُن ۾ پنهنجي چهنب هڻندو، تنهن کانپوءِ ئي تون جلدي نيڪ ٿي پوندين.“

اُن وقت مسجد کـي جهاڙو ڏيندڙ ۽ بتين وغيره جي صفائي ڪندڙ عبدل اچي بتيون ۽ ڏيئا صفا ڪرڻ لڳو تہ اوچتو عبدل جو پير ترڪي، ڊاڪٽر پلي جي ٽنگ تي اچي پيو. دٻاءُ اچڻ ڪري ڊاڪٽر جي سڄيل پير مان سـت (٧) ڪيڙان ٻاهر نڪري آيـا! ڊاڪٽر پلي سُور و چان چلائڻ لڳو پر ٿوري ئي وقت اندر سُور لهي ويس ۽ ٻچن ڳائڻ وينو!! تڏهن بابا چيو تہ ”ڏسو ڏسو،

ياڻو نيڪ تي ويو آهي ۽ پڇڻ ڳائي رهيو آهي." سيني ڌيان ڏيئي ٻڌو.

ڪرم ڪر ميري حال پر تون ڪريم
تيرا نام رحمان هي اور رحيم
تون هي دونون عالم ڪا سلطان هي
جهان مين نيايا تيري شان هي
فنا هوني والا هي سب ڪاروبار
رهي نور تيرا سدا عاشقار
تون عاشق ڪا سدا مددگار هي.

پڇڻ پوري ڪرڻ بعد ڊاڪٽر پلي پڇيو ته "باباجي اوهان وارو ڪانءُ ڪڏهن اچي ڇهنب هڻندو؟" بابا چيو ته "چاڪ تو ڪانءُ ڪي ڪونه ڏٺو! هو وري ڪين ايندو. هاڻي واڙيءَ ۾ وڃي وشرام ڪر. تون جلدي ٺيڪ ٿي پوندين."

بابا جي هدايت موجب اُدي پيوسته لڳاڻ ۽ پاڻيءَ ۾ وجهي پيئڻ سان، ڏهن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر جو ناسور صفا لهي ويو.

"اوڪعب نام دئيال" (گورواڻي)

بابا جو ڏهن ڏينهن جو وچن بلڪل سڀ نڪتو!!

**(٢) هڪ ايراني مهاشيه جي ننڍي ڪنيا کي**

هر هڪ ڪلاڪ ۾ جڏهن مورڇا جو دورو ايندو هو،

تڏهن منجهس ڳالهائڻ جي به طاقت ڪانه رهندي هئي. هٿ پير ٿڌا ٿي پوندا هئس ۽ زمين تي ڪري پوندي هئي. جڏهن ڦڪين فرق نه ڪيو تڏهن ڪن ڏس ڏنس ته ”سائين بابا جي پيؤٽ، ولي پارلي ۾ رهندڙ ڪاڪا صاحب ديڪشت وٽ ضرور هوندي. اُن ڪان وٺي، پاڻيءَ ۾ وجهي ڇوڪريءَ کي پيار ته مُورڇا بُورڇا غائب ٿي ويندس. ايرانـي مهاشيه، يڪدم ڪاڪا صاحب وٽ وڃي، پيؤٽ وٺي، ڇوڪريءَ کي پاڻيءَ ۾ گهمائي پياري، ته هر هڪ ڪلاڪ بدران ڇوڪريءَ کي سٺن ڪلاڪن ڪانپوءِ دؤرو آيو ۽ ٿورن ڏينهن اندر ڇوڪري بلڪل ٺيڪ ٿي پيئي!!

”هو هر نام ديئو داروُن، لن سگلا روڳ بداروُ.“

گورواڻي

(٣) **پيگت شاما جو ننڍو ڀاءُ باپاجي**، سبول کوه جي ويجهو رهندو هو. هڪ ڀيري هن جي اِستريءَ کي پليگ جي بيماري ٿي، جنهن ۾ سندس ٽنگه ۾ ٻه ڳوڙهيون نڪري آيون ۽ تپ اچـي ويس. باپاجي رات جو ڊوڙي شاما وٽ ويو ۽ چيائينس ته ”مونکي هلي سهائتا ڪر.“ شاما وري هميشه وانگر باباجن وٽ ويو ۽ نمسڪار ڪري سندن سهائتا لاءِ پرارٿنا ڪئي ۽ ڀاءُ جي گهر وڃڻ جي آگيا پڻ گهري. باباجن چيس ته ”اَڌ رات جو هيئنر ڪيڏانهن ويندين؟ صرف ”اُدي

پيؤت“ کٽي موڪل. تہ ۽ ٻوڙهين جي چنتا ڇو ٿو ڪرين؟ ڀڳوان اسان جو پتا ۽ سوامي آهي. تون هيٺر نہ وڃ، هوءَ جلد ئي نيڪ ٿي پوندي. صبوح جو سوير وڃي ڀاڄائيءَ کي ڏسي موٽي اَچ.“

شاما اُدي پيؤت کي سنجيوني ٻوٽي ڪري سمجهندو هو ۽ اُن ۾ سندس اَٽل وشواس هو. ڀاٽس پيؤت کڻي ويو، جنهن مان ڪجهہ ڦوڙهين تي لڳايائين ۽ ڪجهہ پاڻيءَ ۾ ملائي پنهنجي پتنيءَ کي پيئاريائين. پاڻي پيئڻ شرط هن جو پگهر وهڻ لڳو ۽ تپ ڍرو ٿيڻ لڳو ۽ هن کي گهاٽي ننڊ اچي وئي. صبح سان ڏنائين تہ سندس زال بلڪل نيڪ آهي. تپ ۽ ڦوڙهيون بہ غائب آهن!

ٻئي ڏينهن جڏهن شاما، باباجن ڪان آگيا وٺي، ڀاءُ جي گهر پهتو تہ ڏنائين تہ سندس ڀاڄائي چانهہ ويٺي تيار ڪري! عجب ۾ پئي، ڀاءُ جي منهن ۾ نهارڻ لڳو تہ هن چيس تہ ”باباجن جي اُدي پيؤت، جادوءَ جو ڪم ڪيو آهي. دوا اَندر وڃڻ سان، روڳ صفا ٻاهر نڪري هليو ويو آهي! شاما کي تڏهن بابا جا وچن ياد آيا تہ ”صبح جو سوير ڀاڄائيءَ کي ڏسي، موٽي اَچ.“

ڀاءُ وٽان چانهہ پي، شاما موٽي اچي نمسڪار ڪري باباجن کي چيو تہ ”باباجي، هي اوهانجو ناٽڪ تہ مان

سمجهي نه سگهان. اول مون کي ڀيءِ ۾ غلطان ڪري، پوءِ يڪدم سهالتا ڪري، ڪارج راس ٿا ڪري ڇڏيو. اِها ليلا ڇو ٿا ڪريو؟" بابا آلو ڏنو ته "پائي شام، ڪرمن جي گتي هڪ رهسيه آهي. جيتو ٺيڪ مان نه ڪجهه به ڪونه ٿو ڪريان ته به لوڪ مون کي "ڪرمن جي لاءِ دوشي" ٿا ٺهرائين. مان ته صرف هڪ درشڪ ۽ کيل ڏسندڙ آهيان. ايشور ئي سڀ ستا ڌارڻ وارو ۽ پوريتا ڪرڻ وارو آهي. هي پرم دِيالو آهي ۽ مان هن دِيالو ايشور جو هڪ آگياڪاري سيوڪ آهيان ۽ هن جوئي سدئيو سمرڻ ڪندڙ آهيان. جيڪو به اِنسان نراڀمان ٿي، ماڻ کي ڪرتگيه يعني ماڻ تي مهرباني ٿيل سمجهي، ايشور ۾ پورڻ وشواس رکندو، اُن جا سڀ ڪشٽ دُور ٿي ويندا ۽ مڪتي پد کي پراپت ڪندو.

"پريه ڪجهه سمرن پڙ نه وياپي،
پريه ڪي سمرن دک نه سنتاپي،
پريه ڪا سمرن سادهه ڪي سنگ،
سرب نڌان نانڪ هر رنگ."

(۴) **هردا شهر** جي هڪ مهاشيه کي، پٿريءَ جي بيماري اچي ٿي ۽ پٿري ته صرف آپريشن ڊاڪٽران ئي نڪرندي آهي، پر مهاشيه بلڪل ٻڍو ۽ دربل هو، جنهن ڪري آپريشن ڪرائڻ جي ماڻ ۾ همت نه ٿي ساري سگهيو. ليڪن پرماتما جا کيل عجيب آهن. اُن

وقت هردانگو ۾ باباجن جو هڪ ڀڳت اِنامدار -آيل هو، جنهن وقت باباجن جي پيشاب بند ٿي ويو هو، ٿورن جي صلاح تي، ٻيڏي مهاشيه جي پٽ، ڀڳت اِنامدار کان پيشاب وٺي، پنهنجي بوڊ پتا کي پاڻيءَ ۾ ملائي پياري، ۽ جلد ئي پيشاب رستي ٻيڏي مهاشيه جي پٿري ٻاهر نڪري آئي ۽ ٻيڏي مان ڦري جوان ٿي پيو يعني پٿريءَ جي تڪليف صفا لهي ويس!

"راڪ ليئي تن راڪٺهار، سڀ وياڌ مٽائي"

(گوروائي)

(۵) بمبئي ۾ "ڪايسٿ پربھو گيات" جي هڪ اِستريءَ کي گوپ ليڻ تي ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. ايتري قدر جو ڪنهن وقت مورڇا اچي ويندي هئس. هڪ مترشري رام گريوئي زال جي پتيءَ کي صلاح ڏني ته جيڪڏهن اوهين چاهيو ٿا ته زال هن پيڙا کان ڇٽي، ته کيس شرڊيءَ ۾ وٺي وڃو.

ٻئي پيري جڏهن هن کي گوپ ٿيو ته پتي پتني ٻئي اچي شرڊيءَ ۾ رهيا ۽ ڪي مهنا رهي هر روز شيوا ۾ ڪندا هئا ۽ ست سنگ جو ڪجهه لاڀ پڻ وٺندا هئا. جڏهن زال جو ويرو ٻيهو آيو، تڏهن کيس تڪليف اُٿا ٿي، جو "گوپ ڊنار" ۾ رڪاوٽ تيڻ ڪري، مائي سور وچان چڙهيون هڻڻ لڳي. ماڻس کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي.

ايتري ۾ هڪ پاڙي جي زال آئي ۽ من ئي من ۾، باباجن کان سهائتا جي پرارٿنا ڪري، پيؤ ت پاڻيءَ ۾ ملائي، مائيءَ کي پيئاريائين ته پنجن منٽن اندر، بنا تڪليف جي ٻار ٻاهر نڪري آيو ۽ مائيءَ جا ٻئي هميشه لاءِ خاص ٿي ويا. اُن ڪانپوءِ ٻنهي زال مڙس جو باباجن ۾ پورن وشواس پيدا ٿيو ۽ حياتيءَ ڀر تائين، باباجن جو اَحسان ۽ مهرباني مڃيندا رهيا.

”مهربان صاحب مهربان، جيئه سگل ڪئه ديئه دان.“
(گورواڻي)



(ڳالھ - ٣٥)



ڪي نرآڪار پرماتما جي اُپاسنا ڪندڙ ھوندا آھن ۽ ساڪار ايشور جي اُپاسنا اڄايو ڀرم آھي ۽ سنسار ۾ جن کي سنت ڪوٺيو وڃي ٿو، اُسان جھڙائي ساڌارڻ ماڻھو آھن، تنھن ڪري اُنھن سنتن کي پيرين پوڻ ۽ کين دکشڻا وغيره ڇو ڏيڻ گھرجي؟ وري ڪن ھندن جا پوئلڳ اِنھي خيال جا آھن ته پنھنجي ستگوروءَ کانسواءِ ڪنھن ٻئي سنت کي نمڻ ۽ سندس ڀڳتي اصل نه ڪرڻ گھرجي. سائين بابا جي باري ۾ به اول ته ڪيترِيون ئي عجيب ڳالھيون ٻڌڻ ۾ اينديون ھيون، جي ھن وقت گھٽ ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. ڪي چون ٿا ته سائين بابا سنت لاءِ دکشڻا گھري وٺڻ سندس شان وٽان ناھي. ساڌوءَ جو ڌرم اِن ۾ ڪھڙو رھيو؟

(١) ڪاڪا مھاجني جو دوست نراڪار وادي ھو ۽ مورتي پوڄا جو ڪٽر ورودي ھو، پر ھڪ ڀيري ڇرچي مسخريءَ جي خيال کان، ٻن شرطن تي ڪاڪا سان گڏجي وڃڻ قبول ڪيائين (١) ته مان باباجن کي نمسڪار اصل نه ڪندس (٢) نه کيس ڪا دکشڻا ڏيندس. ڪاڪا اِھي

ٻــ شرط قبول ڪيا ۽ ڇنڇر رات جو ٻئي ڄڻا بمبئي مان شرڊيءَ لاءِ روانا ٿيا ۽ ٻئي ڏينھن صبح جو شرڊيءَ اچي پھتا. جڏھن ٻئي ٻنھي مسجد ۾ پيرَ پاتو تڏھن ئـــي ڪاڪا جـــي مترَ ڏانھن نھاري بابا چيو. ”اڙي اچو شريمان جي، پلي آيا. (ڪان ياوين جي)“ آيل متر ڪي اِھي لفظ جنسي سندس پِتا وارا لڳا (ڇو تـــ سندس پِتا، اُنھن ئي لفظن ۾ آيلن جو آدر ستڪار ڪندو ھو) ۽ سندس وات مان نڪري ويو تـــ منھنجو پِتا ٻولي رھيو آھي. ”ڇٽي، نراڪار واد پلجي، پنھنجو متو وڃي باباجن جي چرنن تي رکيائين!“

باباجن پوءِ وري پيھرن جي آرتيءَ وقت ۽ موڪلائڻ وقت صرف ڪاڪا صاحب کان دڪشڻا گھري ۽ نـــ سندس متر کا . ان تي متر ڪن ۾ چيس تہ ”يـــار، باباجن توکان ٻـــ ڀيرا دڪشڻا گھري آھي پر مـــان جو توسان گڏ آھيان، موکان ڇو نٿو گھري. سو ڇو؟“ ڪاڪا جواب ڏنس تہ ”بھتر آھي تہ تون اِھو سوال سڌو باباجن کان پڇ“ ان تي بابا پاڻيھي چيو تہ ”ڪن ۾ سس پس ڪھڙي پيا ڪريو؟“

ان تي متر چيو تہ ”مان بہ اوھان کي دڪشڻا ڏيان ڇا؟“ بابا چيو تہ ”تنھنجي نا مرضي ڏسي، مون توکان نہ گھري، پر جي تنھنجي مرضي آھي تہ ڏيئي سگھين ٿو.“ اِھو ٻڌي، ھن ڪاڪا صاحب جيتري ڀيرا (۱۷

ڪيائين، پر متان ڪاڪا کي بابا جي آگيا لاءِ ترسڻو پوي، ان ڪري هيءُ مترُ به ساڻ ڪري، ٽيئي ڄڻا روانا ٿيا. واٽ تي ڪاڪا مهاجنيءَ باباجن جي پيئڻ لاءِ ٻه سير ”منڪا“ ورتا ۽ ٺيڪ سمي تي مسجد ۾ گڏجي ويا. ته بابا صاحب ترڪب به اتي گڏ ئي هئا.

سيٺ ٺڪر هن کان پڇيو ته ”تون هتي ڪهڙي سبب ڪري آيو آهين؟“ هن جواب ڏنو ته ”مان ته صرف درشن ڪرڻ آيو آهيان. مون کي ڪرامتن يا چمتڪارن ڏسڻ جي نه اڇا آهي ۽ نه ضرورت، ڇو ته هتي پريمي ڀڳتن جون منوڪامنائون پاڻيهي پوريون ٿينديون آهن. ڪاڪا مهاجنيءَ نمسڪار ڪري باباجن اڳيان ”منڪا“ پرساد پيش ڪيا، ته بابا سڀني ۾ ورهائڻ جي آگيا ڏنس. سيٺ ٺڪر کي به ٿورا ”منڪا“ پرساد طور مليا.

هاڻي هڪ ته سيٺ کي ”منڪا“ سٺا ڪين لڳندا هئا ۽ ٻيو ته ڊاڪٽر به ڪيس منڪا جهڙن شين کائڻ جي منع ڪري ڇڏي هئي، ان ڪري اچي منجهيو. پر ظاهري ڏيکاءُ ڪرڻ لاءِ، پنهنجي مرضيءَ برخلاف ڪڻي وات ۾ وڌائين ۽ ککڙيون يا ٻج ڪڍي پنهنجي کيسي ۾ وڌائين. دل ۾ چيائين ته ”جيڪڏهن سائين بابا انترجامي سنت آهي ته مون کي، منڪا کان نفرت هوندي به، منڪا کائڻ لاءِ لاچار ڇو ٿا ڪن؟“ من ۾ ان خيال اٿڻ



ٽيڻ بعد، باباجن وري ڪيس ٻيا منڪا ڏنا، جي هن هٿ ۾ ڪٺي سوگها ڪيا ته باباجن چيس ته ”اِهي هينئر ئي وات ۾ وجهه.“

سيٺ آگيا جو پالن ڪري وات ۾ وجهي چٻاڙيا ته سڀ ٻڙا ٻج جي لڳس! باباجن جي اِها انترجامتا ڏسي به پنهنجي شڪ دور ڪرڻ لاءِ، پير وارن کان پڇيائين ته ”اوهان کي منڪا ٻج واري مليا يا ٻڙا ٻج؟“ هُن چيو ته ”اسانکي اڇي داڻي وارا منڪا مليا آهن.“ اِن تي وري وڌيڪ حيران ٿي ويو! پر وري به دل ۾ چيائين ته ”جي بابا سچو سنت آهي ته پيو آندل پرساد، اول ڪاڪا کي ملڻ گهرجي ۽ پوءِ ٻين کي.“ باباجن سندس اِندر پروڙي آگيا ڏني ته ”هي پيو پرساد اول ڪاڪا مهاجنيءَ کي ڏيئي پوءِ سڀني ۾ ورهايو.“

باباجن سان پوءِ ڀڳت شاما، سيٺ نڪر جي واقفيت ڪرائي چيو ته ”هي ڪاڪا مهاجنيءَ جو سيٺ آهي.“ بابا يڪدم چيو ته ”يي اُنکي سيٺ ڪئسي هو سڪتي هين؟ اِنکي سيٺ تو ٻڙي وچتر هين.“ ڪاڪا باباجن سان شامل راءِ ٿي، ڪنڌ ڌُوڻي ها ڪئي ۽ سيٺ نڪر به پنهنجو هٺ ڇڏي، باباجن کي پرڻام ڪري، واڙي ۾ موٽي آيو.

منجهند جو آرتيءَ کان پوءِ جڏهن هو مسجد ۾

موڪلائڻ آيا ۽ شاما سندن لاءِ پرارٿنا ڪئي ته باباجن بوليو:- ”هڪ خشڪ مغز جو مهاشيه هو، جو بلڪل تندرست ۽ ذ نوان پڻ هو، تنهن هوندي به چنتائن ۾ بدل رهندو هو ۽ چڙداري رلي پئڪي، پاڻ کي اَشانت ڪندو رهندو هو. سندس اِها حالت ڏسي مون کي ديا آئي ۽ چيومانس ته ”ڪرپا ڪري، پنهنجو وشواس هڪ هنڌ قائم ڪر. اجائي ڀٽڪڻ مان لوڪي ڪوبه لاڀ ڪين ٿيندو. تنهن ڪري جلد ئي اهڙو هنڌ يا ماڻهو چونڊي، اُن ۾ پنهنجو ايمان ڄماءِ.“

اِهي لفظ ٻڌي، ٺڪر سيٺ سمجهي ويو ته اِشارو مونڏانهن آهي. سندس مرضي هئي ته ڪاڪا مهاجني، ساڻس گڏ موٽي هلي ۽ باباجن اُهو سهي ڪري ڪاڪا کي سيٺ سان گڏجي موٽڻ جي آگيا ڏني. ڪنهن به نٿي سمجهيو ته ڪاڪا کي ايترو جلد وڃڻ جي موڪل ملندي، ليڪن ٺڪر سيٺ کي اِهو وڏيڪ هٿ ئي پرتو مليو.

بابا پوءِ ڪاڪا کان پندرهن (١٥) روپيا دڪشڻا گهري ۽ چيو ته ”مان جڏهن به ڪنهن کان هڪ روپيو دڪشڻا گهرندو آهيان تہ اُن کي ڏهوڻا ڪري موٽائي ڏيندو آهيان. مان. ڪنهن کان ڪا شيءِ مفت ۾ ڪين وٺندو آهيان ۽ نه ئي هر ڪنهن کان گهرندو آهيان. منهنجو گرو به جنهن ڏانهن اِشارو ڪندو آهي، فقط

اُن ڪان ئي گهرندو آهيان. جيڪو گلريل جنم جو قرضي هوندو آهي اُن جي دڪشڻا قبول ڪئي ويندي آهي. دانيءَ دان ڏنئي، آئينده لاءِ سنو ٻج پوکي ٿو. ڏن، ڌرم جي ڪمن ۾ ٿيي سجايو ۽ سڦلو ڪرڻ کپي. ڏن پنهنجي شخصي ضرورتن پنيان خرچ ڪرڻ نسڦل ۽ وڃرت وڃي ٿو. جيڪڏهن اوهان گذريل جنم ۾ دان ڏنو ڪيو هوندو ته هن جنم ۾ اُن جي ڦل پائڻ جي آشا ڪئن ٿا رکو؟ جي اوهين ڏن جي پراپتي ڪرڻ جي آشا رکو ٿا ته هينئر هن جنم ۾ ئي ڪريو. دڪشڻا ڏيڻ سان، اندر ۾ وئراڳ ورتيءَ جو واڌارو ٿيندو، جنهنڪري اندر ۾ پڪتي ۽ گيان ٻه وڌندا. ايڪ ديوي، دس پاوي.

بابا جا ٻول ٻڌي، نڪر سيٺ پنهنجو اڳيون خيال ڇڏيو، بابا جي اڳيان پندرهن (١٥) روپيا پيٽا رکي ۽ دل ۾ چيو ته "چڱو، جو شرڌيءَ ۾ آيس. هتي منهنجا شڪ شبها دور ٿي ويا ۽ سٺي سکيا پراپت ڪيم."

جيتوڻيڪ باباجن سڀ ڪجهه پاڻ ڪندا هئا تہ ٻہ نرليپ ۽ نيارا رهندا هئا.

"برهم گياني سدا نرليپ، جئسي جل مهہ ڪمل اليپ."

(گوروائي)

نمسڪار ڪندڙن يا نہ ڪندڙن ۽ دڪشڻا ڏيندڙن يا نہ ڏيندڙن سان ساڳيو ورتاءُ ڪندا هئا ۽ ڪنهن جو بہ نرادر ڪين ڪندا هئا. جيڪي پريمي سندس شيوا

۽ پوڄا ڪندا هئا، تہ پر سنتا (خوشي) ظاهر ڪين ڪندا هئا ۽ جي ڪو لاپرواهيءَ سان هلت ڪندو هو تہ کين ڪو بہ دک ڪين ٿيندو هو ڇو تہ هو دکہ سکہ جي حد کان مٿي چڙهي چڪا هئا.

”هرک سوک جاکي نهين، ويري ميت سمان.
کهہ نانڪ سن ري منا، گياني تاهہ بکان.“

گورواڻي.

باندرا جو هڪ ڪايست پرڀو مهاشيہ، ڪيترن ڏينهن کان ننڊ نہ اچڻ ڪري، حياتيءَ مان بيزار هو ڇو تہ جڏهن ئي سمهندو هو تہ سندس سوڳواسي پتا سپني ۾ اچي ڪيس تمام بريءَ طرح گاريون ڏيندو هو، جنهنڪري سڄي رات ننڊ حرام ٿي ويندي هئس. اِها جڏ ساڻس هر روز ٿيندي هئي، جنهنڪري هو ذري گهٽ پاڳل ٿي پيو هو.

پر هڪ ڏينهن بابا جي هڪ ڀڳت ڇيس تہ ”مان تہ باباجن جي ڏئل پوتر ڀڀوت ڪي سڀ کان سٺي ۽ رام بــاڻ دوا ڪري مڃان ٿو، جا جلد توکي فائدو پهچائيندي. مان توکي ڀڀوت جي هڪ پڙي ڏيان ٿو، جا سمهڻ کان اڳي، پيهنجي مٿي تي لڳائي ۽ وهاڻي هيٺان رکي ڇڏج تہ سائين بابا سڀ ڀلي ڪندو.“

هن وشواس رکي ائين ڪيو ۽ نتيجو اِهو نڪتو، جو کيس پڪي ننڊ اچي ويئي ۽ ڪو بہ سپنو ڪين ڏٺائين. آنند ۽ خوشيءَ وچان سائين بابا جي مورتي

وٺي، پنهنجي وهاڻي جي پرسان رکي، هر روز اُن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ هر هڪ وسپت (گوروُوار) تي مُورتيءَ کي هار پائي، پرساد پڻ ارپڻ ڪندو هو. نتيجو اهو ٿيو، جو اڳيون دک صفا پلجي ويو ۽ حياتيءَ مان ڪيس مزو اچڻ لڳو.

**بالاجي پاٽيل نيواسڪر** باباجن جو پرم پڳت هو ۽ نشڪام شيوا ڪندو رهندو هو. جنهن رستي کان بابا نڪرندو هو، اهو پراتهه ڪال جو اُٿي، جهاڙو لڳائي، بلڪل صاف ڪري ڇڏيندو هو. ساڳيءَ طرح ڀڳتا راڌ ڪرشڻا ۽ عبدالله پڻ نشڪام ڀڳت هئا. بالاجي جڏهن پنهنجو فصل ڪاٽيندو هو ته اهو سڀ باباجن کي اچي پيٽا ڪندو هو. اُن مان جيڪي باباجن کيس موٽائي ڏيندو هو، اُن مان پنهنجي ساري ڪٽنب جي پالنا ڪندو هو. ڪيترن سالن جي نشڪام شيوا بعد، جڏهن هن چالاڻو ڪيو ته سندس پٽ به اُها ساڳي شيوا پاڻ تي هموار ڪئي.

(٢) هڪ دفعي بالاجي جي جنم ڏينهن تي، ڪن ٻين شخصن کي ڪوٺ ڏيڻ ٺهرايو ويو. پر جيترن ماڻهن جي لاءِ پوڄن تيار ڪيو ويو تنهن کان ٽيڻا ماڻهو اچي ڪنا ٿيا. اِهو ڏسي شريمتي بالاجي اچي ششدر ٿي، ته هيترن ماڻهن ۾، تيار ٿيل پوڄن ڪئن پوُرو پوندو! جي ڪٽي پيو ته اسانجي ساري ڪٽنب جي گهٽتائي

تيندي. اِني سندس سس اچي صلاح ڏنس ته ”چنتا نه ڪر. هرهڪ ڀوڄن جي ديگ ۾ اُدي پيوُ ت وجهي، مٿان ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏ ۽ ٻيا ڪپڙي لاهڻ جي، اُن مان مال ڪڍي ورهائيندا وڃو ته پيوُت جو مالڪ سائين بابا، پاڻيهي اچي سهاء ٿيندو.“

اُن صلاح موجب، سيني آيلن کي ڍڪيل ديگين مان، مال ڪڍي ڪارائيندا ويا. جڏهن سڀ کائي ويا تڏهن ڏٺائون ته ديگين ۾ اَڃا ڪافي مال پيو آهي! اِهو عجب ڏسي، سيني سائين بابا جي اُستتي ڪئي، ڇي ڀساڻ اچي سهاء ٿيو آهي. حقيقت ۾ ايشور ۽ ستگورو، سچي ڀاوناجا ڀاڙا ڏيندا آهن.

”جا ڪي رهي ڀاونا جيسي-
ڀربُ مؤرت ديکي تِنه تَيسي.“

(راماڻ)

”نکت نه جائي مؤل اُتل ڀنڊاريا-
نانڪ شبد اِپار تن سڀ ڪڇ ساڙيا.“

(گوروواڻي)

(۳) ۱۹۴۳ ۾ احمد نگر ضلع جي ڪارجات شهر ۾ پوجا اُتسو ۾ عام لنگر ڪارائڻ جو بندوبست ڪيو ويو ۾ تيار ڪيل ڀوڄن جي انداز کان پنجوڻا ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا. باباجن جي آڳيا سان، ديگيون ڍڪي، مال ڪيندا ويا ته آخر ۾ ورهائيندڙن لاء پڻ ڪافي مال بچيو پيو هو!

شرڌيءَ جو هڪ **رگهو پاٽيل نيواسي**، بالاجي پاٽيل وٽ ويو ته شام جو هڪ نانگه ڦوڪارا هڻندو، گئوشالا ۾ ويندو ڏٺائين! هن يڪدم پيالي ۾ کير وجهي نانگه جي اڳيان رکي پرارٿنا ڪئي ته ”باباجي، اوهين ڦوڪارا هڻي، اسان ۾ ڀئو ڇو پيدا ڪري رهيا آهيو؟ اوهين مونکي پنهنجي سيوا ڪرڻ چاهيو ٿا؟ ڪرپا ڪري هيءُ کير جو پيالو شانتي پوروڪ پيئو.“

اُهين چئي هو ڀپو ٿي ويجهو ويهي رهيو. سندس ڪٽنبي سڀ گهٻرائجي ويا ۽ پريان بيهي رهيا. ٿوري دير ۾ نانگه غائب ٿي ويو ۽ گئوشالا ۾ گهڙي ڳيو. لهڻ بعد ٻـــ ڏسڻ ۾ ڪين آيـــو. يعني سائين بابا سيني کي نانگه جي روپ ۾ اچي درشن ڏنـو ۽ ڀڳت رگهو پاٽيل جو کير پيتو!

(٥) ڏکڻ ڀارت ۾ ڪوئمبٽور ۾ ١٩٤٣ جي جنوري ۾، وسپيءَ ڏينهن سنڌيا سمي ساڍي ٥ بجي، باباجن سرپ جي روپ ۾ اچي پرگهٽ ٿيا ۽ پڇڻ کيونن بڌي، کير پيتو ۽ هزارن ماڻهن کـــي درشن ڏئي، پنهنجي مورتيءَ اڳيان ويهي، پنهنجو فوٽو ڪڍارايو. اها وارتا پـــوءِ ”سائين سڌا“ نــالي نکرندڙ پترڪا ۾ ڏني ويئي هئي.



( گـــل - ٣٦ )

هڪ پيري گوٺا مان ٻه (مهانياؤ) مهاشيہ شرڊيءَ ۾ سائين بابا جي درشن لاءِ آيا ۽ سائين بابا اڳيان اچي ساشٽانگ ڏنڊوت نمسڪار ڪيائون. ۾ باباجن فقط هڪ جڻي کان (١٥) روپيا دکشڻا گهري، جا هن وڏي عزت سان پيش ڪئي. ان تي ٻيو شخص (٣٥) روپيا دکشڻا ڏيڻ لڳو تہ باباجن اُها قبول نہ ڪئي! ماڻهو عجب ۾ پئجي ويا تہ اُن جو سبب ڪهڙو آهي. اوڏي مهل ڀڳت شاما بہ اُتي حاضر هو ۽ هن يڪدم هٿ جوڙي چيو تہ "هي ديو! هي ڇا؟ ٻئي گڏ جي آيا آهن پوءِ اُنهن مان هڪ جي دکشڻا سويڪار ڪئي اٿو ۽ ٻئي جي نہ، سو ڇو؟

بابا اُتر ڏنو تہ "شاما تون نادان آهين. مان خود ڪنهن کان ڪين وٺندو آهيان. هيءَ مسجد مائي اُنهن ڏانهن رهيل قرض گهرندي آهي، جا ڏيئي قرض لاهي ويندا آهن. منهنجو ڪو گهر آهي يا ٻار ٻچا آهن ڇا، جن جي چنتا ٿئيم! مون کي تہ ڪنهن بہ شيءِ جي نہ چاهنا آهي نہ ضرورت آهي. دشمني يا هنيا جو

پراشچت ضرور ڪرڻو پويٿو. رهيل قرض ڏيڻ ڪانسواء چونڪارو اصل ڪين ٿيندو.

پهرئين شخص حياتيءَ جي پهرئين اڌ ۾ ايشور سان پرلکيا ڪئي هئي ته موکي نوڪري ملندي ته مان پهريون پگهار اوهان کي ڀيٽا ڪندس. اُن بعد هن کي (۱۵) روپيا ماهوار پگهار جي نوڪري ملي، جنهن مان وڌندو وڃي (۷۰۰) ست سؤ پگهار جي عهدي تي پهتو، پر ڪيل وچن پلجي ويو. پنهنجن شين ڪرمن جي ڪري، هن کي هتي اچڻ جو سؤڀاڳيه پراپت ٿيو ته مون به سندس ڪيل وچن وارا پهرئين پگهار وارا (۱۵) روپيا گهري ورتا.

(۲) سمنڊ جي ڪناري تي چڪر هڻندي، مان هڪ غئبي محل ۾ پهتس ۽ اُتي دالان ۾ وشرام ڪرڻ ويٺس ته محل جي مالڪ منهنجي سواگت ڪري، مون کي سوادي پدارٿ کائڻ واسطي ڏنا. پوڄن ڪرڻ کان پوءِ هن سندس اَلماريءَ جي ويجهو هڪ استان ڏيکاري چيو ته هتي بستري تي سمهي ننڊ ڪريو. جڏهن مان گهري ننڊ ۾ هوس ته هن شخص پٿر کسڪائي، وڏو سوراخ بنايو، جنهن مان اندر گهڙي، منهنجو ڪيسو ڪتريو. ننڊ ڪلڻ بعد ڏٺم ته منهنجا ٽيهه (۳۰) هزار روپين جا نوٽ چورائجي ويا آهن. مان دکي ٿي، اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندو ويهي

رهيس. دل ۾ سمجهيم ته انهيءَ براهمڻ مالڪ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به (٣٠) هزار ڪين ڪيا هوندا. دڪ وچان ڪاڏ و پيتو به ڪين وٺيم ۽ انهيءَ دالان ۾ هڪ پکش (١٥ ڏينهن) تائين، پئسن چوري تي وچڙ لي ورلاپ ڪندو رهيس.

١٥ ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ، رستي تان لنگهندي هڪ فقير مون کي روئندو ڏسي، روئڻ جو سبب پڇيو ته مون کيس سارو حال سڻايو. مونکي موت ۾ چيائين ته "جي تون منهنجي جي آديش (هدايت موجب هلت ڪندين ته تنهنجا چورايل پئسا توکي پڪ واپس ملندا. مان توکي هڪ فقير جو ڏس ڏيان ٿو. اُن جي شرڻ وڃي وٺ ته هن جي ڪرپا سان تنهنجو ڌن توکي موٽي ملندو. پر جيسين توکي ڌن واپس نه ملي، تيسين توکي سوادي پوڄن جو تياڳ ڪرڻو پوندو."

مون اُن فقير جو چيو مڃيو ۽ مون کي چورايل ڌن برابر واپس مليو. پوءِ مان سمنڊ جي ڪناري تي وري آيس جتي هڪ جهاز بيٺو هو، جنهن ۾ ياتري ٻئي چڙهيا. جهاز لي هڪ ادر دل چپراسيءَ جي مدد سان، مون کي بـ لصيبن سان جاءِ ملي ويئي ۽ اُن لي چڙهي سمنڊ پار ڪري ڪناري تي لٿس، جتان ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي، مسجد دوار ڪا مائيءَ ۾ اچي پهتس.

متين ڪٿا سماپت ڪرڻ بعد، باباڄن شاما ڀڳت کي چيو ته آيل مهانن کي پاڻ سان وٺي وڃ ۽ سندن ڀوڄن جو پربنڌ ڪر. شاما اُنهن کي پنهنجي گهر وٺي وڃي ڀوڄن ڪرايو. ڀوڄن ڪندي شاما کين چيو ته ”باباڄن جي ڪهاڻي وچتر ۽ ڳجهارت ڀري آهي چو ته نڪي هو ڪڏهن سمنڊ جي ڪناري تي سير ڪرڻ ويا آهن ۽ نڪي ٽيهه (۳۰) هزار وٺن ڪڏهن به رهيا آهن. نه ڪڏهن ڪابه ياترا ڪئي اٿن، جو سندن چوري ٿي ۽ واپس ملي آهي. اوهان اِن ڪٿا جو مطلب يا راز سمجهيو آهي؟“

بنهي اُلٽين (مزمانن) جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ چيائون ته ”باباڄن سروُ ياپي ۽ اَننت پرميشور جو روُپ آهن. هن جي ڪهاڻي، اسان جي ئي ڪهاڻي آهي، جا اسان سان ٿي چڪي آهي. اسان کي عجب آهي ته باباڄن کي اِها سڀ خبر ڪئن پيئي؟ هاڻي بڌ ته توکي ٻڌايون:- (گهاٽ) جبل جي هڪ پهاڙيءَ تي منهنجي رهڻ جي جاءِ آهي. مان جڏهن پنهنجي آجيوڪا لاءِ گوئا ۾ نوڪري ڳولهڻ ويو هوس، تڏهن مون پڳوان د تاتريه سان پرتگيا ڪئي هئي ته جي مونکي نوڪري ملي ته پهرئين مهني جو پگهار اوهان کي ارپڻ ڪندس. مونکي نوڪري برابر ملي ۽ خوب واڌارو ڪيم ليڪن پنهنجو ڪيل وچن صفا ڀلجي ويس. باباڄن مون کي اُن اُنجام جي يادگيري ڏياري

۽ مون کان ٻهرين پگهار وارا (۱۵) روپيا وصول کيا ۽ منهنجي مٿي تي چڙهيل قرض لاٿو.

سکيا:- در اصل باباجن نه ٻارن کان دکشڻا گهرندا هئا ۽ نه پنهنجن ڀڳتن يا شيوڪن کي گهرڻ ڏيندا هئا. چو ته باباجن چوندا هئا ته مايا، ڌن يا سون، آتمڪ واڌاري ڪرڻ ۾ هڪ وڏي رنڊڪ ۽ رڪاوٽ آهي ۽ سيني کي خبردار ڪندا رهندا هئا ته ڪنچن ۽ ڪامنيءَ کان پاڻ کي بلڪل بچائيندا رهجو. ڀڳت مهالسپت اهڙو نرڌن هو، جو ڪيترن گهڙيون ڏاڍي ڪٺنائي سان ڪري سگهندو هو. بابا هن کي ٻين کان دکشڻا گهرڻ کان هميشه روڪيندو هو ۽ پاڻ به آيل دکشڻا مان، مهالسپت کي ڪجهه ڪين ڏيندو هو.

هڪ ڀيري هڪ ديالو ۽ نرم دل واپاري هنسراج، باباجن جي حاضريءَ ۾، مهالسپت کي چڱي رقم ڏني پر باباجن مهالسپت کي چيو ته "اها رقم نه وٺج."

ٻي اُتيءَ پنهنجي ڪهاڻي هن ريت ٻڌائي:- مون وٽ هڪ براهمڻ وسويو (۲٦) سالن کان ايمانداريءَ سان ڪم ڪندو هو پر ڪم نصيبيءَ کان ٻين علتن ۾ ڦاسڻ ڪري، هن جي من ۾ اهڙو نه اُبتو ڦيرو آيو، جو منهنجا سڀ روپيا چوري ڪري ويو. منهنجو ڪٻٽ ڀت ۾ لڳل هو پر جنهن وقت مان گهري ننڊ ۾ هوس، تنهن وقت ڪٻٽ پنيان لڳل پٿر هٽائي، ڪٻٽ ۾

ڪنا ڪيل (٣٠) ٽيهہ هزار چوري ڪري هليو ويو. مان سمجهي نٿو سگهان تہ باباجن کي، (٣٠) ٽيهن هزارن جي پوري رقم جو پتو ڪيئن پيو! مان رات ڏينهن رقم وڃائڻ جي ڏک ۾ پيو روئندو هوس.

هڪ ڏينهن مايوس حالت ۾ دالان ۾ ويٺو هوس تہ رستي تان لنگهندڙ هڪ فقير، مون کي نراس ۽ مايوس ڏسي، مون کان اُنجو سبب پڇيو ۽ مون کيس دک جو سارو حال سڻايو. پوءِ هن چيو تہ ”ڪوپرگانو تعلقي جي شرڊي گرام ۾ شري سائين بابا نالي هڪ اولياءَ رهيتو. تون پنهنجي من ۾ باباجن کي انجام ڏي، تہ جيسين اوهان جو درشن نہ ڪندم، تيسين جيڪا شيءِ توکي سڀ کان سٺي لڳندي هجي، اُها ڪين کائيندس.“ مون هن جي چوڻ موجب، باباجن سان اندر ۾ انجام ڪيو تہ جيسين اوهان جو درشن نہ ڪندم ۽ وڃايل رقم (٣٠ هزار) موٽي نہ ملندم، تيسين چانور کائڻ بند ڪندس.“

اُنجام ڪرڻ بعد (١٥) ڏينهن ڪانپوءِ، اُهو براهمڻ پاڻيهي مون وٽ آيو ۽ سڄي رقم (٣٠ هزار) ڏنئي، وينتي ڪيائين تہ ”منهنجي بڌي ڀرشٽ ٿي وئي، جو مون کان چوريءَ جو اپراڌ ٿي ويو. هينئر مان اوهان کي پيرين پئي اُن ڏوهہ لاءِ معافي ٿو وٺان.“ ائين قصو نبي ويو. پوءِ جنهن فقير مون سان پاڻيهي

اچي ڳالهايو ۽ مدد ڪئي، اهو فقير مون وري ڪونه ڏٺو. پر سندس چوڻ موجب شرڊيءَ ۾ رهندڙ اولياء جي درشن ڪرڻ جي ڏاڍي اُڪير هيم. مون سوچيم ته اهو فقير، سائين بابا ڪانسواءِ بيو ڪوبہ ڪين ٿي سگهندو. جنهن مون کي ڪرپا ڪري درشن ڏنو ۽ سهائتا ڪئي، انهن کي ٣٥ روپين جي لالچ ڪيئن ٿي سگهندي!

چوراڻيل رقم مون کي ملڻ تي، مونکي اهڙي ته خوشي ٿي جو انهي خوشيءَ جي اند وچان، مان پنهنجو ڪيل وچن پلجي ويس. ڪولمبي ۾ هڪ رات جو، جڏهن سائين بابا کي سپني ۾ ڏٺم، تڏهن پنهنجي ڪيل وچن جي يادگيري آيم. ڪولمبي مان گوئا آيس ۽ اُتان هڪ جهاز ۾ چڙهي بمبئي اچڻ جو ارادو ڪيم. پر جهاز ۾ ماڻهن جي تمام گهڻي پيهه هئي. جهاز جي ڪپتان تہ مونکي جهاز تي چڙهڻ ئي ڪين ڏنو پر هڪ بلڪل اڻواقف چپراسيءَ جي چوڻ تي، هن مون کي جهاز تي چڙهڻ جي موڪل ڏني ۽ مان بمبئي اچي پهتس، جتان ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي، هتي اچي پهتس. هينئر ته مونکي باباجن جي سرؤگيتا ۽ انترياميتا تي ڪابہ شنڪا ڪانهي.

منهنجا پاڳ کهڙا نہ سٺا ڇئبا، جو باباجن، منهنجي چوراڻيل رقم مون کي واپس بہ ڏياري ۽ هتي شرڊيءَ ۾ پڻ ڇڪ ڪري وٺي آيو. اوهين شرڊيءَ واسي، اسان

ڪاهه سؤ دفعا وڏيڪ سريشٺ ۽ پاڪيزه شالي آهيو، جو باباجن سان گڏ رهي ڪلو ڳالهايو ٿا ۽ باباجن جو مندر وارتالاپ ۽ پاشر وغيره ٻڌندا رهيا آهيو. اِهو سڀ اوهان جي شڀ سنسڪارن جو ئي پرڀاءُ آهي، جو اوهين پاڻ باباجن جي چڪ تي ڪيئيجي آيا آهيو. سائين بابا اسان لاءِ (دت) ديوتا روپ آهن، جنهن اسان کان وچن به ڪرايو، جهاز ۾ جاءِ وني ڏني، هتي شرڊي ۾ وني آيو ۽ پنهنجي سرڳيتا ۽ انترياميتا جو اُنڀؤ به اسان کي ڪرايو.

(٢) شولاپور جي سکارام اؤرنگابادڪر جي اِستريءَ کي (٢٧) سالن جي لمبي عرصي ۾ ٻار ئي ڪونه ڄائو. هن گهڻن ديوين ديوتائن کي منايو پر اُنهن جي منوڪامنا پوري ڪانه ٿي. هر هنڌان نراس ٿي، پنهنجي مائيلي پت شري وشوناٿ کي ساڻ ڪري، شرڊيءَ ۾ باباجن جي شرڻ وٺڻ جو آخرين اُپاءُ ڪرڻ آئي ۽ ٻه مهنا رهي پيئي. پر جڏهين مسجد ۾ وينديءَ هئي تہ هميشه بابا جي چوڌاري ڀڳت گڏ ويٺل ڏسي، موٽي ويندي هئي. سندس دل هئي تہ ايڪانت ۾ باباجن سان پنهنجو حال اورڻ ۽ سنتان جي پراپتيءَ لاءِ کين عرض ڪريان پر وجهه نہ مليس.

آخر شاما ڀڳت کي چيائين تہ "تون ئي ڪرپا ڪري باباجن کي ايڪانت ۾ منهنجي لاءِ پرارٿنا ڪج." شاما

چيس ته ”بابا جي دربار هميشه کليل رهي ٿي. تنهن هوندي به تنهنجي لاءِ مان ضرور ڪوشش ڪندس. باقي سڦلتا ته ايشور جي هٿ وس آهي. پوڄن ڪرڻ جي مهل، تون ناريل ۽ اگربتيون کڻي اچي ويهج ۽ جڏهن مان توکي اشارو ڏيان تڏهن باباجن جي اڳيان اچي ڪري ٿي ويهج.“

هڪ ڏينهن پوڄن ڪرڻ بعد، جڏهن شاما باباجن جا هٿ ٿوال سان اگهي رهيو، ته بابا شاما جو منهن چمڻ لڳو! شاما اِن لئي لڄ پوڻ لعل منهن سان چيو ته ”پوپو، ڪليءَ دربار ۾ مونکي چمڻ، اوهان لاءِ واجب آهي؟ مونکي اهڙي ديوتا جي ضرورت ئي ڪانهي، جو هن نموني ۾ نرلڄ هلت ڪري. اسين توهان جي آسري ئي ئي، اچي رهيا آهيون ته اوهين موت ۾ هيءَ ڦل ڏئي رهيا آهيو!“

بابا چيس ته ”تون ته مون سان (٧٢) جنمن کان گڏ رهندو پئي آيو آهين پوءِ اڄ توکي منهنجو چمڻ برو چو ٿو لڳي؟“

شاما چيو ته ”مون کي به اهڙو ئي ديوتا کپي، جو هميشه مون کي چمي ۽ مٺائي کائڻ لاءِ ڏئي. مونکي سورڳ جي سکن جي به اِچا ڪانهي ۽ چاهيان ٿو ته سدائين اوهان جي چرنن جي شيوا ڪندو رهان.“

بابا چيو ”نيڪ آهي. مسان اِنهيءَ لاءِ ئي ته هتي آيو

آهيان. مان تنهنجو ٻالڪ پوشڻ ڪندو آيو آهيان، تنهن ڪري توسان وڏيڪ سنيهه اٿم."

پوءِ جڏهن باباجن گديءَ تي براجمان ٿيا، تڏهن شاما، هن استريءَ کي اشارو ڏنو، جنهن يڪدم اچي ناريل ۽ اگربتيون بابا جي اڳيان پيش ڪيون. بابا ناريل کي ڌوڻي ڏنو ته اندر پاڻي ڪونه هو ۽ نه اندران کڙڪو پئي ٿيو. بابا شاما کي چيو ته "هي ناريل اندران ڇا پيو بولي؟"

شاما - هن بائيءَ جي پرارٿنا آهي ته انهيءَ ناريل وانگيان، سندس پيٽ ۾ پڻ ڪڙڪڙ ۽ اوئان اوئان جو آواز ڪندو نڪري. ڪرپا ڪري اهڙي آسيس ڪري، کيس اهو ناريل موٽائي ڏيو."

بابا - ناريل مان به سنتان پيدا ٿيندي آهي ڇا؟ ماڻهو ڪهڙا نه بيوقوف آهن. جو انهن نمونن جون ڳالهيون پيا ڳنڍين.

شاما - پرڀو، مان اوهان جي وچن ۽ آسيس جي شڪتيءَ کان پوري طرح واقف آهيان. اوهان جي هڪ لفظ ڪڍڻ سان، هن بائيءَ کي سنتان جو قل لڳي سگهندو. اوهين هروڀرو ڳالهه کي ٽاري رهيا آهيو.

بابا - چڱو، هن ناريل کي ڀڃ.

شاما - ڪرپا ڪري اهو ناريل، بنا ڀڃڻ جي، هن بائي کي موٽائي ڏيو.

بابا - شاما، تو اڄ مونسان هٽ ڪيو آهي. چڱو، هن بائيءَ کي پٽ جي پراپتي ٿيندي.

شاما - ڪيتري وقت ۾ سوامي؟

بابا - ٻارهن مهنن ۾. هاڻي ناريل کي ڀڃي، اُن کي ٻه ٽڪرا ڪر. هڪ ٽڪرو اسين ٻئي ٽا کائون ۽ ٻيو ٽڪرو هن مائيءَ کي ڏي.

شاما - (ٽڪرو ڏيئي) پياري ڀيڻ، تو باباجن جا وچن روبرو ٻڌا آهن. جيڪڏهن توکي (١٢) مهنن اندر پٽر سنتان نه ٿي ته مان باباجن جي مٿي تي ناريل ڀڃي، کين مسجد مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندس ۽ پنهنجو نالو ماڌو مان بدلائي ٻيو رکندس. جيڪي مان چوان ٿو، تنهنجو اُنيڙ توکي جلدئي ملندو.

هڪ سال ڪانپوءِ مائيءَ کي پٽر پيدا ٿيو. جڏهن پنجن مهنن جو ٿيو، تڏهن پنهنجي پتيءَ سميت اُهو ٻار کڻي اچي باباجن جي چرڻن ۾ ليٽايائين ۽ پاڻ ٻه ساشٽانگ پرڻام ڪري ويٺا. پٽر سنتان جي خوشيءَ ۾ شري سڪارام (٦٠٠) ڇهه سؤ رپيا ڏيئا رکيا، جي باباجي گهوڙي "شيام ڪرڻ" جي مٿان ڇت اُڏائڻ ۾ ڪم آندا ويا.

"ميري باندي يڪت ڇڏاويءَ، باندي يڪت نه ڇوُ ٿيءَ موهه -
ايڪ سمي مو ڪئه گهه باندي، ته، تن موپهءِ جواب نه هوءِ."
گوروائي

## (گل - ۳۷)

## چاوڙيءَ جو سمارو ه



باباجن ٻال برهمچاري هئا ۽ ٻرش کي ڀائرن جيان ۽ استرين کي ڀيڻ سمان ڄاڻندا هئا. سندن سنگت ۾ اسان کي گيان جي پراپتي ٿي ۽ نام سمرن جي رس ۽ آنند جو انڀو ٿيو. ويدانت جي بلڪل چٽي سمجهاڻي، اسان کي چاوڙيءَ جي سماروهه وقت ملي. اهو سماروهه جو جلسو اهڙو ته دل لڀائيندڙ هو، جو اجا به اکين اڳيان پيو ڦري. باباجن هڪ رات مسجد ۾ ۽ ٻي رات چاوڙي ۾ آرام ڪندا هئا.

مسجد ۾ آرام واريءَ رات جو، سڀ ڀوڳمي ڀڳت اچي ڪٺا ٿيندا هئا ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڀڄن پيو هلندو هو! مسجد ۾ هڪ طرف سينگاريل رٿ رکيل هوندو هو ۽ ٻئي طرف "تلسي ورنداون" جو نظارو سجايل هو. ڀڄن جا رسيلا ڀڄنيڪ، ڪي ڪرتال، ڪي ڪنجهون ڪي چپليون، مردنگ، ڪنجريون، ڍول وغيره جا ساز کڻي، سڀا جي مدبپ ۾ ويهي ڪيرتن آرتيه ڪندا هئا. هر سيني ڀڄنيڪن ۽ ڀريمي ڀڳتن کي ڇڪيندڙ هڪ ئي باباجن جي شخصيت هئي.

وٽ پهچندو هو تہ سڀ مرد زالون خوشيءَ ۾ جهُومندا نعرا هڻندا هئا. ڪڏهن وٽ پهچي باباجن چاوڙيءَ جي سامهون ٿي بيهندا هئا ۽ سندن مک اُپرندڙ سج جهڙي لعل سوڀيا ڏيندو هو.

چاوڙي جي خاص سماروهہ جي موقعي تي، ماڻهن جي هيڪاري ڀيهہ وڌندي هئي ۽ سرگس ۾ آيل ماڻهن جي آنند جو پاراوار ڪونہ هو. باجن وارا سرگس جي اڳيان خوب باجا وڄائيندا رهيا ۽ جڏهن باباجن پنهنجو ساڄو هٿ، هيٺ مٿي ٻاجن سان گڏ هلايو تہ هنن زور سان ٻين باجا وڄايا. پوءِ ڪاڪا صاحب ڊيڪشت چانديءَ جي ٿالهيءَ ۾ گل ۽ گلال رکي، بابا جي سنمک اچي، مٿن پشپن ۽ گلال جي ورکا ڪئي تہ بابا جو سندر مکهن لعل رنگہ سان وڌيڪ ڀڙڪڻ لڳو ۽ سڀني جيئن جيئن جي ڌنيءَ سان آسمان مٿي ڪڻي ڇڏيو.

پوءِ جي لهر ۾ اچي پيگت مهالساپتي مڏر ناچ ڪرڻ لڳو. هٿ ۾ شمعدان ڪڻي، ٽاتيا پاٽيل باباجن جي ڪاٻي پاسي ۽ مهالساپتي ساڄي پاسي کان نچندا رهيا، تہ سرگس جي سوڀيا اڳي کان سوائي ٿي، جا سڀني ڪلي ٿيل ماڻهن ڏسي، خوب تاڙيون وڄائي واهہ واهہ ڪئي. مطلب تہ وايو منڊل ۾ آنند جون لهرون پئي لڳيون. پوءِ باباجن سڀني ڏانهن نظر ڊوڙائي، مشڪي چاوڙيءَ ۾ اندر گهڙيا، جتي طرح طرح جا

شمعدان رنگارنگي شيشن مان چلڪا ڪئي رهيا هئا. اندر هال ۾ گهڙي ٽاتيا پاٽيل باباجن لاءِ آسڻ وڇايو. باباجن جڏهن آسڻ تي ويٺا تڏهن سندن پٺيءَ ۾ انگرکو وڌو ويو ۽ مٿي تي سونو مڪٽ پاتو ويو ۽ گلاب جي پاڻيءَ ۽ بين سڳنڌين جي، مٿن ۽ ساري آيل سنگت تي ورکا ڪئي ويئي. اُن ڪانپوءِ ساري آيل سنگت نمبروار اچي باباجن جي آرچا پوڄا ڪئي ۽ باباجن اندر سمان سيا ۾ پٺي ڀڪيا.

نانا صاحب ڀڳت وري هڪ شاهي ڇٽي ڪولي، بابا جي مٿان لٽڪ ۾ ٻڌي ٻيهاري. باپو صاحب جوڳ، روپي ٿالهيءَ ۾ بابا جا پير ڌوتا، هٿن کي چندن لڳايو ۽ واس ۾ پان وڌو. بابا جڏهن طوُل تي ٽيڪ ڏيئي ويٺا ته ڪي ڀڳت جن چنور ۽ ڪي پکا باباجن مٿان جهولائڻ لڳا. پوءِ شاما ڀڳت، بابا جي چلم تيار ڪري ٽاتيا پاٽيل کي ڏني، جنهن ڦوڪ لڳائي، ۽ پوءِ بابا کي ڇڪڻ لاءِ ڏني. بابا جي ڇڪڻ ڪانپوءِ، ڪن پريمين واري ورتيءَ، اُن چلم مان سوٽا ڪڍيا. ڌن آهي اُها سڀاڳي چلم، جنهن کي باباجن جا پوتر هٿ ڇهندا هئا ۽ پوءِ وري اُن کي پنهنجي مک تي لائيندا هئا. ڌنيه آهن اُهي پريمي جن، جن کي بابا جي چرڻن ڇهڻ جو موقعو مليو ۽ جن بابا کي گلن جي هارن سان جهنجهي ڇڏيو ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب، بابا جي آرچا پوڄا

ڪئي ۽ باباجن مات ميت ۾ سويڪار ڪئي.

آخر ۾ منگلا چار جا گيت ڳايا ويا ۽ آرتي ڪئي ويئي. آرتي سماپت ٿيڻ بعد ساري آيل سنگت، ٻوڻام ڪري هلندي رهي. اُن ڪانپوءِ تاتيا پاٽيل وري بہ بابا کي چلم ڇڪڻ لاءِ ڏني، گلاب جو پاڻي ڇڻڪاري ۽ عطر وغيرہ لڳائي موڪلايو تہ بابا چيو "تاتيا، منهنجي ديکڀال چڱي طرح ڪجانءِ. هيئنر پلي وڃ ۽ رات جو ڪنهن ڪنهن وقت اچي نظر ڪري وڃجانءِ." تاتيا هٿ جوڙي، ست وچن چئي، موڪلائي پنهنجي گهر ويو. هن جي وڃڻ ڪانپوءِ بابا خود چادرون وڇائي اُنهن تي وشرام ڪيو.

پاٺڪن کي ونتي آهي، تہ سمهڻ مهل هو بہ مٿين نظاري جو تصور ڪري، پوءِ بستري تي سمهن تہ ڪين فرحتي ننڊ ايندي.

( ڪَــل - ٣٨ )

## اَن جو اُتم دان - بابا جو ھٿڻ پوڄن تيار ڪرڻ ۽ ورھائڻ- ڇاڇ جو پيالو



مانوَ ڌرم شاستر ۾، ڀن ڀن ڀڳن جون ڀن ڀن ساڌنائون ٻڌايون ويئون آھن. ستجڳ ۾ تپ، ترينتا ۾ گيان، دواپر ۾ يگيہ، ڪلجڳ ۾ دان جو مھاتم ڪٿن ڪيل آھي. سيني دانن ۾ شريشٽ دان وري اَن جو دان آھي. منجھند جي وقت، جي پوڄن نہ ملندو آھي تہ سربو وچات يعني وياڪل ٿي ويندو آھي. ان ڪري، دُر ٿي آيل ڀڪشڪ کي اَن دان ڏيڻ تمام اُتم دان آھي.

تيترييہ اُپنشد ۾ لکيل آھي تہ ”اَن ئي برھم آھي ۽ اَن سان ئي سيني پراڻين جي اُتپتي ٿئي ٿي ۽ زنده رھي سگھجي ٿو ۽ مؤت بعد پڻ اَن ۾ ئي سمائجي ٿا وڃون. ان ڪري ٻن پھرن مھل، ڪوبہ اُتٿي يا مزمان اسان جي گھر ۾ اچي تہ اسانجو ڌرم آھي، ھن کي آدر سان پوڄن ڪرايون. ڌن، وستر ۽ زمين دان ڪرڻ مھل، اسان کي لائق ماڻھوءَ جو خيال ڪرڻ

کپي، ليڪن اُن دان ڪرڻ مهل، ويچار ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي.

لوُلن، لنگڙن ۽ بيمار بيڪارن جو ويچار رکڻو آهي ۽ پوءِ جن کي هٿ پير آهن تن جو ويچار رکڻ گهرجي. جن کي هٿ پير ناهن، تن جو حق اول نمبر ۾ آهي. اُن دان ڪانسواءِ، پيا اُن اهڙا اَپُورڻ آهن، جهڙو چندرما بنا تارا، هيري بنا هار، ڪلس بنا مندر، ڪمل گل بنا تلاو، ڀڳتي بنا پرڀو، سندر بنا سهاڳ، مڌر آواز بنا گانو، پاٺي بنا ڪوهہ، کير بنا گانءِ، ديپڪ بنا مندر، ۽ لوڻ بنا ڀڪوان. باباجن بہ سوچي ويچاري پوڄن تيار ڪري وراهيندا هئا.

(٢) باباجن پاڻ اَلپ آهاري هئا ۽ ڀکشا مان مليل آهار مان فقط ٻہ گرهہ کائيندا هئا. پر جڏهن ساري سنگت کي پوڄن کارائڻ جو خيال ٿيندو هون، تڏهن شروعات کان وٺي اَنت تائين پاڻ ئي بندوبست رکندا هئا. عام لنگر جو ڪم، ٻين جي آسري تي ڪون ڇڏيندا هئا ۽ هرويرو ڪنهن کي ڪشت ڏيڻ نہ چاهيندا هئا. لنگر لاءِ سيڌو سامان، ڀاڄيون، مصالح، ڪپڙو وغيرهہ پاڻ روبرو بازار ۾ وڃي، نقد ناڻو ڏيئي خريد ڪري ايندا هئا. ايتري قدر، جو اَناج پيسائڻ جو ڪم بہ خود پاڻ ڪندا هئا.

مسجد جي اڳڻ ۾ هڪ ٻني تيار ڪري، باهہ ٻاري

اُن تي ديڳ چاڙهي، اُن ۾ گهربل پاڻي وجهندا هئا. وڏيءَ ديڳ ۾ پنج سؤ ماڻهن جو ۽ ننڍيءَ ديڳ ۾ (١٠٠) جڻن جو ڀوڄن تيار ٿي سگهندو هو. ڪڏهن مٺا چانور ۽ ڪڏهن گوشت جو پلاءُ به تيار ڪندا هئا ته ڪڏهن دال ۽ منڪلي به ٺاهيندا هئا. پٿر جي شلا تي مصالح سنهو پيهي، ديڳ ۾ وجهندا هئا، اِنهي خيال کان ته جڻ ڀوڄن سيني کي وڻي. جوئر جي اَٽي کي پاڻيءَ ۾ اوٻاري، اُن ۾ ڇاڇ (لسي) ملائي "انٻل" ٺاهيندا هئا ۽ ڀوڄن سان گڏ وگڏ انٻل به سيني کي هڪ جيترو ڏيندا هئا. ڀوڄن کي پورو دم اچي، تنهن لاءِ پاڻ ڪفنيءَ جون ٻانهون مٿي ڪري، گرم ديڳ ۾ هٿ وجهي، چوڏاري گهمائيندا هئا، تڏهن به ڪين، نه گرم ٻاڦ جو اثر ٿيندو ۽ نه منهن تي تڪليف جي نشاني ڏسڻ ۾ ايندي هئي! جڏهن ڀوڄن تيار ٿي ويندو هو، تڏهن ٻوڙن گهرائي، مولويءَ کان فاتح پڙهائي، مهالساپت ۽ تاتيا پاٽيل لاءِ حصو ڪڍي، پوءِ آيل سنگت کي کارائي، باقي غريبن ۽ اناٿن کي کارائي ترپت ڪرائيندا هئا. ڌنيہ آهن اهي ڀاڳيہ شالي ماڻهو، جن کي باباجن جي هٿ جو ٺهيل ڀوڄن کائڻ لاءِ مليو.

هتي سوال ٿو اُٿي ته پلاءُ ۾ گوشت، ويشنوءَ ڀڳتن کي به ڏنو ويندو هو ڇا؟ جواب آهي ته ماس آهارين

کي ڏار ۽ ويشٽو ڀڳتن ۾ ورهائڻ وارا الڳ هوندا هئا. جنهن ڪنهن جي دل ۾ ڀچان پيدا نہ ٿئي. ماس ورهائڻ وارا، ويشٽو پوڄن جي برتن کي اصل هٿ ڪين لائيندا هئا.

(٣) هڪ ڀيرائن نيم اِهو بہ آهي تہ جيڪڏهن گورؤ طوفان پرساد ورهايو وڃي ۽ شش کي اُن لاءِ شنڪا پيدا ٿئي، تہ شش پنهنجي گورو ڌرم کان پٽت ٿيندو. ششن جي پريکيا وٺڻ لاءِ ايڪادشيءَ جي ڏينهن، دادا ڪيلڪر کي باباجن، ڪي روپيا ڏيئي چيو تہ ”گوشت خريد ڪري اَچ.“ دادا ڪيلڪر پوُرن ڪرم ڪانڊي ۽ ڪٽر ويشٽو هو ۽ سڀ نيم پاليندو هو، هن جي اِها ڌري ڀاونا هئي تہ گورؤ جي کهڙي بہ آگيا يڪدم پالڻ ڪرڻ ۾، گورو جي پرسنتا پراپت ڪري سگهبي ۽ آگيا ميڙڻ گويا دکشڻا پيت آهي.

دادا ڪيلڪر جلدي ڪپڙا پائي بازار وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، تہ بابا کيس واپس گهرائي چيو تہ ”تون خود نہ وڃ، ڪنهن ٻئي کي موڪل تہ وني اَچي.“ اِن تي دادا پنهنجي نوڪر پانڊوءَ کي گوشت وٺڻ لاءِ موڪليو. نوڪر کي ويندو ڏسي، بابا اُن کي بہ واپس گهرائي ورتو ۽ گوشت گهرائڻ جو ڪم مهمل ڪري ڇڏيو.

(٤) ٻئي هڪ موقعي تي، باباجن، دادا ڪيلڪر کان پڇيو تہ ”وڃي ڏس تہ نمڪين پلاءُ پوُري طرح

رڏو آهي يا نه؟" دادا ہنا وجڻ جــي يڪدم جواب ڏنو ته "بلڪل نيڪ رڏو آهي." اُن تــي بابا چيو ته "تو نه اکين سان ڏنو ۽ نه زبان سان چکي ڏٺو، پوءِ ڪيئن ٿو چوين ته پلاءُ بلڪل نيڪ ٿيو آهي. ديگ مٿان يڪڙ پاسيرو ڪري ڏس ته سهين." الين چئي، سندس ٻسانهن ڪي، ديگ ۾ وجهي چيائــون "مستي چڙي، هٿ سان ڪجهه ڪڍي پــوءِ چپاڙي ٻڌاءِ ته ڪئن ٿيو آهي." دادا حڪم مڃي جڻن واٽ ۾ ٿي وڌو ته بابا روڪي چيس ته "تون پرکشا ۾ پاس آهين." حقيقت ۾ ڪوبه گورو يا سنت، پنهنجي ڪم ڪانڌي ششيه ڪان، هن جي خيالن جي برخلاف زوريءَ ڪم ڪرائي، پنهنجي آڪيرتي (گلا) ڪين ڪرائيندو.

ديگين چاڙهڻ جو ڪاربه ڪرم ١٩١٠ع کان پوءِ بند ڪيو ويو چو تــه يڪت داس گڏوءَ جــي، شهران شهر ڪيرتن ڪرڻ ڪري، باباجن جو نـــالو اُهڙو پرسد ٿي ويو، جو ماڻهن جون ٽــولين پنيان ٽوليون شرڌيءَ ۾ ايندڀون رهنديون هيون ۽ باڻ سان قل قول ۽ منايون اپتريون ڪٺي ايندڀون هيون، جو غريبن اَناٿن ۾ چڱي طرح ورهائڻ ڪانپوءِ به بچي پونديون هيون.

يڪت گڏ نانا پرڪارن جا پرساد ٿالهين ۾ وجهي پڙدي جي الدر وڃي رکندا هئا. آرتــي سماپت ٿيڻ ڪانپوءِ اُدي پهوُت جي آشيرواد وٺي موٽي ويندا هئا

ڪنيون ڪـري، اسان جــي آمرت پان ڪرڻ لاءِ ڇڏي ويو.

ڪي شخص باباجن کي، پنهنجي ڪلپنا موجب براهمڻ ڪري سڏيندا هئا ۽ ڪي کيس مسلمان ڪري ڪوٺيندا هئا. مگر باباجن ٻنهي کان مٿي هئا. هو ايشور جي جاتِ پاتِ جا هئا ۽ اُنت تائين ڪنهن کي به پتو ڪين پئجي سگهيو ته سندن ماتا پتا ڪير هئا ۽ سندن ڪُل ڪهڙو هو. جي جي مسلمان هئا ته مسجد ۾ سدائين ڌوڻي دکائي وهڻ، تلسيءَ جا ٻوٽا لڳائڻ، شنک ناد گهڙيال ۽ ٻيا ساز وڄائي، ڪيرتن ڪرڻ ۽ ٻيون پوڄائون ڪرڻ جي موڪل ڪئن ڏين ها! سندن ڪن، هندن وانگي ٽوپيل هئا ۽ جهونن مندرن جي مرامت ڪرائڻ جو ڪم پڻ ٻيوٽا ڪري ڪرايائون! هندن جي ديون ۽ ديوتائن جي مورتن يا بتن جي بي آدبي ڪڏهن به ڪين ڪرڻ ڏنائون!!

هڪ ڀيري نانا صاحب چندورڪر پنهنجي ساڍوُ (سنڍوُ) شري ٻنوالي سان گڏ شرڊيءَ ۾ آيو ۽ مسجد ۾ اچي باباجن سان وارتالاپ ڪرڻ ويٺو ته باباجن اوچتو جوش ۾ اچي چيس ته ”تون منهنجي ”ساند ۾“ ۾ گهڻي وقت کان هن نموني ڇو هلت ڪري رهيو آهين؟“ نانا صاحب سمجهي ڪين سگهيو ته ان جو مطلب ڇا آهي ۽ هٿ جوڙي چيائين ته ”ڪرپا ڪري،

منهنجي اَپراد (ڏوھ) کان مونکي واقف ڪرايو."


باباجن اُنکي ڏنو تہ "تون پهرين ڪوپرگانو ۾ آئين، پوءِ شرڊيءَ ۾ ڪٿان اچي پهتين؟" نانا صاحب کي پنهنجي غلطي يڪدم ياد اچي ويئي. هن جو نيم هو تہ شرڊيءَ ۾ اچڻ کان اڳ، ڪوپرگانو ۾ گوداوري نديءَ جي ڪناري تي شري دت جي پوڄا ڪندو هو. پر هن پيري، ديوتي وچڻ سبب، شري دت جي پوڄا جو نيم اُلنگهن ڪري، سڌو شرڊيءَ ۾ هليو آيو هو. هن پنهنجو ڏوھ قبول ڪيو ۽ چيائين تہ "گوداوري نديءَ ۾ سنان ڪرڻ مهل، پير ۾ هڪ ڪنڊي جي چڀڻ وچڻ ڪري، ڏاڍو سوُر هوم." باباجن چيس تہ "توکي اها ٿوري سزا ملي آهي. آئينده پنهنجي نيم نوڙڻ کان ساوڌان رهج ۽ اول پوڄا جو نيم پورو ڪري پوءِ بئي پاسي وڃج. اول ڌرم پوءِ ڪرم."

( گـــل .. ٣٩ )



شرڊيءَ جي ڌرتيءَ جا ڀاڳ جاڳيا، جـو باباجن اُن ۾ پير پاتا ۽ شري دوارڪا مائي مسجد به ڏٺي آهي، جنهن ۾ باباجن اچي نواس ڪيو ۽ آخرين سماڌي ورتي. شرڊيءَ جا نر ناريون پڻ ڏٺيون آهن، جن کي باباجن جو درشن هر روز ٿيندو هو. باباجن جي پڌارڻ کـان پوءِ، شرڊيءَ جو ڇوٽو گرام، هڪ تيرٿ آستان بڻجي پيو، جتي هرڪو سنان ڪرڻ مهل، پيسائـي ڪرڻ مهل ۽ گهرو ڪم ڪندي، باباجن جا ڀڄن پيو ڳائيندو يا ٻڌندو هو.

ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته باباجن سنسڪرت جا ڄاڻو آهن. هڪ ڏينهن نانا صاحب چندورڪر کي گيتا جي هڪ شلوڪ جو ارٿ سمجهائي، سيني کـي وائڙو ڪري وڌائون، جنهن جو ورڻن ”سائين ليلا پتريڪا جي چوٿين ڀاڱي ۾ ڏنو ويو هو. تنهن کان پوءِ (١) سائين بابا جـا سڌانت ۽ وچن. (٢) وچتر سنت سائين بابا نالي ٻن پستڪن جي صورت ۾، بي وي نرسنهه ٢٧-٩-١٩٣٦ ۾ انگريزيءَ ۾ ظاهر ڪيا ۽ پـوءِ وري ”ڀڳتن کي آنيرو“ ڀاڱي ٽئين ۾ ڇپايا ويا.



سماڌي مندر جو ٻاهران ٻيو نظارو

نانا صاحب چندورکر خود ويدانت جــو ودوان وديارٿي هو. هن گيتا جــي ايياس لاءِ ڪيترين ئي ٽيڪائن پڻ پڙهيون هيون ۽ ڪيتن پنهنجي گيان جو اهنڪار پڻ هو ۽ انهن تي دل ۾ خيال هوس ته باباجن سنسڪرت کان بلڪل اڻواقف آهن. ان ڪري انترياميءَ باباجن، سندس اهنڪار ٽوڙڻ جو ويچار ڪيو. اُنوقت مسجد ۾ ماڻهو ٿوري انــداز ۾ ايندا هئا ۽ ايڪانت ۾ وارتالاپ ٻڌندا هئا پيا ڪندا هئا. هڪ اهڙي موقعي تــي نانــا صاحب، باباجن جــا چرن دٻــائي، ڪجهه گنگنائيندو رهيو هو.

بابا - نانا، تون ڌيري ڌيري ڇا چئي رهيو آهين؟

نانا - گيتا جو هڪ شلوڪ پڙهي رهيو آهيان.

بابا - اُهو شلوڪ ڪهڙو آهي؟ ڌاڍيان پڙهي ٻڌاءِ.

نانا - تد وڌي پرڻيپاتين پرپرشنين سيوتا

اُپد يکشيتي تي گيانم گيانسنتتو درشنهه.

بابا - توکي هن شلوڪ جو ارٿ اچي ٿو؟

نانا - جي مهاراج.

بابا - جي اچي ٿي تو ته مونکي ٻڌاءِ.

نانا - تنتو کي جاڻڻ وارن گياني پرشن کــي، پليءَ طرح ڏنڊوت ڪري، شيوا ۽ نشڪپٽ ڀاو سان، سوالن پڇڻ دئاران، اُنهيءَ گيان کي چڱي طرح سمجهيو آهي ۽ جن کي سچي وستو پراپت ٿي چڪي آهي، اُهي ئي گياني، توکي اُپديش ڏيندا.

بابا - نانا، مونکي اِهو ڀاو ارٿ نہ کپي. مونکي هرهڪ لفظ جو الڳہ اُچار ڪري، اُن جو ڌار ڌار ارٿ ڪري سمجھاءِ. (نانا ائين ڪرڻ شروع ڪيو.)

بابا - نانا، ٻڌاءِ تہ صرف ساشٽانگہ نمسڪار ڪرڻ ئي (پرڻپات) نيڪ آهي؟

نانا - نمسڪار ڪانسواءِ، پرڻپات شبد جو ٻيو ارٿ ئي نہ ٿو سگهجي.

بابا - پرپرشن جو ارٿ ڇا آهي؟

نانا - پرشن (سوال) پڇڻ.

بابا - پرشن جو ارٿ ڇا آهي؟

نانا - ساڳيو يعني سوال پڇڻ.

بابا - جيڪڏهن پرپرشن ۽ پرشن ٻنهي لفظن جو ارٿ ساڳيو آهي تہ پوءِ وياس مهاراج "پري" اُپسرگ ڇو ڪتب آندو؟ وياس مهراج جي بڌي ڀ ـــ چڪر کائي وئي ڇا؟

نانا - مون کي تہ پرپرشن لفظ جي ٻئي ارٿ جي خبر ناهي.

بابا - سيوا؟ ڪهڙي پرڪار جي سيوا؟

نانا - جيڪا سيوا اسين ڪندا آهيون.

بابا - ڇا، اِها سيوا پرياپت (نيڪ) آهي؟

نانا - اِن کان وڌيڪ مونکي سيوا لفظ جي ارٿ جي خبر ناهي.

بابا - هينئين سنت ”اُپد يکشيتي تي گيانم“ ۾، گيانم لفظ جي جاءِ تي بيو لفظ ڪتب آڻي ارٿ ڪري سگهندين؟

نانا - جي ها.

بابا - ڪهڙو لفظ؟

نانا - اُگيانم.

بابا - لفظ اُگيانم جي ڪتب آڻڻ ڪري، ڪهڙو ارٿ بيهندو؟

نانا - جي نه. ”شنڪر ڀاشيه“ ۾ ان طرح جي ڪا به رچنا ڪانهي.

بابا - نه آهي ته پوءِ ڇا؟ جيڪڏهن اُگيانم لفظ ڪتب آڻڻ سان، بيو سنو ارٿ نڪري سگهي ته ان ۾ ڪهڙو اعتراض هئڻ گهرجي!

نانا - مان نٿو سمجهان ته ان سنت ۾ اگيان لفظ ڪنهن به طرح ڪتب آڻي سگهبو.

بابا - ڪرشن مهراج اُرجن کي گيانين ۽ تتو درشين کي نمسڪار ڪرڻ، سوال پڇڻ ۽ سيوا ڪرڻ جو اُپديش ڇو ڏنو هو؟ ڪرشن پاڻ تتو درشي ڪين هو ڇا؟ ڪرشن پورو ۽ يٿارٿ گياني ڪين هو ڇا؟

نانا - جي هان، بيشڪ پورن گياني هو. پر منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪرشن، اُرجن کي ٻين گيانين لاءِ ڇو چيو؟

بابا - تنهنجي سمجهه ۾ اچا ڪين آيو ڇا؟

اهو ٻڌي نانا (وچلت) لاجواب ٿي ويو ۽ سندس گهمنڊ دور ٿي ويو. پوءِ بابا خود اُن جو اَرٿ هن طرح سمجهايس.

(١) گيانين کي فقط ساشٽانگ نمسڪار ڪرڻ ٺيڪ ناهي. اسان کي اُنهن پاڻ سان ستگورن جي شرڻ ۾ پوڻ گهرجي.

(٢) فقط سوال پڇڻ به ٺيڪ ناهي. ڪوئي پرورتي يا پاکنڊ جا ٻول، جار ۾ ڦاسائڻ يا هرويرو چوڪ ڪڍڻ جي ڀاونا سان، سوال نه پڇڻ گهرجي پر اُن جي بدران، فقط موکش يا آڌياتمڪ مارگ تي واڌاري ڪرڻ جي تيز چاهه ۽ تکي ڀاونا سان ئي پرشن پڇڻ گهرجي.

(٣) ”مان نه شيوا ڪرڻ يا قبول نه ڪرڻ لاءِ بلڪل سوتنتر آهيان“ واري ڀاونا سان، جيڪو ڪم ڪندو، تنهن کي شيوا ڪين ڪوئي سگهبو. هن کي اَليڙ ڪرڻ گهرجي ته مون کي پنهنجي سرير تي به اَڌڪار ناهي. سرير تي اَڌڪار صرف گورو جو ئي آهي، ۽ فقط ان جي شيوا لاءِ ئي، هو ٻڌل آهي.

انهيءَ طرح هلت ڪرڻ سان ئي، گوروءَ دئارا، گيان جي پراپتي ٿي سگهندي، جنن هن شلوڪ کان مٿئين شلوڪ ۾ ٻڌايو ويو آهي.

نانا جي مغز ۾ اچا ڪين وينو نه گورو، ڪهڙيءَ طرح اَگيان جي سکيا ڏيندو!

بابا - گيان جو اُپديش يعني آنيندڙ ۾ آنيو پراپت ٿيڻ واري سگهيا. اگيان جي ناس ڪرڻ کي گيان ٿو چئجي. گيتا جي ١٩-٦٦ شلوڪ ۾ چيل آهي ته "هي اَرجن! جيڪڏهن تنهنجي لبد ۽ سپني ۾ پنگ پوي، تڏهن تون پاڻ آهين. گيانيشوري گيتا جي ڀاڱي ١٦-٥ ۾ لکيل آهي ته "گيان ۽ اگيان ناس ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪو تفاوت آهي ڇا؟" انڌڪار ناس ٿيڻ جي معنيٰ آهي "پرڪاش." جڏهن اسين "دوئيت ڀاوَ" ناس ڪرڻ جي چرچا ڪندا آهيون، تڏهن گڏ وگڏ اَدوئيت ڀاوَ جي به ڪندا آهيون. ساڳي انڌڪار کي ناس ڪرڻ جي چرچا معنيٰ پرڪاش جي ڳالهه ڪرڻ. جيڪڏهن اسين اَدوئيت ڀاونا جو آنيو ڪرڻ ٿا چاهيون ته اسان کي دوئيت ڀاونا کي ناس ڪرڻ ٿي، دوئيت ڀاونا پراپت ڪرڻ جي نشاني آهي. دوئيت ڀاوَ ۾ رهي، اَدوئيت جي چرچا ڪيئن ڪري سگهندو؟ پد لي پهچڻ کانسواءِ، آنيو پراپت ڪئن ٿيندو؟

ششيه به گوروءَ وانگر، گيان جي مورتي آهي پر ٻنهي ۾ اوچي اَنيو، اَدويت ۽ الوڪڪ ستيه، يوگيتا ۽ ايشور به يوگ جي منزل جو تفاوت رهي ٿو، ستگورو نرگڻ نراڪار سچدانند آهن. هو پنهنجي اِڇا اَنوسار ٿي، منش جاتيءَ جي ڪلياڻ لاءِ ۽ وشو ڪلياڻ لاءِ شريرڌارڻ ڪن ٿا. تنهن هوندي به، هنن انيڪ پرماتما

جي ستا جي وچ ۾ ڪا به رنڊڪ ڪا نه ٿي پوي. هن جي ستيه وستو جي پراپتي، ديوي شڪتي ۽ گيان هميشه هڪجهڙو رهي ٿو. حقيقت ۾ شِشيه (جيو) جو روُپ ٻاڻ ٿي آهي پر بي انت جنمن جي سبب ڪري، شِشيه جي شرير ۾، اگيان اُڀڻ ٿو لڳي، جنهن جي اَثر ڪري، جيو ڀرم ۾ ڦٿجيو وڃي ۽ پنهنجي سچي سروُپ کي وساري ويهو چوي ته "مان" هڪ دربل ۽ اَسهايه پراڻي آهيان.

گورو انهي گيان جي جڙ (ٻاڙ) کي ڪاٽي ڦٽو ڪري ٿو ۽ سکيا ڏيندو رهي ٿو، ته تون خود ايشور آهين ۽ سرو شڪتيوان آهين، تڏهن آهستي آهستي جيو جو اهو ڀرم دوُر ٿئي ٿو ته مان ۽ هي دنيا، ڌار ڌار وستوُ نه آهيون مگر هڪ آهيون. اِنهي ڀرم ۽ اَگيان ناس ڪرڻ لاءِ اسان جيون کي ٻاڻ کان سوال پڇڻ کپن ته (١) هي اگيان ڪٿان پيدا ٿيو؟ (٢) ايشور ڪٿي آهي؟

اگياني جيو جي من ۾ خيال پيدا ٿين ٿا (١) مان هڪ پراڻي جيو آهيان (٢) آتما نه پر سرير آهيان (٣) ايشور، وشو ۽ جيو جدا جدا وستوُ آهن (٤) مان ايشور نه آهيان (٥) شرير آتما ناهي (٦) ايشور وشوُ ۽ جيو جي ايڪتا جو اَنڀؤ هن کي ناهي. جيسين اِنهن سوالن جو پورو جواب شِشيه کي اَنڀؤ نٿو ڪرايو وڃي، تيسين هو ٻاڻ کي جدا ۽ ايشور کي جدا سمجهندو ٿو رهي.

انهي اَنيؤ ڪرائڻ کي ئي گيان جو اُپديش چيو ويو آهي. هاڻي سوال ٿو اُٿي تہ جيڪي ”لون پاڻ گيان مورتي آهين.“ جو سبق پاڙهڻ يا منتر پڪي ڪرائڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ جواب آهي تہ جيو يا پراڻيءَ جي من مان شڪ دوُر ڪرڻ لاءِ اِهو منتر بار بار پڪي ڪرائڻ کان پوءِ ئي، اگيان دوُر ٿئي ٿو.

باباجن چيو تہ (١) پرڻيپات شبد جي معنيٰ آهي شرڻاگتي. (٢) شرڻاگتي معنيٰ تن، من ۽ ڌن گوروءَ کي سؤنپڻ يعني گوروءَ جي اَنيہ ڀاوَ سان ڀڳتي ڪرڻ. (٣) ڪرشڻ ڀڳوان ٻين گيانين لاءِ اِشارو ڏنو آهي تہ سچي ڀڳت لاءِ، هرڪا وستو ”واشديو“ جو روُپ آهي (ارٿات - گورو، پنهنجي ششيہ ۽ ڀڳت لاءِ، ڪرشن روُپ آهي - اَڌياءِ ٧-١٠) گورو، پنهنجي ششيہ کي واشديو ڪري مڃي ٿو ۽ ڪرشڻ ڀڳوان، ٻئي گورو ۽ ششيہ کي پنهنجي آتما پراڻ ڪري چوي ٿو. (گيان ديو جي ٽيڪا اَڌياءِ ٧-١٥) چاڪاڻ تہ ڪرشڻ ڀڳوان کي خبر هئي تہ اهڙا ڀڳت ۽ گورو بہ (وديمان) هلندڙ زماني ۾ موجود آهن، تنهن ڪري اُنهن جي مهانتا ۽ وڏائي پرسڌ ڪرڻ لاءِ، شري ڪرشڻ، اَرجن کي اِئين صاف صاف چئي ٻڌايو.

باباجن ڪجهہ بہ ڪرڻ چاهيندا هئا تہ ڪنهن سان اَن باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪين ڪندا هئا پر آسپاس اهڙو

واڳاڙڻ ۽ حالت پيدا ڪندا هئا، جو سنگت کي اول ته ٻيو آخر ۾ پڪيءَ طرح اهو ڪم پورو واس ٿيل ڏسي وسمي ۾ وجهي ڇڏيندا هئا.

ناگپور جو مشهور لکاپتي شريمان ٻاٻو صاحب ٻُوٽي، ڪٽنب سميت شرڌيءَ ۾ رهندو هو. هن کي هڪ ڀيري خيال آيو ته شرڌيءَ ۾ پنهنجو هڪ واڙو ٺهرائي. ڪجهه وقت ڪانپوءِ جڏهن هو ديکشت واڙي ۾ ننڊ ڪري رهيو هو ته سپني ۾ ڏٺائين ته باباجن چون ٿا ته "تون هتي پنهنجو هڪ واڙو ۽ مندر ٺهراءِ." شاما ڀڳت پڻ اتي ننڊ ڪري رهيو هو ۽ اُن کي به ساڳيو ئي سپنو ڏسڻ ۾ آيو. ٻاٻو صاحب جڏهن اٿيو ته شاما ڀڳت کي روئندو ڏسي، اُن جو سبب کانئس پڇيائين ته شاما چيو: "هينئر هينئر سپني ۾ باباجن منهنجي بلڪل ويجهو اچي، صاف لفظن ۾ چيو ته "مندر سان لاڳيتو هڪ واڙو ٺهرايو. مان سڀني ڀڳتن جون اڇائون پوُرن ڪندس." باباجن جا اهي مڌر شبد ٻڌي، منهنجي اندر ۾ پريم جون ڇولون مارڻ لڳيون ۽ منهنجو گلو رڪجي ويو، اکين مان آنسون وهڻ لڳا ۽ مان زور سان روئڻ لڳس." ٻاٻو صاحب اسچرج ۾ پئجي ويو ته مون ۽ شاما ٻنهي ساڳيو ئي سپنو ڏٺو آهي. هن يڪدم واڙي ٺهرائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ شاما سان گڏجي، هڪ نقشو تيار ڪيو، جو ڪاڪا صاحب

د يکشت کي پڻ نيڪ لڳو. پوءِ جڏهن باباجن جي اڳيان اهو نقشو پيش ڪيو ويو تہ باباجن اُن جي سويڪرتي (منظوري) ڏني ۽ ڪم چالو ڪيو ويو. شاما جي سنڀال هيٺ، هيٺين منزل، تهخانو ۽ کوهہ ٻئي تيار ٿيا. باباجن بہ ليندي ڏانهن ايندي ويندي، ڪهمائش ڏيئي ويندا هئا. پوءِ اهو ڪم ٻاپو صاحب جوڳہ جي حوالي ڪيو ويو.

ڪم هلندي، ٻاپو صاحب جوڳہ کي خيال آيو تہ ڪجهہ کليل پاڱو بہ ڇڏيو وڃي ۽ اُن جي نيڪ وچ ۾، مرليڌر جي منوهر مورتي پڻ استاپن ڪئي وڃي. هن اهو خيال شاما کي ٻڌائي چيو تہ ”باباجن کان اُن جي قبوليت وٺي ڇڏ.“ پوءِ جڏهن باباجن اتان پوسان لنگهيا، تڏهن شاما باباجن کي اِن باري ۾ عرض ڪيو ۽ هن منظوري ڏني. منظوري ملڻ کانپوءِ ڪم آرنڀ ڪيو ويو ۽ شاما جي نظرداريءَ ۽ ديک ڀال هيٺ ڪُلين سان پڻ ڪيل منهہ پڻ تيار ٿي ويو.

هڪ ڏينهن باباجن واڙي پوسان لنگهندي چيو تہ ”جڏهن مندر تيار ٿي ويندو تہ مان پاڻ اُن ۾ اچي نواس ڪندس. واڙي تيار ٿيڻ بعد، اسين سڀ واڙي ۾ اچي رهنداسين، گهمنداسين، ڦرنداسين ۽ پاڻ ۾ ڀاڪر پائي، آنند پُورڪ رهنداسين.“

شاما پوءِ چيو تہ ”هن مورتيءَ کي وچ ۾ پراجمان

ڪرڻ جو مهورت ڪريون؟“ بابا جي ها ڪرڻ تي، ناريل آڻي ڀڳو ويو ۽ ڪم پرارمڀ ڪيو ويو. نيڪ سمي تي، مرلي منوهر جي سندر مورتيءَ بڻائڻ جي پربنڌ ڪرڻ ۾ وکهن پئجي ويو، جو اوچتو باباجن جي سريرجي حالت چنتا جنڪ ۽ گنڀير ٿي وئي ۽ ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته سريرتياڳ ڪرڻ وارا آهن. اهو ڏسي باپوصاحب کي چنتا وڌي وئي ته باباجن هليا ويا ته واڙو، سندن پوتر چرن ڪملن جي سپرش ڪرڻ کان (وانچت) خالي رهجي ويندو، ۽ واڙي تي منهنجو خرچ ڪيل هڪ لک، سندن پيرن گهمائڻ کانسواءِ وئرٿ، اجايو ۽ بيسود ٿيندو. ليڪن هن جي منشا پوري ڪرڻ لاءِ جڏهن باباجن فرمايو ته ”موکي واڙي ۾ ئي رکجو، تڏهن بوٽي صاحب ۽ ٻين ڀڳتن کي شانتي آئي. پوري وقت گذرڻ بعد، باباجن جو پوتر شرير، مرليڌر جي مورتيءَ رکڻ واري جاءِ تي رکيو ويو يعني بابا خود مرليڌر ٿي ويو ۽ واڙو بدلجي، سائين بابا جي سماڌي جو مندر ٿي پيو! سنتن جي اڳاڌ ليلائن جو ڪوبه پار ڪين پائي سگهندو. ڌنيه آهي باپوصاحب بوٽي، جنهن جي تاهيل واڙي ۾ سائين بابا جو پوتر شرير، اڄ ڏينهن وشرام ڪري رهيو آهي.

(ڳالھ - ٤٠)

## گپت رُوپ ۾ وڃي انجام ٻاڙڻ - ڦوٽي جي روپ ۾ اچي پوڄن ڪرڻ



سائين بابا پنھنجو پوتو ھٿ، ڀڳتن جي مستڪ تي رکي، ڪين پنھنجي شڪتي پردان ڪندا ھئا ۽ ڀيد ڀاؤ جي ڀاونا کي ناس ڪري، اُنھن کي نه پراپت ٿيڻ جھڙيون شيون پڻ پراپت ڪرائي ڏيندا ھئا. جيڪي به پريمي ڀڳتي ڀاؤ سان سائين بابا جي چرنن لي اچي ڪرندا ھئا ته سائين بابا پڻ ڀيد ڀاؤ وساري، ڪين ھردي سان لڳائيندا ھئا ۽ ڀڳتن سان اھڙو ملي ويندا ھئا جئن ورشا جي منڊ ۾ نديون سمنڊ ۾ ملي وينديون آھن. مطلب ته جيڪي به پرماتما جي ڀڳتن جا گڻ گان ڪندا آھن، اُھي ايشور کي وڌيڪ پيارا لڳندا آھن.

ٿاڻي ضلع جو ماملتدار بي وي ديؤ ڏھاڻو واري جي ماتا، ٢٥-٣٠ ورت (لاڳيتا) رکيا ھئا، جن جو (اُد ياپن) سماپتي ڪرڻ بلڪل ضروري ھو ۽ جنھن سان گڏ وڪڏ ١٠٠-٢٠٠ براھمڻ جو پڻ پوڄن ٿيڻ وارو ھو. شري ديؤ ھڪ ٿت جو فيصلو ڪري، باپو صاحب جوڳ کي

چٺي لکي شرڌيءَ ۾ موڪلي ته ”منهنجي طوفان، سائين
بابا کي اُڏيائين ۽ پوڄن ۾ اچي شامل ٿيڻ لاءِ ڪوٺ
ڏجو ۽. پرارٿنا ڪجو ته سندن غير حاضر رهڻ ڪري،
منهنجو اِهو رچيل اُتسوُ اَپورڻ ليکيو ويندو. مون کي
آشا آهي ته باباجن، ٻڍاٽوءُ ۾ چرڻ گهمائي مون کي
ڪرتارٿ ڪندا.“ اِهو پتر جڏهن باباجن کي پڙهي ٻڌايو
ويو تڏهن باباجن چيو ”ته جيڪي منهنجو سمرڻ ڪن
ٿا، اُنهن جو مونکي سدائين خيال رهندو آهي. جيڪو
مونکي پريم سان سڏ ڪندو، اُلي مان بنا دير، گاڏيءَ
يا ومان کانسواءِ به وٽي پرگهٽ ٿيندس.“ کيس جواب
موڪليو ته ”مان، تون ۽ هڪ ٻيون جڻو گڏجي وٽس
ايندا سين.“ بابا جا اِهي وچن شري جوڳ، شري ديو
کي لکي موڪليا، جو پڙهي ديو ڏاڍو خوش ٿيو.
ليڪن کيس خبر هئي ته باباجن، رٿي، رهاٽا ۽ نيمر گانو
کان سواءِ ٻئي هنڌ ويندائي ڪونهن. پر وري ويچار
آيس ته باباجن لاءِ ڪجهه به اَسمڀو ناهي، هي سروَ وياپي
آهن ۽ ڪنهن ڏ ويس ۾، پرگهٽ ٿي، پنهنجو
وچن پورو ڪندا.

اُديائين اُتسو کان ٿورا ڏينهن اڳ، ڍهاڻو اِسٽيشن تي
هڪ سنياسي، ساڌو لٿو، جو ٻاتل ٻهريس مان بنگالي
ساڌو ٿي لڳو. پوءِ ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته ڪٿو
رڪشا سمستا جو سيوڪ آهي. هو سڌو اِسٽيشن ماستر

وت ويو ۽ هن کي چندي ڏيڻ لاءِ نويدن ڪرڻ لڳو. إسٽيشن ماستر صلاح ڏنس ته ”هتي مامتلدار وت وڃ ته هو توکي چندن وني ڏيڻ ۾ چڱي مدد ڪندو.“ ليڪ اُن وقت اُهو مامتلدار به اُتي اچي نڪتو. إسٽيشن ماستر مامتلدار سان سنياسيءَ جي واقفيت ڪرائي ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا إسٽيشن جي پليٽفارم تــــي ڳالهيون ڪندا رهيا. مامتلدار ٻڌايس ته ”هن شهر جي پرمک ناگرڪ راءِ صاحب نوولڪر سيٺيءَ، ڌرمي ڪارين جي چندي ڪٺي ڪرڻ لاءِ هڪ لست اڳيئي تيار ڪئي آهـــي، تنهن ڪري تنهنجي چندي ڪٺي ڪرڻ لاءِ ٻي لست ناهڻ ليڪ ڪين ٿيندي. بهتر آهي ته توهين ٢-٤ مهنا رکي، پوءِ اچي درشن ڏجو.“ اهو ٻڌي سنياسي هليو ويو.

ٻ هڪ مهني ڪاپوءِ شري ديوَ جي گهر جي سامهون اچي ٽانگي مان لٿو. ڪيس ڏسي ديوَ دل ۾ چيو تـــ ”چندو گهرڻ آيــو آهي“ ۽ ڪر کي لـڳي ويو. تنهن تي سنياسي چيس ته ”شريمان، مان چندي لاءِ ڪونه آيو آهيان ٻر پوڄن ڪرڻ لاءِ آيو آهيان.“

ديوَ - ڀلي آيا. وڏي خوشيءَ جي ڳالهه ڇٻي.

سنياسي - مون سان گڏ ٻه ٻالڪ ٻيا ٻڻ آهن.

ديوَ - ته ڪرپا ڪري اُنهن کي ٻاڻ سان وٺي اچو. پوڄن ۾ اجا ٻه ڪلاڪ دير آهي. جي آگيا ڏيو ته مان ڪين گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليان.

سنياسي - اوهين چنتا نہ ڪريو. مان پوري وقت تي اچي حاضر ٿيندس.

ڏيڪ - ڪرپا ڪري ٻن ٻهون جي مهل اَچجو.

پوري (١٢) ٻجي، ٽي ڄڻا ٻرابر آيا ۽ پنگت ۾ شامل ٿي ڀوڄن ڪري هليا ويا. اُنسؤ سماپت ٿيڻ بعد ڏيو، خط ۾ بابو صاحب کي ڏوراپو لکي موڪليو تہ ”باباڄن وچن ڀنگ ڪيو آهي.“ بابو صاحب اُهو خط کڻي باباڄن وٽ آيو تہ باباڄن چيس تہ ”اڙي، مون ٻرابر آئي وچڻ جو وچن ڏنو هو ۽ مان ڪيئن ڏوکو ڏيئي آيو آهيان. ڪيس لکي موڪل تہ مان ٻن ڄڻن سان گڏجي سندس ڀوڄن ۾ شامل ٿيو هوس. ۽ هو مون کي سڃاڻي نہ سگهيو تہ پوءِ مون کي ڪوٺ ڏيڻ جو ڪشٽ ڇو ڪيائين؟ تون لکي موڪليندس تہ ”تو سمجهيو هو تہ سنياسي چندو وٺڻ آيو آهي پر هن توکي چيو تہ ٻہ ڄڻا ٻيا بہ پاڻ سان وٺي ايندس. ۽ ٺيڪ ١٢ ٻجي ٻن ڄڻن کي وٺي ڀوڄن ۾ شامل ڪين ٿيو؟ مان پنهنجي وچن پالڻ لاءِ سڀڪنهن نڇاور ڪندس پر وچن کي ڪوڙو ٿيڻ ڪين ڏيندس!!“

انهيءَ جواب ملڻ تي شوي جوڳي کي ڏاڍي پرسنتا ٿي ۽ موٽ ۾ پورو جواب لکي موڪليائين، جو پڙهي، ڏيو جي اکين مان لڙڪن جي ڌارا وهڻ لڳي ۽ پاڻ تي ڪاوڙ ڪرڻ لڳو ته ”مون هرويرو باباڄن تي وچن

پيگ ڪرڻ جو ڏوهه مڙهيو.“ وڏيڪ ٻاڻ ڀي ٻه عجب ڪانڻ لڳو ته ”چو ڪين مون چندي ونڻ واري سنياسيءَ کي سڃاتو ۽ ٻن ڄڻن کي آڻڻ جو ارٿ ڇو ڪين سمجهيم؟“ هن ڪٿا جو مطلب آهي ته جڏهن ڀڳت، اُنهيءَ پاڻ سان سٽگوروءَ جي شرڻ ۾ اچي تو لڏهن هن کي اُنهيءَ ٿيڻ شروع ٿيٿو ته سندس سڀ ڪم نروگهن ۽ ماپت ٿيندا ٿا رهن.

(٢) ١٩١٧ع پورڻما جي رات هيماڊپنت سپني ۾ ڏٺو ته سنياسي جي واس ۾، هڪ ماڻهوءَ جاڳائي چيس ته ”مان هوليءَ جي فلاڻي ڏينهن لو وٽ اچي پوڄن ڪندس. سپني ۾ سنت جو درشن ته پاڳن جي نشاني آهي. جڏهن سندس ننڊ کلي لڏهن سپني جي يادگيري آيس ۽ اکـر به چٽا ياد هيس پـر سنياسي اڳي ڪڏهن ڏٺل ڪونه هوس. هيماڊپنت گذريـل سٽن سالن کان باباجن سان گڏ رهي سندن شيوا هر طرح جي ڪئي هئي ۽ ڌيان به سندن ئي ڪندو هو، ته ٻه ڪيس خواب خيال نه هو ته، ڪڏهن باباجن سندس گهر ۾ پڌارجي پوڄن ڪندا ۽ گهر کي پوتر ڪندا.

صبح جو پنهنجي استريءَ کي خوش ٿـي چيائين ته ”اَڄ هوليءَ جو ڏينهن آهي. هڪ سنياسي اَتٿي (مزمان) پڻ ايندو، ان ڪري ”پت“ وڌيڪ ٺاهجانءِ.“ سندس زال چيس ”سنياسي ڪٿي جو ۽ ڪير آهي؟“

اِن تي هيماڻ پنت، ڏيس سڀني واري سنياسيءَ جي ڳالھ ٻڌائي ڇيو تہ ”مان ٻانيان ٿو تہ اِهو سنياسي شوديءَ وارو بابا آهي.“ زال چيس تہ ”اِها ڪا ٿيڻي آهي، جو شوديءَ وارو بابا، اُلي جا اُلر ڀڳوان ۽ ٻيا سنا مال ڇڏي، ايترو پريان اچي اسانجو رکو سکو ڀوڄن کائيندو!“ هيماڻ پنت چيس تہ ”بابا لاءِ هتي ڀھچڻ ڪا بہ وڏي ڳالھ ناهي. باقي اِئين ٿي سگهي ٿو تہ پاڻ خود نہ پر ٻئي روپ ۾ اچن. جي نہ آيا تہ بہ وڏيڪ ”پت“ ناهڻ ۾ ڪو نقصان آهي ڇا؟

ٻئي ڀوڄن جي تياري ڪرڻ لڳا. هولڪا جي پوڄا ڪري پاٽلون وڇائي، اُنهن جي چوڌاري ”رنگولي“ لڳائي ويئي. ٻہ قطارون ناهيون ويئون ۽ اُنهن جي وچ ۾ سنياسي مزمان لاءِ جاءِ ڇڏي ويئي. ڪٽنب جي سيني آيل پاٽين ۽ نياڻين ۽ ناتين اچي پنهنجي جاءِ والاري ۽ ڀوڄن ورهائڻ پڻ شروع ڪيو ويو ۽ هرڪو سنياسي مزمان لاءِ اکير وچان نهاري رهيو هو. پوري (١٠) بجي، گهر جو دروازو اندران بند ڪري، اِشارو ڪيو ويو تہ ”ڀوڄن پايو.“ سيني گرهہ ڪري شري ڪرشڻ ارپڻ ڪري پاسيرو رکيو تہ ڏاڪڻ تي ڪنهنجي چڙهڻ جو آواز ٻڌائون.

هيماڻ پنت دروازو کوليو ۽ ڏٺائين تہ (١) علي محمد (٢) مؤلانا مجاور اِسمو ٻيئا آهن! ٻنهي ڀوڄن پوچيل ڏسي

## ( گل - ٣١ )



گلريال ڏوني واري وارتا کان (٩) نو سال پوءِ علي محمد جو هيماڊپنت سان گڏجاڻ ٿيو ۽ فوٽي جي باري ۾ ٻڌايائين. هڪ ڏينهن گهمندي ڦرندي، هڪ دڪاندار کان، بابا جو فوٽو خريد ڪيم ۽ اُن کي فريم چاڙهي، پنهنجي باندرا واري گهر ۾، ڀت تي ٽنگي ڇڏيم ۽ هر روز شرڌا ۽ پريم وچان، باباجن جو اُن ۾ درشن ڪندو هوس. اوهانجي هولي اُتسو ملهائڻ کان ٽي (٣) مهينا اڳ، منهنجو پير سڄي پيو هو، جنهن جو آپريشن به ڪرايم ۽ پنهنجي سالي نور محمد جي گهر ٽڪيو پيو هوس.

باندرا واري گهر ۾ ٽن مهينن کان تالو لڳل رهيو ۽ گهر ۾ پرست بابا عبدالرحمان، مؤلانا صاحب، محمد حسين، سائين بابا، بابا تاجدين ۽ ٻيا سنتن جي فوٽن جي روُپ ۾ حاضر هئا، ليڪن ڪال جي چڪر انهن فوٽن کي به ڪين ڇڏيو. هتي نه صرف سائين بابا جي فوٽي ڪانسواءِ ٻين کي اُڏهيءَ ناس ڪيو هو، جنهن مان سائين بابا جي شڪتي ۽ سرووياپڪتا جو پتو پوي ٿو.

کي سال اڳي، مونکي محمد حسين ٺارنا ٺوبڻ کان سنت بابا عبدالرحمان جو فوٽو مليو هو، جو مون پنهنجي سالي نور محمد پيرياڻيءَ کي ڏنو، جو انهن سالن کان سندس ميز تي رکيل هو. هڪ ڏينهن هنجي نظر اُنهي فوٽي تي پيئي ۽ اهو فوٽوگرافر وٽ وڃي اُن کي (اينلارج) وڏو ڪرايو ۽ اُنجون ڪاپيون (نقل) ڪڍائي، پنهنجن دوستن ۽ مائٽن ۾ ورهايائين، جن مان هڪ ڪاپي مونکي به ملي، جا مون باندرا واري گهر ۾ ٽنگي ڇڏي هئي.

نور محمد سنت عبدالرحمان جو (شش) مريد هو. جڏهن هن جي عام دربار لڳي هئي تڏهن نور محمد، وڏي فوٽي جي پيٺا ڪرڻ لاءِ روبرو ويو. پر فوٽي کي ڏسندي ئي، سنت عبدالرحمان ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ نور محمد کي مارڻ لاءِ اٿيو ۽ ڪيس ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين، جنهن تي نور محمد کي ڏاڍو ڏک ۽ ٿراسائي ٿي.

پوءِ ويچار آيس ته مون ڪيترا روپيا خرچ ڪيا ۽ موٽ ۾ پنهنجي مرشد جو ناراضپو ۽ ڪاوڙ پرايم، ڇو ته هو مورتي پوڄا جو ورونڌي (برخلاف) هو، تنهن ڪري اهو فوٽو هٿ ۾ کڻي اپالو بندر تي اچي، هڪ ٻيڙي ڪري، وچ سمنڊ ۾ سون دريا ڪري آيو ۽ بين مترن ۽ سنبنڌين سان وينتي ڪري، (٦) فوٽا واپس

واپس وئي، باندرا جي ويجهو سمنڊ ۾ هڪ ماڇيءَ هٿان جل پرواهه ڪرائي ڇڏيا.

مان اڃا سالي جي گهر ۾ ئي هوس ته نور محمد مونکي چيو ته جيڪڏهن توهان سنتن جا سڀ فوٽا سمنڊ ۾ وجهائي ڇڏيندين ته توهان جلد ئي چاڪ ٿي پوندين. اِهو ٻڌي، مون پنهنجي مئنيجر ”مينا“ کي باندرا موڪليو ۽ گهر ۾ ٽنگيل سڀ فوٽا، مئنيجر جي معرفت سمنڊ ۾ ڦٽا ڪرائي ڇڏيا. ٻن مهنن کان پوءِ جڏهن مان پنهنجي باندرا واري گهر ۾ موٽي آيس ته ڏٺم ته سائين بابا جو فوٽو، اڳي وانگر ڀت تي ٽنگيو پيو هو! مان سمجهي ڪين سگهيس ته منهنجي مئنيجر جڏهن سڀ ٽنگيل فوٽا سمنڊ ۾ لوڙهي ڇڏيا ته پوءِ فقط سائين بابا جو فوٽو ڪيئن بچي ويو؟

مون يڪدم اُهو لاهي ڇڏيو، متان منهنجي سالي جي اُن تي نظر پوي ۽ اُن کي پڻ ڦاڙي ڇڏي. مان اڃا اِهو ويچار ڪري رهيو هوس ته فوٽي کي ڪٿي سنڀالي رکان، ته باباجن پاڻ مونکي صلاح ڏني ته مؤلانا مجاور وٽ وڃي، هن جي هدايت ۽ اڇا موجب ڪم ڪر. مان مؤلانا سان وڃي گڏيس ۽ سڀ ڳالهه ٻڌايومانس. ٿوري وقت سوچڻ بعد، هو هن فيصلي تي پهتو ته اِهو سائين بابا جو فوٽو هيماڊپنت کي سؤنپڻ ئي واجب ۽ سڀ کان سنو اُپاءُ ٿيندو. اِها صلاح ٻنهي

ڪري، اسين ٻئي اوهان جي گهر آياسين، سائين بابا جو فوٽو اوهان کي سوُنپي وياسين.

مٿين ڳالهه مان ظاهر آهي تہ سائين بابا ”لوڪال درشي“ هئا ۽ کهڙي نہ سندر نموني ۾ پنهنجي ڀڳت هيماڊ پنت جي اڇا پوري ڪيائون.

”برهم گياني ڪا ڪوُن جاني ڀيد
برهم گياني ڪئہ سدا آد يس.“

(گورواڻي)

(٢) جنهن وقت دهاڻوُ ۾ بي وي ديو، ماملتدار هو، اُن وقت کيس بين ڌرمي گرنٿن سان گڏ وگڏ گياڻيشوَر مهاراج جي ڀڳوت گيتا تي ٽيڪا ڪيل ”گياڻيشوري“ پڙهڻ جي ڏاڍي اڇا هئي ۽ هو روز اُن جو هڪ اڌياءُ پڙهندو هو ۽ ٻيا گرنٿ بہ ٿورو وقت ڪڍي پڙهندو هو. پر جنهن وقت هو گياڻيشوري پڙهڻ ويهندو هو تہ وچ ۾ ڪي نہ ڪي وگهن اچي پوندا هئس، جنهن ڪري هو لڪڙ ۾ پورو ڪري ڇڏيندو هو ۽ آنند ڪين ايندو هوس.

تن مهنن جي موڪل وٺي، هو شرڊيءَ آيو ۽ پوءِ ”پوُڻ“ ۾ پنهنجي گهر آرام ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو. اُتي بہ نيم اُنوسار ٻيا ڌرمي گرنٿ پڙهندو هو پر جڏهن گياڻيشوري جو پاٺ شروع ڪندو هو تہ اهڙا اُلٽا خيال اچي ورائيندا هيس، جو لاچار ٿي پاٺ پڙهڻ بند ڪندو

هو. جڏهن گهڻي ڪوشش ڪندي به پڙهي نه سگهيو، تڏهن نشچيه ڪيائين ته باباجن جي ڪرپا ۽ آگيا ملڻ کانپوءِ ئي، هن کي پڙهڻ شروع ڪندس.

1914 فيبروري ۾ ڪٽنب سميت شرڊيءَ ۾ آيو ته شري جوڳ پڇيس ته ”گيانيشوري جو روز پاٺ ڪندو آهين يا نه؟“ ديو جواب ڏنو ”مرضي ته ڏاڍي اٿم پر سڦلتا پراپت ڪانه ٿي اٿم. هاڻي جڏهن باباجن جي آگيا ٿيندي، تڏهن پرارمڀ ڪندس.“ شري جوڳ صلاح ڏنس ته ”گيانيشوريءَ جي هڪ ڪاپي خريد ڪري، بابا کي پيش ڪر. جڏهن هو پنهنجن ڪرڪملن سان هٿ لائي توکي موٽائي ڏئي، تڏهن پاٺ ڪرڻ شروع ڪجِ.“ ديو چيو ته ”مون کي اها صلاح ٺيڪ نٿي لڳي. جي باباجن انترجامي آهن، ته منهنجي دل جي اڇا کانئن ڪئن ڳجهي رهي سگهندي؟ باباجن پاڻيهي صاف شبدن ۾ آگيا ڏيئي، منهنجي منوڪامنا پوري نه ڪري سگهندا ڇا؟“

پوءِ ديو باباجن جو درشن ڪرڻ ويو ۽ هڪ روپيو دکشڻا پيش رکي ته بابا کانئس ويهه روپيا دکشڻا وٺي گهري، جا هن خوشيءَ سان ڏني. رات جو شري ديو، بالڪرام سان گڏيو ۽ پڇيائينس ته ”باباجن جي ڪرپا ڪيتري قدر پراپت ڪئي اٿيئي.“ بالڪرام چيس ته ”مان سڀاڻي، آرتي سماپت ٿيڻ کان پوءِ توکي سڄو

وڙائنس سٽائيندس."

ٻئي ڏينهن شري ديوَ درشن لاءِ مسجد ۾ آيو تہ بابا وري ٻيا وِيهہ روپيا دکشنا گهريس، جا پڻ هن وڏي خوشيءَ سان ڀيٽا ڪئي. مسجد ۾ ڀيڙ هئڻ سبب پوءِ وچيءَ ايڪانت ۾ ويٺو تہ بابا کيس سڏائي پنهنجي ويجهو وهاريو. آرتي سماپت ٿيڻ بعد جڏهن سڀ گهر واپس ويا تڏهن شري ديوَ، بالڪرام کي چيو تہ "مونکي پنهنجو اڳيون اِتهاس ٻڌايو ۽ بابا طرفان ڪيل اُپديش ۽ ڌيان وغيره جي باري ۾ پڇيو.

بالڪرام اڃا اُتر ڏيڻ لاءِ سنڀريو تہ يڪبت چندروُ ڪوڙهئي اچي چيو تہ شري ديوَ کي باباجن ٿا ڪوٺين. ديو اُتي پهتو تہ باباجن چيس تہ "ٻاڙ ۾ ڪهڙيون ٻئي ڳالهيون ڪيوَ؟ شري ديو اُتر ڏنو تہ مان بالڪرام کان اوهان جي ڪيرتي ۽ گڻ گان ٻڌي رهيو هوس." بابا اِتي کانئس (٢٥) روپيا دکشنا گهريئي؛ جا پڻ هن کلي خوش تي ڏني. پوءِ بابا کيس اندر وٺي ويو ۽ پنهنجي آسن تي ويهي، کيس چيو تہ "تو منهنجي موڪل کانسواءِ منهنجن "چندين" جي چوري ڪئي آهي." ديو چيو تہ "ڀڳوان، جيتري قدر ياد اٿم. مون ڪڏهن اهڙو ڪم ڪيو ئي ڪونهي." پر بابا چيس "تہ تو ضرور چوري ڪئي آهي، تون چڱيءَ طرح ڀُونڊي ڏس." ديو گهڻي ڳولا ڦولا دل ۾ ڪئي مگر ڪجهہ بہ پتو

ڪين پيس. ان تي بابا ڪاوڙجي چيس تہ ”توکان سواءِ هتي ٻيو ڪوئي ڪونهي. تون ئي چور آهين. تنهنجا وار بہ اَڇا ٿي ويا آهن ۽ ٻڍو ٿي ويو آهين تہ بہ هتي چوري ڪرڻ آيو آهين!“

پوءِ لعل لعل اکين سان ديو کي گارين ڏيڻ ۽ ڌمڪائڻ لڳو مگر ديو شانتيءَ سان سڀ ڪجهہ ٻڌندو رهيو ۽ ٻاهر وڃي ويٺو. ڪلاڪ کان پوءِ باباجن کيس چيو تہ ”هاڻي گهر موٽي وڃ.“ گهر موٽي، سڄو حال شري جوڳ ۽ بالڪرام کي ٻڌايائين. ٻن ڏينهن کان پوءِ باباجن سيٺي سان گڏ ديو کي بہ گهرايو ۽ چوڻ لڳا تہ ”هن چوري ڪئي ۽ قبول نٿو ڪري.“

وري ديو کان ٻارهن (١٢) روپيا دکشڻا گهريائون، جا هن ٻين کان وٺي، اچيان پيرا ڪري نمسڪار ڪيو تہ باباجن چيس ”اڄ ڪلهہ تون ڇا ڪري رهيو آهين؟“

ديو- ڪجهہ بہ نہ.

بابا- هر روز گيانيشوريءَ جو پاٺ ڪندو ڪر وڃ. واڙيءَ ۾ ويهي گيانيشوريءَ جا اَڌياءَ نمبروار پاٺ ڪج. جيڪي پڙهين، ان جو اَرٿ ٻين کي پريم ۽ ڀڳتي پوروڪ سمجهائج.

مان تہ لوڪي ”سونو شياو“ پيٽ ڏيڻ چاهيانٿو پر تون ٻين وٽ ”چندين“ جي آشا سان ڇو ٿو وڃين؟ اهو تنهنجي منهن تي پوڻو؟


گيانيشوري ٻوليءَ ۾ ٽڪ جي آڳيا پراپت ڪري، ديو ڏاڍو خوش ٿيو. سمجهيائين ته هاڻي مونکي دل گهري وستو ملي ويئي آهي ۽ آنند پوروڪ گيانيشوري پڙهي سگهندس. پوءِ ساشٽانگ ڏنڊوت ڪري چيائين ”پڀو، مان اوهانجي شرڻ ۾ آيو آهيان. مان هڪ اٻوجهه ٻالڪ آهيان. مونکي ٽڪ جي سهائتا ڪريو.“

بابا جي ڪرپا سان، هيئنر صفا سمجهه ۾ آيس ته مون جيڪي ٻالڪرام کان پڇيو هو سو ”چنڊي“ سمان هو ۽ باباجن جي انهن وشين ۾ رچي ڪانه هئي، ڇو ته باباجن ٻارڻ سينيءَ جي شنڪائن دور ڪرڻ لاءِ هميشهه تيار رهندا هئا. ٻين کان اجايا سوال پڇڻ، ڪين سنو نٿي لڳو، تنهن ڪري ديو کي ڊانٽيائون ۽ مٿس ڪاوڙ ڪيائون. ديو، باباجن جي ڪاوڙ جي شبدن کي هڪ آشيرواد ڪري سمجهي ۽ خوش ٿي گهر موٽيو.

مٿين موڪل ڏيڻ کان هڪ سال پوءِ باباجن خود ديو وٽ ويا ۽ پڇيائونس ته ”واڏارو ڪيترو ڪيو اٿيئي؟“ ٣ اپريل ١٩١٤ وسپت جي صبح جو، بابا سپني ۾ درشن ڏيئي پڇيس ته ”هاڻي ٻوليءَ سمجهه ۾ اچي ٿي؟“ ديو جواب ئي ڪين ڏنو. تنهن تي بابا چيو ته ”پوءِ تون ڪڏهن سمجهندين؟“ ديو اکين مان لڙڪ وهائي چيو ”ته هي، ڀڳوان، مونکي پڪ آهي ته جيستين اوهين مونتي ڪرپا روپي مينهن نه وسائيندا،

ليسين گيانيشوري جو أرٿ سمجهڻ، مون لاءِ ممڪن ناهي." باباجن چيس ته منهنجي سامهون مونکي پڙهي ٻڌاءِ. تون ٽڪڙو ٽڪڙو پڙهين. اَڌ پائو وشيه وارو اَڌ پاءُ پڙهندو ڪر."

ديو ٻوٽي ڪٿا ويو ته نيتو ڪلي هيس ۽ سپنو ختم ٿي ويو. هاڻي پاڻ خود هن ڳالهه تي پاڻ به خوب سوچين ۽ انومان لڳائين ته ديو ڪي سپني مان ڪهڙو نه آنند آيو هوندو! مٿيون بيان، ۱۹-۱۰-۱۹۴۴ واري پتريڪا ۾ ظاهر ڪيو ويو هو.



(گل - ٣٢)

## سماڌي وڻ جو اهارو



ستگورو جي ڪرپا جي هڪ چٽڪ يا ڪوٽو، جيو کي ڀؤساگر جي ڀؤ کان سدا جي واسطي مڪت ڪري ڇڏيتو ۽ موکش جو رستو سولو ڪري، ڏک کي سک ۾ ڦيرائي ڇڏيتو. جيڪڏهن پنهنجي هرد ۾ جي آسن تي، ستگوروء جي چرڻن جو واسو ٿي وڃي ته ڪشٽ سڀ ناس ٿي ويندا ۽ جنم مرڻ جي چڪر کان ڇوٽڪارو ملي ويندو. ان ڪري ستگوروء جي الوڪڪ مڌر ليلائن جي امرت پيئڻ سان، جيو جو ڪلياڻ ٿيندو ۽ ٻڌي شڌ ٿيندي.

ٻالڪو! اوهان هن کان اڳي باباجن جي جيون ڪال جون ڪٿائون پڙهيون آهن. هينئر سندن نروان ڪال جو بيان پڙهو. ٢٨ سپٽمبر ١٩١٨ تي باباجن کي ٿورو بخار ٿيو، جو ٢-٣ ڏينهن هليو، تنهن کان پوء باباجن ڀوجن ڪرڻ بلڪل تياڳي ڇڏيو، جنهن ڪري سندن شرير روز ۾ روز نرمل ٿيندو ويو. (١٧) ڏينهن کانپوء ١٥-آڪٽوبر ١٩١٨ تي اڍائي بجي، باباجن پنهنجو شرير تياڳيو.

به سال اڳ ۾ ٿي، باباجن، ان باري ۾ (سنڪيت) اشارو ڏنو هو پر اسان کي سمجهه ۾ ڪين آيو. (اشارو-۱) وجهه دشمني جي ڏينهن، سنڌ پيا جي سمي، جڏهن لوڪ حد اوراڻکهي موڻي رهيا هئا، ته باباجن اوچتوئي اوچتو ڪروڌ ۾ ٿي ويا ۽ مٿي تي ٻڌڻ وارو ڪپڙو، ڪفني ۽ لنگوٽي لاهي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٻرندڙ ڌوڻيءَ ۾ ڪٽي ڦٽا ڪيائون، جنهن ڪري ڌوڻي ٻيڻي تيز ٻرڻ لڳي. ۽ ۽ بلڪل ننگن ۽ لعل اکين سان جوش ۾ واڪو ڪري چيائون ته ”اي لوڪو، هيڏانهن اچو، ۽ منهنجي ننگن شريو کي ڏسي نسچيه ڪريو تہ مان هندو آهيان يا مسلمان!“ سنگت جا سڀ ماڻهو ڏڪي رهيا هئا ۽ ڪنهن کي سندن ويجهو وڃڻ جو ساهس ڪين ٿيو. ٿوري وقت گذرڻ بعد، سندن ڪوڙهه ۾ ورتل ڀڳت ڀوڳاجي شڌيءَ سندن ويجهو ويو ۽ ڪنهن طرح سان باباجن کي لنگوٽي ٻڌي ڇيائين تہ ”بابا، ڪهڙي ڳالهه آهي! ديو! اڄ دسهڙي جو وڏو ۽ شڀ ڏينهن آهي.“

ان تي بابا پنهنجو سٽڪو (ڏنڊو) پٽ تي هڻي چيو ته ”هيءُ منهنجي حد پار ڪرڻ جي نشاني آهي.“ اٽڪل ۱۱ بجي تائين سندن ڪروڌ شانت ڪين ٿيو ۽ ڀڳتن سمجهو تہ چاوڙيءَ جو جلوس شايد نہ ٿي سگهي. پر هڪ ڪلاڪ کانپوءِ باباجن وري پنهنجي

اڳهين سياهه ۾ اچي ويا ۽ پوشاڪ پهري، چاوڙي جلوس ۾ شامل ٿيا، جنهن جو بيان، گل (٣٧) ۾ ڏنل آهي. مطلب تہ مٿين گهٽنا ڏ ڏاران بابا جن سمجهايو تہ جيون ريکا پار ڪرڻ لاءِ دسهڙو ئي سهاونو سمو آهي، پر اسان اهو اشارو اُن وقت ڪين سمجهو.

اشارو (٢) ڪجهه وقت گذرڻ کانپوءِ رامچند پاٽيل گهڻو بيمار ٿي پيو ۽ ڪافي ڪشٽ ڀوڳي رهيو هو. دوائون ڪيون ويئون پر فرق ڪين نڪتو ۽ هو جيئڻ جي آشا لاهي، موت جو انتظار ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن اڌ رات جو بابا اوچتو هن جي وهاڻي کان اچي بيٺو ۽ پاٽيل سندن چرنن ۾ ليٽي چوڻ لڳو تہ ”مون جيئڻ جون سڀ آشائون لاهي ڇڏيون آهن، اوهين ڪرپا ڪري مونکي ٻڌايو تہ منهنجا پراڻ ڪيڏي مهل ويندا.“ دياسندو بابا جواب ڏنس تہ ”گهبراءِ نہ. تنهنجي هنڊي واپس ورتي ويئي آهي ۽ تون جلد ئي ٺيڪ ٺاڪ ۽ ٺڪ ٿي پوندين. مونکي صرف تاتيا جو ڀؤ آهي تہ هن جو ١٩١٨ ۾ وجيہ دشميءَ تي ديهانت ٿيندو. هي ڳجهہ ڪنهن کي نہ ڏج ۽ نڪي تاتيا کي ئي ٻڌائج، نہ تہ هو وڏيڪ پريشان ٿي ويندو.“

رامچند تہ جلد ئي ٺيڪ ٿي ويو مگر پاٽيل جي حياتيءَ مان آسرو لاهي ويٺو. هن کي پڪ هئي تہ بابا جا وچن ڪڏهن بہ ڪوڙا ڪين ٿيندا ۽ ٻہ سال پوءِ،

تاتيا هن سنسار مان موڪلائي هليو ويو، پر رامچند مٿيون پيد (ڳجهه) فقط ٻالا شنپي ڀڳت کان سواءِ ٻئي ڪنهنکي به ڪين ٻڌايو. رامچند هاڻي ٻستري ڇڏي هلڻ چلڻ لڳو ۽ وقت ويو لڙڪندو اڳتي وڌندو. سنبت شاڪ ۱۸۴۰ جو ڀدرو مهنو پورو ٿيو ۽ اسُو مهنو شروع ٿيو، نه بابا جا وچن ست نڪتا. تاتيا بيمار ٿي پيو ۽ بستري داخل ٿيو. سندس حالت اهڙي خراب ٿي وئي جو بابا جي درشن ڪرڻ جي به طاقت مٿس ڪانه رهي.

هيڏانهن بابا کي به بخار ٿيو. تاتيا جو بابا تي وشواس هو ۽ بابا جو ڀڳوان تي وشواس هو، جو ئي سندس رکشڪ هو. تاتيا جي حالت انتظاريءَ جهڙي اچي ٿي ۽ هو هٿ پير پاسو به ڦيرائي نٿي سگهيو، نه به وات سان بابا جو سمرن ڪندو رهيو. هيڏانهن بابا جي حالت به گنڀير ٿي وئي ۽ بابا جي اشاري واري وجيه دشمي ويجهو اچي رهي هئي. اهو ڏسي، رامچند ۽ بالا شنپي ٻئي گهٻرائجي ويا.

تاتيا جو ساهه ڏڪي رهيو هو ۽ سندس بدن مان پگهر جون ڌارائون پئي وهيون ۽ سڀني سمجهيو نه تاتا چاڻ ويو. جڏهن وجيه دشميءَ جو ڏينهن آيو نه تاتيا جي نبض بيهي وئي ۽ نڪ اُن وقت، هڪ وچتر گهٽنا ٿي. تاتيا جي ساهه ۾ ساهه اچي پيو ۽ بابا جو شرير شانت

ڏئي ويو! يعني ٻهي هڪ ٻئي جي جاءِ مٽائي! سيٺي لوڪ چوڻ لڳا تہ "باباجن، ڌاليا جي حياتي بچائڻ لاءِ ڏيءِ پنهنجا پراڻ ڏياڳيا آهن. پر ڪن ائين چيو تہ بابا، پنهنجي اُنت ڪال جو اِشارو، تاتيا جو نالو وٺي ڪيو هجي.

وجہ دشميءَ جهڙي شڀ ڏينهن تي، باباجن لاءِ حد آورانگهڻ يعني ديهہ ڏياڳڻ جو ڪم بلڪل اُچت (ٺيڪ) ٿيو لڳي. جيتوڻيڪ ٿورن ڏينهن کان ڏاڍي پيڙا ٿي پئو ڳياٺون، پر اُنت گهڙيءَ تائين بلڪل سجاڳ هئا. ديهہ ڏياڳڻ کان ٿورو وقت اڳي، پاڻيهي پاڻ اُٿي ڪنڌا ڏئي ويٺا ۽ ڏسڻ ۾ بلڪل سرها پئي آيا ۽ لوڪن سمجهيو تہ سنڪٽ ٽري ويو پر بابا کي تہ خبر هئي تہ تياري آهي، اِن ڪري لڪشمي ٻائي شندي کي سڏي اچڻ جي اِڇا پرگهٽ ڪئي.

لڪشمي ٻائيءَ جي شيوا، باباجن ڪڏهن بہ نہ وساري. ديهہ ڏياڳڻ کان ٿورو اڳ، باباجن پنهنجي کيسي مان پنج (۵) روپيا ڪڍي لڪشميءَ کي ڏنا ۽ وري ٻيا چار (۴) روپيا ڪڍي يعني ڪل (۹) نَو روپيا لڪشميءَ کي ڏنا. نوَن (۹) جو اُنگ، نوڌا ڀڳتيءَ جي يادگيري ڏياري ٿو، جا لڪشمي ڀليءَ ڀانت ڪئي هئي. لڪشميءَ کي پنهنجو ڌن بہ گهڻو ٿي هئو تہ بہ باباجن کيس "سيما (حد) اُلنگهن" يعني ديهہ ڇڏڻ وقت نَو (۹)

روپيا ڏيئي، کيس اشارو ڪيو تہ نوڌا ڀڳتي پورڻ طرح پاليندي ڪج ۽ چيو تہ ڀاڳوت جي (١٠) ڏهين اڌياءَ جي سڪند ۾ ڀرين پنجن شلوڪن ۽ پوءِ ڇهن شلوڪن جي پوري طرح پيروي ڪندي ڪج. لڪشمي ٻائيءَ اهي (٩) نَوَ روپيا وٺي چميا، ۽ سندس چرنن تي متو ٽيڪيو.

نڪ ٻئي ڏينهن پرالهڪال جي داس گڻوءَ کي سپني ۾ درشن ڏيئي ٻڌايائون "تہ مسجد ڍڪاو ڏيئي ڪري رهي آهي. شرڊيءَ جا سڀ تيل جا واپاري موکي ڪشت ڏيندا هئا، تنهن ڪري مون پنهنجو استان ڇڏي ڏنو آهي. مان توکي سوچنا ڏيڻ آيو آهيان تہ جلدي وڃي منهنجي شرير تي "بڪل جا گل" چاڙهہ."

پڳسہ داس گڻوءَ کي پڻ شرڊيءَ مان موڪليل هڪ خط پهتو ۽ هو پنهنجن شش کي ساڻ ڪري شرڊيءَ ۾ آيو ۽ بابا جي سماڌيءَ جي سامهون اکنڊ ڪيرتن ۽ هري نام جي ڌني شروع ڪيائين. هن خود گلن جي مالها ناهي، ايشور جو نالو وٺي، سماڌيءَ تي چاڙهي ۽ پوءِ بابا جي نالي تي هڪ وڏو لنگر پڻ ڪيو ويو.

لڪشمي ٻائي هڪ اوچي ڪل جي زال هئي ۽ مسجد ۾ بابا جي ڏينهن رات سيوا ڪندي هئي. لڪشمي ٻائي، ڀاڳيا، مهالساپتي ڪانسوا، رات جو مسجد



جي ڏاکڻ تي چڙهڻ جي ڪنهن کي ٻه جرئت نه ٿيندي هئي.

هڪ ڏينهن سنڌيا جي وقت، جڏهن بابا، تاتيا سان گڏ مسجد ۾ ويٺا هئا تڏهين لڪشمي بائيءَ اچي نمسڪار ڪيو تہ باباجن چيو "لڪشمي، مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي." اِهو ٻڌي لڪشميءَ يڪدم چيو "باباجي، ترو ترسو، مان اوهان لاءِ روٽي کڻي ٿي اچان" ۽ اُڪ ڇڻ ۾ روٽي ۽ ساڳ آڻي بابا جي اڳيان رکيائين تہ بابا اُهو پوڄن هڪ بکئي ڪتي کي کڻي ڏنو ۽ پاڻ هڪ گرهہ بہ وات ۾ ڪين وڌائون!

لڪشمي چيو تہ "بابا هيءَ ڇا؟ مان اوهـان لاءِ وڃي روٽي ٺاهي کڻي آيس، پوءِ اوهـان ڪتي کي ڇو ڏني؟"

بابا چيو تہ "اجايو سوچ نہ ڪر. ڪتي جي بـک شانت ڪرڻ، منهنجي بک ٿوپت ڪرڻ جي برابر آهي." ڪتي ۾ بہ تہ آتما آهي. پراڻي پلي کهڙين بہ صورتن ۽ شڪلين ۽ رؤپن ۾ هجن، اُنهن مان ڪي بولي سگهن ٿا ۽ ڪي گونگا آهن مگر بُهي ڪـي واتـ هڪجهڙو آهي. سچ سمجهہ تہ جيڪو بکئي کي پوڄن ڪرائي، تو اُهو پتارت ۾، مونکي ئي پوڄن ڪرائي ٿو."

هي ساڌارڻ گهٽنا ذريعي، بابا هڪ وڏي آتمڪ سچ جي سکيا پوڌان ڪئي، تہ ڪنهن جي پاونا (دل)

ڪسي ڪشت پهچائڻ ٻنا، روزانو وهنوار ڪئن ڪري سگهجي ٿو. آن ڪانپوءِ لڪشمي بائي، هو روز پوڄا ۽ شرڌا سان، ڪيو رولي ۽ بيو پوڄن بابا ڪسي ڏيندي هئي، جنهن مان ڪجهه ڪائي، باقي لڪشميءَ هٿان، راڌا ڪرشن مائيءَ وٽ موڪليندا هئا، جا آن کي بابا جو موڪليل پوڄو "سيت پرساد" ڪري کائيندي هئي.

باباجن آنت سمي، پورڻ ساوڌانيءَ کان ڪم ورتو. مٿان سندن من ڪنهن پڳت جي پوڄا، ممتا يا موهه ۾ انڪي پوي، ان ڪري سڀني کي آتان هٽائي ڇڏيائون. ڪاڪا صاحب ديکشت، بابو صاحب بوٽي ۽ ٻيا، جي ڏينهن رات باباجن جي شيوا ڪندا رهندا هئا، آنهن سڀني کي چيائون ته واڙيءَ ۾ وڃي پوڄن ڪري اچو. هئن جي بابا کي بلڪل اڪيلي ڇڏي وڃڻ جي مرضي ڪانه هئي پر سندن آگيا جو آلنگهن نٿي ڪري سگهيا ۽ لاچار ٿي پوڄن ڪرڻ ويا.

ڪنهن خبر هئي ته باباجن جي حالت بلڪل گنڀير ۽ چنتا جنڪ آهي ته ۾ ست وڃن ڇٽي پوڄن ڪرڻ ويا. جئن اِلي ڪائڻ لاءِ ويٺا ته مٿان باباجن جي ديهه تياڳڻ جي خبر ملين. سڀئي ڪاڏو آڌ ۾ ڇڏي مسجد ڏانهن ڊوڙندا آيا ۽ اچي ڏٺائون ته باباجن، بالاجي پڳت جي گود ۾ سدائين لاءِ وشرام ڪري رهيا آهن.

ست پنهنجي اِڇا اَنوسار ديهه ڌار ڻ ڪري اوچتو سنسار ۾ ايندا آهن ۽ اِڇا اِنوسار ئي اوچتو ديهه لياڳي هليا ويندا آهن.

”ڪبير ست مؤئي ڪيا روئيئي،

جو اَپني گرهه جاهِ.“

(گوروائي)

( گل - ۴۳-۴۴ )

## تياري، سماڌي مندر، سر جو تتر، ٧٢ ڪلاڪن جي سماڌي ۽ جوڳ جو سنياس



هندن ۾ اهو رواج چالو آهي ته جڏهن ڪو پراڻي موت جي ويجهو ٿي ڏسندا آهن، ته هن جي اڳيان ويهي، ڌرمي پستڪ پڙهي ٻڌايا ويندا آهن ته سندس من، سنساري جهنجهٽن کان نورت ٿي، آڌياتمڪ خيالن ۾ جڙي وڃي ته سندس ست گتي ٿئي.

سڀني کي خبر آهي ته راجا پريڪشت کي هڪ رشي پتر سراپ ڏنو هو ته هڪ هفتي کان پوءِ مرندين. نصيبن سان مهاتما شڪديو ونس اچي، کيس شريمد ڀاڳوت پراڻ جو پاٺ ٻڌايو، جنهن ڪري کيس موڪش گتي پراپت ٿي. اهو رواج اڃا ۾ هلندو ٿو اچي. جيتوڻيڪ باباجن کي انهن ٻاهرين ساڌنن جي ضرورت ڪانه هئي ته ٻين جي اڳيان مثال رکڻ لاءِ، انهيءَ رواج جي برخلاف ڪين ويا. جڏهن پاڻ ظاهر ڪيائون ته "مان هي نشور چولو جلد ڇڏڻ وارو آهيان، تڏهن شري وزي کي "رام وجيه اُپاءِ" پڙهڻ جي آڳيا

ڏنائو. هن هڪ هفتو پاٺ ڪيو ته وري ڪيس ٻيو دفعو پاٺ پڙهڻ لاءِ چيائون، جو هن ٽن ڏينهن ۾ پڙهي پورو ڪيو. اهڙيءَ طرح (١١) ڏينهن گذري ويا ۽ وري ٽيهر اکنڊ پاٺ ڪانهس ڪرايائون. ته شري وزي بلڪل ٿڪجي پيو ۽ بابا بلڪل شانتيءَ ۾ آتم اِستٿ ٿي ويٺا رهيا ۽ آنت گهڙيءَ لاءِ اِنتظار ڪندا رهيا.

اُن ڪان ٢-٣ ڏينهن اڳي، (اُپارجن) پوڄن ڪرڻ صفا بند ڪري ڇڏيائون ۽ پنهنجن ڀڳتن کي ڌيرج ڏيندا رهيا. ڪاڪا صاحب ديڪشت ۽ شريمان بُوٽي بابا سان گڏ مسجد ۾ رهي پوڄن ڪندا هئا. ١٦-آڪٽوبر تي آرتي سماپت ٿيڻ بعد بابا اُنهن کي به پوڄن ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو، تـه به لڪشمي ٻائي شندي، ڀاڳوجي شندي، باباجي، لڪشمڻ بالا شمپي ۽ نانا صاحب اُتي ويٺا رهيا ڀڳت شاما، مسجد جي ڏاڪڻ تي ويٺو رهيو.

لڪشمي ٻائي کي (٩) روپين ڏيڻ بعد چيائون ته مونکي مسجد ۾ رهڻ سٺو نٿو لڳي، تنهن ڪري مون کي "بُوٽي جي واڙي" ۾ وٺي هلو، جتي مان سکيو رهندس." اِهي آخرين اکر سندن مکاروند مان نڪتا ۽ باباجن، باباجي جي سرير ڏانهن جهڪيا ۽ پراڻ تياڳيائون. نانا صاحب پاڻي آڻي سندن وات ۾ وڌو ته اهو ٻاهر نڪري آيو. تڏهن سڀني ڏاڍيان پڪاريو "اَڙي ديو"، ته اُهين سڀني کي ڏسڻ ۾ آيو ته باباجن،

آهستي پنهنجا نيترَ کولي، ڌيمي آواز ۾ چيو "اوهه" ۽ وري نيترَ بند ٿي وين.

باباجن جي پرلوڪ پڌارڻ جي دل ڏاريندڙ خبر، جهنگ جي باهه جيان چوڏاري ڦهلجي ويئي ۽ شرڌيءَ جا نو ناريون ۽ بار سڀ اچي مسجد ۾ مڙيا. اڪين مان جل وهائي هاهاڪار ڪرڻ لڳا. ڪي ڏک وچان رستي تي ئي بيهوش ٿي ويا ۽ ڪي ڏاڍيان اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳا، ته ڪي ماٺ ميٺ ۾ گهونگا ڳوڙها ڳاڙيندا رهيا. مطلب ته اوڏي مهل پرليه ڪال جو واتاورڻ پيدا ٿي ويو ۽ هرڪو پنهنجي نموني ۾ "تانڊو ناچ" ڪرڻ لڳو. ڇو ته سڀني سنيال ڪندڙ بابو، سائين بابا کين ڇڏي هليو ويو.

هاڻي باباجي شرير جي انتم ڪريا جو معاملو پيدا ٿيو. ڪي مسلمان چوڻ لڳا ته قبرستان ۾ دفن ڪجي ۽ ان مٿان هڪ مقبرو اڏائجي. خوشحالچند ۽ اميرشڪر جي به اها راءِ هئي ته شرڌي ڳوٺ جي اڌڪاري شري رامچند پاٽيل زوردار آواز ۽ محڪم ارادي سان چيو ته "اهو فيصلو مونکي بلڪل قبول ناهي. بابا جي شرير کي واڙي ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به هنڌ ڪين رکبو." ان مٿيئي تي (٣٦) ڪلاڪن تائين بحث هلندو رهيو.

ٻڌر ڏينهن پرڀاته ڪال جو، باباجن لڪشمڻ ماما جوشيءَ کي سپني ۾ درشن ڏيئي هٿ کان ڇڪي

چيو ته ”جلدي اَٿ. بابُو صاحب سمجهي ٿــو ته مان مري ويو آهيان ان ڪري هو ايندو ئي ڪين. توهين گڏجي پوُڄا ۽ ”ڪاڪڙ آرتي“ ڪريو.“ شردي ڳانــوَ جو جوتشي لڪشمڻ ماما، شاما جــو ماما ۽ هڪ پڪو ڪرم ڪانڊي براهمڻ هو. هو هر روز پرڀاتھ ڪال جو اول بابا جو پوُڄن ڪندو هو ۽ پوءِ ٻين ديوين ۽ ديوتائن جي پوڄا ڪندو هو. هنجو باباجن ۾ پورو نشچيه هو، سو سپني ڏسڻ بعد، پوُڄا جــي سڀ سامگري اُٿي کڻي آيو. جڏهن ٿي باباجن جي منهن تان ڪپڙو هٽايو ويو ته هنکي اهڙو جوت وارو مهاندو لڳو، جو اول ته واٽڙو ٿي ويو ۽ بت وانگي بيهي رهيو. پر پــوءِ سپنو ياد ڪري پنهنجو فرض پالڻ شروع ڪيائين ۽ مؤلوين جي ڪابه پرواهه نه ڪري، پوُرن وڌيءَ سان پــوُڄن ۽ ”ڪاڪڙ آرتي“ ڪيائين. ٻن پهرن جو بابُو صاحب جوڳ ٻين پڳتن سان گڏ آيو ۽ هميشھ وانگر منجهند جــي آرتي ٿي. باباجن جي اَنتم وچنن موجب، ست سنگين سندس سريرکي ”واڙي“ ۾ رکڻ جو فيصلو ڪيو. ۽ اُن جو وچون ڀاڱو کوٽڻ شروع ڪيو. منگل جي شام جي ”راهتا“ کان پوليس سب اِنسپيڪٽر ۽ ٻين ڳوٺن جا انيڪ لوڪ پڻ اچي ڪٺا ٿيا ۽ راءِ ڏنائون ته سريرکي واڙي ۾ ئي رکجي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪوپرڳانو جــو ماملتدار پڻ

اچي پهتو ۽ راڻين ۾ متيپيد ڏسي، راپو وٺي ڏنو ته گهٽا "واڙي" جي فائدي ۾ هئا. ته ب ڪليڪٽر جي منظوري وٺڻ ضروري سمجهي، ڪاڪا صاحب پاڻ احمدنگر وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. پر بابا جي پوئلڳن سان مخالفت ڪندڙن پاڻيهي قبول ڪيو ۽ سڀني ملي واڙيءَ ۾ رکڻ جو فيصلو ڪيو. بڌر شام جو باباجن جو پوتر شرير، وڏي ڌوم ڌام سان واڙي ۾ آندو ويو. ويد وڌيءَ موجب اُن آستان تي سماڌي ٺاهي وئي، جتي مرليڌر منوهر جي مورتي، ستاپن ٿيڻ واري هئي. بابا جي انتم ڪريا بالا صاحب ماٽي باباجن جي مهان پڪت شري اپاسنيءَ ڪئي.

باباجن جو مرتڪ سرير، ٣٦ ڪلاڪن رکڻ بعد ب، بلڪل تازو ۽ نرم ۽ لچڪيدار اهڙو پئي لڳو، جو سندن بدن تان ڪفني، بنا ڪپڙ جي لاٿي وئي. سچ ته اهو آهي ته باباجن خود مرليڌر بڻجي ويا ۽ مرليڌر جي مندر ۾ ئي اچي آخرين واسو ڪيائون.

بابا جي نرواڻ حاصل ڪرڻ کان ڪجهه وقت اڳي، مسجد ۾ هڪ پراڻي سر هئي، جنهن تي باباجن پنهنجو هٿ ٽيڪ ڏيئي، ڪيترن سالن کان، اُن تي وهاڻي وانگي متو رکي سمهندا هئا. هڪ ڏينهن بابا جي غير حاضريءَ ۾ جهاڙو ڏيندڙ ٻالڪ، اها سر پنهنجي هٿ ۾ کڻيئين ته ڌرياڳي سان، اها سر ٻالڪ جي هٿ مان ڪري ۽ ٽڪر

تي پيئي. اها خبر جڏهن بابا کي پيئي تڏهن چيائون ته "اها پياري سر، ڪيترا سال منهنجي سائڻ هئي. ان جي تڻ ڪري، منهنجو سوير ۾ جلد ٿيندو. جنهن سر جي مدد سان آءٌ چنتن ڪندو هوس، اها سر به منهنجو ساٿ ڇڏي ويئي."

ڪن ڀاڳن جي من ۾ شنڪا اٿندي ته هڪ جسيس سر جي لاءِ، باباجن جهڙي سنت افسوس ڇو ڪيو؟ ان جو جواب آهي ته پرماتما جا سنت، اوتار، اولياءَ وغيره هن سنسار ۾ اچي، بعضي سنساري ماڻهن جيان ظاهري طرح ڪائين، پيئن، کلن کيلين ۽ روئن به ٿا، پر اندروني طرح هنن جو اٽهڪوڙ پرماتما سان هر وقت ڳنڍيل ۽ جڙيل رهيتو.

"رويو رام نڪالا پيا،
سيتا ليڇمڻ وڇڙگيا." (گوروائي)

هن کان (٣٢) سال اڳم، باباجن کي دم جي ڏاڍي تڪليف تي هئي ته ان کان ڇٽڻ لاءِ باباجن پنهنجا پراڻ دسمي دئار ۾ چاڙهڻ جو ويچار ڪيو ۽ ڀڳت مهالساپتي کي چيائون ته "تون منهنجي بدن جي ٽن ڏينهن لاءِ سنڀال ڪج. جيڪڏهن مان واپس آيس ته واهه، نه ته هن اشاري ڪيل جڳهه تي منهنجي سماڌي ٺاهجو ۽ ان مٿان به جهنڊا نشانيون هڻي ڇڏجو. ائين چئي باباجن ڏهين بجي ڌرتيءَ تي ليٽي پيا. سواس

متي چاڙهي ڇڏيائون ۽ ڏسڻ ۾ ائين آيو تہ سرير ۾ ساهہ بلڪل ناهي.

سڀ ڀڳت جن، ستسنگي ۽ گرام واسي اچي ڪٺا ٿيا ۽ سرير جي پوري پرکيا وٺڻ بعد، باباجن جي ٻڌايل لکوتي، سماڌي ناهڻ جو نشچيہ ڪيو ويو. مگر ڀڳت مهالسپتيءَ کين روڪيو ۽ سرير کي پنهنجي گود ۾ رکي، ٽي ڏينهن سنڀال ڪندو رهيو. ٽن ڏينهن گذرڻ بعد، منجهند جو اٽڪل ۳ بجي، پراڻن موٽي اچڻ جا آهڃاڻ نظر اچڻ لڳا ۽ جلد ئي رواجي طرح سواس هلڻ لڳا ۽ سرير جا انگ پڻ چرڻ پرڻ لڳا. پوءِ اکيون کولي، ڪر موڙي، سجاڳيءَ ۾ آيا.

هيءُ سائين ٽن (۳½) هٿن جو سرير، پنجن مها ڀوتن (ڌرتي، وايو، پاڻي، آڪاش) جو ٺهيل، ضرور بہ ضرور ناس ٿيڻو آهي ليڪن جا چيتنتا (آتما) منجهس موجود آهي، سا ناس ٿيڻ کان مٿي آهي. اُن کي نہ باهہ ساڙي، نہ پاڻي ٻوڙي ۽ نہ هوا سڪائي سگهي ٿي. سنت آتما کي ست سمجهي ۽ سرير کي اَست سمجهي، رواجي سنساري جيون وانگر، ديهہ ۾ موهہ ممتا رکن ۽ نکي پاڻ کي ديهہ يا سرير ٿا سمجهن. اسان کي سرير ڇڏڻ يعني مرڻ جو خوف اُنکري ٿي وهندو آهي، ليڪن سنت نہ ڇوندا آهن تہ:

”ڪبير جس مرني تي جگ ڏري، ميري من آنند،
مرني ني هي پائيشي پورن پرمانند.“ (گوروائي)

۽ هو ڪل خوشيءَ سان سرير تياڳي هليا ويندا آهن. اَوتاري پرش ته، پرماتما طرفان سونپيل ڪم پورو ڪري يڪدم سرير جو تياڳ ڪندا آهن. جئن شري ڪرشن مهراج، شڪاريءَ جي تير لڳڻ جي بهاني پنهنجو سرير ڇڏيو.

جيتوڻيڪ باباجن جهڙن سنتن ۽ اُوتاري پرشن جو سرير، اَسين ڏسي نٿا سگهون، تہ بہ اُنهن جي سروَ وياپڪ آتما، سنسار ۾ هر وقت موجود رهي ٿي ۽ پيارن ڀڳتن کي، پڪار ڪرڻ تي مدد ڪندي رهي ٿي. جيڪي ڀريمي ڀڳت، پنهنجي ستگورن يا اوتاري پرشن جا قد بت پتلا، مندرن يا مٺن يا آشرمن ۾ کڙا ڪري، اُنهن جي پوڄا ديهہ ڌاري ستگورن جيان ڪندا رهندا آهن، اُنهن کي بہ سندن ڀاونا موجب، اندر ۾ ڀريرڻا ملندي رهندي آهي، يا رات جو سپني ۾ ڪين درشن ڏيئي، هدايت ڪندا رهندا آهن. مطلب تہ سڄو قصو ڀريم، ڀاونا ۽ وشواس تي ٻڌل آهي. باباجن جهڙا سنت اَمر آهن، ڇو تہ ڀڳوان جو رُوپ آهن ۽ هر وقت ڀڳوان سان مليل آهن.

باپوُ صاحب جوڳ (اصل نالو شري سکارام هري) پوني ۾ پي - ڊبليوُ کاتي ۾ سپروائيزر هو ۽ پينشن وٺڻ کانپوءِ پتي پتني ٻئي اچي شرڊيءَ ۾ رهيا. ڪين سنتان ڪانہ هئي ۽ باباجن جي جي چرنن ۾ شوڌا هين، تنهنڪري

سڄو ڏينهن بابا جي پوڄا ۽ شيوا ڪرڻ ۾ گذاريندا
هئا. اِستري ڀڳتڻ ميگها جي مرتيوُ بعد، باباجن جي
سنساري چولي ڇڏڻ تائين، ٻاپوُ صاحب جوڳ، مسجد
۽ چاوڙيءَ ۾ آرتي ڪندو رهيو ۽ ”ساٺي واڙي“ ۾
ايڪنا ٿي ڀاڳوت مان وچن ولي، اُن جي ڪٿا ٻڌڻ
آيل شروتائن (ٻڌندڙن) کي ٻڌائيندو رهيو.

مٿين شيوا ڪيترن سالن ڪرڻ بعد، هن هڪ ڏينهن
بابا کي پرارٿنا ڪئي ته ”اي منهنجي جيون جا آڌار،
اوهان جي چرڻن جي درشن ڪرڻ سان، سڀني پراڻين
کي پرم شانتيءَ جو اَنڀوُ پراپت ٿيو آهي. مان ٻه اوهان
جي شري چرڻن جي نرنتر شيوا ڪندو رهندو آهيان.
پوءِ ڪهڙو سبب آهي، جو اُها سيتلتا اڃا پراپت ڪانه
ڪئي اَٿم؟ منهنجو من اڃا ڀٽڪي پيو ۽ اوهان جي
چرڻن ۾ مگن نٿو رهي. هيترن سالن جو ستسنگ
ڪرڻ وئرٿ ويندو ڇا؟ منهنجي جيون ۾ اُها شڀ
گهڙي ڪڏهن ايندي؟ اوهان جي مون تي ڪرپا
درشٽي ڪڏهن ٿيندي؟“

ڀڳت جوڳ جي دلي پرارٿنا ٻڌي، باباجن کي دَيا
آئي ۽ اندر ۾ آواز ٻڌائين ته ”تون ٻي ڏينهن ۾ تنهنجا
اڳين جنمن جا ڪيل اَشڀ ڪرم ناس ٿيڻ وارا آهن ۽
تون دنيا جا سڀ پدارٿ تياڳي، اِندري وشين کي تڇ
سمجهي، ايشور جي ڀڳتي ڌارڻ ڪندين. اُهو سڀاڳو

ڏيهن جلد اچڻ وارو آهي." تورن ٿي ڏيهن ڪانپوءِ پڳت جوڳ جي، دنيا مان دل صفا ڪٽي ٿي پيئي ۽ مرڻ کان اڳي، پورڻ سنياس ڌارڻ ڪري، پنهنجو لڪش پراپت ڪيائين.

باباجن مسجد ۾ ورڇ ورڇ چوندا هئا تہ (۱) جيڪو بہ موتکي سڀ کان وڌيڪ پيار ڪندو، اُن کي منهنجو درشن پراپت ٿيندو.

(۲) جيڪو منهنجو ڌيان ۽ جاپ، (لونتو) اُت ئي پهر ڪندو رهندو، اُن کي مون کان سواءِ هيءَ دنيا سڄي لڳندي.

(۳) جيڪو اُنيہ پاڻ سان منهنجي شرڻ ۾ ايندو، مان پاڻ کي اُن پڳت جو (رڻي) قرضدار سمجهي، هن کي موکش پردان ڪري، پنهنجو قرض (رڻ) چڪائيندس.

(۴) مان پنهنجن پڳتن جي سدا اُڌين آهيان، چو تہ منهنجو نالو پڳت وتسل آهي.

(۵) جيڪو منهنجو هروقت سمرڻ ڪري، اُپواس ۽ ورت رکي، پاڻ مون کي اُرپڻ ڪندو، اُهو مون ۾ ائين ملي ويندو جئن ندي سمنڊ ۾ ملي ويندي آهي.

(٦) اُهنڪار ۽ (پرتشٺا) مان وڏائيءَ جو ايتري قدر تياڳ ڪريو، جو اُنهن جي اوهان ۾ ڪابہ بوءِ نہ

رهي. اُنهي منزل تي پهچي، منهنجي شرڻاگت ۾ اچو
۽ مان اوهان جي هردي ۾ هردم اچي وهندس.

(۷) مان سڀني جي آڪار ۽ تالي ڪان پري، اُنتهه ڪرڻ ۾ چيتنيه ساکي سروُپ واري آتما آهيان. اِهو منتر پکو ڪري، سڀني پراڻين جي اُنتهه ڪرڻ ۾ ”مان“ يعني پنهنجي آتما جو درشن ڪريو. جي اهو ابياس هر روز ڪندا رهندا ته جلد ئي اوهان کي منهنجي سرڳ وياپڪتا جو اُنڀؤ ملندو ۽ مون سان اُيڪن يعني سدا مليل رهندا.

”مجهه ۾ رام، تجهه ۾ رام، سڀ ۾ رام سمايا.
سڀ سي ڪرلي پيار جڳت ۾،
ڪوئي نه اُپنا پرايا.“
(۱) سڀ گوبند هيءِ، سڀ گوبند هيءِ،
گوبند بن نهي ڪوئي.
(۲) سڀهي گهٽ رام بولي راما بولي،
رام بنا ڪو بولي ري.
(گورواڻي)

(۸) جيڪو بين کي پيڙا پهچائي ٿو. سو منهنجي هرديه کي ڏڪ ڏئي ۽ ڪشٽ پهچائي ٿو.

(۹) سڀني (پُراڻين) پراڻين سان سهاڻپڙلي رکو يعني ڀاڳ جهڙو ورتاءُ ڪريو. جا هلت اوهان کي خود پسند ناهي، اُها هلت ڪنهن سان به نه ڪريو. اُڳلي جيو

۾ ٻه، توهان واري ساڳي آتما آهي.

”پائي ڪان (تير) ڪمان ۾،
ميان مار ۾ مؤن - مؤن ۾ آهين تؤن،
متان لنهجوئي توکي لڳي.“
(شاهه)

(۱۰) جيڪو ٻه ٻولير سان مون (پرمالما) جو ڪيرتن ڪندو ۽ ڪتائون ٻڌندو، اهو آخر ۾ مون ۾ لين ٿي ويندو.





(گـــل - ٣٥٫)

## ڏهڪشت جو نياپو- آنندراو جو سپنو- لڪڙيءَ جو ٽختو

جيتوڻيڪ باباجن جو ساڪار سروپ، اسان وٽان غائب ٿي ويو آهي تہ بہ سندن نراڪار روُپ تہ اسان سان هردم همراهہ آهي ۽ ظاهر آهي. هن وقت بہ جيڪو پنهنجن اِنـدرين کي ۽ مــن کي روڪي، ايڪاگرچت سان، باباجن جي پوُڄا ۽ شيوا ۾ لڳائيندو تہ بابا سندن سهائتا ڪندو رهندو ۽ ڪندو رهيو آهي.

پتيورتا اِستريءَ جو پتيءَ سان پريم برابر ٿيندو آهي پر شش ۽ گوروءَ جي شڌ پريم سان اُهو برابري ڪري ڪين سگهندو. ماتا، پتا ۽ ٻيا سنبنڌي، مانش جنم جي آدرش يعني آتم ساڪياتڪار ڪرائڻ ۾، ڪابہ مدد ڪري نٿا سگهن، پر ستگورو ئي اسان کي آتم ساڪياتڪار ۽ آتم اَنڀوُتي ڪرائي سگهي ٿو. اِن ڪري اسان کي اول پنهنجن پيرن تي بيهڻ، ستيہ ۽ اُستيہ، هن لوڪ ۽ پرلوڪ جي سکن جو تياڳ ڪري، اِندرين کي پنهنجي قبضي ۾ رکي، فقط موکش جي ڌارڻا رکي، هن مارگ تي هلڻ کپي.

ڪانپوءِ اسان کي پرم آنند جي پراپتي ٿيندي.

باباجن ڪاڪا صاحب کي هر روز شري ايڪانٿ جي ڏاهيل شري ڀڳوت گيتا ۽ ڀاو ارٿ راماڻ پڻ ڏرمي گرنٿن جي پاٺ ڪرڻ جي آگيا ڏني هئي ۽ جا هو هر روز پاٺ ڪندو رهيو. هڪ ڀيري هو صبح جو بمبئي ۾ چوپاٽي تي ڀاڳوت جو پاٺ پڙهي رهيو هو ۽ ماڌوراو ديشپانڊي (شاما) ۽ ڪاڪا مهاجڻي ٻئي ڌيان سان ٻڌي رهيا هئا. ڀاڳوت جي (١١) اسڪنڌ جي (٢) اڌياءِ ۾ رشڀ ونس جي سڌ ڪوي، هري، انترڪش، پربڌ، پپلاين، آور هوترَ، درمل، چمس ۽ ڪرڀاجن نون ناٿن جو ورڻن آهي، جن راجا جنڪ کي ڀاڳوت ڌرم جا سدانت ٻڌايا هئا.

راجا جنڪ انهن نون ڪان مهتو پورڻ يعني مکيه سوال پڇيا هئا ۽ نون ناٿن راجا کي سنتوش جنڪ جواب ڏنا، سندس شنڪائون دور ڪيون هيون، يعني تہ پهرئين ناٿ ڀاڳوت ڌرم جي، ٻئين هوي ڀڳتي جي وشيشتا، ٽئين مايا ڇا آهي؟ چوٿين مايا ڪان ڪئن آزاد ٿيڻ گهرجي؟ پنجين پار برهم ڇا آهي؟ ڇهين ڪرم ڇا آهي؟ ستين اوتارن ۽ انهن جي ڪرمن، اٺين مرڻ بعد ڪهڙي گتي ٿئي ٿي؟ نائين ڪلجڳ ۾ ڀڳتي ڪرڻ جي پورن وڌين جو ورڻن ڪيو آهي. سڀني جو سار اهوئي آهي تہ ڪلجڳ ۾ موڪش جي پراپتي لاءِ هري

ڪيون ڪرڻ يا گورو جي چرڻن جو چنتن ڪرڻ جو فقط هڪ ئي ساڌن آهي.

پاٺ پوري ٿيڻ بعد، ڪاڪا صاحب نرواشا گڏيل آواز ۾ چيو ته ”نون ناٿن جي ڀڳتيءَ جي ورڻن ڪرڻ جي کهڙي ڳالهه ڪجي. پر اهي ساڌن عمل ۾ آڻڻ ڪيترا نه ڪٺن آهن! ناٿ پاڻ ته سڌ هئا پر اسان جهڙن مورکن ۾ اهڙن نمونن جي ڀڳتي اُڀڻ ٿيڻ سولي ۽ سميئُ آهي ڇا؟ اَنيڪ جنمن ڌارڻ بعد به اهڙي ڀڳتي پراپت ڪين ٿي سگهندي ته پوءِ موکش وري ڪئن پراپت ٿي سگهندو! يعني اسان جهڙن جيوَن کي، موکش جي آشا رکڻ ئي نه گهرجي.“

ماڌوراو - اسانجا ته وڏا ڀاڳ آهن، جو اسانکي سائين بابا جهڙو اَملهه هيرو هٿ لڳي ويو آهي. نراشا جو سر آلاپڻ، اَسان لاءِ نندڻ جوڳي ڳالهه آهي، جيڪڏهن توکي بابا ۾ اَٽل وشواس آهي ته پوءِ هن چنتا ڪرڻ جي کهڙي ضرورت آهي؟ ڪٺي قبول ڪجي ته نون ناٿن جي ڀڳتي دريو ۽ پربل هوندي، پر اسين ماڻهو به پريم ۽ سک سان ڀڳتي ڪين ڪري رهيا آهيون؟ باباجن ”اَڌڪار پورن واڻيءَ“ ۾ ڪين چيو آهي ته ”شري هري يا گوروءَ جي نام جي جاپ ڪرڻ سان موکش کي پراپتي ٿيندي.“ ته پوءِ ڀپ ۽ چنتا ڪرڻ مان کهڙو فائدو؟

ڪاڪا صاحب - اوهان جيڪي چيو سو برابر آهي پر منهنجي من ۾ اچا مونجهارو آهي.

پوءِ ڏينهن ٻه سنڌس من ۾ مغز ۾ اهو پرسوم وڌي ويو ته نون ناٿن واري بيان ڪيل ڀڳتيءَ جي ٻرابتي اصل ڪين ٿي سگهندي. اوچتو مهاشيه آنندراو پاڪاڙي، ماڌوراءِ ڪسي ڳوليندي ڳوليندي اچي اُتي پهتو ۽ آهستي آهستي ماڌوراءِ جي ويجهو ويهي سندس ڪن ۾، ڏٺل سپني جو بيان ٻڌائڻ لڳو ته ڳالهه ۾ وڪهن پوڻ لڳو، جنهن ڪري ڪاڪا صاحب پاٿ پڙهڻ ڪٽي بند ڪيو ۽ ماڌوراءِ کي چيو:-

ڪاڪا صاحب - ڪهڙي ٻاٿ چيت هلي رهي آهي؟

ماڌوراو - ڪالهه جيڪو شڪ تو ظاهر ڪيو هو، اُن جي صفا سمجهاڻي ڏيئي رهيو آهي.

ڪالهه باباجن، شري پاڪاڙي کي سپني ۾ درشن ڏيئي سمجهايو آهي ته وشيش يا خاص ڀڳتيءَ جي ڪابه آوشيڪتا ۽ ضرورت ناهي. فقط گوروءَ کي نمي نمسڪار ڪرڻ ۽ اُنجي پوڄا پريم سان ڪرڻ ئي ڪافي آهي. اِن تي سيٺي شري پاڪاڙي کي چيو ته تون سپني جي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌاءِ.

هن چيو ته مون سپني ۾ ڏٺو ته اٿاهه ساگر ۾ بيٺو آهيان ۽ پاڻي منهنجي چيلهه تائين آهي. متي نهارڻ سان اوچتو باباجن جو درشن ڏٺم ته هڪ رتن جڙيل

تخت تي براجمان آهي ۽ سندن چرڻ جل جي اندر آهن. ماڌوراو (شاما) ٻه بابا جي ويجهو ڪٺو هو ۽ مون کي پيار ڀريل شبدن ۾ چيائين ”آنندراو، بابا جي شري چرنن ۾ ڪري پئو.“

آنندراو- مان ٻه اهڙي ڪرڻ چاهيان ٿو، پر باباجن جا چرن ته جل جي اندر آهن. هاڻي ٻڌاءِ ته پنهنجو مٿو سندن چرڻن تي ڪٿي رکان؟

شاما- هي ديو! ڪرپا ڪري پنهنجا چرڻ پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍو!

باباجن چرڻ ٻاهر ڪڍيا ۽ مان انهن کي لپٽي پيس. بابا آشيرواد ڏيئي چيو.

بابا- هاڻي تون آنند پورڪ موٽي وڃ، گهبرائڻ يا چنتا ڪرڻ جي ڪا ٻه ضرورت ڪانهي. تنهنجا ڪلياڻ ٿيندا. باقي زريءَ جي ڪنار واري هڪ ڌوتي، شاما کي ڏج، ان مان توکي ڏاڍو لاڀ ٿيندو.

آگيا پائي مان يڪدم ڌوتي ڪڍي آيس ۽ ڪاڪا صاحب کي پرارٿنا ڪيم ته ڪرپا ڪري اوهين شاما کي ڏيو. ليڪن شاما وٺڻ کان انڪار ڪيو! چيائين ته جيسين مونکي باباجن کان آگيا نه ملندي تيسين مان وٺي ڪين سگهندس. ڪاڪا صاحب جو نيم هو ته جڏهن ڳالهه ۾ ڪيس ڪو سنديهه پيدا ٿيندو هو ته ٻن ٽڪرن مان هڪ تي سويڪار ۽ ٻئي تي آسويڪار

لکي باباجي فوٽي اڳيان رکندو هو ۽ هڪ ٻالڪ کي چوندو هو ته ٻنهي مان هڪ چني کڻي ڏي. ائين ڪرڻ سان ٻالڪ سوڪار جي چني کڻي ڏني ته ٻوء شاما ڏوتي ونڻ قبول ڪئي.

مٿئين مثال مان ثابت ٿو ٿئي ته ٻين سنتن جي وچن جو به آدر ڪرڻ گهرجي پر پنهنجي گورو ء تي پورڻ وشواس رکي، سندن وچن يا حڪم کي اڪر به اکر پالڻ گهرجي، ڇو ته گوروء کي ئي، شش جي ڪلياڻ جو اونو، ماتا وانگيان وڌيڪ رهيتو.

باباجن جا هيٺيان وچن هردي جي پٽيء تي چڱيء طرح لکي ڇڏيو.

(۱) هن سنسار ۾ بيشمار سنت آهن، پر پنهنجو گورو ٻابو ئي سچو گورو آهي.

(۲) ٻيا سنت ڀلي ڪيترا ئي مٺا وچن ٻولين، پر پنهنجي گوروء جي اُپديش کي ڪڏهن به پلاڻ نه ڪڇي.

(۳) شڌ هردي سان پنهنجي گوروء سان پريم ڪري سندن شرڻ ۾ سپاشٽانگ نمسڪار ڪندا، ته اوهين ڏسندا ته اوهان جي اڳيان ڀؤساگر جي هستي، اهڙي طرح غائب ٿي ويندي، جهڙي طرح، سؤرج جي اڳيان، انڌڪار غائب ٿي ويندو آهي.

(۴) باباجن حياتيء جي پهرئين اڌ ۾ ڪاٺ جي تختي کي سمهندا هئا، جو چار هٿ لمبو ۽ هڪ (هٿ)

ويڪرو هو ۽ پنهنجي ڇٽن تي ڪنڌن تي چار ڏينها باري رکندا هئا. پوءِ باباجن اُن ڪــي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.


هڪ ڀيري باباجن خود، اِنهي تختي جي مهتوَ تــا ساراهه (وڏائي) ڪاڪا صاحب سان ڪئي، ته ڪاڪا چيو ته ”باباجي، جڏهن اوهانجو اِنهي تختي سان اهڙو خاص سنيهه هـو ته مان مسجد ۾ هڪ ٻيو پاٽيو هڻائي ڇڏيان ۽ اوهين اُن تـــي آنند سان ليٽي ننڊ ڪندا ڪريــو.“ بابا اُتر ڏنو تـــ ”هاڻي، مهالساپتيءَ ڪـــي هيٺ ڌرتــيءَ تي سمهاري، مـــان مٿي سمهڻ ڪين چاهيان ٿو.

ڪاڪا صاحب - آگيا ڏيو تـــ مهالساپتيءَ لاءِ ٻيو تنهن ... لڳارائي ڇڏيان.

بابا - هو اُن تي ڪئن سمهي سگهندو؟ اهــو ڪو سولو ڪم آهي ڇا؟ جيڪو نيتر کولي ننڊ ڪري سگهي، اُهو ئي ان جو لائق آهي. جڏهن مان سمهندو آهيان ته گهڻو ڪري مهالساپتي کي پنهنجي پرسان وهاري ڇوندو آهيان ته منهنجي هرديه (دل) تي پنهنجو هٿ رکي، ... ڪر ته منهنجو ”ڀگوت جاپ“ بند ته نٿو ٿئي! ۽ جيڪڏهن موٽڪي توري ۾ ننڊ اچي رهي ته يڪدم مون کي جاڳاءِ. پر اهو ڪم ۾ هو نٿو ڪري سگهي ڇو ته جڏهن هو خود ننڊ ۾ جهوٽا کائي، پنهنجو مٿو هيٺ

ڪري هٿ ۾ ٿي رکندو آهي ته سندس هٿ ۾ ٻڪري پٽو جهڙو ڏورو لڳندو آهي ۽ مان پڪاري چوندو آهيان ”او پڳت“، ته هو گهٻرائجي اکيون کوليندو آهي. هاڻي جيڪو پڳت ڌرتيءَ تي به چڱي طرح ويهي سمهي نٿو سگهي ۽ جنهن جو آسن سڌ ڪيل ناهي ۽ جيڪو ننڊ جو داس آهي، اهو تختي تي مٿي ڪيئن سمهي سگهندو؟

”اپنا آپهي سات، اؤر اسڪا اسڪي سات.“



(گل - ٣٦)



## ڪاشي جي ڪاشي پرياڳ ۽ گيا جي ياترا - چتر روپ ۾ آڏي بابا جو پهچڻ - ڀڪرن جي گذريل جنمن جو اِتهاس

شري سٽگورو جي! اوهانجي شرڻ ۾ نئڻ وارا ڌنيہ آهن. اوهان جي يادگيري ڪهڙي نہ سکدائي آهي، ۽ اوهانجي سوَ روُپ جو درشن، ڪرمن جي بندنن کي ناس ڪرڻ وارو آهي. اوهين پاڻ پنهنجن ڀڳتن کي پرتڪش آنيو ڪراڻيندا آهيو ۽ ازغيبي شڪتيءَ دوارا، ڀڳتن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي، انهن کي ديالوُ ماتا جيان، پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو ٿا. جيتوڻيڪ ڀڳتن کي پتو ڪونہ ٿو پوي تہ اوهين ڪٿي واسو ڪري رهيا آهيو. تہ بہ اوهين سيني جي ڪشلتا سان پورو ڪري، سندن متي لي هٿ رکي، کين ازغيبي سهائتا بخشي رهيا آهيو.

اوُچ ڪوليءَ جا ودوان ۽ چتر پرش بہ، اهنڪار جي چڪر ۾ اچي، هن ڀوساگر جي ڏبڻ ۾ ڦاسي پون ٿا، ليڪن، اوهان جي شرڻ ونڻ بعد، اوهين کين اِنهيءَ ڏبڻ مان پار ڪندا رهيا آهيو. اِها سڀ مهرباني،

اوهين پڙدي جي اوٽ ۾ ڇپي ڪندا ٿا رهو، تڏهن ٻه اوهين سدائين نرليپ آهيو. اوهين پنهنجن نشڪام ڀڳتن جون سڀ اڇائون پوريون ڪندڙ آهيو ۽ ڪين پوم آنند جي پراپتي پڻ ڪرايو ٿا. اوهان جي مڌر نالي جو اُچارڻ ئي، ڀڳتن لاءِ سولي ۾ سولو رستو آهي، جنهن ڪري راجس ۽ تامس گڻن کان ڇوٽڪارو ملي ٿو. ساتوڪ ۽ ڌارمڪ گڻن جو وڪاس ۽ واڌارو ٿيندو ۽ پوءِ نمبروار وويڪ، وئراڳ ۽ گيان جي پراپتي ٿي وڃي ٿي اوهان سان اڀنن ٿي وڃڻ ڪانپوءِ اسانجو من اسٿر ٿيندو ۽ شانت ۾ اچي ويندو. اوهان جي ڀڳتي، گيان ۽ شرڌا ڀڳتيءَ جهڙو ٻيو ڪو ٻه سادن ناهي، جنهن سان شانتي، وئراڳ، ڪيولي، موڪش وغيره حاصل ٿي سگهي. اوهين جڏهن ڀڳتن تي (انگره) ڪرپا ڪريو ٿا، ته ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ اچي پهچي ٿا وڃو.

”آپ مڪت، مڪت ڪري سنسار-
نانڪ تس گور ڪئه سدا نمسڪار.“

(گورواڻي)

باباجن سان لاڳاپيل اهڙا ڪن ڪجهه وقت پوءِ، ڪاڪا صاحب ڊڪشت، پنهنجي وڏي پٽ باپوءَ جو ناگپور ۾ (اُپنين) جڻيي پائڻ جو سنسڪار ڪرڻ جو نشچيه ڪيو. ۽ لڳ ڀڳ ساڳئي وقت، نانا صاحب چندورڪر، پڻ، پنهنجي وڏي پٽ جي شاديءَ جو

پوءِ گيا روانا ٿي ويا. ريل گاڏيءَ ۾ ياترين وارن پليگ ڦهلجڻ جو ٻڌي، ٻئي ڄڻا ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويا ۽ گيا اسٽيشن تي لهڻ بعد، ڌرمشالا ۾ وڃي لٿا. صبح جو ياترين جي رهڻ ۽ کاڌي جو پربنڌ ڪندڙ (پنڊو) پوڄاري هو، تنهن اچي چيو ته "سڀ ياتري هتان هليا ويا آهن، اوهين به جلدي تيار ٿي هليا وڃو."

شاما گيا ۾ پليگ جي بيماري ڦهلجي وئي آهي ڇا؟

پوڄاري - اوهين اول منهنجي گهر هلي، پوءِ روبرو وڃي حالت نظر مان ڪڍو.

ٻئي پوڄاريءَ سان گڏ سندس مڪان تي پهتا، جا هڪ وڏي بلڊنگ هئي ۽ جنهن ۾ ياترين جي وشرام ۽ آرام لاءِ واجبي بندوبست ٿيل هو. شاما کي جتي رهايو ويو، اُتي مڪان جي بلڪل وچ ۾، باباجن جو وڏو چتر اسٿاپن ڪيل هو، جو ڏسي شاما اهڙو ته پرسن ٿيو، جو سندس دل ڀرجي آئي ۽ يڪدم باباجن جا وچن ياد آيس ته ڀرياڳ مان ٿي وڃڻ کان پوءِ، مان شاما کان اڳي اُتي پهچي ويندس." يادگيري اچڻ سان، يڪيڪ شاما جي اکين مان لڙڪ لڙي پيا، سندس (رومانچ) وارا ڪنڊا ٿي بيٺا، ڪنٺ روڪجي ويس ۽ اکيون بند ٿي ويس.

پوڄاريءَ سمجهيو ته شاما پليگ جي بيماري جي خبر ملڻ ڪري ڊڄي رهيو آهي. ليڪن شاما سوال

پڇيس ته ”باباجن جو هي چترُ اوهانکي ڪٿان مليو؟“

پوڄاري - ”منهنجا ٢-٣ سؤ دلال، مدراس ۽ ٻئي صوبي جي علائقي ۾ ڪم ڪندا آهن ۽ اُتان گيا ۾ ايندڙ ياترين جي سهنج جو خاص ڌيان رکندا آهن. مون سائين بابا جي ساراهه ٻڌي هئي ۽ (١٢) سال ٿيا تہ شرڊيءَ ۾ ويس، باباجن جو درشن به ڪيو هوم. اُتي شاما جي گهر ۾ لڳل چترُ، مونکي ڏاڍو وڻيو ۽ باباجن جي آگيا سان ئي شاما اُهو چترُ مونکي پيٽ ڪيو، جو هيءُ ئي آهي.“

جڏهن پوڄاريءَ کي پتو پيو تہ چترُ جي پيٽا ڪندڙ خود هيءُ شاما آهي، جو مون وٽ مزمان طور رهيو پيو آهي، تڏهن بيحد خوش ٿيو ۽ ٻئي خوشيءَ وچان هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي مليا. پوءِ تہ شاما جي اُتي، راجائي ڍنگ سان عمدي سواگت ڪئي وئي. پوڄاري وڏو شاهوڪار هو ۽ پاڻ ڏوليءَ ۾ چڙهي، شاما کي هاٿيءَ مٿان پالڪيءَ ۾ چاڙهي، خوب گهمايائين ۽ هر ڪنهن طرح جي سندس خاطرداري ۽ شيوا ڪيائين. مطلب تہ باباجن جا وچن سَتَ نڪتا. ڀڳوان کي ڀڳتَ پيارا آهن.

هڪ پيري ليڊيءَ مان موٽندي، باباجن ٻڪرين جو ڌڻ ايندو ڏٺو، جنهن مان ٻن ٻڪرين باباجن جو ڌيان اُتي ڇڪايو ۽ بابا کي اُتي وٺيا، جو باباجن اُنهن کي ڇڳي

ڪوشش بہ گھٽيائي ڪيائين پر ناڪامياب ٿيو، جنھن ڪري ھڪ ٻئي جا جاني دشمن بڻجي پيا.

ھڪ ڏينھن وڏي پاڻيءَ ندي تي لٿ سان حملو ڪيو تہ نديءَ پنھنجي ڪناريءَ سان، وڏي جو سر لاھي وڌو ۽ ٻئي مري ويا ۽ پنھنجن ڪرمن موجب، ٻئي پائر ٻڪرن جي جوُن ڪي پراپت ٿيا. جڏھن ٻئي ٻڪرا منھنجي ويجھو لنگھيا، تڏھن مونکي سندن گذريل جنم جو اِتھاس ياد آيو ۽ پنھي تي دَيا آئي. تنھنڪري ڪارائڻ پيارڻ ۽ سک ڏيڻ جو ويچار آيو. اِھوئي ڪارڻ آھي، جو مون ھنن جي لاءِ خرچ ڪيو، جو سؤدو اوھان کي بلڪل مھانگو لڳو آھي. پر چاڪاڻ تہ اوھان کي اِھو منھنجو سؤدو سَنو نہ لڳو، اِن ڪري ٻنھي کي وري واپس ڪيم. سنتن جي درشٽيءَ ۾ سڀ جيو ھڪجھڙا آھن پوءِ چاھي ھو پسؤن ھجن، پکي ھجن يا اِنسان ھجن. ”برھم گياني کي درشٽ سمان“ (گوروائي) ھو سڀني ۾ پرماتما پسي، سڀ سان پيار جي ھلت ڪندا آھن.

(ڪل - ٤٧)

## بابا جي ڳڌ ڙيل جنم جون يادگيريون

### نانگ ۽ ڏيڏر جي وارتا



هي نرگڻ آتما، گيان اوتار شري سائين بابا! اوهان جي مورتي کهڙي نه دويه جوت واري ۽ سندر آهي! هي انترجامي! اوهان جي مک جي (ڪانتي) سونهن به ڏنتيه آهي، جنهن جي درشن ڪرڻ سان، پورب جنمن جي دکن جو خاتمو ٿي، سکن جو دوار کلي پوي ٿو. هي پيارا سائين بابا، جي اوهين پنهنجي ديالو سڀاءَ موجب ديا درشٽي ڪندا ته اها آشا رکي سگهون ٿا ته اسانجا ڪرم-بندن ٽٽي ويندا ۽ اسان ڪي آنند جي پراپتي ٿي سگهندي. گنگا ۾ سنان ڪرڻ سان، سڀ پاپ نشٽ ٿي ويندا آهن، پر اها گنگا ماتا پڻ اوهان جهڙن سنتن جي انتظار ۾ رهي ٿي، ته ڪڏهن اچي مون ۾ سنان ڪري، پنهنجا پوتر چرن وجهي، مون ۾ ماڻهن جا ڪنا ٿيل پاپ ناس ڪندا.

باباجن هڪ دفعي ڪٿا بڌائي ته هڪ ڏينهن صبح جو جل پان ڪري پنڌ پيس ۽ هڪ ننڍي نديءَ جي



سائين بابا جي پوتر سماڌي

ڪناري تي پهتس. ٿڪ هئڻ سبب ڪناري تي ويهي رهيس ۽ هٿ پير ڌوئي سنان ڪيم ته ٿڪاوت دور ٿي ويم ۽ بدن ۾ ڦڙتي ۽ پرسنتا انڀو ڪيم.

اتي هڪ هنڌ، ماڻهن لاءِ پڳڊنڊي ۽ بيل گاڏين لاءِ الڳ رستو ٺهيل هئو، جن جي ٻنهي پاسن کان گهاٽا وڻ هئا. ٿڌي ڌيري وهي رهي هئي ۽ پنهنجي چلم پيئي رهيو هوس ته ڪن تي ڏپ ۾ پيل ڏيڏر جو آواز پيم. مان چقمق سلگائي رهيو هوس ته هڪ ٻالڪ اتي آيو، ۽ منهنجي ويجهو ويهي مونکي پرڻام ڪيائين ۽ تڏو وڇائي، مونکي ويهڻ ۽ آرام ڪرڻ جي آڇ ڪيائين. منهنجي چلم پڻ دکائي، مونکي پيڻ لاءِ ڏنائين ۽ ڏيڏر جو وڏو آواز ٻڌي، ان جي رهسيه (راز) ٻڌڻ لاءِ، مون ڏانهن نهاريائين.

مون ٻڌايومانس ته اهو ڏيڏر هن وقت ڪشٽ ۾ آهي جو گذريل جنم جي ڪرمن جو ڦل ڀوڳي رهيو آهي ۽ سندس چلائڻ اجايو آهي. چلم مان هڪ دم پيري، مونکي ڏيئي چيائين ته ”ڏسان ٿو، آخر ۾ آهي ڇا، جو ڏيڏر ايترو گهڻو چلائي رهيو آهي،“ ۽ آواز طرف وڃڻ لڳو. مون چيومانس ”ته اُتي ڏيڏر کي هڪ نانگ پنهنجي وات ۾ پڪڙيو آهي، تنهن ڪري ئي خوف وچان چلائي رهيو آهي. گذريل جنم ۾ ٻئي دشمن آتمائون هئا ۽ هن وقت ڏيڏر ۽ نانگ جي روپ ۾

جنم پائي، ڪرمن جــو ڦل ڀوڳي رهيا آهن. هن اُتي وڃي ڏٺو ته برابر ڏيڏر ڪي، ناڳ منهن ۾ ڏ پائي رهيو آهي.

هن اچي واپس مونکي ٻڌايو ته ١٠-١٢ منٽن ۾ ناڳ ڏيڏر کي ڳڙڪائي ڇڏيندو.

مان - نه، ائين ڪين ٿي سگهندو. مان انهيءَ ڏيڏر جو پتا آهيان ۽ هتي حاضر آهيان. ناڳ جي ڇا مجال آهي، جــو ڏيڏر کي ڳڙڪائي وڃي. مان هتي ڇا لاءِ هن اچي ويٺو آهيان ڇا؟ ڏس ته، مان هن جي ڪهڙي طرح رکشا ٿو ڪريان.

بيو دفعو چلم پيئڻ کــانپوءِ، اسين ٻئي اوڏانــهن وياسين تـــه هو ڏڄڻ لڳو ۽ مونکي اڳيان وڌڻ کان روڪڻ لڳو ته متان ناڳ نه حملو ڪري اچي ڏنگي. مان هن جي صلاح جي برخلاف، اڳيان وڌي ويس ۽ ٻنهي کي چيم ته ”هي ويرو يدرپا، تنهنجي شتروءَ کي اڃا ڪافي ڦل نه مليو آهي ڇا، جو توکي ناڳ جي، ۽ هن کي ڏيڏر جي جوڻ ملي آهي. اڃا ڀي هاڻي ويرو ڇڏيو، جا وڏي شرم جي ڳالهه آهي. خسد ۽ ويرو ياو کي تياڳيو، شانتيءَ ۾ رهو.

اهي لفظ ٻڌي، ناڳ ڏيڏر کي ڇڏي ڏنو ۽ جلد ئي ندي ۾ ٽپي هٽي غائب ٿي ويو. ڏيڏر پڻ ٽپا ڏيندو، وڻن جي جهڳٽن اندر گهڙي ويو. پاتويءَ کــي ڏاڍو

عجب لڳو ۽ سمجهه ۾ ڪين آيس ته ناڻگه ڏيڍر ڪي چڏيو ئي چو؟ ويو يدرپا ۽ چيئو سپا ڪير هتا؟ سندن وڃڻ جو سبب ڪهڙو هو؟ ٻئي مولي اچي وڻ جي هيٺان ويناسين ۽ چلم ڇڪي پوري ڪرڻ بعد، مون کيس ٻڌايو.

”منهنجي رهڻ جي جاءِ کان اٽڪل ۴-۵ ميل پري، هڪ ٻوتو استان آهي، جتي مهاديو جو مندر هو، جو تمام پراڻي حالت ۾ هئو. اُتي جي رهواسين مندر جي مرامت ڪرائي، ٽنهين روپا ڏيڻ لاءِ، چندو ڪٺو ڪرڻ شروع ڪيو. ڪافي ڌن ڪٺي ڪرڻ بعد، اُنهيءَ مندر ۾ هر روز پوڄن جي وغيره جي پوڄنا تيار ڪئي ويئي. هڪ ڌنوان شخص کي اُهو ڪٺو ڪيل چندو ڏيئي چيائون ته ”توکي خزانچي ڪري، مندر جي مرامت وغيره جي ديکڀال ڪرڻ جي جوابداري توتي ٿا رکون. خرچ وڏيءَ دل سان ڪج.“

پر سيٺ هڪ مها ڪنجوس هو. هن ٿوري ۾ ٿورو خرچ ڪيو جنهن ڪري مرامت تمام معمولي ۽ لپي اُپي جي ڪرائي، باقي رقم هڙپ ڪري ويو. پنهنجي باسيل چندي مان هڪ پائي به ڪين خرچ ڪيائين. زبان جو ڏاڍو مٺو هوندو هو، تنهن ڪري، جن ماڻهن کيس چيو ته مرامت پوريءَ طرح ڪانه ٿي آهي ته اُنهن سان هرويرو ڪهڙو به نه پوندو هو ۽ حاضر حاضر چئي

سپني کي پتائي ڇڏيائين ۽ مرامت جو ڪم اڌورو رهجي ويو.

ماڻهو سڀ ڪنا ٿي وٽس آيا ۽ چيائون ته ”سيٺ صاحب، ڪرپا ڪري، مرامت جو ڪم جلدي پورو ڪرايو. جنهن ڍنگ ۽ نور سان، اوهين ڪم ڪرائي رهيا آهيو تنهن جي حساب سان، مرامت جو ڪم ته ختم ٿي ڪين ٿيندو ۽ پيوا اينگهندو. تنهن ڪري وري پوڇنا ناهي، ڪم کي جلد هلايو. پئسا اسين اوهان کي چندو ڪنو ڪري ڏينداسين“ ماڻهن انجام موجب پئسا ڪنا ڪري کيس ڏنا پر هي ڪنجوس خزانچي سيٺ، اڳي وانگيان لڏو مانجهاندو ڪري وينو رهيو.

سندس زال کي ڪن ڏينهن ڪانپوءِ سپني ۾ ڀڳوان شنڪر چيو ته ”مندر کي سوني ڪلش چاڙهڻ جو ڪم پورو ڪرايو. جيترو خرچ ڪندا، مان توهان کي اُن کان سؤ دفعا وڌيڪ خرچ ڏيندس. ٻئي صبح جو زال، سيٺ کي سپنو ٻڌايو ته سيٺ کي اچي ڌپ ورايو ۽ سوچڻ لڳو ته سوني ڪلش جي ڪارج ۾ ته گهڻو خرچ ايندو، تنهن ڪري اِها ڳالهه ٻڌي، ڪلي ٽاري ڇڏيائين چي ”سپنن تي ڪهڙو ويساهه رکي سگهبو. جيڪڏهن ڀڳوان شنڪر ڪلش چاهي ٿو ته مون کي خود درشن ڏئي، نتو ڇڻ سگهي ڇا؟ نه وارو سپنو، ٻاڻ اسان ٻئي ۽ پتنيءَ جي وچم سنبند بگاڙڻ وارو آهي، تنهن

ڪري تون ماٺ ڪري ويهي رهه. ڀڳوان کي اهڙي (دوره) قيمتي شيءِ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي، جا داسي ڀڳتن جي مرضيءَ جي برخلاف ڪني ڪيل هجي! ڀڳوان ته هميشه پريم جو بکيو آهي ۽ پريم ڀڳتي ۽ شرڌا سان، ڏامي جو پئسو به قبول ڪندو آهي. تون آنند ڪري ويهي رهه."

سينياڻي کي وري سپني ۾ مهاديو درشن ڏيئي چيو ته "تون پنهنجي پتيءَ جي بنايل بائين لي ڌيان نه ڏي، مگر هٿس زور رک ته مندر کي بلڪل پوريءَ طرح مرامت ڪرائي، تنهن مندر جهڙي صورت ڏئي. مان برابر پريم ۽ ڀڳتيءَ جو بکيو آهيان. تون پنهنجي هٿان، اچا انوسار خرچ ڪري، مندر کي سونهيڪ ۽ سٺو ٺهراءِ."

سينياڻي ان لي، پنهنجي پتا وٽان مليل زيورن وڪڻڻ جو نشچو ڪيو، ته ڪنجوس سيٺ اچي ڪاوڙيو ۽ ڀڳوان کي دوکي ڏيڻ لاءِ، زال جا سڀ زيور، فقط هڪ هزار روپين ۾ پاڻ خريد ڪري رکي ڇڏيا! هزار روپين مان مندر جي ليکو لکي پيل اجاڙ پٽ، ڪٺي مندر جي ٽالي خريد ڪيائين.

پر اهو پٽ (زمين) هڪ غريب استريءَ جو هو، جو ڪنجوس سيٺ وٽ (٢٥٠) اڍائي سؤ روپين ۾ گهڻي وقت کان گروي طور رکيل هو ۽ بي ايمان سيٺ اهو

پٽ مندر جي ٽالي ۾ وڌي، پنهنجي اِستري، غريب اِستري (دِيڪي) ۽ ڀڳوان شنڪر، اُنهي کي ٻڪساهي دوکو ڏنو. ۽ پوءِ آها زمين هڪ ٽڪرن پوڄاريءَ جي حوالي ڪيائين، جو ڏاڍو خوش ٿيو.

ڪجهه وقت بعد، هڪ زبردست طوفان لڳو ۽ ڀنيان سخت برسات اچي وسي ۽ ڪنجوس سيٺ جي گهر ٿي اچي وچ ڪري، جنهن ۾ سيٺ ۽ سيٺياڻي ٻئي مري ويا ۽ هوءَ غريب اِستري دِيڪي به مري ويئي.

ٻئي جنم ۾ ڪنجوس، متّرا جي براهمڻ ڪل ۾ جنم ورتو ۽ مٿس نــالو ويرڀدرپا رکيو ويـو ۽ سندس زال پوڄاريءَ جي گهر ۾ ڪنيا جـو جنم ورتو ۽ مٿس نالو گوري پيو. غريب اِستري دِيڪي وري گرڙ ونــس ۾ پوش جـــو جنم ورتو ۽ مٿس نالو رکيو ويـو چين بسپا پوڄاري منهنجو متر هو ۽ گهڻو ڪري مون وٽ وارتالاپ ڪرڻ ۽ خبر چار ڏيڻ وٺڻ لاءِ ايندو هو ۽ مون وٽ چلم به پيئندو هو. پوڄاريءَ جي ڪنيا گوري به منهنجي ڀڳتڻ ٿي پيئي.

جڏهن گوري جوان ٿيندي ويئي، تڏهن پڻس پوڄاريءَ کي سندس شادي ڪرائڻ جي چنتا اچي لڳي. مون کيس چيو ته "تون ڪا به چنتا نه ڪر. گوريءَ جو ور، پاڻيهي ڳولا ڪندو تو وٽ اچي پهچندو. ٿورن ڏينهن بعد، ويرڀدرپا نالي هڪ جوان، (اڳيون سيٺ) ڀڪشا وٺندو،

پڄاريءَ جي در تي اچي پهتو ۽ مون سان صلح ڪري (اڳين زال) گوريءَ کي هن سان شادي ڪرايائين. چاڪاڻ ته (۱) هن شادي ۾ منهنجو هٿ ڳنڍيل هو ۽ (۲) اڳئين جنم ۾ مندر وارا پئسا ڳڙڪائي، مونکي دوکو ڏنو هئائين ته به سندس ڏن جي ترشنا لٿي ڪانه هئي تنهن ڪري مونکي چيائين ته ”اوهان ئي مونکي شادي ڪرائي آهي، تنهن ڪري ڪنهن ڏنڊي پڇاڙي ۾ مونکي ڪرپا ڪري لڳايو.“

قدرت سان اُن وقت سيٺي شين جا اگهه چڙهي ويا ۽ گوريءَ (اڳين استري) واري زمين هڪ لک روپين ۾ وڪاڻي، جنهن مان (۵۰) هزار نقد مليا ۽ باقي ٻن ٽن سالن جي قسطن ۾ چڪتو ڪري ڏيڻ جو واعدو ٿيو. يعني سيٺ جي اڳين زال کي، مٺين جي هڪ هزار روپين بدران سؤ دفعا وڌيڪ، شنڪر جي سيئي موجب مليا ۽ مهاديو جو وچن سچ ٿيو.

هيڏانهن ويو پڙهيا (اڳيون سيٺ) پئسي جي لالچ ۾ ڦاسي، پنهنجي استري گوري (اڳين زال) سان اچي اٽڪيو ته انهن ۾ منهنجو حق آهي ڇو ته مان تنهنجو پتي آهيان. پوءِ جڏهن جهڳڙندا مون وٽ آيا. مون فيصلو ڏنو ته اِها زمين اصل گوريءَ جي پيءُ پڄاريءَ کي ڏني وئي هئي، تنهن ڪري زمين جي مالڪ

سندس ڏيءُ گوري آهي. سندس پٽيءُ جو ان کي ڪوبه اُڌڪار ناهي.

منهنجي فيصلي تي ڪاوڙجي ويو پدريا (سيٺ) چوڻ لڳو ته ”توهان گوريءَ کي ڦسلائي، سندس ملڪيت هڙپ ڪرڻ ٿو چاهين.“ اهو الزام ٻڌي، مان ڀڳوان جو نالو وٺي ماٺ ۾ رهيس ته ويو پدريا (سيٺ) گوري (سينياڻي) کي مارڻ لڳو. منجهند جو گوريءَ مونکي اچي چيو ته ”ويو پدريا جيڪي اکر اوهانکي چيا آهن، انهن جي باري ۾ دل ۾ نه ڪجو ڇو ته مان وري به اوهانجي لڙڪي آهيان تنهن ڪري مونتي ديا درشٽي ڪجو.“ مون به کيس شرڻ ۾ آيل وچن ڏنو ته ”مان سمت سمنڊ پار ڪري به تنهنجي رکشا اچي ڪندس.“

واڻ جو گوريءَ سپنو لڌو جنهن ۾ مهاوير کيس چيو ته ”اها سڀ ملڪيت تنهنجي لئي آهي، ان مان ڪجهه به ڪنهن کي نه ڏج. ڇين بسپا (اڳين غريب استري دباڪي) جي صلاح سان، ڪجهه رقم مندر جي ڪاربه ۾ خرچ ڪر ۽ پوءِ جي بچي ڪنهن پاسي خرچ ڪرڻ جي اڇا ٿيئي ته مسجد ۾ بابا سائين جي حڪم موجب خرچ ڪج.“

گوري پنهنجي سپني جو احوال اچي مونکي سڻايو ۽ مون کيس اُچت (واجبي نيڪ) صلاح پڻ ڏني ته مُول رقم تون ٻاڻ وٽ رکي ڇڏ، باقي وياج جي اڌ

رقم چين بسپا کي ڏني. ويٺوپدر جو ان ملڪيت ۾ ڪن سان ڪو به واسطو ناهي.“ اِهي لفظ چئي بعد ڪيم ته ويٺوپدرپا ۽ چين بسپا ٻئي پاڻ ۾ جهڳڙندا مون وٽ آيا.

مون ٻنهي کي شانت ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ گوڙيءَ کي سپني ۾ مليل مهاديو جو حڪم پڻ ٻڌايم ته ويٺوپدرپا جوش ۾ اچي چين بسپا کي چيو ته ”مان توکي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندس.“ چين بسپا (اهڙين غريب مائي) گيڏي هو ۽ منهنجا چرن پڪڙي چيائين ”ڪرپا ڪري منهنجي رکشا ڪريو.“ مون اوڏي مهل ئي شترو ويٺوپدرپا کان سندس ڇوٽڪارو ڪرايو.

اوري وقت بعد ٻئي مرتيو ٿي ويا. ويٺوپدرپا کي نانگ جي جوڻ ملي ۽ چين بسپا اچي ڏيڏر ٿيو. چين بسپا ڏيڏر جي ڪار ۾، منهنجو ڏنل وچن مونکي ياد آيو ته ”مان ست سمنڊ پار ڪري به، توکي اچي سهائتا ڪندس“ ۽ ڏيڏر جي رکشا ڪري، پنهنجو وچن پورو ڪيم.

مطلب ته سنڪٽ جي سمي، ڀڳوان پنهنجن ڀڳتن وٽ ڊوڙندو ويندو آهي.

”جهه جهه ڪاج ڪرت شيوڪ ڪي،
تهان تهان اٺ ڌاوئي“ (گوروائي)

سکيا - (١) ڪيل ڪرمن جو ڦل هرهڪ کي ڀوڳڻو ئي پوي ٿو ۽ ڀوڳڻ کانسواءِ سندس ڇوٽڪارو ڪين ٿيندو.

”بن ڀوڳي ڀاڳيءَ نهين، ڪرم گتي ٻلوان.“
گلرڙيل جنمن جي ڏيڻ وٺڻ جو وهنوار جيسين چڪتو نه ٿيو آهي، تيسين جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچڻو پوندو.
(۲) ڏن جي ترشنا، نه فقط انسان جو انت آڻي ٿي، پر منش جوُن مان ڪيرائي، نانگ ڏيڏر وغيره جهڙن جوُنيون ڀوڳائي ٿي.
اَنت ڪال جو لڇمي سمري، انسي چنتا مهه جي مري-
سرپ جوُن وَل وَل اوُترِيءَ
ري باڻي، گوبند نام مت ويسري
اَنت ڪال جو استري سمري، اَلسي چنتا مهه جي مري-
ويشوا جوُن وَل وَل اوُترِي
اَنت ڪال جو لڙڪي سمري، اَلسي چنتا مهه جي مري-
سوُڪر جوُن وَل وَل اوُترِي
اَنت ڪال جو مندر سمري، اَنسي چنتا مهه جي مري-
پريت جوُن وَل وَل اوُترِي
اَنت ڪال جو نارايڻ سمري، اَلسي چنتا مهه جي مري-
بدت ترلوچن تي نر مڪتا،
پيتامبر وانڪي هردي بسي. (گوروائي)

رهندو آهي ۽ سيني کي پنهنجو سروپ سمجهي، سائن اهڙو ٿي ورتاءُ ڪندو آهي. سچي ستگوروءَ لاءِ راجا توڙي رنڪ، اوچ يا نيچ ڪل وارا هڪ سمان آهن.

ستگورو سائين بابا ۾ سچي ستگوروءَ وارا سڀ لڇڻ هئا. (١٨) ارڙهن ورهين جي ڄمار ڪانوني، سندن من تي پورو ضابطو هو، ٻيهر ٻي ڊ ٻا ـ تي، ايڪانت وارن آستانن ۾ هليا ويندا هئا ۽ شروع ۾ آيل پڪتن ۾ گيان جوت جو ديپڪ جڳائيندا رهيا ۽ پوءِ پياڳ سيني ۾ ڦوڪيندا رهيا، جنهنڪري پڪتن ۾ پوءِ جي سلي اُپرڻ بعد پڪتي، وئراڳيه، شانتي ۽ ڪلياڻ روپي ملڪيت ڪيترن حصال ڪئي.

شولاپور ضلع جي اَڪلڪوٽ واري شري سپرنٽيڪر وڪالت پڙهندڙ جو هم ڪلاسي شري شيوڙي هو. هڪ ڏينهن وڪالت ڪلاس جي سيني وديارٿين گڏجي، وڪالت جي اِيپاس تي پنهنجا پنهنجا خيال ظاهر ڪيا ۽ سيني کي اِئين ڏسڻ ۾ آيو تہ صرف شيوڙي تي وڪالت جي امتحان ۾ ناپاس ٿيندو. ليڪن شيوڙي سيني کي ڪليو ڪلايو چيو تہ "مان امتحان ۾ ضرور پاس ٿيندس ڇو تہ منهنجو ستگورو سائين بابا مونکي سڦلتا حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪندو."

اِن تي سپرنٽيڪر عجب ۾ پئجي پڇيس تہ "سائين بابا آهي ڪير، جنهنجي زور تي تون ڇاتي ٺوڪي چوين ٿو تہ پاس ٿيندس."

شيوڙي جواب ڏنس ته ”منهنجو سائين بابا، هڪ فقير آهي، جو شرڊيءَ جي مسجد ۾ رهندو آهي. ليڪن منهنجي سمجهه ۾ هن جهڙو ٻيو پورڻ سنت هن وقت ڪٿي ڪونهي. سائين بابا ئي مونکي چيو آهي تہ تون امتحان ۾ ضرور پاس ٿيندين، ۽ مونکي (١٦) ئي آنا وشواس آهي تہ مان پڪ پاس ٿيندس.“ اِهي لفظ ٻڌي، سپٽيڪر مٿس بہ ٺٺولي ڪئي ۽ سائين بابا لاءِ پڻ گهٽ وڌ ڳالهايو. پر جڏهن شيوڙي برابر وڪالت جي امتحان ۾ پاس ٿيو، تڏهن سپٽيڪر جا ترا ئي لڳي ويا.

امتحان پاس ڪرڻ بعد سپٽيڪر، اَڪلڪوٽ ۾ ئي وڪالت شروع ڪئي. ڏهن سالن کانپوءِ ١٩١٣ ۾ سندس سڪيلڌي پٽ جو، گلي جي بيماريءَ ڪري مؤت ٿيو تہ سپٽيڪر جي من کي ڇڱو ڌوڏو اچي ويو. من جي شانتي حاصل ڪرڻ لاءِ هن پنڍرپور، گنگاپور ۽ ٻين تيرٿن جي ياترا پڻ ڪئي پر فائدو ڪين پهتس. ويدانت جي ڪٿائن ٻڌڻ بعد بہ سندس من کي شانتي ڪين ملي.

هڪ ڏينهن اوچتو کيس سندس ڪلاسي شيوڙيءَ جا لفظ ياد آيا تہ هن وقت پورڻ سنت شرڊيءَ وارو سائين بابا آهي ۽ خيال ڪيائين تہ اهڙي سنت پرش جو درشن ضرور ڪرڻ کپي. اُن موجب پنهنجي ننڍي

ڀاءُ پنڊت راو سان گڏجي شرڊيءَ ۾ آيو ۽ شڪ ڀاو نا سان، شري ڦل جي ڀيٽا آڻي رکيائين. ليڪن سائين بابا ڪاوڙ ۾ ڀرجي چيو ته "هتان يڪدم نڪري وڃو!"

سپٽيڪر انهن لفظن تي هراسجي ويو ۽ هٽي پنيان وڃي ويٺو ۽ مـن ۾ سوچڻ لڳو ڪنهن ڀڳت معرفت ٿي باباجن راضي ٿيندا. اتي ڪن چيس ته "بالا سمپي ڀڳت" ئي توکي باباجن سان ملاقات ڪرائي سگهندو. وڪيل سپٽيڪر پڇا ڪندو هـن وٽ ويو ۽ عرض ڪيائين تـه مونکي ملاقات ڪرائڻ ۾ مدد ڪر ۽ هن ها ڪئي.

ٻئي ڏينهن بالاسمپي، باباجن جـو هڪ چتر، بازار مان خريد ڪري مسجد ۾ آيو ۽ اهو فوٽو بابا جي هٿ ۾ ڏيئي چيائين ته "ٻڌايو ته هي فوٽو ڪنهنجو آهي؟" باباجن سپٽيڪر طرف اشارو ڪري چيو ته "هي فوٽو ته منهنجي يار جـو آهي." ائين چئي ٽهڪ ڏيڻ لڳو ته ويٺل ڀڳتن جي منڊلي پڻ خوب ٽهڪ ڏيئي کليو. پو وري جڏهن وڪيل سپٽيڪر، بابا کي پرڻام ڪرڻ آيو تـه بابا يڪدم چيو "ٻاهر نڪالو." هـو ويچارو هڪو ٻڪو ۽ وائڙو ٿي ويو. پو وري ٻه هٿ جوڙي ويهي رهيو ته بابا وري چيو ته "اِسڪو ٻاهر نڪالو." ان تي سپٽيڪر ۽ سندس زال ٻئي نراس ٿـي موٽي ويا. سپٽيڪر دل ۾ پرارٿنا ڪئي ته "هي سائين بابا،

اسين اوهان وٽ "دِيا جي پکشا" وٺڻ آيا هئاسين پر هاڻي گهڻ ۾ گهڻ اسان کي ايتري ته دلداري ڏيو ته هن ڪان پوءِ اسان کي پنهنجي درشن ڪرڻ جي منظوري ڪڏهن ڏيندا."

مٿين ڳالهه کي پورو سال گذري ويو ۽ سپنٽيڪر جي دل کي شانتي ڪانه آئي. هو گنگاپور ۾ ويو ته هيڪاري اَشانتي وڌي ويس. پوءِ ورِي موديءِ گانوءِ ۾ شريمتي سپنٽيڪر ڪجهه وقت وشرام ڪرڻ لاءِ ويٺي ۽ اُتان سڌو ڪاشيءِ وڃڻ جو نشچيه ڪيائون. پر اُسهڻ کان ٻه ڏينهن اَڳ، شريمتيءَ سپني ۾ ڏٺو ته "مان گهاگهر کڻي "لڪوشا" جي کوهه تي پاڻي ڀرڻ وڃي رهي آهيان ته نم جي وڻ هيٺان هڪ فقير ويٺل ڏٺم، جنهن جي مٿي تي ڪپڙو ٻڌل هو. فقير سندس پٺيان اچي کيس چيو ته "منهنجي پياري ٻالڪي! تون ايترو ڪشٽ ڇو کڻي رهي آهين. مان توکي گهاگهر نرمل جل سان ڀري ٿو ڏيان." فقير جي ڊپ کان، مان خالي گهاگهر سان موٽڻ لڳيس ۽ فقير منهنجي پٺيان هلندو آيو.

اِتي سندس اَکيون کلي پيون ۽ سپني واري ڳالهه يڪدم پنهنجي پتيءَ سان ڪيائين. ٻنهي سپني کي هڪ سٺو سوڻ سمجهي، شرڊيءَ لاءِ روانا ٿي ويا. جڏهن شرڊيءَ ۾ پهتا تڏهن باباجن مسجد ۾ حاضر

ڪونه هئا ۽ ”ليڊيءَ“ ۾ ويا هئا. هي ٻئي سندن اچڻ جي اِنتظاريءَ ۾ ويهي رهيا.

جڏهن باباجن موٽيا تڏهن پتنيءَ ڏٺو تہ سچي وارو فقير بلڪل بابا سائين جهڙو هو. ٻنهي اُٺي عزت سان پرڻام ڪيو ۽ پوءِ ماٿ ڪري باباجن جي چرڻن ۾ ويهي رهيا. باباجن بہ مٿن پرسن ٿي، پنهنجي نموني ۾ هڪ ٽئين ماڻهوءَ کي هيٺين ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳا.

منهنجن هٿن، پيٽ، بدن ۽ چيلهہ ۾ ڪيترن ڏينهن کان درد ۽ سور آهي، جو ڪيترن دوائن ڪندي بہ ڪين لٿو، تنهن ڪري منهنجو دوائن ڪرڻ مان ايمان نڪري ويو آهي. پر اڄ اهڙي عجب جي ڳالهہ ٿي آهي، جو مان ڏسان ٿو تہ اُهو سور صفا غائب ٿي ويو اٿم!“ مٿين لفظن چوڻ بعد، شري ۽ شريمتي سپٽيڪر ٻنهي خود معلوم ڪيو تہ ٻنهي جي من جي اَشانتي صفا غائب ٿي ويئي ۽ ٻئي سرها ۽ بلڪل پرسن ٿيا!

اِتي شري سپٽيڪر همت ٻڌي درشن ڪرڻ لاءِ ويجهو وڌيو تہ ”ٻاهر نڪل جاءِ“ جي سواگت مليس! پر هن پيري بلڪل ڌيرج ۽ نمرتا سان اندر ۾ پاڻ کي چوڻ لڳو تہ ”باباجن، ضرور منهنجن اڳين ڪرمن ڪري، مون تي ناراض هوندا. مان ڪٿن بہ ڪري پاڻ ۾ سڌارو آڻي، باباجن کان اڳين ڪيل گناهن جي معافي وٺندس.“ اِهو اِرادو ڪري، باباجن جي چرڻن تي پنهنجو

مٿو ڪٽي رکيائين ته باباجن وري راضي ٿي سندس مٿي تي آشيرواد جو هٿ رکيو!

سپٽيڪر باباجن جا چرڻ دٻائيندو رهيو ته مٿان هڪ ڊاڪٽرياڻي آئي ۽ باباجن جي چلهه کي پيرون ڏيڻ لڳي ته باباجن وري هڪ ٻيءَ (واٽي) جي کاڻي شروع ڪئي، ته ڪيئن هنجي حياتيءَ ۾ قيرو آيو ۽ ڪيئن هنجو سڪيلڊو پٽ گذاري ويو. اها ٻڌي سپٽيڪر دل ۾ چوڻ لڳو ته "هيءَ ڪٿا ته ٻنهي مون سان ٿي لڳي! يعني ته باباجن انترياميي آهن ۽ منهنجي دل جو حال پوڙي رهيا آهن."

اتي باباجن وري سپٽيڪر ڏانهن اشارو ڪري، ڊاڪٽرياڻيءَ کي چوڻ لڳا ته "هي پلو پرش، مون تي الزام هڻي رهيو آهي ته مون ئي سندس پٽ ماريو آهي. جيڪڏهن ائين آهي ته هي مهاشيه، هن مسجد ۾ اچي چيڪون ڇو ڪري رهيو آهي؟ پر هاڻي مان هن مهاشيه جي پٽنيءَ جي گوڊ ۾، ساڳيو پٽ آڻي ڏيندس." ائين چئي پنهنجو ساڄو هٿ، سپٽيڪر جي مٿي تي رکي چيو ته "هاڻي ٻيون چنتائون ڇڏي، مون تي پورو پورو وشواس رکو ته اوهانجي من جون مرادون پوريون ٿينديون."


سپٽيڪر اهي آسيس جا لفظ ٻڌي اٿڙو ته گد گد ٿيو ۽ سندس اکين مان آنسون اٿرا ته نڪتا، جو

باباجن جا چرڻ ڌوئي ويا. پوءِ باباجن کي نمسڪار ڪري رهڻ جي جاءِ تي آيو ۽ باباجن جي پوڄا ڪرڻ جي سامگري کڻي، پتنيءَ سميت وري مسجد ۾ آيو. اُن ڪانپوءِ هر روز باباجن جو پوڄن اچي ڪندو هو ۽ بابا جو هٿ ڏنل پرساد گرهڻ ڪندو هو. ماڻهن جي ڀيڙ ڀيڙان هوندي به، مسجد ۾ اچي، بار بار مٿو ٽيڪيندو هو. مٿي ٽيڪڻ مهل، هڪ دفعي سندس مٿو، ٻئي پريميءَ سان ٽڪرائيندو ڏسي، باباجن چيو ته "پريم ۽ شردا سان هڪ دفعو مٿو ٽيڪڻ ئي مونکي پسند آهي." اِنهي آسيس ملڻ تي رات جو وري، سپنٽيڪر کي باباجن، ساکيات پانڊُو رنگ جي مُورتيءَ جيان، ڏسڻ ۾ آيو!!

ٻئي ڏينهن وڃڻ جو ويچار ڪري، "باباجن کي صرف هڪ روپيو دکشڻا ڏيڻ جو خيال ڪري آيو پر جي اَسويڪار ڪندا ته ٻيو به ڏيندس." پر جڏهن هڪ روپيو دکشڻا پيش رکيائين ته اَنترِيامي باباجن، ڪانئس هڪ روپيو وٺي گهريو ۽ آشيرواد ڪئي" ته هي شري ڦل جو ميوو پنهنجي پتني جي جهوليءَ ۾ وجهي نشچت جيون گذار."

باباجن جي آگيا پالن ڪرڻ کان سال پوءِ، پنهي کي هڪ پتر پيدا ٿيو، جو (٨) مهنن کان پوءِ آڻي، باباجن جي چرڻن تي ليٽائي چيائون ته "هي شري

سائين ناٿ! اوهانجو اَحسان اَسين ڪيئن چڪائيندا سون! اوهان جي شري چرڻن تي اسان جو بار بار نمسڪار آهي. اسان ڏينهن تي پنهنجي ڪرپا ڪندا ته اسان جو من اوهان جي پوڄن ڳائڻ ۾ مگن ۽ مست رهي." پوءِ جو نالو "مرليڌر" رکيو ويو. اُن ڪانپوءِ به پوءِ پاسڪو ۽ دنڪو نالي سان پڪارا ٿين ۽ بنهي کي پڪ ٿي ته "سنتن جا وچن ڪڏهن به خالي نه ويندا آهن."





## هري ڪانوبا ـ سومد ٻو سوامي

ويدن چيو آهي تہ ”پرميشور پار برهم بي اَنت“ آهي. ساڳي ڳالهہ پرماتما جي پيارن سنتن سان بہ لاڳو آهي. هنن جي مهما ڪٿن ڪرڻ دان ٻاهر آهي. ليڪن سنتن جا ڪرڻ ڪڏ جي ڪٿن ڪرڻ ۾، هڪ اَنوکو سواد پريمين کي ايندو آهي ۽ جيترا گهڻا پريمي ڀڳت گــڏجي سندن ڳڻن جو ورنــن ڪندا آهن اوتـرو وڌيڪ سواد اُنــهن مــان ايندو آهي.

هري ڀڳتي، تپ ساڌن، تيرٿ ياترا، ورتن يگين ۽ دان کان بہ وڌيڪ سريشٽ آهي ٻر ستگورن جو ڌيان ڌارڻ ۽ پرماتما جي نام جو اُچارڻ ۽ پنهنجي سوَ روُپ جو چنتن ڪرڻ جهڙو اُتم ساڌن، هن ڀؤساگر کــان پار ڪرڻ وارو ٻيو ڪو بہ ناهي. جيڪڏهن اسين مٿين ساڌنن موجب ڪــرم ڪندا رهنداسين تــہ ستگورو پــاڻ اسان جي سهائتا ڪندا رهندا ۽ مڪتي دان پراپت ڪرائيندا.

**هري ڪانوبا** نالي هڪ مهاشي، پنهنجن ڪيترن

دوستن واڪان باباجن جون ليلائون پڌيون هيون پر
ڪيس اُنهن تي وشواس نٿي آيو ڇو ته هنجي دل جي
تخت تي، اوشواس پنهنجو ديرو جمائي ويٺو هو. باباجن
جي پريڪشا وٺڻ لاءِ ڪن مترن سان گڏجي شرڊيءَ ۾
آيو. مٿي تي زريدار پڳڙي پهري ۽ پيرن ۾ هڪ نئون
سئنڊل پائي مسجد ۾ آيو ۽ باباجن کي پريان ڏسي
چاهيائين ته باباجن جي پرسان وڃي پرڻام ڪريان، ليڪن
نئين سئنڊل جي چنتا اچي ورايس ته ڪٿي رکان. آخر
منڊپ جي هڪ ڪنڊ ۾ سئنڊل رکي، ڏاڍي نمرتا
سان باباجن کي پرڻام ڪيائين. جڏهن بابا کان پيوُت
۽ بيو پرساد وٺي سئنڊل پائڻ آيو ته سئنڊل هئو ئي
ڪونه! هيڏانهن هوڏانهن ڳولا ڪرڻ بعد، جڏهن سئنڊل
ڪين لڌس تڏهن نراس ٿي، پيرين اگهاڙو پنهنجي رهڻ
جي مڪان تي موٽي آيو.

گهر اچي سنان پوڄا ڪري، پوڄن ڪرڻ ويٺو ته
سئنڊل جي ويچارن اچي ورايس - پوڄن ڪري هٿ
منهن ڌوئي ٻاهر آيو ته هڪ مرهٽي ٻالڪ کي سامهون
ايندو ڏٺائين جنهنجي هٿ ۾ ڏنڊي جي هڪ چيڙي
تي، سئنڊل جو جوڙو لٽڪيو پيو هو. ٻالڪ چيو ته
"باباجن، مونکي هي ڏنڊو هٿ ۾ ڏيئي چيو ته رستي
تي هوڪو ڏيندو وڃ تہ "هري ڪا بيٽا، زري
ڪا ڦيٽا."

جيڪڏهن ڪو چوي ته اِهو سنڌبل منهنجو آهي ته توهان کان اول پڇجي ته تنهنجو نالو ڇا آهي ۽ تنهنجي پيءُ جو نالو "ڪ" شبد سان شروع آهي ڇا؟ ۽ اهو به ڏسجي ته سنڌس مٿي تي زريدار پٽڪو بندل آهي يا نه. خاطري ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌبل اُن کي ڏجانءِ.

بالڪ جو بيان ٻڌي، هري ڪانوبا عجب ۽ خوشيءَ ۾ جنسي نچڻ لڳو ۽ بالڪ کي چيائين ته "اِهو سنڌبل منهنجو ئي آهي ۽ مان ئي "ڪ" ڪانوبا جو پٽ آهيان. منهنجي مٿي تي پڻ زريدار پٽڪو بندل آهي." بالڪ اِن تي راضي ٿي، کيس سنڌبل ڏنو. هري ڪانوبا کي پوءِ دل ۾ پڪ ٿي ته "باباجن برابر اَنترجامي آهن ۽ منهنجي پريکيا وٺڻ لاءِ ئي، بالڪ جو روپ ڌاري، ليلا ڏيکارڻ لاءِ ئي، آيو هو." مطلب ته هري ڪانوبا جي اچا پوري ٿي ۽ ڪلنڊو ڪڍندو گهر موٽي ويو.

(۲) ڪاڪا صاحب ڊيکشت جو پياءُ شري ٻائيجي ناگپور ۾ رهندو هو. هو جڏهن ١٩٠٦ ۾ هماليه پربت تي ويو هو تڏهن گنگوتريءَ کان هيٺ، اُترڪاشيءَ ۾ هردوار جي ويجهو، هڪ **سوامي سومديو** سان سندس واقفيت ٿي ۽ هڪ ٻئي جي ائڊريس پاڻ وٽ لکي ڇڏيائون.

پنجن سالن کان پوءِ سوامي سومديو ناگپور ۾ آيو ۽

پانهنجي وٽ اچي ٽڪيو. اُتي باباڄن جي ساراهه ٻڌي، خوش ٿيو ۽ چاهيائين ته شرڌيءَ ۾ وڃي باباڄن جو درشن ڪريان. منماڊ ۽ ڪوپرگانو پار ڪري، ٽانگي ۾ چڙهي شرڌيءَ ڏانهن آيو ته پريان ئي مسجد تي ٻه جهنڊا جهوليندا ڏسڻ ۾ آيس.

هر هڪ ماڻهوءَ جو سڀاءُ الڳ الڳ ٿيندو آهي. سومديو دل ۾ چوڻ لڳو ته "باباڄن سنت ٿي ڪري مسجد مٿان جهنڊو ڇو جهولارايو آهي؟ باباڄن پنهنجي پڌرائي ڪرڻ لاءِ اِهو ڪم ڪيو آهي ڇا؟ جي ها ته سنت کي اِنهي ۾ دلچسپي وٺڻ کپي ڇا؟ سنتپڻو اِهو آهي ڇا؟ مان ڄاڻان ٿو ته هي سنت، پنهنجي ڪيرتي ۽ ناموس جو شوقين آهي. بهتر آهي ته گهر موٽي وڃان."

جڏهن موٽڻ لڳو ته ٻين پانڌين چيس ته "اوهان کي ته جهنڊا ڏسي من ۾ موٽي وڃڻ جو جوش آيو آهي پر جڏهن رٿ، پالڪي، گهوڙا ۽ ٻي سامگري ڏسندين ته تنهنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟" سومديو گهٻرائجي چوڻ لڳو ته "مون اَنيڪ سادن سنتن جا درشن ڪيا آهن پر هي سنت ڪو عجيب ٿو ڏسجي، جو مان ۽ وڏائيءَ جون شيون، پاڻ وٽ ڪٺيون ڪري رهيو آهي. اهڙي سنت جو درشن نه ڪرڻ ئي بهتر آهي."

ٻين پانڌين اُن تي چيس ته "توهان اِها تنگدلي

چڏي ڏي. باباجن کي پنهنجي ناموس ڪڍائڻ جو خيال سپني ۾ به ڪين ايندو آهي. اِهي شيون پڳت گڻن، پوڄم ۽ پڳتي وِچال آڏي پيئا ڪيئُن آهن. تنهن ڪري ضد ڇڏي، هلي ستت جو درشن ڪريو“ ۽ سومديو به ساڻن گڏجي آيو. شرڊي ۾ پهچي، تيار ٿي، جڏهن مسجد ۾ پهتو، تڏهن حيران ٿي ويو جو سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ بند ٿي نه ٿين ۽ ڪنٺ رڪجي ويس!

اڳيان تنگدل ۽ ڪٺو خيال سندس مغز مان اُڏامي ويا ۽ پنهنجي گورؤء جا وچن ياد آيس ته ”جتي من وڏيڪ پوس ٿئي ۽ چڪجي، اهو آستان ٿي وشرام ڌام سمجهج.“ جڏهن باباجن جي چرڻن تي متي ٽيڪڻ لاءِ باباجن جي ويجهو آيو ته باباجن ڪروڌ ۾ پرچي چيو ته ”همارا سامان، هماري هي پاس رهني دو. تم اپني گهر واپس لوٽ جائو. خبردار جي مسجد جي ڏاڪڻ تي وري متي چڙهيو آهين. اهڙن ماڻهن جو درشن ٿي ڇو ڪرڻ گهرجي، جيڪي مسجد متان جهنڊا جهوُلائي رهيا آهن. اِهي ستت جا لڇڻ آهن ڇا؟ يڪدم موٽي گهر هليو وڃ. هڪ پل به نه ٽڪس.“

هاڻي سومديو کي سجهي آيو ته باباجن برابر انترجامي آهن ۽ دل ۾ آيل خيال موٽنڪي کولي ٻڌائي رهيا آهن. دل ئي دل ۾ پيشمان ٿيو ۽ باباجن کي مهاتما ۽ سچو ستت سمجهي، پاڻ تي لعنت وجهڻ لڳو ڇي

”مون پاپ ڪيو. جو هن پوتر شد آتما لاءِ، مون ۾ گمان پيدا ٿيو.“

باباجن جو، ٻين ڀاترين کي آشيرواد، ڪرڻ، مٿي تي هٿ رکڻ ۽ ڪن کي ڀاڪر پائڻ ڏسي ۽ ڪين اُدي پرساد ڏيندو ڏسي، دل ۾ چوڻ لڳو ته ”ڀلا مون سان هي بيهودو ۽ ڀيدي ورتاءُ ڇو؟“ آخر سندس وويڪ ٿي کيس جواب ڏنو ته ”توکي پنهنجي دل وڏيڪ شد ڪرڻ ۽ آچرڻ (هلت) وڌيڪ سڌارڻ کپي. باباجن جو ڪروڌ، منهنجي لاءِ هڪ وردان جهڙي برابر آهي.“ مطلب ته سومديو جي دل مان ڪٿر خيال ڪافور ٿي ويا ۽ باباجن جي شرڻ ۾ رهي وڏو ڀڳت ٿي پيو.

”ڪوئي ڪر ٻخيلي نوءِ ناهي،
تر ستگور آڻ نوايا. (گوروائي)

(۳) هڪ دفعي جڏهن نانا صاحب چندورڪر ڀڳت مهالساپتي ۽ ٻين ڀڳتن سان مسجد ۾ ويٺو ته بيجاپور جو هڪ مسلمان، ڪٽنب سميت، سائين بابا جي درشن لاءِ آيو. زالن کي برقعو پيل ڏسي، نانا صاحب پاڻيهي اُٿي باهر وڃڻ لڳو ته باباجن کيس وڃڻ کان روڪيو. زالون اڳيان وڌي اچي درشن ڪيو. اُنهن مان هڪ پنهنجو برقعو هٽائي، باباجن کي پرڻام ڪري، وري گهونگهٽ چاڙهي ڇڏيو.

نانا صاحب جو من، اُنهيءَ زال جي سندرتا جي

موهجي ويو ۽ چياهين ته جيڪر پيو پيرو به سندس سندر منهن ڏسان. سندس اندر جو حال جاڻي، ماڻهن جي وچ ۾ ڪانپوءِ باباجن ڪيس چيو ته ”نانا، تون اجايو ڇو موهت ٿيو آهين؟ ڪيئن اِندرين کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏي. هي۽ سندر سرشٽي ڀڳوان جي خلقيل آهي. اسان جو فرض آهي ته ڀڳوان جي سندرتا جي ساراهه ڪريون. هي من تہ مشڪل اسٿر ٿيندو آهي پر جيڪڏهن سامهون دروازو کليل هجي تہ پنهين دروازي کان اندر ڇو اچڻ گهرجي؟ چت جي شڌ ٿيڻ کانپوءِ ڪنهن به ڪشٽ جو انيڻو ڪين ٿيندو. جيڪڏهن من ۾ خراب خيال ناهن ته ڪنهن کان به ڊپ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. نيترن کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏي. ان ۾ لڄي ٿيڻ يا من کي چنچل ٿيڻ نه گهرجي.“

اُن وقت ڀڳت شاما به اُتي حاضر هو پر ڪيس سمجهه ۾ ڪين آيو ته باباجن جي اُنهن وچن ڪهڻ جو مطلب ڪهڙو آهي. پوءِ موٽندي مهل نانا صاحب کان ان باري ۾ پڇيائين. نانا صاحب سچو ورتانت ٻڌائي چيس ته ”اسان جو من اصل کان ڏايو و چنچل آهي، تنهن کي چيڪ ڏيڻ نه گهرجي. اِندريون پلي چنچل ٿي وڃن پر اسان کي پنهنجي سرير کي قابو ۾ رکي من کي اشانت بنائڻ نه کپي. اِندريون ته پنهنجي سياءَ موجب هميشهہ چيشٽا (اِڇا) ڪنديون رهنديون

آهن، ليڪن اسان کي اُنهن جي اَڏين نہ ٿيڻ گهرجي، جيتوڻيڪ اِندرين تي بلڪل پورو ضابطو ۽ ڪنٽرول رکڻ ممڪن ناهي.

اسان کي اَڪيون ٻوڙ پڳوان جي خلقيل سعدرتا ڏسڻ لاء مليون آهن پر جي من ۾ خراب خيال نہ اچن تہ ٻوڙ ٻي ٻڌ ٻو تي اُهي اُها سعدرتا ڏسي، اُن سان گڏوگڏ اِيشور جي ساراهہ ڪرڻ گهرجي. جي اسانجو پڪو اڀياس تي وڃو تہ سنساري وشين جو آنند ماڻيندي بہ اسانجو من، اِيشور جي يادگيري ڪندو رهندو.

پر جي ٻاهرين اِندرين جي وشين ڏي ڊوڙندا سين ۽ اُنهن پر ليٽيءَ ويندا سين تہ جنم مرڻ کان ڇوٽڪارو اصل ڪين ملندو. اِندرين جا ٻوڳ اسان کي، پرماتما جي طرف کان پرشمت ڪري ڪيرائيندا آهن، تنهن ڪري، پنهنجي ووڪ کي سارٿي (رٿ هلائيندڙ) بڻائي، من جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ جهلي، من کي اِندرين جي پدارٿن ڏانهن وڃڻ کان روڪڻ گهرجي. اهڙا ئي من کي روڪڻ وارا سارٿي، اسانکي وشنوڀڳوان جو محلات پراپت ڪرائي سگهندا، جوئي اسان جو سچو ڌام آهي ۽ جتي وڃي پهچڻ ڪانپوء پراڻي ورِي هن سنسار ۾ نٿو موٽي اچي.

(گل - ٥٠)

## ڪاڪا صاحب ڊيڪشت، ٽيمبي سوامي ۽ بالارام ڌرنڌر



اِها ڳالهه پڪي آهي تہ گورو جي ڪرپا ڪانسواءِ، ٻين ڪيترن ساڌنائن ڪرڻ سان، آڌياتمڪ لڪش جي پراپتي ڪين ٿي سگهندي. ستگورو مليا تہ چندن جي وڻ وانگيان گرماش ڏيئي ڇڪي وٺندو آهي - يا - بادلن جي ورکا وانگيان سيتلتا ۽ آنند پهچائي ٿو - يا - بسنت رت ۾ ٽڙيل گلن وانگر سگند چوڌاري ڦهلائي ٿو.

شري هري سيتارام (ڪاڪا صاحب ڊيڪشت) ١٨٦٤ ۾ ٽڙنگر ۾ ناگر براهمڻ ڪل ۾ پيدا ٿيو هو ۽ ٻاراڻي سکيا کنڊوا ۽ هينگڻ گهاٽ ۾ ورتائين. اُن کان پوءِ ناگپور ۾ مئٽرڪ پاس ڪري، بمبئي جي ولسن ۽ ايلفنسٽن ڪاليج مان بي اي پاس ڪري، ١٨٨٣ ۾ ايل ايل بي ۽ سالسٽر جا امتحان پاس ڪري، ميئرس لٽل ۽ ڪمپني جي سرڪاري سالسٽر ڪمپنيءَ ۾ ڪم شروع ڪيائين ۽ ڪجهه وقت بعد پنهنجي سالسٽر فرم چالو ڪيائين.

١٩٠٩ تائين هن جي ڪن لئي باباجن جي ڪيرتي

ڪانئس پيشي پر پوءِ جلد ئي باباجن جو پرم ڀڳت بڻجي پيو. جڏهن لوناولا ۾ رهيل هو، تڏهن اوچتو سندس ملاقات پراڻي دوست نانا صاحب چندورڪر سان ٿي، جتي ٻئي پاڻ ۾ بابت چيت ۽ هيڏانهن هوڏانهن جي چرچا ڪري وقت گذاريندا هئا.

ڪاڪا صاحب کيس ٻڌايو ته "جڏهن مان لنڊن ۾ هوس، تڏهن هڪ ڏينهن ٽرين ۾ چڙهندي، منهنجو پير کسڪي ويو ۽ چڱي خوب رسيم. اُتي گهڻيئي علاج ڪيم پر ڪو به لاڀ ڪين ٿيو. نانا صاحب تنهن تي چيس ته "جيڪڏهن تون پير جي مچ ڪاڻ ۽ ڪشت دُور ڪرڻ ٿو چاهين ته تون منهنجي گوروءَ سائين بابا جي شرڻ ۾ وڃي پؤ. منهنجي گوروءَ جو چوڻ آهي ته "مان پنهنجي ڀڳت کي، ستن سمنڊن جي دُوريءَ تان اِئين ڇڪي سگهندس، جئن ڏوريءَ ۾ ٻڌل بلبل، هٿ تي پاڻيهي ڇڪجي ايندي آهي." هيءُ ياد رکجي ته جيسين تو ۾ هن لاءِ سچي ڇڪ پيدا نه ٿيندي، تيسين هو به توکي پاڻ ڏانهن ڪين ڇڪيندا ۽ نڪي توکي سندن درشن پراپت ٿيندو.

ڪاڪا صاحب کي اِهي ڳالهيون ٻڌي، من ۾ پرسنتا ٿي ۽ چيائين ته "مان شرڊيءَ ۾ وڃي، پنهنجي شوپرڪ پنگلاڻ لهرائڻ بدران، من جي چنچلتا کي پنگلي بنائڻ جي پرارٿنا ڪندس ۽ من جي پنگلي ٿيڻ ڪانپوءِ پرمانند

جي پراپتي ڪندس.“

ٽورن ذريعي ڪانپور، بمبئي وڏان سيا جي چونڊ ۾ ووٽن هٿ ڪرڻ جي سلسلي ۾، ڪاڪا صاحب اَحمدنگر ۾ ويو ۽ سردار ميرڪر وٽ وڃي رهيو. بالا صاحب ميرڪر، جو ڪوپرگانو جو مامليدار (ڪليڪٽر) هو ۽ سردار ميرڪر جو پٽ هو، اهو پڻ گهوڙن جي نمائش ڏسڻ لاءِ احمدنگر آيو هو. پيءُ ۽ پٽ، ٻئي ويچار ڪري رهيا هئا تہ چوڏن سماپت ٿيڻ بعد، ڪاڪا صاحب کي شرڊيءَ ۾ ڪهڙي هٿيڪي ماڻهوءَ هٿان موڪلجي تہ هيڏانهن باباجن الڳ، ڪاڪا صاحب کي پاڻ وٽ گهرائڻ جو پربند ڪيو.

اوچتو يڪت شاما کي تار آئي تہ ”تنهنجي سس جي حالت نهايت گنڀير آهي، تنهن ڪري سندس منهن ڏسڻ لاءِ موٽندڙ گاڏيءَ ۾ روانو ٿي، احمدنگر پهچي وڃ.“ باباجن جي آگيا حاصل ڪري، شاما احمدنگر اچي پهتو ۽ پنهنجي سس جي حالت سڌريل ڏٺائين.

گهوڙن جي نمائش ٿي ويندي، نانا صاحب پانسي ۽ اَپا صاحب گدري جي نظر اوچتو وڃي شاما يڪت تي پيئي ۽ هن سان گڏجي، ميرڪر جي گهر وڃي، ڪاڪا صاحب سان سندس واقفيت ڪرائي، کيس چيائون تہ ”هنڪي پاڻ سان شرڊي وٺي وڃ.“ اها خبر ڪاڪا صاحب ڊيکشت ۽ ميرڪر کي بہ ڏنائون.

شام جو ڇهين شاما وري آيو ۽ فيصلو ڪيو ويو ته رات جو ڏهين بجي ٽرين وسيلي ڪوپرگانو روانو ٿيو. اُن وقت بالا صاحب مرڪر، باباجن جي وڏي (چتر) فوٽي تان پڙدو هٽائي، ڪاڪا صاحب کي درشن ڪرايو ته ڪاڪا صاحب عجب ۾ پئجي ويو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته ”جنهن سنت جي درشن ڪرڻ لاءِ مان شرڊيءَ وڃي رهيو آهيان، سو ته هن چتر جي روپ ۾، منهنجي آجيان ڪري رهيو آهي!“ ۽ يڪدم باباجي چتر کي خوب وندنا ڪرڻ لڳو.

اِهو چتر ميگها جو هو، جو فريم چاڙهائڻ لاءِ مرڪر وٽ موڪليو ويو هو ۽ هن بہ فيصلو ڪيو ته شيشي چاڙهڻ بعد، اُهو چتر ڪاڪا صاحب ڏيکشت ۽ ڇهين شاما جي هٿان شرڊيءَ موڪليو ويندو. رات جو ڏهين بجي کان اڳي ئي اِسٽيشن تي پهچي، سيڪنڊ ڪلاس جي ٽڪيٽ ورتائون.

جڏهن ٽرين اِسٽيشن تي آئي، ته سڄو گاڏو ماڻهن سان ستيو پيو هو ۽ ٿورڙي بہ جاءِ ڪانہ هئي. نصيبن سان ٽرين جو گارڊ، ڪاڪا صاحب ڏيکشت جو واقف هو ۽ هن ٻنهي کي فرسٽ ڪلاس جي گاڏي ۾ وهاريو ۽ ٻئي سولائيءَ سان مسافري طيءِ ڪري ڪوپرگانو اِسٽيشن تي لهي پيا.

اِسٽيشن تي نانا صاحب چندورڪر کي ڏسي، ٻئي

خوش ٿيا ۽ هن سان گڏ جي، مسجد ۾ باباجن جو درشن ڪيائون - باباجن وري چيو ته ”مان گهڻي وقت کان تنهنجو اِنتظار ڪري رهيو هوس ۽ شاما کي پڻ مون ئي ٽوڪي هئي ۽ نئي آڻڻ لاءِ اَحمدنگر ۾ موڪليو هو.“ مطلب ته ڪاڪا صاحب کي باباجن ئي پاڻ وٽ ڇڪي گهرايو ۽ هو ڪيترا سال شرڊيءَ ۾ باباجن جي سنگت ۾ رهيو. پوءِ وري شرڊيءَ ۾ هڪ ”واڙو“ ٺهرايائين، جنهن ۾ هميشه لاءِ اچي رهيو.

باباجن به ڪاڪا صاحب کي دلاسو ڏنو ته ”اسين خود ٽوڪي ومان تي چاڙهي پهچائينداسين،“ جو ۱۹۲۶ سال جي ۵ جولاءِ تي سچو ٿيو - يعني ۵ جولاءِ تي يگت هيماڊ پنت سان گڏ، ڪاڪا صاحب بس ۾ ريل ۾ مسافري ڪري رهيو هو ۽ ٻئي باباجن جون وارتائون ڪندا رهيا ۽ وارتالپ ۾ اهڙو ته مگن ٿي ويو جو سندس ڳچي وچي هيماڊ پنت جي ڪلهي تي لڳي ۽ سندس پران پکيئڙو پرواز ڪري هليو ويو!

(۲) هڪ ڀيري شري واشديوانند سرسوتي (جو شري ٽيمبي جي نالي سان مشهور آهي) گوداوري نديءَ جي ڪناري تي راجمهيندريءَ ۾ اچي ڏيرو ڪيو. هو ڀڳوان دتاتريه جو پڪو ڪرم ڪانڊي، گياني ۽ يوگي ڀڳت هئو. حيدرآباد دکن جي نادير جو هڪ وڪيل پنهنجن مترن سميت، شري ٽيمبي سان

ملاقات ڪرڻ آيو ۽ وارتالاپ ڪندي، اُتي سائين بابا جي ڳالهه به اچي اٽڪي.

باباجن جو نالو ٻڌي، شري ٽيمبي ٻئي هٿ ٻڌي نمسڪار ڪيو ۽ وڪيل کي هڪ شري قل ڏيئي چيو ته "تون منهنجي پاران شري سائين بابا کي منهنجا پرڻام ڏيئي چئج ته مونکي وساري نه ۽ ڪرپا درشٽي ڪندا رهن." هن انهين به چيو ته رواجي طرح، هڪڙا سوامي، ٻين سوامين کي نمسڪار ڪين ڪندا آهن پر مان خاص طور، پاران سائين بابا کي پرڻام ڪريان ٿو.

وڪيل پنڌليڪراو، شري قل ورتي شري ٽيمبي کي چيو ته "مان اوهان جو قل، پرڻام ۽ پيغام، سائين بابا کي ضرور پهچائيندس."

شري ٽيمبي، سائين بابا لاءِ "پاءِ" لفظ ان ڪري ڪتب آندو، جو سائين بابا، شري ٽيمبي وانگيان "دَوِٽي" دکائي وهڻ جو پڪو ڪم ڪانديو هو.

هڪ مهني ڪانپور وڪيل پنڌليڪراو، ٻين متن سان شرڊيءَ روانو ٿيو ۽ جڏهن منماد پهتو اڏهن اچ لڳڻ ڪري، هو نسل مان پاڻي پيئڻ لاءِ ويو. پر خالي پيٽ سان پاڻي نه پيئڻ جو مليل سبق ياد ڪري "چيوڙا" ڪڍي کاڌائين، جي مرچن ڪري ڪيس تکا لڳا ته هڪ دوست کيس ناريل پيچي، چيوڙي ۾ ملائي ڏنس ته تکاڻ لهي ويئي ۽ سوادي ٿيڻ ڪري کائي ويو.

ليڪن جيڪو ناريل پهرين ويو، سو اُهوئي (شري ڦل) ناريل هئو جو شري ٽيمبي، پنڊليڪراو وڪيل کي، سائين بابا کي ڏيڻ لاءِ ڏنو هو پر کيس اُن وقت ياد ڪين پيو. جڏهن شرڊيءَ جي ويجهو آيو تڏهن ياد پيس ۽ ڏاڍو ڏک ٿيس ته ڏنل امانت ۾ خيانت ڪئي اٿم! انهيءَ اَرمان وچان ڏڪندو ڏڪندو، سائين بابا جو درشن ڪرڻ آيو.

هيڏانهن باباجن کي ٽنڊ بابا تــاور رستي ناريل جي خبر ملي ويئي ۽ وڪيل پنڊليڪراو کي چيائون تـــه "منهنجي ڀاءُ جي ڏنل شيءِ مونکي ڏي." وڪيل يڪدم باباجن جـــا چرن پڪڙي، پنهنجو گناه قبول ڪيو ۽ معافي گهري. چيو ته "مان اُن ناريل بدران ٻيو آڻي ٿو ڏيانو. مگر باباجن اِنڪار ڪري چيو ته "شري ٽيمبي جي ڏنل ناريل سان، رواجي ناريل جي ڀيٽ ٿي ڪين سگهندي. پر هاڻي تون چنتا نـه ڪر ڇو ته منهنجي ئي اِڇا موجب، اهو ناريل توکي ڏنو ويو هو، جو تو واٽ تي ڀوڙي کاڌو. ڪنهن ۽ سريشت يـا خراب ڪرم ڪرڻ وقت، پاڻ کي "ڪرتا" يعني ڪندڙ نه سمجهي، اَيمان ۽ اَهنڪار بنا، جيڪو به ڪرم ڪندا رهندا تـه اوهانجي "درگتي" ٿيڻ بدران، "پرم گتي" ٿيندي رهندي." ڪهڙو نه سندو ۽ سريشٺ اُپديش!!

(۳) شانتاڪروز (بمبئي) جي "پاناري پربو" ناليرو

جاتيءَ جو شري بالارام ڌرنڌر، بمبئي جي هاءِ ڪورٽ جو ائڊووڪيٽ هو ۽ ڪنهن وقت، "سرڪاري لا سڪول" جو پرنسيپال پڻ هو. هن جو سڄو ڪٽمب ساتوڪ ۽ ڌارمڪ خيالن جو هو. شري بالارام، پنهنجي جاتيءَ جي يوگيه سيوا ڪرڻ لاءِ، هڪ پستڪ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

رٽائر ڪرڻ کان پوءِ، هن سڄو ڌيان آڌياتمڪ ۽ ڌارمڪ ڳالهين تي ڏنو، گيتا جي ٽيڪائن، گيانيشوري ۽ ٻين ڌارمڪ پستڪن جو اڀياس ڪيو. هو پنڍرپور جي ڀڳوان وٺوبا جو پرم ڀڳت هو. سال ۱۹۱۲ ۾ کيس سائين بابا جي درشن جو لاڀ مليو پر تنهن کان ڇهه (٦) مهنا اڳي سندس ٻن پٽن بابلراو ۽ وامن راو شرڊي ۾ اچي سائين بابا جو درشن ڪيو هو ۽ اتان موٽي، گهر ۾ اچي پنهنجي پيءُ بالارام ۽ سڄي ڪٽمب کي پنهنجا مڌر آزمودا ٻڌايائون، جي ٻڌي، سڀني فيصلو ڪيو ته اسين به سائين باباجن جو درشن ڪنداسين.

هيڏانهن شرڊيءَ ۾ پهچڻ کان اڳي، باباجن صاف لفظن ۾ چيو ته "اڄ منهنجا گهڻا درباري گڏ اچي رهيا آهن." اهي لفظ جڏهن بالارام جي ٽوليءَ جي ڪنن تي ڪن پهچايا ته هو حيران ٿي ويا، ڇو ته هنن اِنهيءَ ياترا جي باري ۾ ڪوبه اطلاع اڳواٽ ڪنهنکي ڪونه

موڪليو هو. پوءِ سيٺي باباجن کي پرڻام ڪري اچي وينا ته باباجن ٻاڻ وراڻا لاپ چالو ڪيو ڇي "هي منهنجا درباري گڻ آهن، جن جي بارڙي ۾ مون اوهان کي هنن جي اچڻ کان اڳي چيو هو."

پوءِ ڏرندر ڀاٽرن کي چيائون ته "منهنجي ۽ اوهان جي (٦٠) ورهين کان جهوني واقفيت آهي." ٽيئي ڀاٽر نمرتا سان هٿ جوڙي باباجن جي منهن ۾ نهارڻ لڳا. سندن اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا، وار ڪڙا ٿي ايئن ۽ ڪنٺ رڪجي ويو، پر دل ۾ ڏاڍي پرسنتا ٿين. پوءِ موڪلائي پنهنجي جاءِ تي پوڄن ڪائي، ٿورو آرام ڪري، وري مسجد ۾ اچي باباجن جا چرن دبائڻ ۽ پيروَن ڏيڻ لڳا.

باباجن چلم پي رهيا هئا ۽ بالارام کي چلم ڏيئي چيائون ته هڪ ڦوڪ لڳاءِ. جيتوڻيڪ بالارام هياتيءَ ۾ تماڪ ڪين ڇڪيو هو ته به آگيا پائي، ڏاڍي ڪنتائيءَ سان هڪ ڦوڪ لڳائي، وري آدر سان چلم موٽائي باباجن کي واپس ڪئي. پر عجب اِهو ٿيو، جو جيڪو دم جو روڳ کيس ڇهن سالن کان هئو، سو هڪ ڦوڪ لڳائڻ سان صفا غائب ٿي ويس ۽ شوديءَ ۾ وري ڪڏهن به ڪونه ٿيس!

وري ڇهن سالن کانپوءِ هڪ ڏينهن دم جو دؤرو شروع ٿيس ته اُنهيءَ ڏينهن باباجن مها سماڌي ورتي.

اُهو ڏينهن شڪروار جو هوءِ ڪيس ”چاوڙيءِ اُتسو ڏسڻ جو موقعو مليو. آرتيءِ کان پوءِ ٻالارام کي، چاوڙيءِ ۾ بابا جو منهن، ٻنهه پڳوان پانڊُورنگ جهڙو لڳو. ٻئي ڏينهن پڻ ”ڪاڪڙ آرتيءِ“ وقت، باباجن جي مک منڊل ۾، پڳوان پانڊُورنگ جو درشن مليو.

شري ٻالارام ڌرندر، مهاراشٽر جي مهان سنت تڪارام جو جيون چرتر پڻ لکيو هو پر آرمان اِهو آهي، جو سندس مرتيوءِ تائين، اُهو ڪتاب ڇپجي ظاهر ڪين ٿيو. سندس مائٽن ۱۹۴۷ ۾ اُهو پستڪ ڇپارائي پڌرو ڪيو. جنهن جي پرارمڀ ۾ ٻالارام جي جيوني سندس شرڌيءِ جي ياترا جو پُورو ورنن ڏنل آهي.



( گل - ٥١ )



هن پستڪ جي آخرين سمالوچنا لکڻ جو اُنجام، هيماڊپنت ڏنو هو پر سندس مُرتيوءَ بعد، سندس ڪاغذن جي ڇان بين ڪرڻ تي ٻه اُهو لکيل پيو ڪين لڌو، جنهن ڪري باباجن جي ڌارمڪ ۽ يوگيه ڀڳت شري بي وي ديو، اُهو لکي ڏنو. اڳي هر هڪ ڌرمي گرنٿ جي اُنت ۾، وشيه سوُچي وغيره لکي ويندي هئي پر اڄ ڪلهه هر هڪ اُڌياءَ جي مٿان لکڻ جو رواج چالو آهي. سمالوچنا بدران، شري هيماڊپنت جو لکيل ”اُپسنهار“ اُڌياءُ ڏنو وڃي ٿو، جنهن کي شري ديو، ڪن هنڌ درست ڪيو ۽ سڌاريو آهي.

”هي سائين مان اوهانکي وندنا ڪري، ياچنا ڪريان ٿو ته مونکي پنهنجي شرڻ ۾ رکجو، ڇو ته اوهين ئي ساري وشو جا هڪ ئي آڌار آهيو. اوهين هڪ اڃ پاڻيءَ جي ڦڙي کان وٺي، پار برهم پرماتما تائين، سڀني جڙ، چيتن، آڪاس پاتال ۽ چوڏهن ئي ”ڀوَنن“ ۾ سمايل آهيو. اوهان جوئي شانت روُپ رس، سڀني پراڻين ۾ هڪ سمان ڦهليل آهي ۽ اوهين ئي سڀ

(چراچر) بيٺل ٻوٽي هلندڙ دنيا جا وياپڪ آهيو. هي
سائين بابا! اوهين ٽياڳ ۽ وئراڳ جي ساکيات مورتي
۽ سروپ آهيو. اوهين ڀڳت وڇل آهيو، ته پوءِ اوهين
شرڻ ۾ آيل داسن جي رکيا ۽ نظرداري ڪئن ڪين
ڪندا؟ اِها ڌارنا ۽ اِڇا دل ۾ ڌاري، جيڪڏهن اسين
اوهانجو پڄن ۽ پوڄن ڪنداسين ته پڪ آهي ته اسان
جون سڀ اِڇائون جلد ئي پوريون ٿينديون ۽ اسان کي
پنهنجي پرم لکش ۽ مڪتيءَ جي پراپتي ٿيندي.

هن ڀوساگر کي پار ڪرڻ ڏاڍو ڪٺن آهن. خواب
۽ وڪاري خيالن ۽ ويچارن جي ڪنارن تي، مايا جي
جهنجهٽ ڪري، ڌيرج روپي وڻ جون پاڙون اکڙي
ويئون آهن. اَهنڪار روپي تيز هوا جي زور ڪري،
سمنڊ ۾ طوفان ڪڙو ٿيو آهي، جنهن ۾ ڪروڌ ۽ نفرت
روپي گهڙيال (مڇ) پيو تري ۽ اَهم ڀاو ۽ سنديهه (شڪ ۽
ڀرم) روپي ننڍن وڪلين جي ڄار سمٽ ڪئن ۾ ننڍا،
گهوڙا ۽ ايريڪا روپي بيشمار مڇيون ڪيلي رهيون آهن.
جيتوڻيڪ هي سمنڊ، ايترو ڀيانڪ ۽ دل دهلائيندڙ
آهي ته به اسان جو سنگورو مهرلج، اُن سمنڊ ۾ اَگستيه
سروپ آهي. تنهن ڪري اوهان جي ڀڳتن کي،
ڀيه ڀيت ٿيڻ ۽ دل لاهڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي.
اسان جو سنگورو هڪ جهاز آهي ۽ هو پڪ ئي پڪ
اسان کي هن ڀيانڪ سمنڊ مان پار ڪندو.

(۲) شري سچدانند سائين مهاراج کي ساشٽانگ نمسڪار ڪري، هن جا چرڻ پڪڙي، سيني ڀڳتن جي ڪلياڻ لاءِ اسين هيءَ پرارٿنا ڪريون ٿا ته "هي سائين! اسان جي من جي چنچلتا ۽ آشائن کي دُور ڪريو. هي پڀوءُ! اسان کي اوهان جي چرنن ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به وستوءَ جي لالسا ۽ چاهنا نه رهي. اوهان جي ليلائن ۽ چرترن جو هي پستڪ، گهر گهر ۾ پهچي ۽ پاٺ ڪيو وڃي. جيڪي ڀڳت هن پستڪ جو پريم سان اڀياس ڪن، انهن جا سڀ ڏک دُور ٿين."

هن گرنٿ جي پاٺ ڪرڻ ۽ پاٺ ٻڌائڻ سان، جن من وانڇت ڦلن جي پراپتي ٿيندي، اُن جو هتي ورنن ڪرڻ بلڪل ضروري آهي. پوتر گوداوري نديءَ ۾ سنان ڪري، شوديءَ جي سماڌي مندر ۾ شري سائين بابا جي سماڌيءَ جي درشن ڪرڻ کانپوءِ، هن پستڪ جو پاٺ ڪرڻ يا پاٺ ٻڌڻ شروع ڪندا ته اوهانجون ٽن جنمن جون آپدائون به دور ٿي وينديون.

وقت به وقت شري سائين بابا جي ڪٿائن ڪرڻ ڪري، آڌياتمڪ جڳت ۾ اوهان جي ازغيبي رچي لڳي ويندي ۽ جيسي اوهين اِنهيءَ طرح نيم ۽ پريم پورڪ عمل ڪندا رهندا ته اوهان جا سڀ پاپ نشٽ ٿي ويندا.

جيڪڏهن اوهين سچ پچ آواگون يعني جنم مرڻ جي

چڪر کان مکت ٿيڻ چاهيو ٿا تہ اوهان کي سائين بابا جي چرترن ۽ ڪٿائن جو پاٺ ڪرڻ يا ٻڌڻ، سندس نالي جو سمرڻ ڪرڻ ۽ سندس چرڻن ۾ بلڪل پڪي پريت رکڻ گهرجي. سائين بابا روُپي سمنڊ کي ولوڙي، اُن مان رتن هٿ ڪري، پين ۾ ورهائيندا تہ اوهانکي هر روز نئين آنند جو اَنڀوُ ٿيندو رهندو ۽ جيڪي ٻڌندا، سي پڻ پتت ٿيڻ کان بچي پوندا.

شري سائين بابا جي سندر روُپ جي روز ڌيان ڪرڻ سان، ٿوري ئي وقت ۾ هننجو سروُپ اَوهانجي اَندر ۾ ڇپجي ويندو ۽ اوهانجي آتم اَنڀوُتي جي مارگ ۾ وک وڌندي رهندي. آتما يا برهم جي موُل پرڪرتيءَ کي سمجهڻ بلڪل ڪٺن آهي، تہ جي اوهين سائين بابا جي سگڻ سروُپ جي چنتن ڪرڻ جو رستو وٺندا تہ اوهان جي سولائيءَ سان اُنتي ٿيندي رهندي. جيڪڏهن ڀڳت ڳڻ، اَنيہ ڀاوَ سان سائين بابا جي شرڻ ۾ ايندا تہ سندن سڀ موهہ ۽ ممتا مٽجي ويندا ۽ باباجن سان اهڙي طرح ملي لين ٿي ويندا، جئن نديءَ سمنڊ سان ملي ويندي آهي.

جيڪڏهن اوهين جاڳرت، سپن ۽ ننڊ جي ڪنهن بہ اوستا ۾، سائين بابا جي چنتن ۾ لين ٿيندا، تہ اوهان جو سنساري چڪر کان ڇوٽڪارو ٿيندو. سنان ڪري، پريم ۽ شرڌا سان ، هن ڌرمي گرنٿ جو هڪ

هفتو پاٺ پڙهندا تہ اوهان جا سڀ ڪشٽ دُور ٿي ويندا. جيڪي پريمي هن گرنٿ جو پاٺ روز ڪندا، تن جا سڀ ڏپ لهي ويندا. ڏن جي چاهنا رکڻ وارن کي ڌن پراپت ٿيندو ۽ سچن واپارين کي سڦلتا ملندي. مطلب تہ هر ڪنهن کي، سندس شردا ۽ ڀڳتيءَ موجب ڦل ملندو.

شردا ۽ ڀڳتيءَ ڪانسواءِ ڪنهن بہ ڦل جي پراپتي ٿيڻ اَسمپوُ آهي. جيڪڏهن اوهين هن گرنٿ جو پاٺ آدر پُورڪ ڪندا رهندا تہ شري سائين بابا راضي ٿي اوهانجي اگيان درد رتا جي پردي کي دُور ڪري، گيان ڌن جو واڌارو ڪرائيندا.

هر روز ايڪاگر چت ٿي، هن پستڪ جو پاٺ ڌيان سان پڙهندا تہ اوهان کي بيحد سک جي پراپتي ٿيندي. جيڪڏهن ڪنهنکي ڪجهہ ضرورت هجي تہ هو هن گرنٿ جو ڌيان پُورڪ (اَڌيين) ابياس ڪري تہ هو جنم جنمانترن تائين، شڪرگذاريءَ وچان آنند سان سمرڻ ڪندو رهندو.

هن پستڪ کي پنهنجي گهر ۾، گوروُ پُورڻما، گوڪل اَشٽمي، رام نؤمي ۽ وجيہ دشمي (دسهڙي) جي ڏينهن تي ضرور پڙهڻ گهرجي. جيڪڏهن اوهين ڌيان پُورڪ فقط هن ئي پستڪ جو ابياس ڪندا رهندا، تہ اوهان جي هردي ۾ سک ۽ سنتوش جو واسو ٿيندو ۽ اوهين

سڌيو شري سائينءَ جي چرڻاروندن جو سمرڻ ڪندي، هن پوَ ساگر مان سولائيءَ سان لنگهي پار پوندا.

هن ڌرمي گرنٿ جي پڙهڻ سان، روڳين کي تندرستي، نرڌان کي ڌن، دکين ۽ پيڙتن کي (سمودي) ڌيرج ۽ دلاسا ملندا، من جا سڀ وڪار دوُر ٿي ويندا ۽ من کي شانتي پراپت ٿيندي.

پيارا پاٺڪ پڳت ۽ شروٽا گڻو! مان اوهانکي نمسڪار ڪري، پرارٿنا ڪريان ٿو ته جنهن مهاتما جي ڪٿا اوهان ڪيترا ڀيرا ڌيئان يا مهنا پڌي آهي، اُن سائين بابا جي چرڻن جي يادگيري ڪندا رهجو ۽ وسارجو نه. جنهن اُتساهه ۽ خوشيءَ لگن سان، اوهين هن ڪتاب جو پاٺ ڪندا يا شروع ڪندا، اهڙي ئي پڌي اوهان کي شري سائين بابا پرڏان ڪندا رهندا. تنهنڪري اچو ته لکڻ وارا توڙي پڙهڻ وارا پريمي پاڻ ۾ ملي، هن ڪاريه ۾ هڪ ٻئي جي سهايتا ڪري، سکي ٿيون.

سرو شڪتيوان پرماتما کي پرارٿنا ڪري، هينئين پرساد جي يا چاهنا (گهر) ڪريان ٿو:- "هي ايشور! پاٺڪن ۽ ڀڳتن کي شري سائين بابا جي چرڻن ۾ پوُرن ۽ اٽل پڳتي ڏي. هنن جي نظر ۾ شري سائين جو مدوهر روُپ قائم ۽ براجمان رهي ۽ هو سڀني پداوتن ۾ شري سائين بابا جو درشن ڪندا رهن. شل اِها پرارٿنا اوهان وٽ قبول پوي."

## آرتي

آرتي سائين بابا
سُکيہ داتــارا جيوا
چرڻ رجا تلي
ڏيا وا داسان وسانوا
ڀڳتان ڪ ساوا
جاليان اَننگ
سو رُوپي راهي دنگ
ممڪشُو جنا داوين
نج ڊولا شري رنگ.
(٢) جيا مني جيسا ڀاو
تيا تيسا اَنيوَ
دواسي ديا ڏنا
اَيسي تجهي هي ڀاوَ.
(٣) تُم چي نام ڌيا تان
هري سنسرت - ويٿا
اَڳاڏ تو ڪرڻي
مارگ دا وسي اَناٿا.

## ڀاوُ آرٿ

اسين توهانجي آرتي ٿا ڪريون
جيون کي سک ڏيڻ وارا.
پنهنجن داسن ۽ ڀڳتن کي
پنهنجن چرڻن جي سيتل
ڇانيا ۾ آستان ڏيو.
اوهين پنهنجي رنگ ۾ آتم
لين رهو ٿــا ۽ جگياسن کي
ايشور جي پراپتي ڪرايو ٿا.

جنهنجو جهڙو ڀــاوُ آهـي
تنهن کـــي تهڙو ئـــي اَنڀوُ
ڪرايو ٿا.

اوهان جـي اهڙي چال آهي
جو صرف اوهان جـي چرڻن
جي ڌيان ڪرڻ سان، ڀڳت،
سنسار جي ڀوَ کــان مڪت
ٿـي وڃن ٿــا. اوهين ديئن
جي سهائتا ڪندا رهو ٿا.

(٤) ڪلجُڳي اَوَتار
سڳڻ برهم ساچار
اَوَتيرڻ جهالاسي
سوامي دت دگمبر.

هي دت مهراج! هن ڪلجُڳ ۾، اوهين سڳڻ برهم جي روُپ ۾ اوتار ٿي آيا.

(٥) آتان دُسان گوڙواري
ڀڳت ڪرڻي واري
ڀڳوُ پد پاهاويا
ڀُڳ ڀيه نواري.

جيڪو ڀڳت گوڙوُ وار(وسپت) تي ڪئو وت هميشهه ايندو، اُن کي سنسارڪ ڀيه کان آزاد ڪري، ڀڳوت درشن لائق بڻايو ٿا.

(٦) ماجها تُج دروڻ نيوا
تو چرڻ رج شيوا
ماڳڻي هيچي آتا
تمهان ديواڌ ديوا

هي ديون جا ديو! تنهنجن چرڻ ڪملن جي رج (ڌوُڙ) ئي، منهنجي سمپتي ۽ ملڪيت آهي.

(٧) اِچت دين چاتڪ
نرمل توڻ تُج سک
پاجا وين ماڌوا يا
سانيال آپلي ياڪ.

جهڙي طرح چاترڪ پکي، سواتي نڪشتر جي ورشا جي هڪ ٻوُند ملڻ سان، پنهنجي اُڃ شانت ڪريتو، اهڙي طرح مون ماڌوَ (گٿاجي) کي ٻه، اَناج پهچائي، پنهنجي وچن کي پوُرو ڪريو.

## پرارٿنا

گورو بابا سائين جڳ تون هلائين
هلنديءَ هلائين بابا وس وارو آهين. گورو بابا ...

١- ٻيڙي مون ٻراڻي آهي وچ سير ۾
لهرون لوڏا مؤلمار دنيا جي سير ۾
تي ملاح منهنجو پار تون لنگهائين. گورو بابا ...

٢- لهرون ڪام ڪروڌ جون گهلي وڃڻ واريون
لهرون لوڀ موهه جون لوڙهي ٻوڙڻ واريون
لهرون آهنڪار جون ٻوڙي مارڻ واريون
ڏيئي هٿڙا پنهنجا پار مون لنگهائين. گورو بابا ...

٣- وسيلو ناهه مون ٻيو تو سواءِ بابا
والي دنيا دين جو تون ئي منهنجو آهين. گورو بابا ...

٤- مهر ڪر مون تي اي مهربان بابا
لڳو رام نام جو ڏيندين مون سدائين. گورو بابا ...

٥- مايا ڏاڍي موهڻي ٺڳڻ واري
مايا موهه جار ۾ ڦاسڻ کان بچائين. گورو بابا ...

٦- سمت ڏي سين ڪي ڪمت مون مٽائين
هلندي چلندي رام نام مک سان ٻولائين
اٿندي وهندي رام نام مونکان جپائين. گورو بابا ...

باقي ٿورين ڪاپين بچيل

## گرو درجي پريمين لاءِ خوشخبري

- ساهوڪارن ۽ داني پرشن لاءِ سونو وجهه -

ڪيترن پاٺڪن ۽ پريمين جي زبردست گهر سبب

وري سنڌيءَ ۾ ٻيو دفعو ڇپايل

* تيار ٿي ويو *

# شري گرو گرنٿ صاحب

هاڻ ڇپجي ويو آهي. زرين زرين سان رنگين بارڊر. اوچو مٿي لٿو هئو. شاندار بائينڊنگ سان ۽ اصلي گرو گرنٿ صاحب جيترا ١٤٣٠ پيج - پيج تو پيج ۾. پاڪن ۾ ۽ پڪي سواري. پهرين ٢٠ سال اڳ اسان سنڌيءَ ۾ ڇپايو هو. سٺن سالن کان خلاص ٿي ويو. ان ڪري ڪن بوڪسيلرن ٥٠٠ روپين تائين ڪاپيءَ لاءِ پيسا ورتا. هن وقت پيسا لاڳت ٢٥٠ روپيا. ٽپال خرچ ڌار. روپيا جدا.

اڪدم پنهنجو آرڊر موڪليو جو ٿورين ڪاپين ڇپايون ويون آهن. متان پڇتايو.

وڌيڪ لکپڙه ڪريو يا فون ڪريو چيتانند لعلواڻي

ڀارت جيون ١١/٣١، لوڄيون هائوسنگ سوسائٽي،

لئمنگٽن روڊ، بمبئي-٨ فون 898977-375993

## * پارٿ جيون ساهتيه منڊل *

جنهن اوهان کي هيٺيان املهه گرنٿ
هري گرو گرنٿ صاحب ۽ شري شو پراڻ
ڇپرائي ڏنا. هاڻ ڇپجي ويو آهي سنڌي ۾ اصلي وڏو

# شريمد ڀاڳوت

هزار پيج رنگين ۽ هڪ رنگين سو فوٽو. اوچو ڪاغذ لٽي پيئي ٿي. للهي ٽائيپ، ان ۾ انگريزي. جنهن جو

پياري دادا جشن واسواڻي ۽ مهورت

ڪيو. قيمت لاڳت ٧٥ روپيا. ٽپال خرچ ٦ روپيا. اڄ ئي پئسا موڪلي ڪاپي گهرايو. متان شري گرنٿ صاحب وانگر نراس ٿيو.

پني جي مهانگائي ڪري ٿي گرنٿ ٿورا ئي ڪاپيون ڇپيل آهن. ان ڪري اڳواٽ آرڊر موڪليو.

تيار ٿي ويو.

## شري وشنو پراڻ

ڇهون ڀيرو دفعو ٥٠٠ پيج. ٽي رنگين ۽ رنگين مورتون سان. قيمت ٠٠-٢٧ روپيا. پلاسٽڪ ڪور سان ٣٠ روپيا. ٽپال خرچ ٠٠-٥ روپيا.

دالي پوش ۽ ٻنهي ڀيري جي ياد ۾ وراهڻ وارن کي ان جو فوٽو ۽ ارپڻ پتر وجهي ڏيو. اڄ ئي لکو- پارٿ جيون ١١-٣١ لوجيون سوسائٽي لئمڪٽن روڊ بمبئي-٨ فون- ٣٧٥٩٩٣

